زندگي ڪليل ڪتاب

سيد امداد محمد شاهه جا انٽرويوز ۽ ڪالم

سهيڙيندڙ

ماڻڪ ملاح

زندگي ڪليل ڪتاب

(انٽرويوز ۽ ڪالم)

سيد امداد محمد شاهه

سهيڙيندڙ:

مانڪ ملاح

مارئي اڪيڊمي

سڪرنڊ/ ڪراچي

1999ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سهيڙيندڙ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو:
زندگي ڪليل ڪتاب
موضوع:
سيد امداد محمد شاهه جا انٽرويوز ۽ ڪالم
سهيڙيندڙ:
سانگ ملاح
پبلشر:
سڪندر ملاح
ڇپائيندڙ:
مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ/ ڪراچي
ڇاپو: پهريون
مئي 1999ع
ڪمپوزنگ:
وردس ڪمپوزرس، ڪراچي.
فون: 7771618
قيمت:
پڪو جلد: 150.00
ڪچو جلد: 120.00

لکپڙهه لاءِ:
شيام جنرل اسٽور، سڪرنڊ.

مارئي اڪيڊمي
134 پٺاڻي ڳوٺ
حيدرآباد، سنڌ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ارپنا

مرحوم

رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي؛

سابق ايم. ايل. اي.

۽ ايم. پي. اي

سنڌ اسيمبلي-

۽ ايم. پي. اي

مغربي پاڪستان اسيمبلي

لاهور ۾-

جنهن تاريخي

بل پاس ڪرايو ته،

ون يونٽ ٽوڙي-

صوبا بحال ڪيا وڃن.

- سيد امداد محمد شاهه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مرحوم رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي ولد رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ
جي ياد گار تصوير



سيد امداد محمد شاهه ضلعي ميرپور خاص جي ڳوٺ ڏينگان ۾ مرحوم رئيس غلام محمد پرڳڙي
۽ مرحوم رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جن جون مزارون پڪيون ڪرائڻ ڪانپوءِ گلن جي چادر
[illegible] محمد ٽالپر ۽ ڊاڪٽر [illegible]
(اپريل 1999ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



بونر جي اڳواڻن کي سيد امداد محمد شاهه ياران 3 مئي 1990ع تي حيدر منزل ۾ ڏنل آجياڻي دوران
ساڄي کان: امير بخش ڀٽو - جلال محمود شاهه (ڊپٽي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي)
۽ سيد امداد محمد شاهه -

بونر جي اڳواڻن کي سيد امداد محمد شاهه ياران 3 مئي 1990ع تي حيدر منزل ۾ ڏنل آجياڻي
دوران ڪڍيل گروپ فوٽو
ساڄي کان: عبدالغني بلوچ، ممتاز ڀٽو، سيد امداد محمد شاهه، اجمل خٽڪ، عطاءُ الله مينگل،
[illegible] يار ولي، تاج محمد [illegible]

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏينهن تتو، جهڙ پانيان!

سيد امداد محمد شاهه جي طبيعت ۾ انتهائي جو امتزاج آهي. جتي هُن وٽ موجود محبت جو ساوڻيءَ جي سنڌوءَ جيان ڪا ڪنڌي ۽ ڪنارو نه آهي، اُتي هن وٽ غير اصولي شيءِ تي، ڪنهن به قسم جو اتفاق ۽ ٺاهه نه ڪرڻ وارو شديد رُجحان پڻ موجود آهي.

اسيمبلي ميمبر بنجڻ کي، اقتدار جي ڏاڪڻ سمجهندڙ سياستدانن ۽ اسيمبلي ميمبر بڻجي، جمهوري ادارن جو تقدس بحال ڪرائڻ، پنهنجي انتخابي حدن (Constituancies) جي عوام جي، عزتِ نفس، وقار، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حقن جا تحفظ ڪرڻ، وارن رجحانن رکندڙ سياستدانن جي سوچ، عمل ۽ سياسي طريقيڪار ۾ رات ڏينهن جو فرق، نمايان ڏسڻ ۾ ايندو، جن جي منزل، اقتدار جي رسائي هوندي.ان جي اڳيان اصول ڪائي معنيٰ نه رکندو- پر جن وٽ صحيح جمهوري روح ۽ عواميت هوندي، اُن جي اڳيان اقتدار اصول تي ياري نه پر، اصول جو تقدس رکڻ لاءِ، اقتدار کي به ٺڏٺو پيو ته ٺڏجڻ وارو لاڙو ڏسڻ ۾ ايندو.

سد امداد محمد شاهه اڳيان، اقتدارجو حصو ڪائي معنيٰ نٿو رکي، هن اندر جي اڪين سان، ڏسي ورتو آهي ته، جيڪي اقتدار پرست آهن، تن کي اقتدار سونپيندڙ ڳجهين قوتن ڪيترو نه نيچ بنايو، هيچ ۽ هيٺ ڪيرايو آهي- پوءِ به انهن قوتن اقتدار جو رموٽ ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ رکي، بار بار انهن کي بي آبرو ڪري، ۽ اقتدار تان لوڏي ڪڍيو آهي- پر جمهوريت پسند ۽ انساني / عوامي وقار جي دلداده شخصن اڳيان اقتداري ايوان پانَهنِ جيان پانهون پڌيو پيا هلندا آهن.

سيد امداد محمد شاهه، جيڪو به دفعا صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر بنيو- تن ۾ نه رڳو برسرِ اقتدار نه هو- پر مخالفت ۾ به اڪيلو هو- پوءِ به هن اصولن جي پابندي ڪندي، پاڻ کي / اڪيلائپ ۾- هڪ تنظيم ثابت ڪري ڏيکاريو- جوته جڏهن پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ اسيمبلي اندر مخالفت به نه هئڻ جي برابر هئي ۽ حڪمران ڌر جي حيثيت هڪ گور سانهه واري هئي، اُن وقت اسيمبلي اسپيڪر کي اڪيلي سر عدم اعتماد ڪري، سنڌ جي مسئلن تي آواز اٿاري، هڪ تاريخ ساز عمل ڪيائين، جنهن تي ايندڙ وقت جو مؤرخ قلم ڪٽندو ته سيد امداد محمد شاهه، اڪيلو هوندي به حڪومت کي ڪيتري نه پنهنجي مخالفت واري حيثيت مڃائيندو رهيو، پر ملڪ اندر اهڙن ماڻهن جا رستا روڪيا ويندا ته اسيمبلين تائين نه پهچي سگهن، پر هن بهادر انسان جي اندر جو سياستدان، جنهن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرورش سائين جي اير سيد، خان عبدالغفار خان ۽ شيخ مجيب الرحمان جهڙن جي سايي ۾ ٿي هُجي، ان جو انهن دلشڪستاين سان پري جو بہ واسطو نہ رهيو ۽ نہ اسيمبليءَ اندر جو ڪجهہ بہ ڪيو، اهڙوئي ڪردار اسيمبليءَ کان ٻاهر رهي بہ ادا ڪري ڏيکاريو، جنهن جو زندهہ مثال، سندس اِها سياسي بصيرت آهي، جنهن مطابق ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي کي اهڙو تہ آپاريو، جو بينظير ڀٽو جهڙي وفاق جي علامت سمجهي ويندڙ سياستدان ۽ پنجاب جي مُفادن جي مُحافظ کي بہ چوڻو پئجي ويو تہ ڪالاباغ ڊيم، سنڌ جي تباهيءَ جي مترادف آهي. اهو خود سيد امداد محمد شاهہ جو سياسي ڪارنامون آهي تہ بلوچ ۽ ليڊر جيڪي بينظير کي ڏسڻ لاءِ تيار نہ هئا، تن کي بينظير سان هڪ اسٽيج تي ويهاري، اقتدار جي پُڄهين قوتن کي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سچن سياستدانن لاءِ اسيمبلي ايوان ڪائي معنيٰ نٿا رکن. هُو اگر چاهين تہ مٿئين مثال جيان، ناممڪن کي بہ ممڪن ڪري ڏيکارڻ جي سگهہ رکن ٿا.

سيد امداد محمد شاهہ- عملي سياستدان هئڻ سان گڏوگڏ نظرياتي طور بہ مضبوط شخصيت جا مالڪ آهن. اهوئي سبب آهي تہ جتي شاهہ صاحب، حقيقي جمهوريت لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي، اُتي وقت بہ وقت، سنڌ لاءِ، جمهوريت لاءِ گهڙجندڙ گهاٽن کي پنهنجين تقريرن، تحريرن ۽ انٽرويوز رستي پيش ڪري، ۽ ڪارڪنن کي آئنده جي خدشات ۽ ڳُٽڪن کان وقت سر آگاهہ پئي ڪيو آهي تہ سندن سياسي ۽ نظرياتي رهنمائي، پڻ ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ سندن اهڙين لکڻين / ڪاوشن، کي سهيڙي يڪجاءِ ڪيو ويو آهي، تہ جيئن هڪ طرف شاهہ صاحب بابت بحيثيت هڪ سياستدان جي ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي تہ ٻئي طرف سندس هن بي بها مواد کي محفوظ ڪري ۽ ايندڙ نسلن جي رهنمائيءَ لاءِ پيش ڪري سگهجي.

هن قيمتي سهيڙيل مواد جي ترتيب ۽ پروفن وغيره ڏسڻ ۾ ناมياري اديب محترم مير محمد پيرزادي ۽ تاريخي اهميت وارن فوٽن، مهيا ڪرڻ لاءِ محترم ڊاڪٽر ضياءُ شاهہ جن جو نهايت ٿورائتو آهيان. هن تاريخي ڪم جي تياريءَ ۾ جتي محترم شعيب ملاح هٿ ونڊايو اتي مارئي اڪيڊميءَ جي پبلشر محترم سڪندر علي ملاح، جنهن هن ڪم جي سرانجاميءَ ۾ حصو ورتو، هن تاريخي حيثيت رکندڙ ڪتاب کي وقت تي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو.

ماڻڪ ملاح
سڪرنڊ
۹۹-۴-۲۱

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ جيئن ڏنو مون

قوم ۽ ملڪ جي خدمت جو جذبو فطري طور تي هر انسان ۾ موجود هوندو آهي. ليڪن ان جذبي جو دارومدار انساني نيت جي صفائي خلوص ۽ قربانيءَ جي اصولن تي ٻڌل رهي ٿو. دنيا جي هر مذهب ۽ تمدن قوم۽ ملڪ ۾ اهڙا آدرشي ۽ اصول پرست انسان پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن جي اڻٿڪ ڪوشش، محنت ۽ قربانيءَ جي جذبي تحت وس ۽ پڄت آهر قوم ۽ ملڪ جي ڀلي خدمت ڪئي آهي. انهيءَ خدمت جي دوران انهن ڀلماس انسانن نہ صرف ذهني ۽ جسماني تڪليف کي برداشت ڪيو آهي، پر هر طاغوتي طاقت جو مقابلو بہ ڪيو آهي. سياڳي سنڌ جي سرزمين کي اهو شرف حاصل آهي، جو هن اهڙن انسانن کي جنم ڏئي پاڻ کي هميشہ لاءِ سرخرو ٿئي ڪيو آهي. سنڌ هر زماني ۽ هر دور ۾ جيڪي قومي خادم ۽ رهنما پيدا ڪيا، تن پنهنجي فڪرانگيز انقلاب ذريعي سنڌ کي هر لحاظ کان سڌاريو ۽ سنواريو آهي. سنڌ جي اهڙن قومي رهبرن ۽ محسنن جي سماجي ۽ قومي ڪارنامن کي سندن ئي حياتي ۾ اجاگر ڪيو وڃي تہ جيئن ڪين زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي قوم ان سندن خدمتن جي صلي ۾ داد ملي وڃي. اسان سنڌ وارن جي هميشہ کان وٺي اها عادت پئي رهي آهي تہ پنهنجي قوم جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خدمتگارن، محسنن ۽ رهبرن جو جيئري قدر ڪونہ ڪندا آهيون. پر هن جهان فانيءَ مان وڃڻ کان پوءِ، انهن لاءِ صرف قصيدا ۽ اوسارا جهونگاريندا آهيون. سيد امداد محمد شاهه سنڌ جي اهڙن اعليٰ ۽ ارفع قومي ڪارڪنن مان هڪ آهي، جنهن باوجود صاحب ثروت خاندان جي فرد هوندي، بہ عام غريبن ڏکويلن ۽ بيمارن جي سهائتا لاءِ هڙئون توڙي وڙئون ڪافي پاڻ پتوڙيو آهي. جهالت جي اونداهي غار مان غريبن کي ڪڍي علم جي روشنيءَ ڏانهن آڻڻ ۾ بہ شاهه صاحب تمام اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان هتي سندس تعليمي ۽ سماجي خدمتن جو ذڪر ڪريون ٿا، تہ جيئن سنڌجو زميندار ۽ سرمائيدار طبقو شاهه صاحب جي خدمتن ۽ ڪارنامن کي پڙهي، کيس مثالي ۽ آدرشي انسان سمجهي، پاڻ بہ انهي ء جذبي سان سنڌ ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪري.

سيد امداد محمد شاهه، سنڌ جي قديم تاريخي شهر سن جي سيد حيدرشاهه اول جي خاندان جو چشم چراغ آهي.سندس والد مرحوم سيد غلام مرتضيٰ شاهه (سائين جي ايم سيد)، جيڪو سنڌ جو مشهور بزرگ سياستدان قومي رهبر ۽ سنڌ جو عاشق هو، جنهن کي سنڌ جا ماڻهون پيار ۽ محبت وچان سندس مخفف يعني "جي ايم سيد" جي نالي سان ياد ڪندا آهن. سيد امداد محمد شاهه تاريخ ٣٠ سيپٽمبرسن ١٩٣٥ع بروز سومر سائين جي. ايم. سيد جي گهر ۾ جنم ورتو. جيئن تہ شاهه صاحب جو قديم زماني کان وٺي علمي گهراڻو رهيو آهي، جنهن کان پاڻ گهڻو متاثر ٿيو. هونءَ بہ چوڻي آهي، تہ هر انسان تي سندس ماحول جو وڏو اثر ٿيندو آهي. پاڻ ابتدائي سنڌيءَ جا ٽي درجا پنهنجي سن واري پرائمري اسڪول ۾ پورا ڪيائين. جنهن کان پوءِ کيس ڪراچيءَ جي گرامر اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. سن ١٩٤٨ع تائين پاڻ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهندو رهيو. پر جيئن تہ ان زماني ۾ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ هندستان کان ڪيترن ئي لڏي آيل مسلمانن کي اسڪولن ۾ رهايو ويو ۽ اسڪول بند ڪيا ويا. ان ڪري پاڻ ڳوٺ موٽي آيو. جتان ڪجهہ دير سان واپس اسڪول ۾ پهچڻ ڪري سندس داخلا منسوخ ڪئي وئي. ان کان پو کيس هڪ مشنري اسڪول سينٽ پيٽرڪ ۾ داخلا ڪرايو ويو. جتان ٥٤-١٩٥٣ع ڌاري ميٽرڪ پا س ڪيائين. سيد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

امداد محمد شاه ميٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ڊي - جي سائنس ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هن جو ارادو هو تہ انٽر سائنس امتيازي حيثيت سان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ ويان، پر سندس اها خواهش گهرو حالتن جي ڪري پوري ٿي نہ سگهي. جيئن تہ هن جو وڏو ڀا ءُ امير حيدر شاه وڌيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن هليو ويو ۽ سندس والد صاحب محترم جي.ايم سيد ون يونٽ جي مخالفت سبب جيل ۾ بند ڪيو ويو. ان ڪري تعليم سان گڏ پنهنجو گهرو ۽ زميندايءَ جون ذميواريون اچي سندس ڪلهن تي پيون. نتيجي ۾ پاڻ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا لاءِ وڃي نہ سگهيو. آخر ۾ پاڻ ساڪي ٿي ڪاليج مان بي-ايس -سي جو امتحان پاس ڪري پنهنجي ڳوٺ سن ۾ اچي رهڻ لڳو. جتي جڏهن شاهہ صاحب پنهنجي زميندايءَ جي ڪاروهنوار سان وڌيڪ دلچسپي رکي، تڏهن پاڻ محسوس ڪيائين تہ زميندايءَ ڏنڌي سان گڏ قانوني ڄاڻ هئڻ بہ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ دنياداريءَ جا ڪيترائي معاملا درپيش اچن ٿا. جيڪي وقت جي آفيس ۽ ڪورٽن تائين وڃيو پهچن. انهيءَ ڏس ۾ جيڪڏهن قانوني ڄاڻ نہ آهي، تہ پوءِ ماڻهو کي تمام گهڻيون دشواريون پيش اچن ٿيون. جنهن لاءِ قانوني وابستگي بہ ضروري آهي.ان ڪري هن اسلاميہ لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي ۽ سن ١٩٦٥ع ۾ امتيازي حيثيت سان ايل. ايل.بي جي ڊگري حاصل ڪري ورتائين، جيئن تہ سيد امداد محمد شاه کي پنهنجي اباڻي زميندايءَ حصي مان وڏو حصو تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ مليو، ان ڪري هن اڳتي هلي سنڌ جي مشهور قومي ڪارڪن مرحوم قاضي فيض محمد ايڊوڪيٽ سان گڏجي نواب شاه ۾وڪالت شروع ڪئي. سيد امدا محمد شاه سن ۾ رهڻ واري دوري ۾ اهو شدت سان محسوس ڪيو تہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم بلڪل نہ هئڻ جي برابرآهي. سندس ڳوٺ سن ان زماني تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هو ۽ صرف ڪوٽڙي شهر ۾ ميونسپل جي طرفان گورنمينٽ هاءِ اسڪول هو. جيڪو ٻهراڙيءَ جي غريب شاگردن جون گهرجون پوريون ڪري نہ سگهندو هو. ٻهراڙي جي وري اها حالت هئي جو اتي ڪوبہ انگريزي اسڪول نہ هو. شاه صاحب انگريزي تعليم ۽ ان جي افاديت کي محسوس ڪندي ١٩٥٦ع ۾ سن ۾ مڊل اسڪول کولايو. سن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي انهيءَ مڊل اسڪول دادوءَ ڪان وٺي درياهہ جي اورئينءَ پر متيارين تائين تعليمي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. سن جي مڊل اسڪول متي ذڪر ڪيل پري پري شهرن جا شاگرد جڏهن تعليم جي ارادي سان اچي داخل ٿيا تہ انهن جي رهائش ۽ کاڌي خوراڪ جو اهم مسئلو درپيش آيو. انهيءَ مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سن ۽ ان جي آس پاس جي ڳوٺاڻن تعاون ڪيو ۽ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو معقول انتظام ڪيو ويو. انهيءَ دوران سن جي تعليمي دردرکندڙن ماڻهن سائنس گڏجي شاهہ حيدر ايجيوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪئي. ان سلسلي ۾ ٻن رٽايرڊ استادن جهڙوڪ- سائين محمد عرس ملاح ۽ سائين عبدالواحد ميمڻ انهيءَ سوسائٽي کي فعال بنائڻ ۾ وڏيڪ ڪوشان رهيا. ائين ڪٿي چئجي تہ اهي ٻئي ماناٽا استاد هن سوسائٽيءَ جا روح روان هئا. استاد محمد عرس ملاح سن جي مڊل اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس لاءِ گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون.

سيد امداد محمد شاهہ، سن ۾ مڊل اسڪول قائم ڪرڻ ڪان پوءِ ان جي آس پاس جا جيڪي ڳوٺ ۽ شهر هئا. جهڙوڪ- آمري، لاڪا، منظور آباد، مانجهند، انڙپور ۽ ڄامشورو وغيره ۾ بہ مڊل اسڪول قائم ڪرايا. جيڪي هن وقت هاءِ اسڪول جي صورت ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. سندس سن ۾ قائم ڪرايل اسڪول جي درجي تي پهتو ۽ هن وقت هايير سيڪنڊري اسڪول جي روپ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح سان نياڻين جي تعليم واسطي پڻ سن ۾ گرلس هاءِ اسڪول قائم ڪرايو. جو انهيءَ نموني جو پهريون مثالي هاءِ اسڪول آهي.

سن ٦٧-١٩٦٦ع ڌاري سيد امداد محمد شاهہ پنهنجي زمينداريءَ کي سنڀالڻ لاءِ ٻنهي شهر سن مان هميشہ لاءِ نقل مڪاني ڪري اچي نواب شاهہ ضلعي جي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ رهيو. مجيد ڪيريو ۾ رهائش اختيار ڪرڻ ڪان پوءِ، شاهہ صاحب پنهنجي اصل طبيعت مطابق اهو محسوس ڪيو تہ هن علائقي ۾ بہ تعليم جو فقدان آهي. سموري تعلقي ۾ ڪوبہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نہ هو.هن تعليم جي روشنيءَ کي ڦهلائڻ لاءِ هتي بہ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. پاڻ ١٩٧٩ع ۾ جڏهن ضلعي ڪائونسل نواب شاهہ جو ميمبر چونڊجي آيو تہ ضلعي ڪائونسل جي طرفان نہ صرف تعلقي سڪرنڊ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ڀھراڙيءَ ۾ تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ونندو رهيو. پر مجموعي طرح سان پوري نواب شاه ضلعي جي ڀھراڙيءَ جي تعليم لاءِ ٻہ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سڪرنڊ تعلقي جي تعليمي پسماندگيءَ جو سبب صرف اهو هو جو شاه صاحب کان اڳ ۾ هن تعلقي جي ڪنهن بہ ميمبر انهيءَ ڏس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ آواز ڪونہ تي اٿاريو. ليڪن شاه صاحب ڪي پنھنجي تعلقي جي تعليمي سڌاري لاءِ تمام گھڻو اونو هو ۽ هن چاهيو پئي تہ سڪرنڊ تعلقي جو غريب عوام بہ هن جديد دور ۾ تعليم جي نعمت ماڻين. ان زماني ۾ تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر مرحوم غلام رضا پٺو هو. اهو ون يونٽ يعني مغربي پاڪستان جو زمانو هو. هن صاحب انهيءَ سلسلي ۾شاه صاحب جي اصرار تي نواب شاه ضلعي لاءِ پنج مڊل اسڪول منظور ڪيا. جيڪي سيئي سڪرنڊ تعلقي کي ڏناويا. اهي اسڪول - مجيد ڪيريو، صابو راهو، سڪيو مناهيجو، ڪڏ هر ۽ محرابپو هئا. اهڙيءَ طرح اڳتي هلي، سيد امداد محمد شاه جي سيعي ڪوشش سان سنڌ سرڪارجي طرفان تعلقي سڪرنڊ ۾ مختلف هنڌن تي ٻيا بہ ڪيترائي انگريزي اسڪول ڪوليا ويا، جن ۾ چوڪرين لاءِ- دليل ديرو، کبڙ لکمير، لانڍي، حسن جمالي، مهر علي جمالي، حمل فقير لغاري، ٻڍل شاه، بچل پور ۽ ماڙي جلباڻي. اهڙيءَ طرح چوڪرين لاءِ - سڪرنڊ، حسن جمالي ۽ مجيد ڪيريو. اهي ۽ اڳيان پنجئي اسڪول هن وقت هاءِ اسڪول جي درجي تائين ڀھراڙيءَ جي غريب شاگردن کي تعليمي زيور سان آراستہ ڪري رهيا آهن. انهن هاءِ اسڪولن کان سواءِ شاه صاحب ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مڊل اسڪول بہ کولايا. جيڪي هن طرح آهن گبر ذاهري، مير محمد جونيجو، لاکاٽ، لاک آباد، رمضان راهو، محرابپور ۽ ماڙي جلباڻي وغيره. انهن اسڪولن مان ڪي بوائز مڊل اسڪول تہ ڪي وري گرلس مڊل اسڪول آهن.

سيد امداد محمد شاه نہ صرف سڪرنڊ تعلقي جي ڀھراڙين ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون، پر سڪرنڊ شهر کي بہ انهيءَ سلسلي ۾ نہ وساريو آهي. سڪرنڊ شهر۾ چوڪرن توڙي چوڪرين لاءِ ڏاڙدار سائنس ڪاليج کولا رايا ۽ هڪ مونو ٽيڪنڪ اسڪول قائم ڪرايو. اهڙيءَ طرح سڪرنڊ کان پوءِ قاضي احمد جي هاءِ اسڪول کي هاير سيڪنڊري اسڪول

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو درجو ڏيارايو. شاه صاحب راقم الحروف سان ڪچهري ڪندي پنهنجي انهن مٿين تعليمي سرگرمين بابت ڄاڻ ڏني ۽ ان وقت ان دور جي ڪن اعليٰ ڪردار ۽ فرض شناس آفيسرن جي تعاون ڪرڻ جي باري ۾ پڻ روشني وڌي.

سيد امداد محمد شاه جڏهن سن ١٩٨٥ع ۽ ١٩٨٧ع ۾ ٻه ڀيرا سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو، ته ان وقت سنڌس تعليمي خدمتن جو ميدان نه صرف سنڌس تڪ سڪرنڊ تائين محدود هو، پر اتي به ان کي وسيع ڪري، سڄيءَ سنڌ جي تعليم لاءِ آواز اٿاريو. جڏهن ته انهن تڪن جا معزز ميمبر صاحبان شاه صاحب تي ناراض به ٿيندا هئا، شاه صاحب سندن تڪن جي عوام لاءِ سندن بدران آواز اٿاريندو هو. پر شاه صاحب پاڻ ڪڏهن به ناراض نه ٿيو، بلڪ مسڪندي انهن کي مخاطب ٿي چوندو هو، ته مون لاءِ سموري سنڌ اڪين جو نور آهي. آئون چاهيان ٿو، ته پوري سنڌ ۾ تعليم جي روشني ڦهلجي. ڪيس سندس انهن خدمتن جي سلسلي ۾ سنڌجي ڏوراهن علائقن خاص ڪري ڏڪويل ترين، بدين، ۽ جيڪب آباد جي علائقي مان خط ايندا هئا، ته سندن ٻارن جي تعليم لاءِ ڪين اسڪول کهرجن. نتيجي ۾ پاڻ انهن جي مطالبن جو پورائو ڪندو هو.

سيد امداد محمد شاه متي بيان ڪيل تعليم جي ڦهلاءَ ۽ واڌاري لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، سي ڪافي حد تائين ڪامياب ٿيون. شاه صاحب جي تعليمي خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسندي، ڪيس ڪيترن ئي تعليمي ادارن ۽ سوسائٽين جو هڪ خاص رڪن بڻايو ويو. اسان متي سندس تعليمي خدمتن تي ڪافي روشني وجهي آيا آهيون، انهيءَ ساڳئي سلسلي کي وڌائڻ لاءِ شاه صاحب، شاه حيدر ايجوڪيشنل سوسائٽي سن، ضلعو دادو قائم ڪئي. جيڪا باقائدي رجسٽرڊ ٿيل آهي. ان کانسواءِ نواب شاه ضلعي اندر سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ محرابپور ۾ سنڌ جي جيد عالم ۽ مفتي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي نالي سان پڻ هڪ ايجوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪئي ويئي، جنهن جو شاه صاحب پاڻ بنيادي ميمبر آهي. اها سوسائٽي پڻ رجسٽر، ٿيل آهي، جيڪا نواب شاه جي مشهور تعليمي ماهر ايچ ايم خواجه قائم ڪئي، تنهن جو شاه صاحب پاڻ چيئرمين آهي. ان کان سواءِ سنڌ جي مشهور تعليمي درسگاهه سنڌ مدرسة ا لاسلام ڪراچي جي طرفان قائد اعظم پبلڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسڪول، جيڪو درساٽي ڇني ۾ قائم ڪيو ويو آهي، تنهن جو نائب صدر پڻ شاهه صاحب ئي آهي. سيد امداد شاهه جي تعليم جي سلسلي ۾ ڪيل اصلاحي صلاحيتن ڪان متاثر ٿي. ڪيس ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينٽ جو ميمبر منتخب ڪيو ويو آهي. سنڌ سرڪار سڪرنڊ مان ايگريڪلچر ڪاليج ۽ فارم کي ٽنڊي ڄام ڏانهن منتقل ڪيو. ان وقت ايگريڪلچر فارم جون جيڪي عمارتون هيون سي خالي ٿي ويون ۽ انديشو هو ته اڳتي هلي اهي عمارتون وڃي آثار قديم رهندا. ان ڪري شاه صاحب سرڪارجو انهي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ سرڪارکي اها صلاح ڏني ته نواب شاه ڪاٽن گروئنگ ايريا آهي صوبي جي وچ ۾ آهي. ان ڪان پوءِ پيدا وار جي لحاظ ڪان به بهتر حالت ۾ آهي. تنهن ڪري سڀ ڪان بهتر اهو ٿيندو ته ايگريڪلچر جي خالي پيل عمارتن کي بچائڻ ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ اتي پي سي سي (ڪپهه جو تحقيقاتي ادارو) جهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي، ان ڪان پوءِ ڪٽڪ جي تحقيقي اداري تي به وڏو گوڙ هليو ۽ مخالفت جي باوجود شاه صاحب انهي اداري کي سڪرنڊ ۾ ئي قائم ڪرايو، اهڙيءَ طرح واٽر اينڊ سوائل ٽيسٽنگ ليبارٽري جيڪا سرڪار جي پاليسيءَ مطابق هر ضلعي جي هيڊ ڪواٽر ۾ هوندي آهي تنهن کي پڻ هُن سڪرنڊ ۾ ئي قائم ڪرايو. انسان ذات لاءِ سڀ ڪان وڏيڪ نعمت تندرستي آهي چوندا آهن ته ”جيءَ خوش ته جهان خوش“ دنيا ۾ جيڪي به مُهذب ۽ سڌريل قومون آهن، تن جون حڪومتون هميشه اهائي ڪوشش ڪنديون آهن، ملڪ جو عوام صحتمند رهي، اهي عوام جي صحت کي برقرار رکڻ ۽ انهن جي جسماني قوت کي قائم رکڻ لاءِ ملڪ اندرشفاخانا، اسپتالون، هيلٿ سينٽر، ويم گهر ۽ ٻيا اهڙا ادارا قائم ڪنديون آهن. سيدامدا محمد شاه تعلقي سڌارڪ جي حيثيت سان اهو به ڪيو ته تعليم به تڏهن موثر ۽ ڪارگر ثابت ٿيندي، جڏهن انهن تعليمي ادارن ۾ تعليم به ونندڙ ٻار صحتمند ۽ سالم دماغ هجن. صحت جي انهي مکيه اصول کي نظر ۾ رکندي، هن سڪرنڊ ۽ ان جي آس پاس جي ٻهراڙين ۾ اسپتالون ۽ هيلٿ سينٽر کولرايا ته جيئن عوام کي طبي سهولتون به پنهجي ئي دروازي تي ميسر ٿي سگهن، انهي لحاظ ڪان شاهه صاحب هڪ طرف سنڌ سرڪار جي سهڪار ڇگن ۽ نيڪ ماڻهن جي تعاون سان صحت جا مرڪز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قائم ڪرايا تہ ٻئي طرف پنهنجي هڙئون وڙئون بناڪنهن لالچ ۽ ناموس جي پئسا خرچ ڪيا ۽ ڪندو رهي ٿو.

سيد امداد محمد شاهہ سڀ ڪان پهريائين، پنهنجي اباڻي شهر سن ۾عوام جي صحت جي ڀلي لاءِ توجهہ ڏنو، سن ۾ جيتوڻيڪ ضلعي ڪائونسل طرفان اسپتال قائم هئي پر ان ڪي اجان بہ وڌيڪ ترقي ونرائڻي هئي، ان ڪري هن سنڌ سرڪار ڪان انهيءَ اسپتال ڪي هيلٿ سينٽر طور منظور ڪرايو. اگرچ انهيءَ ڏس ۾ وقت جي سياسي هيٺ مٿائين ڪي دشواريون بہ پيدا ڪيون، پر شاهہ صاحب همت نہ هاري ۽ پنهنجي ڪوشش ۽ اورچائيءَ سان ١٩٨٥ع ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ اهو سينٽر اڄ سن ۾ رورل هيلٿ سينٽر جي نالي سان عوام جي خدمت ڪري رهيو آهي. انهي ۽ ڏس ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهاوڙ سائس ڏاڍي مدد ڪئي، ۽ هيلٿ سينٽر ڪي جديد نموني ۾ هلائڻ لاءِ ڪافي تجويزون ڏنيون. ان ڪان پوءِ اڃي سڪرنڊ تعلقي جي ڀهراڙي ۾ صحت جي سهولت پيدا ڪرڻ لاءِ جاکوڙ شروع ڪيائين. انهي ڏس ۾ پاڻ رات ڏينهن هڪ ڪري، جن هنڌن تي صحت مرڪز قائم ڪرايائين، سي هئا، محرابپور، لاڪاٽ، محمد خان مگسي، ماڙي جلباڻي، مير خان لغاري، مهر علي جمالي، حسن جمالي، ڪرم خان جمالي، کبڙ لڪمير، مجيد ڪيريو، پيل شاهہ ۽ سڪيو مناهيجو، آهي صحت جا مرڪز ۽ اسپتالون اڄ بہ قائم آهن ۽ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن ڪي صحت جي سلسلي ۾ ڪنهن حد تائين شهري سهولتون مهيا ڪنديون رهن ٿيون. اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب هن سال تازو (١٩٩٨ع) ۾ ڳوٺ رحمون ڪيريو ۾ پنهنجي ذاتي خرچ سان اسپتال تعمير ڪرائي آهي، جنهن لاءِ سنڌ حڪومت عملو ۽ دوائون مهيا ڪيون آهن ۽ اسپتال ڪاميابيءَ سان هلي رهي آهي.

انساني تهذيب ۽ ترقيءَ ۾ مواصلات جو نهايت اهم ڪردار رهيو آهي. ننڍا ننڍا ڳوٺ واهڻ ۽ وستيون جيڪي ڪيترين ئي اهم پيداوار جا مرڪز رهيا آهن، تن جي پيداوار ڪي شهرن تائين پهچائڻ لاءِ روڊن ۽ رستن جي سخت ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ساڳئي وقت صحت جي سلسلي ۾ پڻ بهتر مواصلاتي نظام عوام جي تڪڙين گهرجن ڪي پورو ڪري ٿو ۽ زندگيءَ جي ڪاروهنوار، شادي غمي، هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ اچڻ وڃڻ، وڻج ۽ واپار

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي ترقيءَ ۾ رستن ۽ شاهراهن جو وڏو دخل آهي، شاهه صاحب ڀهراڙ يءَ جي ماڻهن کي شهرن تائين پهچڻ ۽ پنهنجي خام مال کي منڊين تائين رسائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي علائقي ۾ رستن جو ڄار وڇارايو نتيجي ۾ ننڍا ننڍا ڳوٺ شهرن سان ڳنڍجي پيا آهن. عوام ۾ ڪافي خوشحالي پيدا ٿي پيئي آهي، اهڙن رستن جو وچور هن طرح آهي، موريو لاکو کان سعيد آباد ڪڏهر کان سرهاري، روڊ کان مير خان لغاري وايا حمل فقير ميرخان لغاريءَ کان ڪنب ليمان ريگيو ليٽر وايا ڇپر خان کوسو ۽ فضل ڪيريو، سرهاري روڊ کان عيسو ڪيريو وايا ڪڏهر روڊ صابو راهو کان صوبدار حاجاڻو وايا علي بخش سنجراڻي هالا بڙاج کان سعيد خان لاکو وايا محمد خان مگسي، محراپور کان مراد علي چانڊيو، محرابپور کان قومي شاهراه، وايا راهب شاهه کان رين شاخ انکانسواءِ نواب ولي محمد شاهراه کان رمضان راهو وايا لونگ سومرو سڪرنڊ نواب شاهه روڊ کان خان محمد انڙ قومي شاهراه کان ڪنگو علي آباد کان بچاءُ بند مجيد ڪيريو کان مڏ. مڏ کان ڇتن شاهه، ڇتن کان يار محمد تانوري، قومي شاهراه تي مشائخن کان يار محمد تانوري، نواب شاهه ڪڏهر روڊ کان علي مراد پنو، نواب شاهه روڊ کان سرهاري روڊ، قومي شاهراه تي ڳوٺ دڙ کان محمد جمن ڪيڙو ڳوٺ تائين لنڪ روڊ مراد ڪيريو بخشو مگسي ٻاجهي چانڊيو ۽ رحيمو ڪيريو لنڪ روڊ به تعمير ڪرايائين، اهڙيءَ طرح سان شاهه صاحب نه صرف ڀهراڙيءَ جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۽ واهڻن کي رستن جي ذريعي پاڻ ۾ ملايو پر انهن کي شاهراه سان به ڳنڍي ڇڏيو، سيد امداد محمد شاهه سان انهيءَ سموري تعليمي صحت ۽ مواصلاتي ڪمن ۾ ان وقت جي ڪيترن ئي اسيمبليءَ جي ميمبرن، وزيرن چاهي اهي ڪهڙيءَ به پارٽي سان وابسته هئا تن سندس هن چڱي ڪم ۾ وڏي مدد ڪئي ۽ هٿ هٿ ڪرڻ سان هن جو ڇپر ڪجي پيو. جتي به اورچائي نيڪ نيتي ۽ خلوص موجود آهي، اتي ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.

گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ صحيح ۽ مؤثر انتظام جو هئڻ به لازمي آهي سنڌ جي قديم تاريخ ۽ ان جا قديم آثارجهڙوڪ موهن جو دڙو، چانهونءَ جو دڙو ۽ آمري وغيره انهيءَ ڳالهه جا شاهد آهن ته سنڌ جا ماڻهون تمدني نظام کان باخبر هئا. گهرن جي جاين عمارتن ۽ اڏاوتن جي نظام

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان گڏ انهن جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ بهترين بندوبست ڪيو ويندو هو.اهو تمدني ورثو سنڌ وارن کي قديم زماني کان ورثي مليو آهي جيڪو اڄ تائين هلندو اچي. شاه صاحب پاڻي واري نڪاسيءَ جي انتظام يعني ڊرينيج کي رائج ڪرائڻ ۽ شهري نظام تحت گندي پاڻي جي نيڪال واري نظام کي ڪافي حد تائين نئين سر سڌارڻ ان کي موثر ۽ پائيدار بنائڻ لاءِ سکرنڊ ٽائون ڪاميٽي ضلعي ڪائونسل ۽ ٻين ڪيترن ئي ادارن جي معرفت وڏيون ڪوششون ورتيون ۽ سندن اهي ڪوششون ڪامياب ٿيون. جن هنڌن تي پاڻيءَ جي نيڪال جو انتظام ڪرايائين سي هي آهن: مجيد ڪيريو محرابپور، دليل ديرو، محمد خان مگسي، مير خان لغاري مهر علي جمالي، حسن جمالي ۽ ڪجهه لڪمير .

سيد امداد محمد شاه جي مٿي ذڪر ڪيل آهي مڙني تعليمي ۽ سماجي خدمتن جي ڏس ۾ اهو چئي سگهجي ٿو، ته انهن نه آهي ته جيڪي ماڻهو ناز ۽ نعمتن سان پلجن ٿا، ٿن کي عوام جي ڏکن جي پرواهه نه آهي، سنڌ جي شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪهڙو نه سچ چيو آهي ته:

"ماڻهون سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهون منجهه اچي بوءِ بهار جي."

(ڊاڪٽر مظهر الدين سومرو)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ ان ماڻهوءَ کي منهنجا سلام پهچن

جيڪو منهنجي لاءِ دورِ حاضر جي سمورن سياستدانن مان وڏيڪ سهڻو ۽ مانوارو آهي، جنهن جي سيني ۾ سنڌ جي ساهه جهڙي دل تاثير ڀر وانگر ٽڪ ٽڪ ڪري رهي آهي.

اهو انسان مون لاءِ منڍ کان وٺي معتبر رهيو آهي، جنهن سنڌ جي سياسي وليءَ جي گاديءَ تي ويهڻ جا خواب ڏسڻ بدران پنهنجي ڪرت جي ڪنڌ ۾ ويهي سياست جي ٻي ريا عبادت ڪئي، جنهن کي تاريخ جي هر مڪاريءَ کان ايتري نفرت آهي، جيتري هڪ سٺي ماڻهوءَ ۾ هجڻ گهرجي.

اهو ماڻهو واقعي وڏو آهي، جيڪو "حمل" جي ميلي جهڙي ننڍڙي ذميواريءَ کان وٺي سنڌي-مهاجر زخم کي سبڻ جو تاريخ سازش فرض نڀائي ٿو، جنهن لاءِ جمهوريت، ووٽ وٺڻ واري ڪشڪول جو نالو نه پر زندگيءَ جي مجموعي رويي جو بنيادي فلسفو آهي.

جيڪو پنهنجي پاءُ جي وڏيرڪي ۽ پٽ جي ڊپٽي اسپيڪريءَ ۾ مداخلت نه ٿو ڪري، جيڪو پنهنجي ڪمزور هٿن سان "قومپرستن جي وسيع اتحاد" وارو اهو خطرناڪ وار ڪري رهيو آهي، جنهن کي ڪوڙ جي بنياد تي بيٺل هي ملڪ شايد ئي ڳسائي سگهي.

جڏهن کان جسقم ۽ اير ڪيو اير جي صورت سنڌي-مهاجر هڪ ٻئي سان هٿ ملائڻ لڳا آهن، تڏهن کان سوچي رهيو آهيان، ڇا هي شخص هن رهزن رياست کان پنهنجي پيءُ جي موت جو پلاند وٺي رهيو آهي؟ ڪجهه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ هجي، اياز جا اهي لفظ سچ جو عڪس آهن تہ:

جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ، هن پونء ڪئي ٻي پرتي آ،
هيء ڌرتي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رکو.

۽ تاريخ جي هيء سخت نوڪري، سن جو سيد جنهن نماڻائيء، صفائيء ۽ خاموشيء سان ڪري رهيو آهي، مستقبل جا سياسي محقق اُن جي اپٽار هزارن صفحن تائين ڪندا.

آئون اوهان کي ميجتا جي انهن لفظن پڄاڻان هڪ پيرو پيهر سلام تو پيش ڪريان ۽ اوهان جي غور آڏو رکو اهو نقطو پيش ڪرڻ جي جسارت تو ڪريان تہ ان مسئلي جو ڪهڙو حل آهي؟

تہ اسان جا بهترين دماغ هي نظام پگهرن مٽ ۾ خريد ڪري وٺي ٿو. ذهين شاگردن لاء سي ايس ايس (CSS) ۽ ٻين مقابلن وارن امتحانن جون ڪوڙڪيون ٺهيون رکيون آهن. جڻ تہ هڪ مارڪيٽ آهي، جيڪو ڪليو پيو آهي، جنهن جو اصول اهو آهي تہ "پهرين ثابت ڪريو تہ اوهان ذهين آهيو." پوء پنهنجي لياقت آهر رعايت وٺو ۽ ڪرپٽ سسٽم جو حصو ٿي جاهل عوام جي لٽ ڦر ڪريو." ساڳي طرح سان ذهين ماڻهن لاء ڪاروبارن جون ڪوڙڪيون وڇايل آهن، ٺيڪن ۽ پرمٽن جي وڪڙ ۾ اچي وڏا وڏا دماغ ڊوڙ تي وڃن ٿا.

پيارا سائين!

جيستائين ذهين ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سرڪار جا ساٿاري رهندا، تيستائين انقلابي تبديلي ڪيئن ايندي؟ اسان پنهنجي دور جا وڏا دماغ ڪرپٽ سسٽم جي لالچي حملن کان ڪيئن بچايون؟ اهو سوال هر سوال کان وڌيڪ اهم آهي.

ان سوال جو جواب هڪ نئين باب جي ابتدا ٿي سگهي ٿو، اوهان ڇا ٿا سمجهو؟

اوهان جو خيرانديش

اعجاز منگي

ڄامشورو- ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٨ع

(سائين امداد محمد شاه
ڏانهن موڪليل خط)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ پروفائيل

سائين جي ايم سيد جو حقيقي سياسي وارث لڳندڙ، پيءُ جيان ٻ ٻ مخالف، مهاجرن لاءِ نرم گوشو رکندڙ، ڳالهائڻ دوران تاريخي حوالا ڏيندڙ، لفظ توري تکي ۽ نيٽ سنڌي لهجي ۾ ڳالهائيندڙ، سيڪيولر سوچ رکندڙ، وچولي ڪلاس جو سماج سڌارڪ سياستدان سيد امداد محمد شاهه پيءُ جو ننڍو پٽ آهي، پر هو پنهنجي وڏي ڀاءُ امير حيدر شاهه کان عمر ۾ وڏو نظر اچي ٿو. ڪاوش کي انٽرويوءَ دوران هن پنهنجي نجي زندگيءَ بابت به ڪيترين ئي ڳالهين ٻڌايون.

امداد محمد شاهه ڄائي ڄم کان ٻاتو هو، ڪيس "گڏهه، ڳابو، ڳپ ۾ ڪپي پيا" اچارڻ نه ايندا هئا. سندس ڏاڏيءَ ۽ والده جي زور ڀرڻ تي ڪيس مخدوم بلاول جي درگاهه تي آندو ويو ۽ اتان جي کوهه جي پاڻيءَ سان ڪيس وهنجاريو ويو ۽ پاڻي پياريو ويس ۽ بعد ۾ سندس ٻاتاڻپ ختم ٿي. مخدوم بلاول اڄ به سندن مرشد آهي.

هاڻي سندس وڏي پٽ جلال شاهه کي ٻهريون پٽ ڄائو آهي، جنهن کي به حسب روايت مخدوم بلاول جي درگاهه تي آندو ويندو، ڪيس انهيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڳئي ڪوهہ جو پاڻي پياريو ويندو ها تي ڏڪي جي قرباني ڏني ويندي. انهيءَ عمل کي امداد شاهہ جي گهرواريءَ جيڪا اٿپڙهيل آهي، فضول ٿي سمجهي، جڏهن تہ روشن خيال سوچ جو سيد امداد شاهہ انهيءَ کي عقيدو، روايت سڏي ٿو ۽ سالن کان هلندڙ انهيءَ روايت کي برقرار رکڻ چاهي ٿو.

آڪسفورڊ جي پڙهيل بينظير ڀٽو جيان امداد شاهہ بہ سنڌ، پنجاب ۽ سرحد جا سمورا بزرگ، اولياءِ ۽ فقير پيٽي/ گهمي ۽ پرکي ڏٺا آهن. سنڌس چواڻي تہ هندو، مسلم ۽ عيسائي مذهبن ۾ ٽي شيون خدا، نبي ۽ ملائڪ هڪجهڙيون آهن. پاڻ هڪ دفعو عمرو ڪيو اٿائين، ٻيو دفعو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، پر سندس حج ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو نہ آهي.

امداد محمد شاهہ صرف ٽي درجا سنڌي سن ۾ پڙهيو. بعد ۾ ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۽ ڊي جي سائنس ڪاليج مان بي ايس سي، سائنس ۾ گريجوئيشن ڪيائين. سندس ڪاليج اليڪشن جو فارم سندس مهاجر دوستن خصوصاً اسلم يار خان هاٿوڪو وڏو ٻٽنڪار زوريءَ ڀريو، چونڊ ۾ ڪل نو (٩) اميدوار هئا. جن مان بہ ٽي سنڌي هئا. ڊاڪٽر امداد بلوچ (نڪ، ڪن ۽ گلي جو ماهر)، هڪ قريشي ۽ ٽيو امداد شاهہ هئا. هو سنڌين جي هڪٻئي کي نہ سهڻ کي هڪ ڪوالٽي سڏي ٿو، انهيءَ اليڪشن ۾ سندس ڪاميابيءَ جي ڪيس اميد نہ هئي، پر هو اها اليڪشن کٽي ويو.

سندس ابتدائي تربيت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جهڙي ڏاهي وٽ ٿي، بعد ۾ هو فخر سان چئي ٿو تہ منهنجي زندگيءَ ۾ ٽن غير مسلم مذهب جي ماڻهن جن کي هو صالح قومون سڏي ٿو، جن ۾ پارسي، هندو ۽ عيسائي شامل آهن، جن جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. سندس سماج سڌارڪ/ تعليم دوست هئڻ واري خوبي بہ سندن ئي صحبت جي ڪري آهي، پر هو وڌيڪ متاثر پارسين کان لڳي ٿو ۽ پارسين لاءِ چوي ٿو تہ "پارسي تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ پنهنجي لاش کي ڪنهن اهڙيءَ جڳهہ تي رکرائيندا آهن تہ ڳجهيون، سرڻيون ۽ ٻيا پکي پکڻ سندس ماس کائين، جيئن سندن پيٽ ڀرجي، پاڪستان ۾ انساني عضون جي پهرين پيوندڪاري بہ پارسين ڪرائي هئي.

سائنس ۾ گريجوئيشن ڪندڙ امداد شاهہ وڪالت پڙهڻ ۽ وڪيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻڌڻ ۾ آيو تہ سنڌس نالو سنڌ جي ٽالپرن جي دور ۾ مشهور شخصيت سيد محمد راشد شاهہ جي اولاد مان آهي. اتفاق سان ضلعي نوابشاهہ جي تعلقي سڪرنڊ جي

ٻڌڻ کي محض اتفاق ۾ حيدرآباد لا ڪاليج جي تڏهوڪي پرنسپال محمد ميمڻ جي صحبت جو نتيجو ڪوٺي ٿو.

سنڌس عمر جو تمام گهڻو عرصو سنڌس اباڻي ڳوٺ سن ۾ گذريو، جنهن جو سبب چاڻائيندي ٻڌايائين تہ جناح صاحب ١٩٤٨ع "سائين وڏي" (جي ايم سيد) کي سن ۾ نظربند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ چيو تہ جي ايم سيد جي سموري زرعي زمين ضبط ڪئي وڃي.

جيڪا ڳالهہ ڳجهي طرح پير علي محمد شاهہ راشديءَ، سائين وڏي تائين پهچائي، جنهن ڪوٺڙيءَ جي مختيارڪار کي گهرائي، راتو رات سن واري زمين امير حيدرشاهہ جي نالي ۽ ڳوٺ مجيد ڪيريو تعلقي سڪرنڊ واري زمين منهنجي نالي ڪرائي ڇڏي. اهي زرعي زمينون هو ١٩٦٠ع ڌاري تعليم پوري ڪري سنڀالي رهيو آهي. انهيءَ سال ئي سنڌس ڪوشش سان مجيد ڪيريي ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو. جيتوڻيڪ سيد امداد محمد شاهہ ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ ۾ گهڻو عرصو نہ رهيو آهي، پر هو ١٩٦٨ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي نوابشاهہ ۾ دعوت ڪندڙن ۾ شامل آهي.

هو ممتاز ڀٽي کي اقتدار پرست سياستدان ڪوٺي ٿو، پر پاڻ بہ ٻہ دفعا سڪرنڊ واري تڪ مان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي چڪو آهي. هڪ دفعو ١٩٨٥ع ۾ جڏهن پ پ اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ ٻيو دفعو ١٩٨٨ع ۾ پ پ جي حمايت سان. بلا جون پُرمغز، تاريخي، دلچسپ ڳالهيون ڪندڙ امداد شاهہ چئي ٿو تہ، مون کي لکڻ نہ ايندو آهي ۽ نہ ئي مون ڪو ججهو مطالعو ڪيو آهي، پر منهنجي جيڪا ڄاڻ آهي، سا مشاهدي ۽ زماني جي تجربن کان حاصل ٿي آهي.

نوابشاهہ ۾ سنڌس گهر آصف زرداريءَ جي گهر سان گڏ آهي، حاڪم علي زرداري اڄ بہ سنڌس بهترين دوست آهي. نوابشاهہ ضلعي جي سيدن جو ماسٽر مائينڊ سڏجندڙ امداد شاهہ، سيدن کي ١٩٩٣ع ۾ پ پ طرفان شڪست ملڻ تي چوي ٿو، ماڻهو هنن مان بيزار هئا، ڪين سنڌن چهرا نئي وڻيا ۽ هنن تبديلي چاهي ۽ انهن کي شڪست ڏني، جيئن ڪنهن وقت ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شاهنواز ڀٽي ۽ ٻين ڀٽن جو بلديات کان ونئي سنڌن قبضو هو، پر پوءِ ماڻهن ڪين ووٽن ۾ ڪيرائي وڌو. اڄڪلهہ سنڌس گهڻو وقت

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ زرعي زمينون سنڀالڻ، راڄوٽا فيصلا ڪرڻ، ماڻهن وٽ شاديءَ غميءَ تي ضرور وڃڻ، حمل فقير جو هر سال ميلو لڳرائڻ، ساڻس ملاقات لاءِ ايندڙ ڳوٺاڻن، سياستدانن ۽ اديبن سان ڪچهريون ڪرڻ، سندس ئي ڪوشش سان قائم ٿيل علائقي جي اسڪولن ۽ سپتالن جي خبر چار لهڻ، رات جو ٽي وي تي خبر نامو ٻڌڻ، زي ٽي وي تي دي نيوزڊسڪ ۽ رات جو ١٠ واريون بي بي سي جون خبرون ٻڌڻ، ڏسڻ سندس روز جو معمول آهن.

(پروفائيل: اسحاق سومرو
روزاني ”ڪاوش“ اخبار جي
١٦ فيبروري ١٩٩٦ع واري اشاعت
۾ شايع ٿيل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاھ، ڪراچي ۾ ڪاليج جو زمانو، 54-1953ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهه، سنڌ اسيمبلي جي اجلاس دوران، ڪراچي، 1988ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ سنڌو درياھ جي هڪڙي ڦڙي تي بہ پنجاب جو حق ڪونهي

(سنڌ جي مسئلن لاءِ آواز بلند ڪرڻ ۽ مخالف ڌر وارين ٻنچن تي ويهڻ امداد محمد شاھ جي سڃاڻپ ٻڻجي وئي آهي. هن گذريل اسيمبليءَ ۾ پڻ ڪالا باغ ڊيم ۽ ڏارين آبادي جي ڌٻاءَ خلاف رٿون پيش ڪيون هيون. اصولي طور مخالف ڌر سدائين سرڪاري ڌر جي غلطين جي نشاندهي ڪندي آهي، جنهن مان باصلاحيت حڪومت لاڀ پرائي سگهي ٿي.

امداد محمد شاھ سان هيٺ ڏنل رهاڻ بہ ان سلسلي جي ڪڙي آهي تہ جيئن جمهوري ادارن مان ڀرپور راءِ جا وجهہ حاصل ڪري سگهجن. ان رهاڻ ۾ ڪنهن جي متعلق اختلاف يا هن جي غلطي جي نشاندهي انهيءَ شخصيت جي مخالفت نہ بلڪ جمهوري انداز آهي. ان سلسلي ۾ اسين ”عبرت مئگزين“ وسيلي ان معيار تي ڪيتري حد تائين پورو لهون ٿا يا شاھ صاحب پنهنجا فرض ڪنهن حد تائين ادا ڪيا آهن، سا ڳالهہ سندن ويچارن پڙهڻ کانپوءِ پڙهندڙ ئي چڱي ريت پروڙي سگهن ٿا. سنڌ جي سرهائي، سڪار، امن آشتي اسان جي آس آهي.

-امتياز فاران

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

س: شاهه صاحب اوهان پهرين به سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر هئا ۽ هاڻ به آهيو. پوءِ ڪالهه جيان اڄ به اوهان اپوزيشن ۾ ويٺل آهيو. ان جو ڪو خاص ڪارڻ؟

ج: آئون بنيادي طور تي سماجي ڪارڪن آهيان. جڏهن ڪان وني اوير پاڪستان ڪي اسان ڪان ڌار ڪيو ويو. تنهن وقت ڪان وني اڄ ڏينهن تائين منهنجا خيال اهي آهن تہ، قانون جي حڪمراني ۽ مڪمل جمهوريت هجي. اسان جي ٽين دنيا جي ملڪن ۾ وڏيون طاقتون جمهويت ۽ قانون جي حڪمراني کي اچڻ نہ ڏينديون تہ پوءِ اسين ڇو پنهنجي زندگي ۽ وقت سياسي مفادن حاصل ڪرڻ ۾ زيان ڪيون. ان ڪان بهتر آهي تہ اسين سماجي خدمت ڪريون. تعليم ۾ واڌاري ۽ ڳوٺاڻي ترقي لاءِ ڪم ڪيا وڃن. آئون پهرين آل پاڪستان عوامي ليگ جو ميمبر هوس. جڏهن ان تي بندش لاڳو ڪئي وئي تہ، مون سماج جي خدمت واري لائين اختيار ڪئي. عوام جا مسئلا مون ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر جي حيثيت ۾ حل ڪرايا ۽ اسيمبلي کي بہ مون ذريعو بنايو آهي تہ ان جي معرفت سنڌ ۽ خاص طور پنهنجي علائقي نوابشاهہ جا ڪم ڪرايان. حڪومت يا ان جي پارٽي سان لاڳاپيل هجڻ سان ماڻهو پارٽي ڊسيپلين جو پابند ٿي وڃي ٿو. جنهن سان ڪيترين اهڙين ڳالهين جيڪي آئون آزاد حيثيت سان چئي سگهان ٿو. اهي سرڪاري پارٽيءَ ۾ شامل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ نٿو چئي سگهان. انهيءَ سبب آئون پاڻ کي آزاد رکڻ چاهيان ٿو. تہ جيئن سنڌ جي حقن، ڳوٺاڻي ترقي، تعليمي گهرجن وغيره جي نشاندهي ڪري سگهان. تنهن ڪري آزاد ميمبر جي حيثيت ۾ مخالف ڌر ۾ ويهڻ کي ترجيح ڏيان ٿو.

س: هاڻوڪين حالتن ۾ جڏهن تہ سنڌ اسيمبليءَ اندر مخالف ڌر نالي ماتر چند ميمبرن جي آهي. جڏهن تہ سرڪاري وڏي پارٽي آهي ۽ مهاجر قومي موومينٽ بہ ان سان گڏ آهي تہ، اهڙي صورت ۾ اپوزيشن رڪن جي حيثيت ۾ اوهان جي ذميوارين ۾ ڪهڙي واڌ ٿي آهي؟

ج: نہ اسان جي اڳ ۾ خواهش هئي تہ اقتدار جي ايوانن ۾ رسئون نڪو هاڻ آهي. اها منزل انهن جي آهي جيڪي "شارٽ ڪٽ" سان اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ سڏون ڪندا هجن. آئون سنڌ جي مسئلن ۽ حقن جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نشاندهي ڪندو رهيو آهيان. حڪومت نہ هجي تہ انڪري ماڻهن جي من ۾ پارٽ پئي ہريا تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان کي حاصل ڇو نٿو ٿئي. ماڻهن جا اهڙا خيال غلط هجن يا برابر. عوام جي ذهنن ۾ اها سوچ هئي تہ ڪهڙي ڳالهہ جمهوريت جي راهہ ۾ رنڊڪ پيل آهي! ان لاءِ اسان جو وڏو ياءُ پنجاب رڪاوٽ سمجهيو پئي ويو تہ اهو ماڻهن کي جمهوري حقن ڏيڻ جي واٽ ۾ جهل آهي.

تنهنڪري اها آنڌمانڌ هئي. عوام منجهہ ان جي خلاف ڌڪار هئي. مارشل لا وغيره جي خلاف پنجاب جي پيٽ ۾ ننڍا صوبا گهٽو اڳتي وڌي رهيا هئا. ١٩٨٣ع ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ دوران توقع تہ اها هئي تہ وڏي صوبي هجڻ جي ناطي پنجاب ٻين کان اڳرو اٿندو، پر اهو سين کان پنتي ويو. ١١ سالن تائين ڏکنڊڙ باهہ جا نتيجا چوندن جي نتيجن جي روپ ۾ آڏو آيا آهن ۽ اهي نتيجا ١١ سالن جي مارشل لا جي سبب آهن.

س: پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت حالتن تي ڪنٽرول آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي؟

ج: ان بابت پهرين بہ چئي چڪو آهيان تہ، اهو انهن جي (پ پ) جي صلاحيتن تي منحصر آهي. پيپلز پارٽيءَ کي پنهنجي گڏريل حڪومتي دؤر ۾ ملڪي سطح تي اڪثريت حاصل نہ ٿي، هتي هو اوير پاڪستان ۾ تورائي واري پارٽي هئي، پر اولهہ پاڪستان جي ٻن صوبن ۾ کيس گهٽائي حاصل هئي. آمريڪي سپر پاور اسان جي فوج جي چوڻ تي اقتدار ذوالفقار علي ڀٽي جي سپررد ڪيو هو. ڀٽو جي پارٽي کي اولهہ پاڪستان ۾ گهٽائي حاصل هئي، پر جيستائين آمريڪا ۽ فوج جي سرپرستيءَ حاصل نہ ٿي سگهي، کيس پاور نہ ملي سگهيو هو، پر پر پوءِ گهٽائي کي ٽوڙي ڪري تورائي کي پاور ڏنو ويو. اهڙي طرح ڀٽي صاحب کي راڄ ڪرڻ جو وجهہ مليو، پر هو (ڀٽو صاحب) پوءِ بہ سنڀالي نہ سگهيو، جنهن ڪري اسان کي مارشل لا جا ڏينهن ڀوڳڻا پيا. هو صاحب حڪومت ۾ اچڻ کان پوءِ عوام جا مسئلا حل ڪري نہ سگهيو ۽ نہ ئي ملڪ سنڀالي سگهيو، جنهن سان قوم جو، پيپلز پارٽي جو خود ڀٽي صاحب جو ذاتي نقصان ٿيو. قوم کان ١١ سالن تائين جمهوريت ڦريل رکي وئي. پيپلز پارٽيءَ ۽ ٻين سياسي جماعتن توڙي ايم آر ڊي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارڪنن جيل ۾ ٽيپون ڪمايون، شهيد ٿيا. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏني وئي، اهو سڀ ڪجهه ٿيا هو ته، هن کي اقتدار ته مليو، پر هو سنڀالي نه سگهيو. تنهنڪري هاڻ آئون اهيو لکان ٿو ته ايڏو ڪجهه وڃائڻ کانپوءِ پيپلز پارٽي صحيح رستن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندي ته جيئن ساڳيون حالتون ٻيهر پيدا نه ٿي سگهن ۽ جيڪي بينظير ڀٽو جا شروعاتي قدم آئون ڏسان پيو، سي حوصلہ افزا آهن. بينظير سان وڏو تعداد نوجوانن جو چونڊجي آيو آهي.

س: اوهين ناميارا ۽ تجربيڪار سياستدان آهيو. ان حوالي سان ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ماضيءَ جي حوالي سان؟ اهو ٻڌايو ته حڪومت کي اهي ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن، جنهن سان ماضيءَ جو ٻورائو ٿي سگهي ۽ آئينده سگهاري نموني حڪومت هلائي سگهجي؟

ج: سڀ کان پهرين قول ۽ مشوري تي صحيح عمل درآمد ڪيو وڃي، جيڪڏهن چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق رهيو ته اثر غلط ٿيندو. قانون ته آهي پر اصل ۾ ان تي عمل ٿيڻ جي ضرورت آهي. اسيمبليءَ ۾ امن امان جي بحث ۾ چيو ويندو آهي ته، ان جي مسئلي تي ضابطو آڻن لاءِ ههڙا قانون جوڙيا وڃن، تنهن تي مون چيو ته ان قانون تي انگريز هلي رهيو هو ۽ امن امان هاڻ تي ويو آهي، قانون ته اهو ئي ساڳيو آهي، بس رڳو ان تي عمل ڪونهي. جيڪڏهن ڪو ڏوهي ماڻهو جهليو وڃي ٿو ته، آئون وچ ۾ پوان ٿو ته هن کي ڇڏي ڏيو، اهو منهنجو ماڻهو ٻيو پڪڙيو وڃي ٿو ته، آئون چوان ٿو ته اهو فلاڻي پارٽيءَ جو ميمبر آهي ۽ ان لاءِ ٿورو گهٽو گوڙ به ڪري ڇڏيو. ان لاءِ لازمي آهي پل ڪٿي منهنجو ماڻهو هجي يا ڪنهن به پارٽيءَ جو ميمبر هجي انهيءَ سان سختي ڪئي وڃي. قانون ۽ آئين جي بالادستي قائم رکڻ يا ان تي عمل ڪيو وڃي ته پوءِ هو ڪامياب ٿي سگهن ٿا. پر زبان سان ڪجهه ۽ عمل ۾ ٻيو ڪجهه ڪن ته پوءِ خدا نه ڪري ڪين ناڪامي جا ساڳيا ڏينهن ڏسڻا پوندا.

س: ڪجهه پل اڳ اوهان چيو ته ڀٽو صاحب آمريڪا ۽ فوج جي ڪري اقتدار ۾ آيو هو، پر هو اقتدار قائم رکي نه سگهيو. هاڻ جيڪو پ پ کي اقتدار مليو آهي، ان بابت اوهان ڇا ٿا چئو؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ج: اسلامي جمهوري اتحاد، مهاجر قومي موومينٽ ۽ پيپلز پارٽي وارا جڏهن چونڊجي آيا ته مون کان ڪجهه ماڻهن پڇيو ته ”شاهه صاحب! حالتون ته ڏاڍيون بگڙيل آهن، انهن جماعتن جي پاڻ ۾ نه ٺهجندي ته پوءِ حڪومت ڪيئن نڀندي ۽ ملڪ ڪيئن هلندو؟“ مون کين چيو ته آئون پراميد آهيان اهي سڀ ٺي پاڻ ۾ نڀي پوندا، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ نظرياتي فرق ڪونهي. ٽئي جماعتون اقتدار حاصل ڪرڻ جون خواهشمند آهن. اقتدار انهن جو بنيادي مقصد آهي. سپر پاورز مان اهي ٽيئي جماعتون هڪڙي ئي سپر پاور آمريڪا جون حمايت يافته آهن. ها البته جڏهن منجهن نظرياتي تضاد هجن ۽ ٻن سپرپاور ڪمپنين متعلق هجي ته، پوءِ انهن جي پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ جا امڪان گهٽ هوندا آهن، ان لاءِ مون کين هڪڙو مثال ڏنو ته جهڙي طرح سرحد جي خان يا سنڌ جي وڏيري جون ٽي زالون ٿين ٿيون ۽ اهي پاڻ ۾ وڙهنديون رهن ٿيون، پر انهن مان ڪنهن به زال کي اهو اختيار حاصل ڪونهي ته، هو ان گهر مان ٻاهر نڪري وڃي يا ڪنهن ٻئي زال کي ٻاهر لوڏي ڪڍي، اهي سڀئي ساڳي گهر جي ڇت هيٺان رهنديون ۽ انهن؛ پاليسيءَ موجب هلنديون، جيڪا خانصاحب يا وڏيري جي جوڙيل هوندي. پهرين ته انهن دوستن منهنجي ڳالهه نه مڃي، پر جڏهن ائين ٿي ويو ته، ڪين مڃڻو پيو، آءِ جي آءِ، ايم ڪيو ايم، پ پ پ ٽيئي فيڊرل گورنمينٽ ۾ آهن.

س: پر هيءَ جيڪو آءِ جي آءِ ۽ پي پي پي وچ ۾ مختلف معاملن تي ٽڪراءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟!

ج: اهي سڀ ننڍڙيون ڳالهيون آهن. ان مثال جيان ته وڙهڻ جهڙو ڪو مسئلو ڪونهي.

س: اڄڪلهه ١٩٧٣ع جي آئين جي بحالي بابت جيڪي مطالبا ڪيا پيا وڃن، تن بابت اوهين ڇا ٿا چئو؟

ج: انهيءَ آئين جي بحاليءَ بابت گهر ڪرڻ جا به ڪارڻ آهن ته ٧٣ع جي آئين ۾ خاطري ڏياري ويئي هئي ته، صوبن ۽ مرڪز وچ ۾ جيڪي اختيارات آهن، اهي ڏهن سالن ڪانپوءِ وڌندا ۽ ڪيئن ٻيا اختيارات به صوبن کي ڏنا ويندا. جڏهن ته ٨٥ع جي آئين ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ڪونهي. ننڍن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صوبن وارا ان خواهش ۾ اميد تي هلن پيا تہ ٧٣ع جي آئين جوڙڻ وقت ساڻن جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا، سي ڀيهر "Revise" ڪري ڏهن سالن ڪانپوءِ اهي اختيارات اسان جي حوالي ڪيا ويندا. تنهنڪري هو انهيءَ ڳالهہ جي حمايت ڪري رهيا آهن. ٻيو تہ هتي سيني جون پنهنجون غرضون ۾ مقصد آهن. اسانجي ملڪ ۾ بدقسمتي اها آهي، هتي ملڪي ۾ قومي مفاد ۾ نٿو سوچيو وڃي، جڏهن پنو صاحب صدر هو تہ، هن وڏيڪ اختيارات صدر وٽ رکيا هيا ۽ پوءِ جڏهن وزيراعظم بڻيو تہ اختيارات وزيراعظم ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيائين، تہ پنجاب وارا بہ ائين ڪري رهيا آهن. هاڻ جڏهن هنن جي مفادن جو مسئلو آهي تہ، هو صُوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪن پيا.

س: جڏهن اوهان اهو ٿا چئو تہ ٧٣ع جو آئين صوبن لاءِ خودمختياريءَ جون گهرجون پوريون نٿو ڪري تہ ڇا اهڙي صورتحال ۾ هڪ نئين آئين جي ضرورت آهي؟

ج: ان ۾ بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ، شروع ۾ جڏهن مارشل لا هو تہ ذاتي طور آئون ان ويچار جو هوس تہ، هن وقت چئون تہ نئون آئين جوڙيو وڃي تہ پوءِ هڪڙو طوفان اٿي پوي ها تہ نئين آئين ساز اسيمبلي بڻي، جيئن اسانجو ولي خان صاحب ممتاز ڀٽي وارا چوندا آهن تہ نئون آئين ٺاهيو. آئين جوڙڻ تہ ڏاڍو سولو آهي پر نئين آئين جوڙڻ لاءِ نئون باب کلي پوندو، ٻي ڳالهہ تہ ان جي بدران ٧٣ع جي آئين ۾ ترميم ڪري صوبائي خودمختياري وڌائي وڃي. ترميم لاءِ بہ پاڪي ٽي اڪثريت گهرجي. ٻهرين تہ چوٿو اهو آهي تہ انڌي منڊي جيڪا بہ هجي جمهوريت هجي، ان ۾ خودمختياري آهي يا نہ پر ضروري اهو آهي، تہ جمهوريت بحال ٿئي، پوءِ ويهي ڪري قومون پاڻ ۾ معاملا طئي ڪن. ٻهرين تہ اسان کي پاڻ ۾ گڏجي ڪري ويهڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو ئي اختيار نہ هو، تہ ڇا ٿي ڪري سگهياسون. هاڻ آئين جهڙو بہ آهي، بحال ٿي ويو آهي، ان هيٺ ويهي ڪري ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي، پر ان ۾ پائيدار ڳالهہ اها رهندي، جنهن ۾ صوبن ۾ قوميتن جي بنياد تي ڳالهہ ٿئي، ائين نہ هجي تہ آئون وڏو ڀاءُ آهيان، توهين ننڍا آهيو، حق ننڍي يا وڏي ٻنهي کي هڪ جيترا ملڻ گهرجن. بالادستي رکي ويندي، تہ اها عارضي ثابت ٿيندي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

س: سنڌ جو اهم مسئلو فوجي ڇانوڻين جو بہ آهي، جنهن متعلق مختلف ڌرين جا مختلف رايا آهن. سرڪاري حلقن جي اها دعوائي آهي تہ اهي سرحدي ضرورتون آهن ۽ اهو بہ تہ فوجي ڇانوڻي قائم ڪرڻ مرڪزي حڪومت جو قانوني حق آهي، ان بابت اوهان جو ڇا رايو آهي.

ج: آئون ڇانوڻي بابت اسيمبليءَ ۾ بہ واضح طور ڳالهائي چڪو آهيان. هاڻ تازو ڪراچيءَ ۾ هڪ تقريب ۾ نوجوانن ٺهراءُ بہ پاس ڪرايو هو، تہ ڇانوڻين جي اڏاوت بند ڪئي وڃي، تہ جذباتي طور تي گهڻا ماڻهو گهٽيون ڳالهيون ڪن پيا. پر آئون اوهان کي ٻڌايان تہ پني عاقل ۾ فوجي ڇانوڻي ٨٠ سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ان جي پهرين "پاسنگ آئوٽ پريڊ" بہ ٿي وئي آهي، جيڪڏهن اسين اهو چئون تہ ملير جي ڇانوڻي ختم ڪريو تہ اها بيوقوفي واري ڳالهہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ اها ورهين ڪنان ٺهيل آهي. پنجاب ۾ فوجي ڇانوڻيون سرحد لڳ قائم ڪيون ويون آهن. اتي شهرن ۾ ڪابہ فوجي ڇانوڻي ڪونہ آهي. ڪراچي جي ڇانوڻي انگريزن سمونڊ ۽ ايئرپورٽ جي حفاظت لاءِ اڏي هئي. ان وقت ڪراچيءَ ۾ سموري سنڌ جو واحد ايئرپورٽ هو، پر اسان جي بدقسمتي اها آهي، جو فوجي ڇانوڻيون شهرن ۾ اڏايون پيون وڃن. مون پنهنجي تقريرن ۾ بہ چيو هو تہ جيڪڏهن فوجي ڇانوڻيون اڏيون آهن، تہ هندستان، افغانستان، روس، ايران جي سرحدن لڳ اڏيون وڃن. سنڌ جي شهرن ۾ ڇانوڻين قائم ڪرڻ سان ائين پيو لڳي تہ انهن جي قيام جو مقصد اهو بہ آهي، تہ جڏهن بہ اسان جو عوام پنهنجي حقن ۽ خودمختيارين گهرڻ لاءِ وڏي سينو ساهي، تہ کين ختم ڪري ڇڏجي. سرحد لڳ ڇانوڻي ان ڪري اڏي ويندي آهي، تہ جيڪڏهن اسان تي حملو ٿئي، تہ ان کي روڪي سگهجي، پر جيڪڏهن اهي شهر ۾ اڏيون وڃن تہ پوءِ ڇا سمجهيو وڃي!! مون وٽ خط ايندا آهن، تہ ڇانوڻين واسطي ڪوڏين مٽ جهڙي قيمت تي زمينون زوريءَ ورتيون پيون وڃن. آئون چوان ٿو تہ جيڪڏهن قومي مفاد جي ڳالهہ آهي تہ زمينون مفت بہ حاصل ڪري سگهجن ٿيون. اهڙو ئي هڪ خط جيڪب آباد ڪان آيو آهي، تہ جيڪب آباد ڪهڙي سرحد تي واقع آهي، اهو سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ آهي، هتي ڇانوڻي اڏڻ جو ڪهڙو مقصد آهي، هتي هو اها زمين حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جي سروي نوابشاهه شهر لڳ تي چڪي آهي، تنهن ڪانسواءِ دولتپور ۾ ڪهڙي سرحد آهي، اهڙن قدمن ڪجڻ سان اسان کي شڪ ٿين ٿا. مون اسيمبليءَ جي بجيٽ سيشن تقرير ۾ چيو، تہ اوهين سرحد لڳ ڇانوڻيون اڏيو، مون کين مهڻو بہ ڏنو تہ اسان اوهان جون صلاحيتون پرکيون آهن. ١٩٦٥ع جي جنگ ۾ سنڌ مان فوج ڪڍي پنجاب جو دفاع ڪيو ۽ اسان جي عام ماڻهو نہ فقط سنڌ جي حفاظت ڪئي، پر ٻارنهن سون ملين جي اها ايراضي بابت فخر سان چيو ويندو آهي، تہ پاڪستان فتح ڪيو ۽ اسان ١٩٦٥ع جي جنگ ڪٽي ورتي. اها ايراضي سنڌين فوج کانسواءِ راجستان سيڪٽر ۾ حاصل ڪئي هئي، جڏهن تہ پنجاب سيڪٽر تي جيڪا انهن جي سرحد هئي، جتي ساري فوج مهاڏي ۾ هئي، اتي چار سون ميلن جي ايراضي هارائي ڇڏيائون. سنڌين جيڪو علائقو فتح ڪيو اهو وارياسو علائقو هو، جڏهن تہ پنجاب واري سرحد جو هارايل علائقو نہ فقط ساوڪ ڀريو هو، پر ڪميونيڪيشن لائين، بئراج، ڪينال وغيره پڻ هئا. تنهنڪري چوان ٿو تہ ڇانوڻيون شهرن ۾ نہ اڏيون وڃن. اوير پاڪستان (ڍڪو) ۾ پنهنجي ئي شهرن جا ٽيهہ لک ماڻهو قتل ڪيا ويا هئا. سنڌ ۾ جيڪو بہ آپريشن ٿئي ٿو، جنهن جي نشاندهي مون اسيمبليءَ ۾ بہ ڪئي هئي، تہ ڌاڙيلن خلاف آپريشن ۾ ڌاڙيل تہ صحيح سلامت بچي وڃن ٿا، پر ڳوٺن جا ڳوٺ چٽ ٿي پٽ ٻڌجيو وڃن ۽ اهڙي طريقي تہ اسان جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي! اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن فوجي ڇانوڻيون اڏيون پيون وڃن، تہ اسين اهڙو شڪ شبهو ڪرڻ جو پورو پورو حق محفوظ رکون ٿا.

س: ان ڏس ۾ هاڻ سنڌ اسيمبلي جو ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي؟ ڇاڪاڻ تہ جمهوري ادارن ۾ عوامي شڪايتن جو حل ممڪن هوندو آهي.

ج: اسان جي سدا سان سدا ورنائي سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪيئي وڃي، جيستائين هو (حڪومت وارا)، پنهنجي بي عملي يا نااهلي جو ثبوت نہ ڏين، تيستائين انهن تي شڪ ڪرڻ مناسب ناهي، ان جو فيصلو اچڻ وارو وقت ئي ڪندو. انهن حالتن کي هاڻوڪا سرڪاري ميمبر بہ ڄاڻن پجهن ٿا، پر ترجيحات ۾ فرق آهي، انهن جي ترجيحات اقتدار جو حصول ۽ ذاتي مفادن جو نفعو نقصان آهي. اسين چئون ٿا تہ اسان جي قومي، علائقائي ۽ صوبائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حقن جي بالادستي هجي، اهو نظريي جو فرق آهي، تنهن ڪري سرڪاري ميمبر ان ڏس ۾ ڪجهه چوڻ کان ڪيٻائين ٿا. رهي ڳالهه صوبائي اسيمبليءَ جي ته صوبائي حڪومت ڇانوڻيون بند نٿي ڪرائي سگهي، اهو مرڪزي حڪومت جو معاملو ۽ پ پ جي مرڪزي حڪومت اهو تڏهن ڪري سگهي ٿي، جڏهن آئين تحت صوبن جي حقن ۽ خودمختياريءَ جو خيال رکيو وڃي، ان سان پوءِ مسئلو پيدا ٿيندو. اسان کي پهرين، صوبائي خودمختياري حاصل ڪرڻي پوندي، تنهن کان پوءِ ان تحت اسين مرڪز کي گذارش ڪنداسين ته اسان جي حقن هيٺ ڇانوڻيون شهرن ۾ نه ناهيون وڃن، پهرين مسئلو صوبائي خودمختياري جو آهي.

س: سنڌ جي حوالي سان هڪ اهم مسئلو ٻاهرين صوبن مان هتي آبادي جي دٻاءُ جو به آهي، توهان ٻڌائيندا ته ان ڏس ۾ آئين ڇا ٿو چئي؟

ج: ١٩٧٣ع جي آئين ۾ جيئن طرح لکيل آهي، جڏهن مرڪزي حڪومت اهو محسوس ڪري ته ڪنهن علائقي، شهر يا صوبي ۾ ماڻهن جي منتقلي اهڙي رفتار سان ٿي رهي آهي، جو انهن جي اقتصاديات، امن امان، ثقافت ۽ ٻولي تي اثرانداز ٿي رهي آهي، ته پوءِ اهڙا قانون جوڙيا وڃن، جيڪي اهڙي صورتحال کي روڪين ١٩٨٥ع جي آئيني ترميم ۾ به اها شق بحال آهي. هتي آئون عرض ڪندو هلان، ته ١٩٨٥ع ۾ جڏهن آئون اسيمبليءَ ۾ آزاد حيثيت ۾ چونڊجي آيس ته منهنجو بل نمبر ٣ اهوئي هيو ته آباديءَ جي انهيءَ منتقليءَ کي بند ڏيڻ لاءِ گوڙگهمسان مچايو ويو هو. قانوني طور تي مون ڏٺو ته صوبائي اسيمبليءَ کي اهو اختيار حاصل نه هو، اها فقط مرڪز کي سفارش ڪري پئي سگهي، تنهن ڪري هاڻ ١٩٨٨ع ۾ مون ٻيهر ساڳيو ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن کي اهو اعزاز حاصل ٿيو آهي، ته ايندڙ اجلاس ۾ پيش ٿيڻ وارن ٺهرائن ۾ اهو پهريون نمبر ٺهراءُ هوندو. بجيٽ اجلاس وارن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ اهو ٺهراءُ ڪنيو ويو هو، پر اسيمبليءَ ۾ ان وقت هنن جو ڪو اهو ميمبر يا وڏو وزير موجود ڪونه هو، تنهنڪري مون گذارش ڪئي ته اهو اهم مسئلو آهي، ڪنهن خوامخواهه جي واويلا ۽ تنقيد کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ تي گڏيل ڳالهه ٻولهه سان بحث ڪري مرڪزي حڪومت کي سفارش ڪئي وڃي، ان مسئلي تي پراڻيون ۽ نيون مقامي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏريون مهاجر قومي موومينٽ توڙي پيپلز پارٽي سيني جي هڪ جهڙي سوچ آهي، اهو اسانجو آئيني ۽ قانوني حق آهي، جيڪڏهن اسين ان حق کي استعمال ڪنداسين ته اهو حق ضرور ملندو.

س: ان معاملي تي اسيمبليءَ ۾ ايم ڪيو ايم کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج: ايم ڪيو ايم ان مسئلي تي اسان جي حمايت ڪري رهي آهي، اهي پيپلز پارٽي سان گڏ وينل آهن پر نعراءِ پيش ڪرڻ وقت انهن مخالفت نه ڪئي، هاڻ ڏسڻو اهو آهي، ته آخري وقت تي، هو ساٿ ڏين ٿا يا نه، اهو ضمير جو فيصلو آهي ۽ اسان جي گڏيل ضرورت پڻ.

س: ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي تي اوهين ڇا ٿا چئو؟

ج: اهو هڪ بين الصوبائي ۽ سموري ملڪ جو مسئلو آهي. ڪالاباغ ڊيم بابت به ڳالهيون آهن. ١٩٦٦ع ۾ سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ درياهي پاڻيءَ جو تڪرار ٿيو هو، ان ٻنراجز ٻٽائڻ پئي گهريا، رائو ڪميشن ان ڏس ۾ رپورٽ ڏني هئي، جنهن تي پنهي صوبن وچ ۾ نبيرو ٿي ويو هو (ان وقت موجوده پنجاب جا چار حصا هئا) رائون ڪميشن ايراضيءَ ۽ گهرجن کي ڏسندي اهو فيصلو ڏنو ته پيا چار دريا راوي، ستلج، چناب مڪمل طور پنجاب کي ڏنا وڃن، جڏهن ته هڪڙو درياءُ اسان جي سنڌ کي ڏنو ويو. اهي چار ئي درياهه آخر ۾ اچي سنڌوءَ درياهه ۾ چوڙ ڪندا هئا. ان معاهدي تي فقط صحيحون ٿيل باقي هيون، جو ننڍي کنڊ جي آزاديءَ جو مرحلو به اچي ويو ته وائسراءِ صحيح نه ڪئي، ته اهي ماٺهو آزاد پيا ٿين ۽ هاڻ پاڻ نبيرو ڪندا. ١٩٤٧ع کان وٺي اڄ سوڌو ان معاهدي تي صحيح ٿي نه سگهي آهي، ڇاڪاڻ ته مرڪزي حڪومت تي پنجاب جي بالادستي آهي، نبيري تي عمل ڪرڻ بدران زوريءَ ٻنراج اڏيندا پيا وڃن. ايوب خان (پاڪستان) ۽ نهرو (ڀارت) جي زماني ۾ هڪڙي معاهدي هيٺ ڇئن ئي درياهن جو پاڻي ڀارت کي وڪرو ڪيو ويو، ان وقت سنڌ جي انجنيئرنگ تي ٻڌل جيڪا ڳالهيون ڪرڻ واري ٽيم هئي، تنهن ان معاهدي سان اختلاف ڪيو هو، ته اسان جو (سنڌ) جو تحفظ ڪيئن ٿيندو، توهان وارا درياءُ ۽ پنجاب وارا پئسو پيا گهرو اسين ان تي صحيحون نه ڪنداسين، ڇاڪاڻ ته اسين تباهه ٿي وينداسون. ان ڪارڻ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ شروعاتي ڏينهن ۾ ان معاهدي تي سنڌ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نمائندن پاران اختلافن ڪري صحيحون نہ ٿي سگهيون، پر ون يونٽ واري زماني ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪي ڪيڏي ڪري فقط پنجابي آفيسر موڪليا ويا ۽ معاهدي تي صحيحون ڪري درياءَ انڊيا کي وڪيٽي، ان ڪانپوءِ سنڌ ۽ ٻين صوبن وارن پنجاب کي چيو تہ ان رقم ۾ اولهہ ۽ اوپر پاڪستان جو حصو آهي، تہ چيو ويو تہ اوپر پاڪستان جو تہ ٺٺو ٿي سگهي، اهو اسان ڪان ڌار آهي. هنن کي چيو ويو تہ انهيءَ پاڻي سبب سنڌ، بلوچستان، سرحد سڀئي متاثر ٿيا آهن، تنهنڪري ان رقم کي انهن علائقن مٿان بہ خرچ ڪيو وڃي، تنهن تي هنن چيو تہ اسان پنهنجو پنجاب جو پاڻي وڪيو آهي، تنهن ڪري ان مان هڪڙو ڦڙو پاڻيءَ بہ ڪنهن کي نہ ڏينداسين. ان ۾ بہ اسان کي ڪا شرڪت نہ ملي. انڊيا مان جيڪا رقم ملي اها انهن سو سيڪڙو پنجاب تي خرچ ڪئي، ان وقت هنن اهو بہ چيو تہ اسان سنڌوءَ درياءَ جو پاڻيءَ ڪونہ وڪيو آهي، تنهن ڪري ان تي اوهان جو ٺي حق آهي. هو پئسا بہ هضم ڪري ويا ۽ هاڻي ”گريٽ ٿل اسڪيم نمبر-ون“ بہ بنائي ويئي آهي. هنن صوبي پنجاب ۾ واپڊا جي فنڊ مان اها اسڪيم ٺاهي مجرمانہ حرڪت ڪئي آهي، تہ جيئن چولستان کي سراب ڪري سگهجي.

١٩٧٣ع جي آئين ۾ اها ڳالهہ بہ طئي آهي، تہ صوبن وچ ۾ جنهن بہ ڳالهہ تي نااتفاقي ٿيندي، ان کي انهن صوبن جي راءِ سان قائم ڪيو ويندو، پر ان اسڪيم ۾ هنن ان جي پيڇڪڙي ڪئي. ان جي اڏاوت ۾ صوبن جي گڏيل ڪائونسل ڪان بہ راءِ نہ ورتي ويئي، بلڪ واپڊا جي فنڊ مان چاڪاڻ تہ اهو هڪ خودمختيار ادارو آهي ٿل اسڪيم ٺاهي ورتي آهي. حالانڪ واپڊا جا پئسا پاڪستان جا پئسا آهن. هاڻ صرف سنڌوءَ درياءَ کي بند ڪري ان منجهہ پاڻي وهائڻو آهي، تمام تياريون مڪمل آهن. مون اڳوڻي اسيمبليءَ ۾ نقشا پيش ڪيا هئا، ان لاءِ اهو چوندا هئا تہ اسان ڪالاباغ ڊيم رڳو بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ قائم ڪري رهيا آهيون، تہ پوءِ ان اسڪيم تحت واهہ ڪهڙي مقصد لاءِ ڪوٽيا ويا آهن. سنڌوءَ درياهہ جي هڪڙي ڦڙي تي بہ پنجاب جو حق ڪونهي، سنڌ جو پاڻي پهرين بہ پنجاب ڪافي چوري ڪري چڪو آهي. سنڌ جو پاڻي چشمہ لنڪ ڪينال مان اڳ ۾ بہ چوري ٿي رهيو آهي ۽ هاڻي ڪالاباغ ڊيم وسيلي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هڻڻ جون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تياريون ڪري رهيون آهن.

س: محترمه بينظير ڀٽو تازو لاهور ۾ پ پ جي اراڪين کي خطاب ڪندي چيو هو ته ڪالاباغ ڊيم کان بهترين ڀاشا ڊيم قائم ڪيو ويندو؟

ج: اها خوش آئنده ڳالهه به آهي، ڀاشا ڊيم جي جيڪا سائيٽ آهي، ان ۾ زراعت لاءِ پاڻي استعمال نٿو ڪري سگهجي، تنهن ڪانسواءِ سرحد ۾ داسو هڪ اهڙو پهاڙي علائقو آهي، جنهن ۾ پاڻي هيٺاهين تي آهي، جيڪڏهن اتي ڊيم قائم ڪيو وڃي ته اتي فقط بجلي پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ اتي پاڻيءَ جي زوري چوري نه ٿي سگهي، پوءِ توهين ڏسندا ته هو (پنجاب) ڪلي ڪري چوندا اسان کي زراعت لاءِ پاڻي کپي.

س: سنڌ ۾ سيوهڻ جي علائقي ۾ به پاڻي جو ذخيرو ڪرڻ جون ڳالهيون ٿين پيون ته ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟

ج: سيوهڻ بئراج جو صرف نالو ورتو پيو وڃي. سنڌوءَ درياءَ ۾ جيڪو پاڻي اچي ٿو اهو ايترو ڪونهي، جو ان مان ڊيم ٺهي سگهي. هونئن ته ٺر به آهي، جتي پاڻي ڪٺي وڃڻ جي گنجائش آهي، هتي جيڪا پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي ڳالهه آهي، اها انهن ذهن پندرنهن ڏينهن جي اضافي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ جي ڳالهه آهي، جيڪو سمنڊ ۾ زيان ٿي وڃي ٿو. ان جي اڏاوت سان ڪوٽڙي بئراج لاءِ پاڻي جمع ٿي سگهي ٿو، پر اهو متبادل نٿو ٿي سگهي.

س: اوهان جي ذات متعلق هڪ سوال آهي ته سائين جي ايم سيد پاڪستان جي قائم ٿيڻ کانپوءِ شاهي مڪتري پيرو (١٩٧٠ ع) چونڊن ۾ حصو ورتو هو، ڪهڙي ڳالهه آهي، جو ڪامياب نه ٿيا. پر اوهين ٨٥ع ۾ تازين چونڊن ۾ ڪامياب ٿي ويا. پر سائين جن جي حمايت ڪئي، سي به سوڀارا نه ٿي سگهيا. اوهان جي ڪاميابي جو ڪو خاص ڪارڻ يا اوهان جي ۽ سائين جي نظريي ۾ ڪو فرق؟

ج: ان سلسلي ۾ سائين جي ايم سيد بابت ٻئي ڳالهيون چوندس، پهرين اها ته چونڊن کٽڻ لاءِ باقاعده رٿابندي جي ضرورت هوندي آهي، پر اسان جو بزرگ سائين ائين نٿو ڪري، بلڪ هو پنهنجي نظرين مطابق ڪم ڪندو رهي ٿو. چونڊن کٽڻ جا جيڪي به طريقيڪار آهن. سائين انهن ۾ ويساهه نٿو رکي، ٻيو ڪارڻ سائين جي ٧٠ وارين چونڊن ۾ ناڪام ٿيڻ جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهو هو، تہ ٥٨ کان وني ٧٠ تائين ڪين چند مهينن ڪانسواءِ پيو سمورو وقت نظربند رکيو ويو، تنهن ڪري سندن عوام سان رابطو نہ رهيو ۽ ماڻهو فقط نظرين کي ووٽ نٿا ڏين بلڪ ذاتي مسئلا حل ڪرڻ وارن کي بہ ووٽ ڏين ٿا. عوام ڏٺو تہ جيڪو پاڻ قيدي هجي، سو ماڻهن جا مسئلا حل ڪرائڻ ۾ سندن ڪهڙي مدد ڪندو نيون ڪارڻ اهو تہ هنن جو حلقو قوميءَ اسيمبليءَ جو تمام وڏو حلقو هو ۽ ووٽن لاءِ ڏي وٺ جي بہ ضرورت هوندي آهي، ان وقت پير علي محمد راشدي کي حڪومت راضي ڪيو، تہ تنهنجي جي اير سيد سان دوستيءَ آهي، تون بہ چئو، تہ آئون ساڳي تڪ مان چونڊ وڙهندس، اهڙي طرح سازش تحت اهو سڀ ڪجهہ ڪيو ويو.

(انٽرويو وٺندڙ: امتياز فاران
پندرنهوار "عبرت ميگزين" حيدرآباد
جي شماري نمبر-٣٨٨ فيبروري ١٩٨٩ع
۾ شايع ٿيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سيد امداد محمد شاهہ، سکرنڊ: 1998ع

سيد امداد محمد شاهہ، خاڪي جويو 94

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ غلام قومن کي پهريون حق ووٽ جو ملندو آهي

ساجاه: پهريون سوال آهي ته توهان ڪهڙيءَ عمر ۾ هئا، جو سياست ۾ پير پاتو ۽ ڪنهن ڪان متاثر ٿي سياست ڪئي؟

امداد محمد شاه: مون عملي سياست ۾، حصو ايوب خان جي خلاف سي.او.پي تحريڪ ۾ ورتو. آئون سنڌ ليول جي سياست ۾ گهٽي ۾ گهٽو، غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ڪان متاثر ٿيل آهيان ۽ ملڪي ليول تي خان عبدالغفارخان ڪان متاثر آهيان، انهن کي آئون پنهنجون آئيڊيل شخصيتون سمجهان ٿو، ڇاڪاڻ ته جيئن آئون به عملي سياست ڪان وڌيڪ آئيڊيلسٽ آهيان.

اهو سي. او. پي وارو اتڪل 1964ع جو زمانو هو، جنهن ۾ محترمه فاطمه جناح، ايوب خان سان صدارتي چونڊن ۾ بيٺي هئي. انهيءَ تحريڪ جي دوران شيخ عبدالمجيد سنڌي، غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي ۽ آئون گڏجي سنڌ جي دوري تي نڪتا هئاسون. ماڻهن کي فاطمه جناح جي حمايت ۾ عرض ڪيو هوسون، پوءِ ماڻهن ان تي ڌيان ڏنو يا نه ڏنو، اها جدا ڳالهه آهي، پر اها منهنجي سياست جي ابتدا هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساجاهہ: اوهان اڳ سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيا هئا ۽ اتي مخالف ڌر جو ڪردار ادا ڪندا هئا. جنهن ڪري سنڌ اسيمبليءَ اندر سنڌ جي حقن لاءِ هڪ ڀرپور آواز هوندو هو. پر هن ڀيري توهان چونڊن ۾ حصو ئي ڪونہ ورتو، انهيءَ جا ڪهڙا سبب هئا؟

امداد محمد شاهہ: مون ڪان ڀين بہ انٽرويو ورتا آهن، تن کي بہ مون واضح طور ٻڌايو آهي ۽ توهان کي بہ ٻڌائيندو هلان ٿو، تہ اليڪشن ۾ حصو ئي نہ ونجي. ويندي سائين وڏي جو بہ اهو ئي خيال آهي، تہ اليڪشن ۾ حصو نہ ونجي. آئون انهيءَ راءِ جو اڄان تائين بہ آهيان، تہ غلام قومن کي ڀهريون حق ووٽ جو ملندو آهي، جيڪي پوءِ اڳتي هلي آزادي ماڻينديون آهن. اهي جابرن ۽ آمرن ڪان ڀهريون حق ووٽ جو گهرنديون آهن. جيئن هن وقت پاڪستان ڪان اسپيشل علائقا، قبائلي علائقا ۽ رياستون ووٽ جو حق گهري رهيون آهن. منهنجي خيال ۾ ويجهڙائيءَ ۾ ڪن تڪن ۾ اهڙي چونڊ ٿي بہ چڪي آهي، يا جيئن مارشلائن ۾ ماڻهن ڪان ووٽ جو حق کسيل هو ۽ پوءِ جڏهن ووٽ جو حق بحال ٿيو، تہ مون سوچيو تہ انهيءَ ۾ پارٽيسپيٽ ڪرڻ کپي ۽ اسان ان ۾ حصو ورتو.

آئون اسيمبليءَ ۾ بنيادي طرح سان سياست ڪرڻ جي خيال ڪان گهٽ، پر سماجي ۽ تعليمي خدمت ڪرڻ جي لحاظ ڪان وڌيڪ ويو هوس، پر ڇاجي ڪري جو آئون سياسي ذهن بہ رکندو هوس ۽ منهنجو پنهنجو نظريو بہ هو، تنهن ڪري مون پنهنجي سياسي نظريي ۽ ذهن مطابق ڏٺو تہ آئون سرڪاري ڌر سان ڪونہ ٿو سونهان، ڇوتہ اتي حق جي ڳالهہ ڪري نٿي سگهجي، تنهن ڪري بهتر ڇاتم تہ آزاد ويهي ڪم ڪريان، پر جيئن تہ 1985ع جي چونڊيل اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن جي ليڊر جو ڪردار ادا ڪرڻ نٿي ڏنو ويو، پر پوءِ بہ مون ڪين چيو تہ توهان جو مذهب جدا آهي، توهان کي اقتدار ۽ ڪرسي کپي ۽ اسان جو پنهنجو نظريو آهي، تنهن ڪري اسان جو هنن سان نظرياتي ميلاپ نہ ٿيو. ممڪن هو، تہ هنن جو سنڌ بابت ڪو سٺو پروگرام ٿئي ها، تہ آئون ساڻن سهڪار ڪريان ها، پر مون ڏٺو تہ اسان جي ۽ هنن جي سوچ ۾ تمام گهڻو تضاد هو، تنهن ڪري اپوزيشن ۾ رهيس ۽ جيئن تہ آئون هڪڙو سياسي نظريو ۽ سوچ بہ رکان ٿو، جنهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مطابق هليس. باقي هوندڻ ڪا خاص سياست ڪرڻ ڪونہ ويو هوس.

انهيءَ اسيمبليءَ ۾ وڃڻ لاءِ بہ چار آنا هٿ سائين شبير احمد شاهہ جو بہ هو. هن جو ان باري ۾ نقطہ نظر ڪهڙو بہ هو، پر هن مون کي هڪڙي دليل ۾ قائل ڪري ورتو، تہ تون ضلع ڪائونسل ۾ چونڊجي ويو آهين ۽ ضلعي ميمبر هجڻ جي باوجود هن علائقي جي هيڏي ساري خدمت ڪئي اٿئي، جيتوڻيڪ مون ڪيس اهو بہ چيو هو، تہ آئون هن وقت پاڪستان جي سياست جي باري ۾ اهو پيو سوچيان، تہ هن ملڪ ۾ نہ جمهوريت ايندي، نہ قانون جي بالادستي ٿيندي، تنهن ڪري چونڊن ۾ بيهي اجايو پنهنجو وقت وڃائڻو آهي. ان ڪري مون پنهنجي ڪم ڪرڻ جي لائين ئي متائي ڇڏي آهي تہ تعليمي ۽ سماجي خدمت ڪريان. تنهن تي هن مون کي چيو تہ تون ضلعي ڪائونسل ۾ وڃي، بہ پنهنجو اثرائتو رول ادا ڪري، پنهنجي علائقي کي ترقي ڏياري آهي ۽ تعليمي واڌاري لاءِ بہ ڪافي حاصل ڪيو آهي ۽ ٻين سماجي ڪمن جي باري ۾ بہ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي، جونہ تون اسيمبليءَ ۾ وڃي ۽ اسيمبلي ميمبر جي حيثيت ۾ اجان وڌيڪ ڪم ڪري سگهندين. اهو جيڪو دليل هو، تنهن مون کي قائل ڪيو ۽ آئون انهيءَ خيال کان اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويس، تہ جيئن سماجي ۽ تعليمي خدمت ڪري سگهان، پر پوءِ ڏٺم تہ سياسي طرح سان اسان کي ختم ڪيو پيو وڃي.

اهڙيءَ طرح ٻيو دفعو 1988ع ۾ بيٺس، پر آئون سمجهان ٿو تہ 1985ع واري اسيمبلي جيتوڻيڪ غير جماعتي هئي، پر آئو مخالفت ۾ هوندي بہ ڪافي ڪم ڪرائي ويس. بلڪ وزيرن کان بہ مون وڌيڪ ڪم ڪيو. سواءِ ٻن وزيرن جي، جن جي تڪن ۾ مون جيتري ئي ترقي ٿي هئي، جن مان هڪڙو مير اعجاز ٽالپر ۽ ٻيو شفقت چاموٽ هو. پر ٻين سيني وزيرن کان آئون ترقيءَ ۾ وڌيڪ هوس، تنهن ڪري منهنجي دل وڌي ۽ جڏهن 1988ع ۾ اليڪشن ٿي، تہ آئون بيٺس ۽ کٽي بہ آيس، پر پ پ وارن جو رويو اهو، هو تہ آئون سندن اڳيان مڪمل طور تي سرينڊر ڪريان. جيتوڻيڪ مون کين چيو تہ آئون اپوزيشن جو ڪونہ آهيان. آئون توهان جي هر چڱيءَ ڳالهہ جي تائيد ڪندس ۽ هر بريءَ ڳالهہ جي مخالفت ڪندس. آئون تنقيد براءِ تنقيد جو قائل ناهيان. آئون تعميري تنقيد ڪرڻ جو قائل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهيان، پر پ پ وارن جو خيال هو، تہ جيئن هو آمنا صدقنا ڪيو ويٺا هئا. تيئن آئون بہ ڪريان، جنهن لاءِ مون اڳ ئي پنهنجي جاءِ جدا وڃي ورتي هئي ۽ مون پهرين ڏينهن اسيمبليءَ ۾ وڃڻ وقت چيو تہ منهنجي سيٽ جدا رکي وڃي. توهان جا پنهنجا نظريا آهن ۽ اسان جا پنهنجا نظريا آهن، نتيجي ۾ پ پ وارن منهنجن سمورن تعليمي ۽ ترقيءَ جي ڪمن کي ليڪو ڏئي ڇڏيو ۽ پاڻ ان جي مٿان چوڪسي رکيائون، تہ ڪٿي منهنجو اهو تعليمي ڪم نہ ٿئي. ٻن سالن جي تجربي مان مون ڏٺو تہ آئون پنهنجن ووٽرن کي ڪجهہ ڏئي تہ نٿو سگهان، پر رهندو انهن جي ڪمن ۽ ڪارين جي جهڙوڪ اڳيان اچي ويو آهيان. ان ڪري "ڏجي نہ تہ ڏکوئجي بہ نہ."

منهنجو اسيمبليءَ جي اندر رڪارڊ آهي، مون ٽي دفعا تقريرون ڪيون ۽ چيو تہ آئون اپوزيشن ۾ ويٺو آهيان. اها اربعا خطا ڪئي آهي، تہ مون ڪئي آهي، پر سڪرنڊ جي ووٽرن تہ خطا ڪانہ ڪئي آهي، جو توهان سڪرنڊ جي ترقيءَ کي ٻڙي ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ جڏهن مون ڏٺو تہ آئون خدمت نٿو ڪري سگهان، تہ باقي "ڊبيٽنگ سوسائٽي" يا رکو هتي اچي چاڙي هٽي وڃڻ مان ڪو فائدو ڪونهي. ان ڪري مون انهيءَ وقت ئي فيصلو ڪيو تہ هن ماحول ۾ ۽ هن معاشري ۾ ڪابہ اليڪشن تي تہ حصو نہ وٺبو ۽ توهان ڏٺو تہ 1990ع واري اليڪشن تي، تہ مون حصو ئي ڪونہ ورتو. باقي شاهہ صاحب جي پنهنجي سياست آهي. اهي پ پ ۾ بہ هئا ۽ ٻاهر بہ هئا. اسان ذاتي تعلقاتن جي بنياد تي سندن حمايت ڪئي آهي، چوتہ گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ تي سگهي ٿو، تہ تورو کي گهٽو هو ڪم ڪري سگهن ٿا. منهنجا تہ سڀ دروازا بند ڪيا ويا هئا. سياست مون کي ڪرٽي ڪانہ هئي، نڪو اقتدار وٺڻو هو، نڪا ڪرسي وٺڻي هئي. نڪو ڪا وزارت وٺڻي هئي، تہ پوءِ ڇو آئون انهيءَ لاءِ وڃان. بنيادي سبب اهي آهن، جنهن ڪري آئون ڪناره ڪش ٿي ويس ۽ اڄان بہ رهندس.

ساجاهہ: توهان سنڌ جي عظيم قومپرست رهنما سائين جي ايم سيد جي فرزند هجڻ جي حيثيت ۾ سنڌ جي قومپرست سياست جي اڳواڻي نہ ڪئي آهي، جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو سياسي ورثو آهي، جڏهن تہ پيءُ مرحوم جي سياسي ورثي تان پاڻ ۽ پيڻ ڀاڻ ۾ ڳنڍيا پيا آهن، ائين ڇو آهي؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

امداد محمد شاهه: سائين جي ايم سيد جو ورثو حاصل ڪري، آئون سياست ۾ ڪونہ آيس ۽ نہ انهيءَ جو ڪو فائدو وٺڻ لاءِ آيس، نہ وري سائين جي ايم سيد جي ڳوٺ واري تڪ ڪي استعمال ڪري مون پاڻ لاءِ ووٽ ورتا. مون پنهنجي جاءِ هتي (سڪرنڊ ۾) جدا علائقي ۾ ناهي ۽ پنهنجن خيالن مطابق اتي رهيس، جيئن مون توهان کي ٻڌايو تہ مون کي ٽن ماڻهن، خان عبدالغفار خان، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ متاثر ڪيو آهي. جيتوڻيڪ انهن بہ پنهنجيءَ عمر جو وڏو حصو، سدائين جي ايم سيد سان گڏجي سياست ڪئي هئي، پر مون سائين جو نالو نہ ورتو ۽ هن جو ورتو، سو ان ڪري جو سائين جي سياست ۾ مون جذباتيت وڌيڪ ڏٺي آهي ۽ هو ٿورو ٿڌي ذهن وارا هئا. پر سائين وڏي جي پارٽي اڄ سوڌو جذباتيت تي وڌيڪ وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو آئون اڄ ڏينهن تائين کهڙيءَ بہ شڪل ۾، سائين جي ايم سيد جي پارٽيءَ ۾ ڪونہ رهيو آهيان. سائين جي ايم سيد پهرين نيشنل پارٽيءَ ۾ هو، پوءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ هو ۽ پوءِ متحده محاذ جوڙيائون يا هاڻي جيئي سنڌ آهي. آئون انهن سان متفق خيال تہ ٿي سگهيو آهيان، پر انهن ۾ شامل نہ رهيو آهيان. متفقين ۾ آئون شامل ٿي سگهان ٿو، پر انهن جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جي مون ڪوشش ئي ڪونہ ڪئي آهي.

جيتري قدر ڀٽي صاحب جي سياسي ورثي جو سوال آهي، تہ ڀٽي صاحب وٽ سياست جي باري ۾ ڪو نظريو ڪونہ هو. ڀٽي صاهب کي مون ذاتي طور تي تمام ويجهو وڃي ڏٺو هو. جڏهن ڀٽي صاحب ايوب خان کان جدا ٿي، مير رسول بخش ٽالپر سان گڏجي پيپلز پارٽي ناهي هئي، تڏهن هو مون وٽ نواب شاهه ۾ آيو هو. سڀ ماڻهو پڇي ويا هئا. ان وقت ڪوبہ سنڌس ويجهو اچڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. ان وقت ڀٽي صاحب کي نوابشاهه ۾ مون آندو هو. اهڙيءَ طرح دادو ۾ بہ آندوسون، جتي اسان سنڌس هڪ تعارفي گڏجاڻي ڪرائي هئي.

نوابشاهه ۾ مون ڪانئنس کي بہ سوال جواب ڪونہ ڪيا هئا. ڇوتہ آئون ان جو ميزبان هوس، مون لاءِ اهو مناسب ڪونہ هو تہ مانئي ڪارائي چوانس، تہ هيئن ڇو نٿو ڪرين. هونئن ڇو نٿو ڪرين؟ مون کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيائين تہ مون کي پارٽي ٺهرائي ڏي. هتي مون سان ڪير بہ شامل نہ ٿيو، آئون شبير احمد شاهہ جي جڳهہ تي رهندو هوس، پهرين چيائين تہ تون پارٽيءَ ۾ اچ، مون چيس تہ آئون هن وقت آل پاڪستان عوامي ليگ جو ميمبر آهيان؟ ان جو نظريو مون کي توهان کان وڌيڪ بهتر ٿو ڏسڻ ۾ اچي، ان ڪري آئون تہ نٿو اچي سگهان، چيائين تہ ڀلا مدد ڪر! اسان ٻن چئن دوستن کي چيو تہ توهان ڪنهن بہ سياسي جماعت ۾ ڪونہ آهيو، ان ڪري مهرباني ڪري هن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. جن ۾ هڪڙو مرحوم مير محمد وڪيل هو، تنهن چيو تہ آئون ڪڏهن ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ ڪونہ رهيو آهيان. ٻيو تہ منهنجا ذاتي تعلقات سائين نظر شاهہ سان آهن، هو جنهن جماعت ۾ هوندو، آئون بہ ان ۾ هوندس، تنهن ڪري مون کي معافي ڏيو. ٻيو رئيس امام الله ٻگهيو ڪچيري وارو هو، اهو سياسي ذهن رکندڙ ماڻهو هو. تنهن چيو تہ آئون حاضر آهيان ۽ پوءِ هن انهيءَ جاءِ ۾ ٿي، جتي آئون رهندو هوس، پيٽي صاحب کان بہ ٿي سوال ڪيا، تہ توهان ون يونٽ جي باري ۾ صاف ڪونہ آهيو. سنڌين سان ناانصافيون ٿي رهيون آهن، انساني همدرديءَ جي بنياد تي توهان انهيءَ ۾ بہ ووڪل ڪونہ آهيو. اسان کي چئو ٿا تہ پارٽيءَ ۾ اچو، تہ مهرباني ڪري پهرين پنهنجي پروگرام ۾ سنڌ جي مسئلن تي وضاحت ڪريو تہ حاضر، اچڻ لاءِ تيار آهيون. جنهن تي پيٽي صاحب منهنجي موجودگيءَ ۾ چيو، تہ مون کي اقتدار حاصل ڪرڻو آهي، ان لاءِ آئون جائز يا ناجائز طريقا استعمال ڪري بہ اهو حاصل ڪندس ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ، آئون پنهنجي طاقت گڏ ڪري ڪجهہ ڪري سگهندس. مگر هن وقت ڪابہ ڳالهہ واضع نہ ڪندس. مون کي پهرين اقتدار ڪپي ۽ مون کي خبر آهي، تہ اقتدار تيستائين ملي ڪونہ سگهندو، جيستائين فوج مون تي مهربان نہ ٿيندي ۽ فوج مون تي مهربان تڏهن ٿيندي، جڏهن آئون سنڌ جي ڳالهہ ٿي نہ ڪندس ۽ وڏين برادرين، وڏن ماڻهن ۽ وڏي قوم جي مفادن جي ڳالهہ ڪندس، تنهن ڪري آئون هن وقت سياست، پنجاب جي مفادن سان لاڳاپيل ڪندس. ون يونٽ جو نالو وٺندس يا سنڌ جي مفادن جي ڳالهہ ڪندس، تہ پنجاب جا ماڻهو مون کان ٿهي ويندا. هن جي اهڙيءَ ڳالهہ ڪرڻ کان پوءِ اسان ڪونہ وياسون. باقي پيٽي صاحب جيئن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ منت ڪئي هئي، ان ڪري قاضي محمد بخش ڏامراهہ، جيڪو آزاد وينو هو، تنهن کي ۽ عبدالفتاح ميمڻ کي منت ڪئي سون، تہ اهي ساٽس گڏجي ڪم ڪن، جن تي بہ قاضي فيض محمد صاحب جو وڏيڪ اثر هو.

اهڙيءَ طرح منهنجي ٺي جاء ۾، اهي ٻئي عهديدار ڪيس ٺاهي ڏناسون. تنهن ڪري اسان کي پيٽي صاحب جي ڀهرين ڏينهن کان خبر هئي، جيڪا هن جي پنهنجي زبان مان نڪتي هئي تہ مون کي جائز توڙي ناجائز طريقي سان اقتدار حاصل ڪرڻو آهي، نہ ڪي نظرياتي سياست ڪرڻي آهي. هاڻي پيٽي صاحب جي ڏيءَ ۽ پٽ جي، جيڪا سياست آهي سا بہ واضح آهي تہ اها بہ اقتدار لاءِ آهي. جيڪڏهن آئون اقتدار واري سياسي سوچ رکندڙ هجان ها تہ اها ڪريان ها. سائين جي ايم سيد بہ نظرياتي سياست ڪئي آهي ۽ اسان جي سياست بہ نظرياتي آهي، آئون ٿورو پريڪٽيڪل وڌيڪ آهيان. سائين صفا آئيڊيلسٽ آهي، پر آئون انهيءَ ورثي کي استعمال ڇا لاءِ ڪريان.

هن جيڪو ورثو ورتو آهي، سو رڳو ڪرسي ۽ اقتدار لاءِ ورتو آهي. سڄي دنيا ۽ سڀ پارٽي پيون چون، تہ فوج غاصب آهي ۽ اسان وٽ جيڪي مسئلا پيدا ٿيا آهن، تن جو بنيادي ڪارڻ فوج آهي، پر مرتضيٰ پيٽي پنهنجي سياست جي ابتدا، انهيءَ سان ڪئي آهي، تہ فوج ڏاڍي چڱي آهي ۽ فوج جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونہ آهي. اهڙيءَ طرح فوج جي جهڙوڪر وڪالت پيو ڪري. معنيٰ تہ هيءُ بہ اها ساڳي پٽس واري سياست ڪرڻ گهري ٿو. پيٽي صاحب جي باري ۾ آئون توهان کي اجان هڪڙي وڌيڪ ڳالهہ بہ ٻڌايان ٿو. هڪڙو تہ پيٽي صاحب منهنجي روبرو امان الله ٻگهئي کي چيو هو، تہ هو جائز ۽ ناجائز طريقي سان اقتدار حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ سندس سياست نظرياتي ڪانہ آهي، ڇوتہ ايئن ڪرڻ سان فوج ناراض ٿي ويندي. ان کان سواءِ پنجاب وڏو صوبو آهي، اهو بہ ناراض ٿي ويندو، پر هن جي جنهن ڳالهہ کان آئون بدظن ٿيس، سا اها هئي تہ مير رسول بخش ٽالپر پنهنجي ٽنڊي محمود واري بنگلي ۾، پيٽي صاحب جي دعوت ڪئي هئي. انهيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مون کي بہ دعوت موڪلي هئائين. جيتوڻيڪ مون ڪيس چيو هو، تہ آئون عوامي ليگ ۾ آهيان ۽ توهان پيپلز پارٽيءَ ۾ آهيو. مون کي ڪهڙيءَ حيثيت ۾ دعوت ڏيو ٿا. چيائين تہ سياست کان سواءِ ٻيائپي وارا بہ تعلقات آهن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توهان کي سماجي طرح سان دعوت تو ڏيان. مهرباني ڪري اچو.

آئون انهيءَ ڪنوينشن ۾ ويو هوس، مون کي تقرير لاءِ به چيو ويو، پر جيئن ته پليٽ فارم هنن جو هو، ان ڪري مون تقرير ڪانه ڪئي ۽ چپ ڪريو ويٺو هوس.

اتي يونيورسٽيءَ جي ڪن نوجوان شاگردن ون يونٽ جي خلاف نعره پئي هنيا، جنهن تي پيٽي صاحب، مير رسول بخش ٽالپر کي سڏي چيو ته آئون ته ون يونٽ جي خلاف ڪونه ڳالهائيندس، پر منهنجيءَ ميٽنگ ۾ يا جلسي ۾ اهو نعرو به نه لڳي، جنهن جو مطلب اهو هو، ته هو ون يونٽ جي مخالفن سان شامل راءِ ته نه ٿيندو، پر رڳو سهڪار ڪرڻ لاءِ به تيار ڪونه آهي. مون انهيءَ ڏينهن ئي سوچي ڇڏيو، ته اهو ٻيڙن ڪان ٻيرن گهرڻ جي برابر آهي. اصل ۾ اها ٻي ڳالهه هئي، جنهن ڪري آئون پيٽيءَ صاحب ڪان ڇڄو ٿي ويس.

ساڃاهه: توهان ستر جي ڍاڪي ۾ شيخ مجيب الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ عوامي ليگ جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي هئي، پر پوءِ جڏهن عوامي ليگ اڪثريت سان کٽي آئي ۽ ان کي اقتدار نه ڏنو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان ٽٽي به اڌ ٿي ويو. توهان ان دور جي سياست جي اڄوڪي دور جي سياست سان ڪيئن ڀيٽ ڪندا؟

امداد محمد شاهه: آئون اڳئين سوال جي جواب ۾ چئي ويو آهيان، ته جڏهن شيخ مجيب الرحمان چونڊون کٽي آيو ۽ ان کي اقتدار نه ڏنو ويو، ته ان ڏينهن کان پوءِ مون کي پڪو يقين ٿي ويو، ته هن ملڪ ۾ نه جمهوريت ايندي، نه قانون جي بالادستي ٿيندي ۽ نه اهڙو ڪو امڪان ئي آهي. مون جڏهن ڏٺو ته پاڪستان جي عوام جي واضح اڪثريت مجيب الرحمان سان هئي ۽ ٻين ننڍن صوبن جي ماڻهن جو به هن سان سهڪار هو، پر پوءِ به هنن ملڪ کي ٽوڙڻ ته پسند ڪيو، پر قانون ۽ جمهوريت جي بالادستيءَ کي قبول نه ڪيو. آئون انهيءَ ڏينهن کان بلڪل مايوس آهيان، ته قانون ۽ جمهوريت هن ملڪ ۾ ناممڪن آهي ۽ هاڻي ته انهن جي اچڻ جو ڪو سوال ئي نٿو اٿي. اسان جيڪي ننڍيون قومون آهيون، سي هن وقت پنجاب سامراج جون غلام قومون آهيون، ان ڪري مون کي ذهني طرح ڪا تڪليف ڪانه

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيندي آهي، جڏهن ڪي ماڻهو چوندا آهن. ته هي ظلم ٿي ويو يا هي ناانصافي ٿي وئي، چوته مون کي خبر آهي ته غلامن جا حق ٿيندا ئي ڪونه آهن. جڏهن توهان قومي آزادي حاصل ڪريو، پوءِ حق به گهري سگهو ٿا. بنگال وارن ته رڳو جمهوريت گهري هئي، ته انهن جا ٽيهه لک ماڻهو ماريا ويا ۽ طرح طرح جون عقوبتون ڪيون ويون ۽ پوءِ جدا ڪيو ويو. اسان ته اقليت ۾ آهيون، فوج به قومي ڪونه آهي، اها هڪڙي صوبي جي آهي. هن ملڪ ۾ واضح اڪثريت پنجاب جي آهي، تنهن جي ڪري جمهوري اصولن مطابق به هو بالادست آهن. هنن بنگالين کي ڪڍيو ئي، ان ڪري هو ته جيئن باقي ٻين کي پنهنجو غلام رکي سگهن.

ضياءُ الحق لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو منافق هو، پر آئون چوان ٿو ته منافق ڪونه هو. هو هڪ سچو ماڻهو هو، چوته هو محمد خان جوڻيجي ۽ ٻين بابت چوندو هو، ته اسان سان اقتدار ۾ شراڪت ڪرايو. هن ڪڏهن به اهو ڪونه چيو، ته آئون جمهوريت ٿو آڻيان يا قانون جي بالادستي ٿو ڪريان. هو شراڪت جو لفظ استعمال ڪندو هو. جمهوريت جو ڪڏهن نالو به ڪونه وٺندو هو. منافق ته هي آهن، جيڪي جمهوريت جو نالو وٺي فوج سان شراڪت ڪريو ويٺا آهن.

جڏهن محمد خان جوڻيجي چيو، ته آئون جمهوريت موٽائي ٿو آڻيان ۽ توهان کي جه عوريت ۽ آزادي ملندي، ته ان کي ڪڍي ٻاهر ڪيو ويو. ان کي ڪڍڻ جو سبب ئي اهو هو جو، ضياءُ الحق ماڻهن کي ان لاءِ تيار ڪري رهيو هو، ته توهان کي فوج اقتدار ۾ شريڪ ڪندي، پر هن (محمد خان جوڻيجو) کي خيال ٿيو ته شايد اقتدار ٽرانسفر پيو ٿئي ۽ هاڻي جمهوريت ايندي.

توهان کي به خبر آهي ۽ ٻين ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ آيو آهي، ته هن حڪومت وٽ ملڪ جا ٽي خاص کاتا ڪونه آهن؛ دفاع ڪونه اٿن، فارين ڪونه اٿن، پراڊڪشن ڪانه اٿن. هي اهڙي ڪريل پوزيشن به قبول ڪيو ويٺا آهن. چوته ڪرسي کپي، توهان مزاري صاحب جو انٽرويو پڙهيو هوندو، جنهن ۾ هن چيو آهي، ته مون کي چيو ويو ته توکي وزيراعظم ڪنداسون، پر جيڪي هي کاتا آهن، تن جي باري ۾ جيئن اسان چونداسين، تيئن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هلندين.

آئون پانيان ٿو تہ توهان جي سوال تان ٿڙي ويو آهيان. توهان جو سوال عوامي ليگ جي باري ۾ هو. عوامي ليگ جو بنياد بنگال هو. ٻن قومن، سوچ ۾ نہ، پر جذبات ۾ اچي پاڪستان جي هلچل ۾ حصو ورتو هو. هڪڙي بنگالي قوم هئي ۽ ٻي سنڌي قوم هئي. اها سنڌي قوم ئي هئي، جنهن پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو. ان کان پوءِ بنگال ڪيو هو، شيخ مجيب الرحمان ان وقت ڪاليج جو شاگرد هو. هو ڪلڪتي مان دهليءَ سائيڪل تي چڙهي آيو هو. اها جذبات هئي، پر پاڪستان کان پوءِ گهٽي ۾ گهٽو استحصال بنگالين ۽ سنڌين جو ٿيو. ٻين قومن جو گهٽ ٿيو، ڇوتہ اهي پوئتي پيل هيون ۽ مالي لحاظ کان ڪمزور هيون.

شيخ مجيب الرحمان جو چوڻ هو تہ گهٽي ۾ گهٽي صوبائي خودمختياري هجي ۽ جمهوريت بہ هجي. ڇا جي ڪري جو پاڪستان جي عوام جمهوريت جو سچ ڏنو ئي ڪونہ آهي ۽ اهو جناح کان وٺي ٿيو آهي. ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙي ئي لياقت علي ۽ جناح هئي. ٻين ان ۾ ٿورو واڌارو ڪيو. ان لاءِ آئون توهان کي ٿو ٻڌايان، تہ قيوم خان مخالفت ۾ ٽن ميمبرن سان وينو هو. ڊاڪٽر خان کي اسيمبليءَ ۾ واضح اڪثريت هئي. جناح صاحب ان کي ڊسمس ڪري، قيوم خان کي سرحد جو وزير اعليٰ بنائي ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ خان بهادر کهڙي ٻيون ڪيتريو ئي ڪوتاهيون ڪيون، پر هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري معاملي تي سخت اسٽينڊ ورتو هو ۽ هن لياقت علي خان ۽ ٻين جي مداخلت پسند ڪانہ ڪئي هئي. پر جناح صاحب سنڌ اسيمبليءَ ۾ کهڙي جي واضح اڪثريت هجڻ جي باوجود، ڪيس ڊسمس ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح قانون جي مٽي پليت جناح، لياقت کان بہ وڌيڪ ڪئي. سا هيئن تہ جڏهن کهڙو ان ڪيس کي سنڌ جي ڪورٽ ۾ کڻي ويو ۽ ڪورٽ جي سيني ججن متفق ٿي، کهڙي جي حق ۾ فيصلو ڏنو، تہ گورنر جنرل کي اهو اختيار ئي ڪونہ آهي، جو هو چونڊيل وزيراعليٰ کي ڊسمس ڪري سگهي، ڇوتہ ان وقت ملڪ ۾ ڪو آئين ڪونہ هو ۽ ملڪ انڊيپينڊنٽ ايڪٽ آف ١٩٣٥ع مطابق هلي رهيو هو، جنهن مطابق

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گورنر جنرل کي وزيراعليٰ کي هٽائڻ جو اختيار ڪونہ هو.

جڏهن ڪورٽ، کهڙي جي حق ۾ فيصلو ڏنو، تہ هن ٽن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي چارج اچي سنڀالي، جنهن تي جناح صاحب راتو رات قانون ساز اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي، ان کان پاڻهي پاڻ کي اختيار ڏياريو، تہ گورنر جنرل کي اختيار ڏجي ٿو، تہ جنهن کي وٽيس، تنهن کي گهر ويهاري ڇڏي. اهڙيءَ طرح قانون جي بالادستيءَ جي مٽي پليت ڪرڻ وارو پهريون ماڻهو جناح صاحب ئي هو ۽ جمهوريت جو بيڙو ٻوڙڻ وارا بہ جناح ۽ لياقت علي خان ئي هئا، ڇوتہ لياقت علي کي پنهنجو ڪو چونڊ جو تڪ ڪونہ هو، ان ڪري هن دهليءَ جي سيڪريٽريٽ جا سڀ ملازم ميڙي چونڊيا، هتي اچي وسايا هئا تہ جيئن پنهنجو تڪ ٺاهي سگهي. پوءِ بہ هو چونڊجي ڪونہ سگهيو. بنگالين قرباني ڏئي ڪيس پنهنجي سيٽ ڏني.

مجيب الرحمان جي سياست مون کي انهيءَ لاءِ وڏيڪ وڻي، جو هو وڏيڪ عملي سياستدان هو، پر ان کي نظريا بہ هئا. هو نظريي ۽ عمل کي گڏي هلائڻ جو قائل هو. هي جيڪي شيخ عبدالمجيد ۽ خان غفار خان وارا هئا، سي ڇڻ تہ ولي الله هئا. جيڪي سواءِ پنهنجي نظريات جي ٻي ڳالهہ ڪانہ ڪندا هئا. پر هو وڏيڪ عملي ماڻهو هو. هن جو خيال هو تہ عملي سياست ۽ نظرياتي سياست کي گڏي هلائجي ۽ ان لاءِ هن جمهوريت لاءِ جدوجهد بہ ڪئي. آئون ان ڪري شيخ مجيب الرحمان جي سياست جو وڏيڪ قائل هوس، نہ رڳو قائل هوس، پر اها واحد پارٽي هئي، جنهن ۾ آئون شامل بہ ٿيو هوس. پوءِ جڏهن مارشل لا هٽي بنگالين کي موکو ئي الڳ ڪيو ويو تہ ان کان پوءِ مون تي جيتوڻيڪ گهڻو ئي زور پيو آهي، پر آئون اڄ تائين ٻئي ڪنهن پارٽيءَ ۾ شامل ڪونہ ٿيو آهيان. ڇاجي ڪري جو آئون ڏسان پيو تہ هن ملڪ ۾ نہ قانون جي بالادستي ٿيندي ۽ نہ جمهوريت ئي هلندي. ان ڪري هرويرو پنهنجو وقت ڇا لاءِ ضايع ڪجي، جنهن لاءِ مون ڪوشش ڪئي، تہ سماجي خدمت ڪجي ۽ سماجي خدمت جي حوالي سان، جيئن مون ٻڌايو تہ مون کي مشورو مليو تہ اسيمبليءَ ۾ وڃي وڏيڪ خدمت ڪري سگهين ٿو، پر پوءِ ڏٺم تہ هن ملڪ ۾ اهو بہ ڪونہ ٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري منهنجو جمهوريت ۽ قانون جي بالادستيءَ تان هاڻي ايمان ئي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هاڻي بہ جڏهن سرڪاري سڌ ٿيو تہ سنڌ جو وڏو وزير ممتاز علي ڀٽو ۽ ٻيا ان جهڙا ماڻهو ٿيندا ۽ بدنام وري بہ جيئي سنڌ وارا ٿيندا. ان ڪري اسان کي اهڙن اتحادن ۾ شامل ٿيڻ نہ گهرجي، جيڪي اڳي پوءِ اقتدار پرستيءَ واري سياست ڪرڻ گهرن ٿا. توهان جي نظرن ۾ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي يو.اين.اي. ۾ شامل ٿي ڪم ڪرڻ گهرجي يا هو اهو صحيح ٿا چون ؟.

امداد محمد شاهہ: اهڙيون شڪايتون مون بہ ٻڌيون هيون، ڪجهہ قدر اهي ڳالهيون درست بہ آهن، ڇوتہ جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان وڙهي، ڪن وزارتون بہ وٺي ورتيون، اها بہ هڪ حقيقت آهي، آئون ڳالهہ کي صرف هن نقطئہ نگاهہ کان ٿو ڏسان تہ اسان جو تعداد ٿورو آهي، جيڪي بہ ڇٽا قومي سوچ رکون ٿا ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪيون ويٺا، سي بہ جي هڪ ٻئي جا پير ڪيدناسون، تہ پوءِ ٺلهي هتين اسان جو مخالف تعداد ۾ وڏوآهي، فوج بہ انهن وٽ آهي، مڪار بہ آهن ۽ جيڪي ٻاهريون بين الاقوامي طاقتون آهن، سي بہ هنن جو رايو رکنديون. انهن جي سياست کي سوٽ بہ هو ٿي ٿا ڪن. اهڙيءَ حالت ۾، جيڪڏهن آئون پنهنجي اڪيلي سر ديڳڙي چاڙهيان، توهان پنهنجي چاڙهيو ۽ ٿيا وري اجان پنهنجي چاڙهين، تہ اها ڳالهہ دشمن جي هٿن ۾ کيڏڻ جي مترادف ٿيندي. ان ڪري جيترو وقت گڏجي هلي سگهجي تہ ڪوشش ڪجي، تہ پاڻ سان چار پائر وٺي هلجي. آئون انهيءَ راءِ جو آهيان.

حالانڪہ مون جيئن توهان کي ٻڌايو تہ آئون ڪنهن بہ پارٽيءَ ۾ ڪونہ آهيان، پر هاڻي يو.اين.اي وارن ڪراچي ۾ جيڪي ڪنوينشن سڏائي هئي ان ۾ بہ مون ڇيو تہ آئون توهان جو ڊيليگيٽ ٿي ڪونہ ويهندس، پر توهان جو گيسٽ ٿي سگهان ٿو، تہ جيئن خيالن جي ڏي وٺ ڪجي.

هاڻي مون کي سرائيڪين بہ دعوت ڏياري موڪلي آهي. مون کي منهنجي صحت اجازت نہ ٿي ڏئي، جيڪو ماڻهو دعوت ڏيڻ آيو هو، تنهن کي بہ مون ڇيو هو تہ جيڪڏهن منهنجي صحت مون کي اجازت ڏني، تہ ضرور ايندس، پر منهنجي موجوده صحت اهڙي آهي، جو مان رڳو ڪالهہ حيدرآباد مان ٿي آيو آهيان، تہ اڃي ڪري پيو آهيان، ان ڪري آئون لاهور يا ملتان ۾ وڃي ڪنوينشن ۾ شامل ٿيان، اها ڳالهہ مون لاءِ ٿوري ڏکي ٿيندي، پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪي ننڍيون ۽ مظلوم قوميتون آهن ۽ جيڪي هنن (پنجابين) جي تسلط هيٺان آهن، انهن سان گهٽ ۾ گهٽ شامل راءِ تہ ٿي سگهون ٿا.

قرآن ۾ آهي تہ بهترين تہ ظلم جي خلاف تلوار کڻي جهاد ڪريو، جي توهان ۾ جهاد ڪرڻ جي توفيق نہ آهي، تہ ظلم جي خلاف اعلان ڪريو، تہ اهو ظلم آهي، پر جي ايئن بہ نٿا ڪريو، تہ گهٽ ۾ گهٽ انهن (مظلومن) سان زباني همدردي ڪريو، تنهنڪري اسان مظلوم، پاڻ ۾ رڳو همدردي بہ نہ ڪنداسون، تہ پوءِ اسان پنهنجا حق ڪٿان وٺي سگهنداسون.

پر اهو جيئن تہ جيئي سنڌ وارن جي پارٽيءَ جو پنهنجو مسئلو آهي، تنهن ڪري آئون انهن تي پنهنجي راءِ زني ڪريان، اهو مون لاءِ مناسب ڪونہ آهي. آئون ڪنهن بہ پارٽيءَ تي راءِ زني ڪرڻ کان گريز ڪندو آهيان، اهو جيئي سنڌ جي مختلف گروپن جو اندروني مسئلو آهي.

بيو تہ جن وڏيرن وزارتون ورتيون هيون، اهي خود ظاهر ٿي پيا، ڇوتہ انهن جيئي سنڌ ڇڏي ماڻهن کان ووٽ ورتا هئا، جن اهڙيون حرڪتون ڪيون، تن جو ڏاڍو برو حشر ٿيو آهي، ماڻهو هاڻي سوچين ٿا. اڳي جو پاڻ ڪاٺين ٿا ۽ ان جو نتيجو نڪري ٿو، پر نظريو تہ پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهي. توهان ڏسندا تہ انهن ماڻهن مان هاڻي گهڻا ماڻهو ڪنجي ويا آهن، ڇوتہ ماڻهو ڏسن ٿا، تہ هي ماڻهو اهو آهي، جيڪو وڪاڻو آهي. هن وقت پ پ ۾ سنڌ ليول تي وڏي ۾ وڏي حيثيت عبدالله شاهہ جي آهي، پر پوءِ بہ پ پ جي ميٽنگ ۾ چيو ويجي ٿو، تہ هو ڦري ويو آهي ۽ مجلس شوريٰ جو وڃي ميمبر ٿيو هو. ماڻهن جي وات کي ڪير روڪيندو. سو ماڻهو ڏسن پيا تہ ڪهڙن ۾ مستقل مزاجي آهي، ڪهڙا وقت تي پڃي ويا هئا ۽ وري ڪهڙي وقت تي موٽي آيا آهن.

آئون سمجهان ٿو تہ هونئن الف ٽي، بي ٽي يا فلاڻي شاهہ ٽي يا فلاڻي پير ٽي، يا فلاڻي پروچ ٽي، ڪو آگر کڻي ٿو تہ اهو واجب آهي، پر يو.اين.اي جيڪو هڪ محاذ ٺهيو آهي، ان تي آگر کڻڻ دشمن جي هٿن ۾ ڪيڏڻ جي برابر آهي.

ساجاهہ: توهان جي خيال ۾، ملڪ ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قومپرست سياست جو مستقبل ڪھڙو آھي؟

امداد محمد شاھ: مون کي انھيءَ سوال تي وري ھي يادگيري ٿي اچي، جيڪا آئون توھان کي سائين جي ايم سيد جي زباني ٻڌائيندس. قاضي فيض محمد وڪالت ۾ منھنجو استاد بہ ھو ۽ آئون ان کان ٿورو ڪي گھڻو متاثر بہ ھوس. ان مون کي ڏاڍو چيو تہ، عوامي ليگ ۾ شامل ٿيءُ. اھا ١٩٦٤ع کان پوءِ جي ڳالھہ آھي. عوامي ليگ ۾ مون کي وٺي وڃڻ وارو جتي قاضي فيض محمد ھو، اتي عوامي ليگ جو پروگرام بہ چڱو لڳندو ھو، پر مون چيو تہ سائين جي ايم سيد کان ان لاءِ راءِ وٺان. مون اعلان ڪرڻ کان اڳي سائين جي ايم سيد کي چيو، تہ مون کي عوامي ليگ جو پروگرام متاثر ڪري ٿو، مون خيال ڪيو آھي، تہ انھيءَ ۾ وڃان، جنھن تي سائين مون کي چيو تہ، "وڃي پوءِ پاڄ نہ ڪائجان. انھن جو پنڌ ڏاڍو اٿانگو ۽ ڏکيو آھي. توکي قربانيون بہ ڏيڻيون پونديون ۽ تڪليفن سھڻ لاءِ تيار ھجين تہ پوءِ بسم الله ڀلي وڃ!" تنھن ڪري ھينئر قومپرستن جو پنڌ بہ ڏاڍو اٿانگو ۽ ڏکيو آھي. الله ڪامياب ڪريءَ جي تي وڃي تہ ڏاڍو چڱو آھي.

ساجاھ: ايم ڪيو ايم بابت پ پ جي جيڪا موجوده پاليسي آھي، توھان ان کان مطمئن آھيو يا نہ؟

امداد محمد شاھ: ايم ڪيو ايم جا نظريا ڪھڙا بہ آھن، انھن سان اسان اختلاف رکون ٿا، پر ايم ڪيو ايم اھا پارٽي آھي، جنھن وٽ پنھنجي لاءِ پنھنجن ماڻھن لاءِ ڪجھہ نہ ڪجھہ نظريو آھي، پر پ پ ھڪ غير نظرياتي پارٽي آھي، جيڪا رڳو اقتدار جي پٺيان آھي. ھو چون ٿا تہ اسان ھر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آھيون، اسان سان رڳو شامل راءِ ٿيو، تہ اسان جي ڪرسي بچي.

مون شروع ۾ ئي چيو ھو، تہ اھو نظريو، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جو ھو، تہ جائز ناجائز طريقي سان اقتدار حاصل ڪجي، پوءِ ان لاءِ ھر ڪو بڇڙو ڪم ڪيو، پر اھو حاصل ڪبو.

ڀٽو جيتوڻيڪ پاڻ انھيءَ نظريي جو ڪونہ ھو، تہ پاڪستان ٽٽي يا نہ ٽٽي، پر اھو فوج ۽ پنجاب جو مؤقف ھو تہ بنگال کي حق ڪونہ ڏبا. اھو ٽٽي وڃي تہ ڀلي وڃي، پر ڪين جمھوري حق ڪونہ ڏبا. تنھن ۾ ذواالفقار علي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀٽي کي رڳو استعمال ڪيو ويو. جنهن لاءِ هن چيو ته "اڌر تم، اڌر هم" اهو هن ڪان فوج چورايو هو. ماڻهو چوندا آهن ته فلاڻو يا فلاڻو ماڻهو مارشل لا جي پيداوار آهي، پر توهان پاڪستان جي تاريخ پڙهو، ته فوج جي پيداوار ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پ پ به آهي.

ڀٽا سياست مان اهڙو ته ڪٽجي ويا هئا، جو سنڌ اسيمبليءَ ۾ توڙي مغربي پاڪستان جي اسيمبليءَ ۾ ڪوبه ڀٽو چوندجي نه سگهندو هو. پوءِ اهو پٽس جي سياست جي ڪري يا ٻين سببن جي ڪري، پر پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ ڀٽا چوندجي نٿي سگهيا. پوءِ جڏهن ايوب خان جي مارشل لا آئي ته ذوالفقار علي ڀٽو، ان ۾ انڊسٽري منسٽر ٿيو. پوءِ وزير خارجه ٿيو ۽ پوءِ ته پاڻ ٺي هوشياري ڪري ويو ۽ پاڪستان ڪان پوءِ اهو پهريون ڀٽو هو، جيڪو اسيمبليءَ تائين پهتو. پوءِ ان پنهنجا پير مضبوط ڪري پير بخش ڀٽي کي چوندايو ۽ ممتاز ڀٽي ۽ ٻين کي چوندايو، پر اهو سڀ مارشل لا جي ذريعي ٿيو هو.

پوءِ جڏهن ڪيس اقتدار ملڻ جا امڪان گهٽ ٿيا، ته اڌ پاڪستان ٽوڙائي، فوج جي معرفت اقتدار تي وينو. هڪ پاسي يو.اين.اي ۾ تقرير ڪيائين ته "هزارون سال لڙينگي" ٻئي پاسي جڏهن فوج سڏ ڪيس ته موٽي اچ ته اسان توکي اقتدار ٿا ڏيون ته اقتدار وٺي ويهي رهيو.

اهڙيءَ طرح هو جڏهن ٻيو دفعو اقتدار ۾ آيو، تڏهن به فوج جي معرفت آيو، تنهن ڪان پوءِ جڏهن محمد خان جوڻيجي کي فوج لاٿو، جيڪو پڻ چونڊيل وزيراعظم هو ۽ ان ڪان پوءِ ١٩٨٨ع ۾ بينظير کي جيڪا حڪومت ملي، سا به فوج جي ٺي ذريعي ملي هئي، چوته پ پ کي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت ڪانه هئي، پر ڏي وٽ ۽ جوڙ توڙ ڪرائي بينظير کي اقتدار ۾ آندو ويو. مطلب ته ڪو نظريو ڪونه آهي، ملڪ وڃي ته ڇا ۽ نه ٿئي ته ڇا، پر اقتدار کپي ۽ ڪرسي کپي، پر ايم ڪيو ايم وارا اهي ماڻهو آهن، جن کي ڪجهه نه ڪجهه پنهنجو نظريو آهي. جيتوڻيڪ اسان سندن نظريي سان متفق ڪونه آهيون، پر وٽن نظريو آهي. ان ڪري ايم ڪيو ايم ۽ هنن ۾ فرق اهو آهي، ته هي صرف اقتدار جا بکيا آهن، ايم ڪيو ايم به اقتدار ۾ ڀائيوار ٿيڻ گهري ٿي، پر پنهنجي نظريي ۽ اصول مطابق.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڃاهہ: ايم ڪيو ايم جيڪو موجوده سنڌ جي ورهاڱي جو نعرو ڏنو آهي، توهان ان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاهہ: آئون ان کي شوشو ۽ اسسٽنٽ ٿو سمجهان. جڏهن پهرين ون يونٽ نهيو هو ۽ اسان جيڪي ون يونٽ کان متاثرين هئاسون، سي مغربي پاڪستان ۾ ٽن قومين جا پرڳڻا سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان هئا، ان وقت اينٽي ون يونٽ جو هڪ اڳواڻ رياض هاشمي سرائيڪي هو. اينٽي ون يونٽ جي نهڻ ڪانڻ پوء نيشنل پارٽي ٺهي هئي، تنهن ۾ رياض هاشمي بہ هو. اهو نيشنل پارٽيءَ ۾ هر وقت پيو منهن متو پٽيندو هو، تہ توهين تہ پنهنجي قومي آزاديءَ جي گهر ڪريو ٿا، پر اسان سرائيڪين کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو اسان کي توهان اهميت ئي نٿا ڏيو. جو چئو ٿا تہ ون يونٽ ڊاهي وري بہ ساڳيا صوبا بحال ڪريو.

اهڙيءَ طرح هو ان وقت بہ سرائيڪي صوبي لاءِ آواز پيو اٿاريندو هو ۽ هو اهو پارٽيءَ جي اندر اٿاريندو هو، چوندو هو تہ جيڪو سرائيڪي ڳالهائيندڙ علائقو آهي ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ قوم آهي، سا توهان کان وڌيڪ مظلوم آهي، نہ تہ بہ توهان جيتري ئي مظلوم آهي، تنهن ڪري توهان کي ان تي شش و پنج ۾ نہ پوڻ گهرجي، پر نيشنل پارٽيءَ ۾ ان وقت جيڪي چار ترقي پسند ماڻهو هئاسون، تن ۾ ميان افتخار الدين، محمود علي قصوري ۽ ٻيا ڪجهہ پنجابي هئا، تنهن ڪري چيوسون تہ اهي اسان کان پڇي ويندا، تنهن ڪري سندن (سرائيڪين) آواز کي اها اهميت نہ هئي، پر هاڻي سرائيڪي علائقي ۾ تحريڪ زور ولي وئي آهي. هاڻي هو (پنجابي) بہ ڏسن ٿا تہ هنن (سرائيڪين) جا فطري اتحادي پٺاڻ، بلوچ ۽ سنڌي آهن ۽ پنجاب کان پوءِ وڏو صوبو سنڌ جو آهي، چوتہ سنڌ جي آواز کي تـوري وڌيڪ اهميت آهي، تنهن لاءِ هو (پنجاب وارا) اسان کي اڳواٽ اهو هڪڙو پوت ٿا ٻچين تہ جي پنجاب جي ورهائڻ جي ڳالهہ ٿا ڪريو، تہ پوءِ سنڌ کي بہ ورهايو.

توهان کي تہ خبر آهي، تہ ايم ڪيو ايم پيداوار، آرمي ۽ ايجنسين جي آهي ۽ اها ڳالهہ رڳو مان نہ پر هرڪو ٿو ڪري. هنن کي ٻوٽي مان وٺ ڪرڻ وارا بہ فوج ۽ ايجنسيون آهن. آءِ ايس آءِ جي ٻچ تي هي وڙهندا آهن،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪين پهرين پٺاڻن سان ويڙهايو ويو، پوءِ سنڌين سان ويڙهايو ويو، پوءِ جڏهن ايم ڪيو ايم وارن جي دل وڌي ته پنجابين سان به وڙهيا. ته ڪين هٽي موچڙا به گروپ ڪري ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هاڻي هنن ڪان هي جيڪو مطالبو ڪرايو ويو آهي، سو به انهن ئي ڪرايو آهي، ته جيئن سنڌ ڪي پنهنجو خوف ورائي وجي، ته هاڻي سنڌ به ٽي ورهائجي، ان ڪري هنن (سرائيڪين) سان هم خيالي نه ڪن.

توهان ڏٺو ته ننڍين قومن مان واحد ماڻهو مرتضيٰ پٺو آهي، جنهن ڪان لاهور ۾ تازو اعلان ڪرايو ويو آهي ته، ”نه اسان سرائيڪي صوبو ٺاهڻ ڏينداسون ۽ نه ڪراچي صوبو ٺاهڻ ڏينداسون.“ سرائيڪي علائقو ته تهذيبي، قومي ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان جدا هڪ قوم آهي، تنهن کي ڪراچيءَ جي شهر سان ڪيئن ٿو ڀيٽي، پر هو نوجوان آهي، سمجهي ٿو ته آئون اها ڳالهه ڪندس، ته مالڪ راضي ٿيندا ۽ پنجاب به خوش ٿيندو، ته آئون سنڌ جي ورهاڱي جي به خلاف آهيان، ته پنجاب جي ورهاڱي جي به خلاف آهيان.

اصل ۾ هنن اسان کي ڪراچيءَ جي صوبي جو جيڪو پوت بڇيو آهي، سو انهيءَ لاءِ آهي، ته اسان سرائيڪين سان همدردي ڪرڻ ڇڏي ڏيون، تنهن ڪري اهو هڪ شوشو آهي، پر حقيقت نه آهي. ڪهڙي به خيال ڪان ۽ ڪنهن به بين الاقوامي قانون مطابق ڪراچي صوبو ٿي نٿو سگهي. عارضي طرح ڪوبه ڊاڙيل ڪنهن به جاءِ تي قابض ٿي سگهي ٿو ۽ هو جيڪڏهن چاهيندا، ته ڪنهن به ڊاڙيل کي ٽيڪ ڏئي ايئن ڪرائي سگهن ٿا. باقي توهان جيڪڏهن هڪڙي توريل تڪيل سوچ مطابق ڏسندا ته پنجاب هنن کي ڪڏهن به صوبو ٿيڻ نه ڏيندو. اسان سنڌي ماڻهن جو اقتصادي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ تضاد ٿئي ئي ڪونه ٿو. نه ڪراچيءَ ۾ سنڌين جا ڪارخانا آهن، نه ڪراچيءَ ۾ سنڌين جون نوڪريون آهن، نه ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جو واپار آهي، هڪڙي طرح سان اسان جا ڏهه ويهه چاليهه لک ماڻهو رهن برابر ٿا، جن جي ڪابه مجيل حيثيت ڪانه آهي، نه واپار ۾ آهي نه نوڪرين ۾ آهي ۽ نه سياسي طرح جي آهي، جيڪو تضاد ۽ ٽڪراءُ ٿيندو سو وري به هنن جو پنجاب سان ئي ٿيندو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڳ ۾ ڪراچيءَ جي ڪارخانن تي خواجن ۽ ميمڻن جو هولڊ هوندو هو، خواجن جو ڪارخاني وارو جيڪو حصو هو، سو پاڪستان ڇڏي ويو ۽ وڃي ٻيءَ دنيا ۾ آباد ٿيو، پر ميمڻ اڃان ٿورا گهٽا چار آنا آهن. هن وقت انڊسٽريءَ تي ٻارنهن آنا قبضو چنيوٽ جي پنجابي شيخن جو آهي. جيڪڏهن ڪارخاني وارو ٽڪراءُ ٿئي ٿو، تڏهن به هنن پنجابين سان ٿيندو، جي ماڻهن جي آباديءَ جو ٿيندو، اهو به هنن سان ٿيندو، تنهن ڪري هو (پنجاب) هنن (مهاجرن) کي اهو ڪرڻ ڪونه ڏيندا. اهو سڀ ڪجهه رڳو سرائيڪي صوبي جي نوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي ۽ اسان کي پوت بچايو پيو وڃي ته متان اسان ۽ سرائيڪي گڏجي هڪ ٿي وڃون، پر حق جي ڳالهه اِها آهي ته جيئن اسان پنهنجي لاءِ خودمختياري گهرون ٿا، تيئن سرائيڪين کي به پنهنجي مطالبي ڪرڻ جو پورو پورو حق آهي، جيڪو هنن جو بين الاقوامي قانون مطابق بنيادي حق آهي، تنهن ڪري اهو شوشو اٿاريو ويو آهي ته اڄ هتي ٿئي پيو، سڀاڻي هتي ٿيندو. ويندي سرحد جي اسپيشل ايريا ۾ به اهو شوشو اٿاريو ويو آهي، ته انهن کي به سرحد کان جدا ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح بلوچستان، جيڪي پختون ڳالهائيندڙ علائقا آهن، تن کي بلوچستان کان الڳ ڪرڻ جو مطالبو ڪرايو ويو آهي، اهو سڀ ان لاءِ آهي ته جيئن ٻيا صوبا سرائيڪين جي ويجهو نه وڃن ۽ سرائيڪين تي سندن ئي بالادستي قائم هجي.

ساڃاهه: پ پ جي حڪومت ۾ اچڻ کان پوءِ به نوڪرين تان پابندي نه لاٿي وئي آهي، جنهن جي ڪري ملڪ جي اندر بيروزگاريءَ جو هڪ وڏو بحران پيدا ٿي رهيو آهي، توهان جي خيال ۾ اها صورتحال ڪٿي وڃي دنگ ڪندي؟

امداد محمد شاهه: نوڪرين تي ڪابه بندش ڪانهي، هو پنهنجن، پارٽيءَ جي ورڪرن ۽ پئسن ۽ رشوت تي نوڪريون ڏين پيا. پ پ ڏسي ٿي ته هينئر اسان کي اقتدار جو آخري موقعو مليو آهي ۽ هنن کي پئسي جو لوڀ ۽ هَوس تمام گهڻي آهي، هو چاهين ٿا، ته ان دوران گهڻي ۾ گهڻي ڦرمار ڪري وٺون.

آئون سمجهان ٿو ته نوڪرين جو ٽيون حصو ورڪرن، پارٽيءَ وارن، عزيزن ۽ مائٽن کي ڏين پيا. باقي ٻيون سڀ پئسن تي وڪڻن پيا. پوءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهي جايون ڪو ايم اين اي ۽ ايم پي اي ٿو ڪپائي، ڪو پ پ جو عهديدارن ٿو ڪپائي. ڪو وزير ٿو ڪپائي، ڪوبہ اهي نوڪريون پئسن تي وٺي سگهي ٿو، تون آئون بہ وٺي سگهون ٿا.

تنهن ڪان سواء پ پ جي حڪومت جو گهٽي ۾ گهٽو زور ان تي بہ آهي، تہ جيڪي سرڪاري جائدادون آهن، تن کي ڦلن مٽ تي وڪٽي، پئسا ڪمائجن. ڪارخانا پيا وڪٽن، سرڪاري پلاٽ پيا وڪٽن، نوابشاهہ ۾ ايريگيشن جو پلاٽ، ايس ڊي او جو بنگلو ۽ آفيس پهرين يارهين لکين ۾ وڪرو ڪيو ويو ۽ اهو الف، ب جي نالي تي وڪيو ويو، انهيء الف، ب اهو هاٽي ٻين کي ۴۸ لکن ۾ وڪٽي ڏنو آهي. ان لاء اسان جي معلومات مطابق، جنهن ماڻهوء جي نالي تي اهو پلاٽ پهرين وڪيو ويو هو، انهيء کي موريگو هڪ لک رپيا مليو آهي. ۴۷ لک رپيا وڏن صاحبن وٽ ويا آهن، اهڙيء طرح هاٽي سموري سرڪاري پراپرٽي وڪي پئي وڃي، چاهي لوڪل بورڊ هجي، چاهي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هجي، چاهي گورنمينٽ جا بنگلا هجن يا ادارا هجن، سيني جا تفصيل ورتا ويا آهن، تہ اهي نيڪال ڪري، انهن مان ڦرمار ڪجي.

توهان جو سوال نوڪرين بابت هو تہ نوڪريون بہ اهڙيء طرح نيلام ڪيون پيون وڃن، رڳو ٽيون حصو پنهنجن ماڻهن ۽ پارٽيء جي ورڪرن کي ڏين ٿا باقي سنئون سڌو نيلام تي رهيون آهن، انهن پئسن مان وڏا صاحب پنهنجا پيٽ پيا ڀرين، جيڪي چند ماڻهو آهن ۽ چند خاندان آهن، پابندي تو ۽ مون لاء آهي، عام غريب لاء آهي، جيڪو پئسو ڀري نٿو سگهي، ٻيو جيڪو آزاد فضا ۾ گهر ڪري سگهي، ان کي بہ ڪانہ ٿي ملي، ڪير ٿو چوي تہ نوڪرين تي بندش آهي! ٻڌون پيا تہ هيترا کي هيترا ڊي ايس پي ٿيا آهن، هيترا ٻيا ٿيا آهن، انهن چارجون بہ ورتيون آهن، جي بندش هجي ها، تہ اهو ڪيئن ٿي سگهي ها. انهيء ۾ تورو حصو اسان جي سنڌي ڪاموري جو بہ آهي. سنڌي ڪامورو انهيء چوريء ڪرڻ ۾ هنن سان ٻٽ آهي، ماڻهن ۾ بيچيني ۽ گهٽ ضرور آهي، چوتہ آئون جو پڙهيو ويٺو آهيان تہ چاهيندس تہ مون کي نوڪري ملي، تہ مون لاء دروازا بند آهن يا جيڪو ماڻهو ميرٽ تي چونڊجي آيو آهي، تہ انهيء کي طاقت ئي ڪانہ آهي، جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پئسو ڏئي نوڪري وٺي، ان لاءِ مونجهارو ضرور آهي.

ساجاهہ: سوال آهي تہ هي جيڪو ٿر مان ڪوئلو نڪتو آهي ۽ ٻيو تيل پيو نڪري، جيڪو ٻاهرين ڪمپنين کي ۽ خاص ڪري آمريڪا جي ڪمپنين کي ٺيڪن تي ڏنو پيو وڃي، ان تي ڳالهائيندا تہ اهو معاملو ڇا آهي؟

امداد محمد شاهہ: سنڌ جا سيئي وسيلا هنن جي ڪنٽرول ۾ هئا. ١٩٨٨ع ۾ جڏهن پ پ جي حڪومت هئي ۽ آئون ان وقت مخالفت ۾ ليڊر هوس، ان وقت مرڪز جي ماتحت ڪوئلي جو هڪڙو بورڊ ٺاهيو ويو هو، مون انهيءَ مهل ئي موشن وڌو هو. تہ سنڌ جو پيٽرول تہ مرڪز وٽ آهي. سنڌ جي ڪراچيءَ جي بجلي پنجاب وٽ آهي، سنڌ جون زمينون فوجين کي ڏئي ڪالونائيزيشن ڪئي وئي آهي. قدرتي وسيلن ۾ هڪڙو ڪوئلو ئي اسان وٽ هو، ڇوتہ جنهن وقت اهو سنڌ جي حوالي ڪيو ويو، تہ ان جي هڪ ٻہ ڪاڻ مس هئي، تنهن جي ڪري ئي ڪوئلي کي سنڌ وٽ رهڻ ڏنو ويو هو. هاڻي جڏهن اهو گهڻو نڪتو آهي، تہ انهيءَ تي ڌاڙي هڻڻ لاءِ هنن "ڪول بورڊ" ٺاهيو آهي. مون ان وقت ئي چيو هو تہ توهان اهو جيڪو بورڊ ٺاهيو ٿا، اهو تہ پنهنجي حق تان پاڻ پنهنجي هٿ سان دستبردار ٿيڻو آهي. اسيمبليءَ جي رڪارڊ تي آهي، تہ مون ان جي مخالفت ڪئي هئي، پر پوءِ هنن پنهنجيءَ اڪثريت جي زور تي پاس ڪري ڇڏيو. هاڻي ان پروگرام تي رڳو عمل درآمد ٿي رهيو آهي.

دراصل هي ٿا ڪن ڦرمار، ڪين ڪير ٿو ذاتي طرح سان وڏيڪ فائدو ڏئي سگهي. هي ان کي سڀ ڪجهہ وڪڻي ڏيڻ لاءِ تيار آهن. اڳي تہ ٻہ بلاڪ هئا. هاڻي سرمائيدار ملڪ هڪڙو ئي وڃي رهيو آهي ۽ اهو آمريڪا تہ ڇا، پر جي هونئن هنن جو هندوستان سان دشمنيءَ تي انحصار آهي، پر هندستان ايترا پئسا ڏئي سگهي، تہ هي ان کي بہ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندا. هي جيڪو ڪجهہ ڪيو پيو وڃي، اهو جيئن اسان جي ٻين وسيلن تي اهل پنجاب جو ڌاڙو آهي، تيئن هيءُ بہ اهل پنجاب جو هڪڙو ڌاڙو ئي آهي. سنڌ صوبي وٽ اختيار رڳو هڪڙي ڪوئلي جو هو. سو بہ ڦري ورتو اٿن، پر اهو ١٩٨٨ع ۾ پ پ جي حڪومت ۾ ئي ڦريو اٿن. هاڻي ڪونہ ڦريو اٿن، رڳو ان کي نيلام هاڻي پيا ڪن.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساڃاهہ: ڪشمير جي حوالي سان سوال آهي. ڪشمير ۾ ههڙيون ڏريون ڪشمير جي مڪمل آزاديءَ جون حامي آهن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. ٻيون ڪشمير جي پاڪستان سان الحاق جون حامي آهن. توهان جو پنهنجو ڪشمير بابت ڪهڙو مؤقف آهي؟

امداد محمد شاهہ: جيڪو ڪشمير هندستان جي قبضي ۾ آهي، ان ۾ ڪهڙيون ڌريون آهن ۽ ڇا ٿيون چاهين، سا تہ جدا ڳالهہ آهي. پر آئون هن سال جي شروعات ۾ پشاور ويو هوس. مون کي ايبٽ آباد ڏسڻ جو شوق هو. جيتوڻيڪ ايبٽ آباد آئون اڳ بہ ويو آهيان. پر اتفاق سان رات جو ويو آهيان. تنهن ڪري شهر گهمي ڪونہ سگهيو هوس. هينئر اسان چاهيون ٿا تہ ايبٽ آباد کان ٿي پوءِ پشاور ونداسون. پشاور ويندي، پاڪستان جي قبضي ۾ آيل ڪشمير جي ٻن شهرن مظفرآباد ۽ ميرپور ۾ مون کي چاڪنگ ڏسڻ ۾ آئي تہ "اسان کي ڪشمير آزاد کپي." اسان کي نہ پاڪستان کپي نہ هندستان کپي، پر اسان کي آزاد ڪيو وڃي.

ڪشمير هڪڙو اهڙو خطو آهي، جنهن کي قومي وحدت بہ آهي، تہ زمين بہ، ٻولي بہ آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن اهي آزاديءَ جو حق گهرن ٿا تہ هو ان لاءِ حق بجانب آهن. اها صورت حال هُن پاسي تہ هوندي، پر هن اسان واري پاسي بہ هئي. پر جي کين آزاد ڇڏيو وڃي، تہ پوءِ خبر پوندي تہ هو پاڪستان سان ٿا وڃڻ گهرن، يا هندستان سان ٿا وڃڻ گهرن، يا اڄان ٿي آزاد ۽ خودمختيار رهڻ ٿا گهرن.

جڏهن هندستان ۽ پاڪستان آزاد ٿيا هئا، تہ انگريزن جي طرفان رياستن کي آزاد ڇڏيو ويو هو. انهن کان ڪابہ راءِ ڪانہ ورتي وئي هئي. پوءِ اسان جي ۽ خاص ڪري پنجاب جي ماڻهن کي اهو ٿيو تہ اسان ان (ڪشمير) تي قبضو ڪريون. جنهن ڪري هنن لياقت عليءَ جي زماني ۾ انهيءَ تي قبضو ڪرڻ لاءِ فوجون موڪليون. اها ڳالهہ ڪا لڪل ڇپيل ڪانہ آهي. جڏهن هنن هتان فوجون موڪليون تہ هندستان وري هُتان فوجون موڪليون. پوءِ جڏهن ويڙهہ ٿي ۽ ٽڪراءُ ٿيو تہ جنهن حصي تي پاڪستان وارا قبضو ڪري ويا، سو پاڪستان جي قبضي ۾ آيو ۽ جنهن حصي تي هندستان وارا قبضو ڪري ويا، سو هنن جي قبضي ۾ اچي ويو. ان وقت شيخ عبدالله جي حڪومت هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَن ان وقت ٿي گهر ڪئي هئي تہ اسان کي آزاد ڪشمير کپي. هَن اهو ڪونہ چيو هو تہ اسان هندستان ۾ وڃون يا پاڪستان ۾ وڃون.

جيئن تہ ماڻهن کان راءِ ڪانہ ورتي وئي هئي، ان ڪري اتي جي ماڻهن جي اڪثريت ڇا ٿي چاهيو، ان جي خبر ڪانہ هئي. باقي جذباتي نعرن ۾ اچي، جيڪي هندو هئا، تن ٿي چيو تہ اسان هندستان سان گڏجون ۽ جيڪي مسلمان هئا، تن ٿي چيو تہ اسان پاڪستان سان وڃون، پر ان وقت بہ جيڪي قوم پرست ڪشميري هئا، تن چيو ٿي تہ اسان کي ڪشمير آزاد ملڪ طور کپي، پر پوءِ هندستان وارا ڇوندا آيا تہ ڪشمير اسان جو اڻوٽ انگ آهي ۽ اسان ان کي نہ ڇڏينداسون. ان ڪري اسان جو مؤقف آهي تہ ڪشميرين کان راءِ ورتي وڃي تہ هو ڇا ٿا چاهين.

ڪشمير جي باري ۾ هينئر هڪڙو مخفي معاهدو سامهون آيو آهي، جنهن ۾ پ پ جي حڪومت اهو طئي ڪيو آهي، تہ ہئي ڪشمير آزاد ڪرائي، پنجن سالن لاءِ اقوام متحده جي ماتحت ڏنا وڃن، ان کان پوءِ راءِ شماري ڪرائي وڃي، جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ ۾ صداقت آهي، تہ پوءِ آئون چوندس تہ پ پ جي حڪومت اهو چڱو ڪم ڪيو آهي، جڏهن تہ هنن هيستائين جيڪي بہ ڪم ڪيا آهن، سي سڀ ڪُڌا ڪم ڪيا آهن. اهوئي هڪڙو چڱو ڪم ڪيو اٿن، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي ڪشميرن کي پنجن سالن لاءِ هڪڙيءَ غير جانبدار ڌر جي حوالي رکي، پوءِ راءِ شماري ڪرائي ويندي، تہ پوءِ ڪين وٽي تہ هندستان سان وڃن، وٽي تہ پاڪستان سان اچن، وٽين تہ آزاد رهن.

هڪ اهڙو طبقو، هندستان واري ڪشمير ۾ توڙي اسان واري ڪشمير ۾ موجود آهي، جيڪو چوي ٿو تہ هن وقت ڪشمير تي ٻيون قوتون قابض آهن، سري نگر ۽ جمونءَ واري ڪشمير تي هندستان قابض آهي، ۽ اسان وٽ جيڪو مظفر آباد ۽ ميرپور وارو ڪشمير جو علائقو آهي، تنهن تي پاڪستان قابض آهي. پهرين انهن ٻنهي جو قبضو ختم ڪرائجي، پوءِ اسان کان راءِ ونجي. اهڙي طرح فيصلي ڪرڻ جو اختيار اتي جي عوام کي آهي، اسان کي ڪونہ آهي.

هينئر هر ڳالهہ ۾ نواز شريف تي موچڙو ڪنيو بيٺا آهن، هو پنهنجو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪو جلسو ٿا ڪن يا ڪا جمهوري طريقي سان تحريڪ ٿا هلائين، تہ موچڙي جو ڦهڪو لڳو پيو آهي. گولين جو وسڪارو آهي. جيل ڀريا پيا آهن. ايم پي اي، ايم اين اي ۽ سينٽر جيلن ۾ پيا آهن. پر پوءِ بہ پ پ جي حڪومت کي اوچتو عشق ٿي پيو آهي تہ اقوام متحده ۾ ڪشمير جي مسئلي تي نواز شريف ليڊر ٿي وڃي. هاڻي هو اهو ڇو ٿا ڪن؟ انهيءَ جو بنيادي سبب اهو آهي، تہ اهل پنجاب ۽ پنجاب جا ماڻهو ڪشمير جي معاملي تي ڏاڍا جذباتي آهن ۽ هُئي پاسي پ پ وارن آمريڪا سان اندروني طور۲هو ٺاهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ ڪشمير ڀلي آزاد ٿئي، پر پنجاب جي فوج ۽ ماڻهو اهو نٿا چاهين، ان ڪري جيڪڏهن نواز شريف اقوام متحده ۾ وڃي ٿو ۽ اقوام متحده جي ميمبرن جي اڪثريت جيئن تہ آمريڪا سان گڏ آهي، ان ڪري فيصلو اهو ٿي تيندو، جيڪو آمريڪا چاهيندي، جنهن سان پ پ وارا مخفي معاهدو اڳ ڪري آيا آهن. پر هي چاهين ٿا تہ اهو ڪارنهن جو ٽِڪو نواز شريف تي ملَجي ۽ هي پاڻ، اُن ڪان بچي وڃن. نواز شريف، جيڪو جهجهڪي جهجهڪي ٿو وڃي، سو سمجهي ٿو تہ طاقت تہ هوندي بہ هن جي هٿ ۾ آهي، تنهن ڪري هو اجان ٻڏتر ۾ آهي، پر جي نواز شريف اقوام متحده ۾ وڃي ٿو، تہ اها ان جي سياسي خودڪشي هوندي، ڇا جي ڪري جو هن وقت هو اهلِ پنجاب جو چانيل ليڊر آهي ۽ جيڪڏهن هو ڪشمير جي معاملي تي وڃي هارائي ايندو، تہ هي چوندا تہ اسان ويون ها تہ وڃي ڪٽي اچون ها، اهو نواز شريف ويو، جيڪو هارائي آيو آهي.

پر آئون توهان کي هڪڙي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيان، تہ جي ڪشمير جو مسئلو حل بہ ٿي وڃي ۽ هو آزاد ٿي وڃن يا هندستان سان وڃن ٿا يا پاڪستان سان شامل ٿين ٿا، پر پوءِ بہ اسان جي ملڪ جا هندستان سان تعلقات ڪونہ سڌرندا، ڇاڄي ڪري جو مون کي ياد آهي تہ ۱۹۶۰ع ۾ ايوب خان جي خلاف هڪڙو محاذ ٺهيو هو. جيتوڻيڪ سهرورديءَ وارن تي ايبڊو جون پابنديون هيون، پر پوءِ بہ اندروني طور بنگال وارا ليڊر ان ۾ ڪم ڪندا هئا. جلسي ۾ اجان سهروردي صاحب ڪونہ پهتو هو، ان وقت مغربي پاڪستان جي هڪڙي ليڊر محمود الحق عثمانيءَ تقرير ڪندي چيو هو، جيڪا مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌي هئي. (ان وقت نهروءَ، شيخ عبدالله

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي موڪليو هو تہ ٺاهہ ڪرائي اچي، جيڪو ٺاهہ هاٿي پ پ وارن آمريڪا سان ڪيو آهي، تہ ڪشمير ۾ پنجن سالن لاءِ اقوام متحده جي هٿ هيٺ رهي ۽ پوءِ راءِ شماري ڪرائي وڃي.) جنهن تقرير ۾ هن چيو هو تہ، "اگر هندستان هم ڪو ڪشمير سوني ڪي ٿالهي ۾ رک ڪر ديگا، ڦر ڀهي هم هندستان سي دوستي نهين ڪرينگي." ان ڪري اسان وٽ پنجاب ۾ اردو ڳالهائيندڙن مان هڪڙو وڏو طبقو آهي، جيڪو پوءِ بہ تعلقات سڌارڻ ڪونہ ڏيندو، چوتہ جي تعلقات سڌرن ٿا، تہ اسان هڪ ٻئي وٽ آرام سان ايندا سون ويندا سون. نتيجي ۾ سڀ کان پهرين تہ فوج گهٽبي ۽ فوج جي گهٽجڻ سان پنجاب جي پيٽ تي لت ايندي. فوج ۾ تعداد جي لحاظ کان نڪو سنڌي آهي، نڪو بلوچ آهي ۽ نڪو مهاجر آهي. فوج ۾ آهي، ناهي تہ هڪڙو پنجاب آهي، ۽ ٻيا پٺاڻ آهن. ان ڪري جيڪڏهن ڪشير جو مسئلو حاصل ٿي ويو، تڏهن بہ هي انڊيا دشمنيءَ واري سياست هلائيندا ايندا، ويندي سونَ جي ٿالهيءَ ۾ رکي ڪشمير ڏنو ويندو، تڏهن بہ تعلقات ڪونہ سڌاريندا.

پر هاڻي ڏسجي ٿو ڪشمير جو مسئلو حل ٿيڻ واري منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن اهو واقعي پنج سال اقوام متحده وٽ رهي ٿو ۽ پوءِ راءِ شماري ٿئي ٿي، تہ اها ڳالهہ تمام سٺي ٿيندي ۽ جيڪڏهن واقعي پ پ وارن جو آمريڪا سان اهڙو مخفي ٺاهہ ٿيو آهي ۽ اهو رڳو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ٿي ٿيو آهي، تڏهن بہ آئون چوان ٿو، تہ پ پ جيڪڏهن ڪو چڱو ڪم ڪيو آهي، تہ اهو ٿي آهي ۽ هي جيڪو نواز شريف کي چيو پيو وڃي تہ تون اسان جو ليڊر آهين ۽ وڃي ڪشمير جو ڪيس ڳاءِ، سو رڳو ان لاءِ آهي تہ، "بُجڙو ڪم ڪرائجي ڊيڊ کان."

باقي ڪشمير جي باري ۾ اسان ويهي فيصلو ڪريون يا پاڪستانَ ويهي فيصلو ڪري يا هندستان، ڪشميرين جو فيصلو ڪري. اهو ٻنهي ڌرين کي حق ڪونهي. اهو حق ڪشمير جي عوام کي آهي. ڪشمير جي باري ۾ منهنجي راءِ اها آهي، جيڪي هي چالبازيون يا سازشون ٿين پيون. سي بہ اهي آهن، جيڪي مون بيان ڪيون، پر جيڪڏهن نواز شريف ڪشمير جي باري ۾ اقوام متحده ۾ وڃي ٿو، تہ اها ان جي سياسي خودڪشي ٿيندي ۽ پوءِ هو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنجاب جي عوام ڪان ڪتجي ويندو، ڇوته ان لاءِ آمريڪا اڳ ئي پنهنجي لابي تيار ڪري ڇڏي آهي، سو خوشيءَ سان يا رنج سان، نهراءُ پاس ڪرائيندو، پوءِ ڪٿي پاڪستان يا پنجاب ڪيترو به اعتراض ڪندو، پر هو زوريءَ فوجون موڪلي ڏيندا، جيئن هينئر هيٽيءَ ۾ پين ملڪن ۾ ڪرايو پيو وڃي. طاقت هنن وٽ آهي ۽ يورپ وغيره جي ملڪن جي اڪثريت به هنن جي مدد ڪندي، جيڪي هو چاهيندا، سو ڪندا، فوجون موڪليندا ته هنن کي روڪيندو ڪوبه ڪونه، نه هندستان ۾ اهڙي طاقت آهي ۽ نه پاڪستان ۾ آهي، جو اهي اقوام متحده جي ڪمر ٻائيند فوج سان آڏو اچن.

انٽرويو وٺندڙ: خاڪي جويو
(ماهوار "ساڃاهه" جي
شماري ۳-۴، ۱۹۹۴ع
تان ورتل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڄي سنڌي قوم
ڪرپٽ ٿي چڪي آهي

ماڻڪ: ۱۹۹۰ع ۽ ۱۹۹۳ع واري چونڊن ۾ حصي نہ وٺڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟

امداد محمد شاهہ: آءٌ بنيادي طرح سان سماجي ورڪر ۽ ڪارڪن آهيان، سياست ۾ ۷۰ع تائين رهيو آهيان. توهان کي خبر هوندي، تہ شيخ مجيب الرحمان، آل پاڪستان عوامي ليگ جو سربراهہ هو. آئون انهيءَ پارٽيءَ ۾ صوبي سنڌ جو نائب صدر ۽ آل پاڪستان عوامي ليگ، ليبر جو سيڪريٽري ۽ مرڪزي ايگزيڪيوٽو جو ميمبر رهي چڪو آهيان. مون ان وقت ڏٺو تہ واضح اڪثريت وارو صوبو بنگال، تنهن کي اسان جي بيورو ڪريسي ۽ فوج، جمهوريت بحال ڪرائڻ لاءِ تيار نہ هئي. انهن هتي بنگالين کي ماري ڪٽي فوجي آپريشن ذريعي ۳۰ لک بنگالي مسلمانن کي، شهيد ڪري ڏڪاري ڪڍيو ويو، پر انهن کي جمهوري سياسي حق نہ ڏنا ويا. ان وقت ٿي منهنجو هن ملڪ ۾ جمهوريت تان ايمان ڪچي ويو. تنهن ڪان پوءِ آئون ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ ۾ شامل نہ ٿيس. پوءِ مون ڪوشش ڪئي تہ هاڻ پنهنجون جيڪي بہ صلاحيتون آهن، انهن کي سماجي خدمتن ۾ گذاريان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سماجي خدمت ۾ بنياد وري تعليم چوندي‌م، تنهن ڪانپوءِ سنڌ جا ڀهراڙيءَ جا سڌارا. اهڙي سماجي خدمت آئون ٧٠ع کان وٺي ٧٩ع تائين ڪندو رهيس. اڄ ڏينهن تائين منهنجو اهو ايمان آهي، تہ هن ملڪ ۾ نہ تہ جمهوريت ايندي ۽ نہ قانون جي بالادستي رهندي. ڪجهہ دوستن مون کي چيو تہ ضلعي ڪائونسل ۾ بہ تون سماجي خدمت ٿو ڪرين، تہ چونہ پنهنجي سماجي خدمت اسيمبليءَ جي ذريعي ڪرين، ان ڪري آئون ٨٥ع ۾ اسيمبلي ۾ ويس ۽ پنهنجي وس آهر سياست نہ، چاجي ڪري تہ توهان کي بخوبي خبر هوندي، تہ وزارتن جون آڇون بہ ڪيون ويون، پر مون چيو تہ مون کي سماجي خدمت ڪرڻي آهي، اصل ڪم اهو آهي، پر ڇا ڪجي جو آئون سياسي سوچ رکان ٿو، تنهن جي ڪري سياسي نقطئہ نظر، سياسي گفتگو مون ضرور اسيمبليءَ ۾ ڪئي آهي. يا پاڪستان جي آئين تي مون پنهنجو نقطئہ نظر پيش ڪيو. اها سماجي خدمت نہ رڳو سڪرنڊ ۾ پر ڪوٽڙيءَ هالا ۽ سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۽ شهرن جي مون خدمت ڪئي آهي. ويندي اسيمبليءَ ۾ رڪارڊ ڏسندو تہ ٿر، بدين ۽ سنڌ جي ٻين علائقن جا ماڻهو پنهنجا مسئلا مون کي لکي موڪليندا هئا. هاڻ توهان جي اصل سوال تي ٿو اچان تہ ٩٠ع ۽ ٩٣ع جي چونڊن ۾ مون حصو چونہ ورتو. اسيمبلين جي ٽرم ۾ آئون ٻہ ڀيرا چونڊجي آيس. جتي مون کي بہ تجربا ٿيا. هڪڙو هي تہ اسيمبلي صرف ڊبيٽنگ سوسائٽيون وڃي رهيون آهن، جنهن ۾ گفتگو ۽ ڪم جي ڪابہ اهميت ڪانهي، مون ڏٺو تہ پنهنجو وقت وڃائجي ٿو ۽ ڪجهہ حاصل بہ ٿيڻو نہ هو. خاص طرح سان جڏهن پ پ ٨٨ع ۾ چونڊجي آئي، تہ انهن مڪمل طرح سان مون جيڪا سماجي خدمت ڪئي ٿي، ڊولپمينٽ جي باري ۾ هر ڪنهن ڳالهہ ۾ بضد ٿي، منهنجون ترقياتي اسڪيمون مڪمل طرح سان بند ڪري ڇڏيون ۽ آئون ڪوبہ مسئلو حل ڪرائي نہ سگهيس. اسيمبليءَ جي رڪارڊ تي اها بہ ڳالهہ آهي تہ بابا! آئون مخالفت ۾ ويٺو آهيان ۽ حق جي ڳالهہ ڪريان ٿو، پر سڪرنڊ جي ماڻهن تہ ڏوهہ ڪونہ ڪيو، اتي بہ تہ آدمشماري رهي ٿي، اتي بہ سنڌ ۽ پاڪستان جا شهري رهن ٿا. انهن جي توهان ترقيات تي چو ٿا لت هڻو. پوءِ مون ڏٺو تہ آئون فائدو تہ ڪونہ ٿو ڏئي سگهان. پاڻ منهنجي ڪري نقصان ٿو ٿئي ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مون سوچيو تہ آئون وچ مان نڪري وڃان، جي ڪنهن کي ڏئي نہ سگهان تہ ڏکويان تہ نہ، ۽ پنهنجي علائقي کي نقصان تہ نہ پهچايان. ان ڪري مون فيصلو ڪيو تہ اسيمبليءَ ۾ وڃڻ، وقت جو زيان آهي، ٻي ڳالهہ تہ ووٽ جو اسان وٽ قدر يا عزت اها وڃي رهي آهي. تہ ٨٥ع ۾ چونڊ ٿي، جيڪا غير سياسي بنيادن تي هئي، پر ان کي بہ اسان جي بيوروڪريسيءَ قبول نہ ڪيو. اها ٽڏي ٻي چونڊ ڪرائي. وري ٨٨ع ۾ چونڊ ٿي. اها بہ قبول نہ ٿي. مون کي ياد آهي، جڏهن ٨٨ع ۾ آئون چونڊجي ويس، تہ ڪجهہ دوست ۽ اخبار نويس، نوابشاهہ ۾ منهنجي جاءِ تي مون کي مبارڪ ڏيڻ آيا ۽ مون کي چيائون تہ سائين! ڪا خاص خبر، مون چيو تہ خاص خبر آهي، تہ ٨٥ع ۾ چونڊيل اسيمبليءَ جو Tenure هو، ٩٠ تائين، اهو تہ پورو ٿيڻ ڪونہ ڏنائون. ٨٨ع ۾ ٻي اليڪشن ٿي آهي. خاص خبر ٨٨ع جي اها اٿو تہ ٩٠ع کان اڳ ۾ هي اسيمبليون بہ ڊزالو ٿي وينديون. جيڪو صحيح ثابت ٿيو ۽ ٩٠ع جو ٽينيوئر يعني پهرين ٽينيوئر ۾ منهنجو ٻيو ٽينيوئر بہ پورو ٿي ويو. تنهن جي ڪري مون کي اِها پڪ هئي، تہ هيءَ جيڪا ٩٠ واري اليڪشن ٿئي پئي، تنهن جي بہ سال ٻن کان وڌيڪ عمر ڪانہ ٿيندي. ان ڪري هرويرو رڳو انهن تجربن ۾ وقت وڃائڻ هو. وري بہ منهنجي اها راءِ آهي تہ جيڪا هنيئر ٩٣ع ۾ چونڊ ٿي آهي، انهيءَ کي بہ فوج ۽ ڪامورا شاهيءَ لڪل طاقتون پنهنجو مدو پورو ڪرڻ نہ ڏينديون. جنهن کي انگريزيءَ ۾ چوندا آهن، ويسٽ آف ٽائيم ويسٽ آف مني ويسٽ آف انرجي.“

ماٺڪ: سائين جي ايم سيد ١٩٧٠ ع جي چونڊن ڪانپوءِ پارلياماني سياست کي خدا حافظ چيو. ڪٿي ائين تہ ناهي جو توهان بہ سائين واري ئي نتيجي تي پهتا آهيو تہ اسان جي مسئلن جو حل اليڪشن ۾ ناهي؟

امداد محمد شاهہ: آئون اڳ ۾ بہ چئي آيس تہ آئون اليڪشن ۾ ٨٥ع ۾ جيڪو بيٺس، سو پنهنجي سماجي خدمتن کي جاري رکڻ لاءِ. پوءِ سماجي خدمت جا دروازا بند ٿي ويا. پارلياماني ۽ قانوني حڪومت هن ملڪ ۾ ايندي ئي ڪانہ. سماجي خدمت ۽ سماجي سڌارن جا دروازا جڏهن بند ڪيا، ويا تڏهن اهڙين اسيمبلين تان منهنجو ويساهہ کڄي ويو ۽ مون بس ڪئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ماڻڪ: سائين جي ايم سيد سان هڪ پٽ جي وابستگيءَ کان علاوه سياسي طور ڪيتري وابستگي رکو ٿا؟

امداد محمد شاهه: سائين نظرياتي طرح سياستدان آهي ۽ آئون نظرئي جي پيٽ ۾ پريڪٽيڪل سياست ۾ وڌيڪ ويساهه رکان ٿو. ڪهڙن سببن جي ڪري هي ملڪ وجود ۾ آيو. اُهي اسان کان اڳئين جنريشن وارا، ان جا ذميوار آهن، پر جيئن ته هن ملڪ ۾ آئون رهان ٿو موجوده آئين، موجوده قانون ۽ موجوده نظام جي نظرئي سان آئون رهان ٿو، تنهن جي ڪري، توهان ڏسندو ته ڪافي عرصي کان وٺي، سائين جي ايم سيد، آل پاڪستان، ڪنهن پارٽيءَ جو ميمبر ۸۵ع کان پوءِ نه رهيو آهي. ۸۵ع تائين هو، ان کان پوءِ سائين سنڌ سطح تي پنهنجي پارٽي ٺاهي آهي، آئون پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ هڪ پارٽيءَ ۾ شريڪ رهيس. اُها آل پاڪستان عوامي ليگ هئي، تنهن جي ڪري فرق ڪيترو آهي، اهو اوهين پاڻ ڏسو ته ڇا آهي.

ماڻڪ: پ پ هڪ سنڌ بيسڪ پارٽي آهي. ڇا ان کي ڪنهن به حوالي سان قومپرست سنڌي سگهجي ٿو؟

امداد محمد شاهه (کلندي) ٻه چار سال اڳي، جڏهن آئون ۱۹۷۰ع کان واندو آهيان ته ٻن پارٽين مون کي ڏاڍو ڇڪيو ۽ چاهيو. هڪڙي مسلم ليگ ۽ ٻي پيپلز پارٽي. پ پ جا پتي حا، مون وٽ اچا خط به رکيا آهن. پتي خط به لکيا، روبرو به گفتگو ڪئي. هينئر هنن مون سان ماين نه ڳالهايو، پر ماين جي نمائندن ٻه ٽي دفعا اچي مون سان ڳالهايو ته تون ماٺ ڪريو ويٺو آهين، اسان سان سياست ۾ ڇونه ٿو اچين. تون سائين جي ايم سيد واري سياست ۾ جيڪا صوبائي سياست آهي، تنهن ۾ به نٿو شامل ٿئين. تون اسان سان اچ، مون چيو ته بابا! اسين ٿورو نظرياتي خيال رکون ٿا، نظرياتي خيال ۾ هڪڙو ته اڳ عوامي ليگ هئي، اوهان سڀ انهيءَ کي مارڻ ۾ شريڪ آهيو. تنهن ڪري توهان جا هٿ خون ۾ پريل آهن. ٻيو ته آئون نااميد آهيان ته هتي جمهوريت، يا قانون جي ڪا حڪومت ايندي، ٽين ڳالهه ته برصغير جو ورهائڻ هن ملڪ جي سڀني سياسي بيمارين جي جڙ آهي مسلم ليگ. ۽ مسلم ليگ جنهن جو ڪردار بدڪردار عورت وارو رهيو آهي. ريپبليڪن پارٽي ۽ پيپلز پارٽيءَ ان جا ٻي نڪاحا چاول حرامي ٻار آهن، ڇوته هي سڀ اقتدار جا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بکيا آهن ۽ موقعي پرستي واريون پارٽيون رهيون آهن، تنهن ڪري انهن ۾ نظرياتي ماٺهو ڪيئن ٿو اچي سگهي، تنهن ڪري اهي جيڪي پارٽيون مسلم ليگ ۽ پيپلز پارٽي آهن، مون کي ٩٠ع ڌاري ڪجهه دوستن چيو ته تنهنجا لاڙا، ٿورا پيپلز پارٽيءَ ڏي وڌيڪ آهن، بنسبت مسلم ليگ جي، تنهن جو سبب ڪهڙو آهي. مون وري انهن کي چيو ته ٻه شيون هڪڙيون توهان جي سامهون آهن. هڪڙي آهي بدڪوردار عورت، جيڪا حرامي ٻار ڄڻيندي ٿي وتي، ٻيو آهي حرامي ٻار. هاڻ توهان ٺڏي دل سان سوچيو، ته حرامي ٻار جو ڏوهه ڪوبه ڪونهي. ڏوهه ته ان عورت جو آهي ۽ جنهن بدڪرداري ڪئي، جنهن جي ڪري حرامي ٻار ڄائو. انهيءَ کي ورثي ۾ پنهنجو حرامپائيءَ وارو لقب مليو، پر گناهه جي آهي ته انهيءَ مرد ۽ عورت ڪيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ حرامي ٻار ڄائو. تنهن ڪري آئون سمجهان ٿو، ته ٽڪو پيسو اهو سبب آهي ۽ ڪو خاص به نه آهي.

مانڪ: سنڌ ۾ قوم پرستن کي گڏريل ڪنهن به اليڪشن ۾ ووٽرن پنهنجو نه ڪيو، جڏهن ته سرحد ۽ بلوچستان ۾ بهرحال قومپرستن جي ڪانه ڪا پارلياماني حيثيت آهي، ڇا ان کي سنڌ ۾ قومپرستيءَ جي ناڪامي ڄٽي سگهجي ٿو؟

امداد محمد شاهه: آئون پنهنجي راءِ کي حرف آخر نه چوندس، باقي هڪڙي ڳالهه ضرور چوندس، ته سرحد ۽ بلوچستان واري قومپرستي، جيڪا جيتري قدر آهي ته قبائلي بنيادن تي هنن جون چونڊون ٿين ٿيون، اتفاق سان هنن جا ڪي سردار ۽ نوجوان قومپرستيءَ جو جذبو رکن ٿا، تنهن جي ڪري هو چونڊجي آيا آهن، پر هنن جون چونڊون پنهنجي قبائلي جوڙجڪ جي بنيادن تي ٿين ٿيون. سرحد ۾ ڇاهي ته تمام پراڻي جدوجهد، ترقي پسند ۽ قومپرستيءَ جي هلندڙ آهي، جنهن جو پايو وجهندڙ خان عبدالغفار خان، عبدالصمد اڇڪزئي، غوث بخش بزنجو هئا. انهن ۾ مستقل مزاجي رهي آهي. ٽڪڙا فيصلا ڪونه ٿا ڪن. روز اڄ هڪڙو محاذ، سڀاڻي ٻيومحاذ، پر هيئن ٽيون محاذ ڪونه ٿا جوڙين، انهن برداشت جيڪو ڪيو آهي، سنڌ صوبي ان جي پائيءَ جيترو به نه ڪيو آهي. اسان چند جانيون ضايع ڪيون هونديون. سرحد صوبي ۾ سياسي تحريڪ ۾ ارباب خاندان،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خاندان، عبدالصمد اچڪزئي جو خاندان، گهڻن خاندانن جون، انهن مان ڏسندو ته ٽي ٽي دفعا ملڪيتون ضبط ٿي نيلام تي ويون ۽ هنن کي وري نئين سر شروع ڪرڻو پيو. اسان وٽ هينئر المرتضيٰ هائوس تي سياسي اختلافن جي بنياد تي گوليون هليون. هڪڙو به شهيد ٿيا يا زخمي ٿيا، پر اهڙا واقعا جهڙا بلوچستان ۽ سرحد ۾ ٿيا، جيئن جناح صاحب جي وقت ۾ لياقت علي خان جي هٿان سون جي تعداد ۾ گوليون هلرائي ۽ انهن جا لاش درياهن ۾ لوڙهيا ويا. مائٽن ۽ وارثن کي هي لاش به ڪونه ڏنا ويا، جنهن کي بابرا فائرنگ ڪري سڏيو ٿو وڃي. بابرا ۾ هنن جي سياسي عدم تشدد جي ميڙ تي گوليون هلرائي، انهن جا لاش لوڙهائي ڇڏيا. اتي سياسي ڪارڪنن جو ڪارو منهن ڪري، گڏهه تي چاڙهي، سرڪس ڪرايا ويا. اسان وٽ اجا ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي، تنهن جي ڪري جيترو برداشت ڪبو، اوترو ئي سهپ جو مادو به پيدا ٿيندو ۽ پاڻ ۾ ايڪو ۽ ٻڌي پيدا ٿيندي. ٻي ڳالهه آئون ٿوري ڪندو هلان ته هنن وٽ هڪڙي يا ٻه قومون آهن، تنهن ڪري قومپرستيءَ جو جذبو به آهي. هڪ قوم به آهي. اسان وٽ چون چون جو مربو آهي، ان ڪانسواءِ سنڌ هڪ بين الاقوامي شاهراهه آهي، بقول علي محمد راشديءَ جي، تنهن ڪري اسان وٽ ڪنهن هڪڙي قوم جي سوچ هُجڻ جو خيال تمام گهٽ آهي. اهوئي سبب آهي ته قومي ٻڌي اسان ۾ گهٽ ٿي آهي. اسان وٽ ڳاڙهو قصو گهٽو آهي، تنهن ڪري سنڌ جي قومپرستيءَ جي انهن (سرحد ۽ بلوچستان) سان ڀيٽ ڪرڻ يا اسان جو قومپرستيءَ جي حوالي سان پوئتي هجڻ وارو سبب اهوئي آهي.

ماٺڪ: توهان جو چوڻ آهي ته سرحد، بلوچستان بنسبت سنڌ جي قومپرستن وڌيڪ عذاب ڀوڳيو آهي؟ تنهن جي ڪري اهي اسان کان اڳتي آهن، پر ٻ ٻ سنڌ ۾ ڪهڙو عذاب ڀوڳيو آهي، جو ماڻهو ان کي وڌيڪ پنهنجو ڪن ٿا؟

امداد محمد شاهه: ٻ ٻ لاءِ عام هڪڙو تاثر اهو آهي، ته سنڌيت جي ڪري ماڻهو کيس ووٽ ڪن ٿا. پر ڇاهي ته سنڌس جي سياست هميشه موقعي پرستيءَ واري رهي آهي. پنو مرحوم جڏهن پهرين مسلم ليگ مان نڪري ايوب خان جي مخالفت ۾ نڪتو، ته توهان کي خبر آهي ته حيدرآباد،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نوابشاهہ ۾ منهنجي جاءِ تي، سن ۾ دادو شهر ۾ اسين سائٽس گڏ هئاسون. سنڌ جي مسئلي تي ڪڏهن به گفتگو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. چوندو هو تہ مون ڪي فوج ڪيئن برداشت ڪندي. مون ڪي پاور حاصل ڪرڻو آهي، پوءِ پاور وٺي آئون پنهنجو عملي جامو پارائيندس، تہ هو پاور تي هلندو هو ۽ پوءِ جڏهن ڪيس عملي پاور مليس، تہ هن سنڌ سان ۽ سنڌ وارن سان ڪهڙا ڪلور ڪيا. سا بہ تاريخ شاهد آهي، تہ اسان وٽ هميشہ موقعي پرستيءَ واري سياست رهي آهي ۽ هينئر بہ ماڻهو باشعور گهٽ ۽ اڪثريت جاهل ماڻهن جي آهي. تعليم گهٽ آهي، هو ڏسي ٿو تہ پاور ملندو پي پيءَ ڪي، ڪاموري سان بہ سازگار ماحول رکيو وينا آهن. ڀلي چوندڙ جي ڪير بہ اچي، پر پاور هنن ڪي ئي ملندو. پاور هنن ڪي ملندو، تہ اسان جا جيڪي ذاتي مسئلا ۽ خود غرضيءَ وارا مسئلا، اتان حل ٿيندا، تنهن جي ڪري ئي، هو پ پ ڪي ووٽ ڏين ٿا، نہ ئي ڪنهن شعور جي ماتحت.

ماڻڪ: توهان ان ڳالهہ سان متفق ٿيندا، تہ سنڌ جي قومپرست سياست ڪي، نئين سر ڏسڻ ۽ ان ڪي نئين رخ ڏيڻ جي ضرورت آهي؟

امداد محمد شاهہ: رُخ تہ اسان وٽ قومپرست سياست ڪي گهٽائي ڏنا ويا آهن، آئون رڳو ايترو عرض ڪندس، تہ تجربا گهٽ ٿين. اسين تجربن ۾ وقت پيا وڃايون، پر ڪنهن هڪڙي گس ڪي وٺي هلائڻ لاءِ تيار نہ آهيون ۽ سنڌ ۾ مون محسوس ڪيو آهي، تہ سياسي سجاڳي اسان وٽ ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي، پر اسين رڳو ٻي عمل آهيون. اسان جو وڏيرو ملڪ ڪي وڪڻڻ لاءِ تيار آهي، قوم ڪي وڪڻڻ لاءِ تيار آهي. قومي اقتصادي مفادن ڪي بہ پنهنجي ذاتي لالچ تي وڪڻڻ لاءِ تيار آهي، انهيءَ سان جيڪڏهن گفتگو ڪبي تہ انهيءَ جي سوچ اهڙي تہ سالم آهي، هر مسئلي تي صحيح گفتگو ڪري ڀڌائيندو، پر عمل جو جڏهن وقت ايندو، تہ سندس عمل وري صحيح سوچ ۽ حقيقت بجاءِ سندس ذاتي مفادن طرف وڌيڪ وهي ويندو ۽ اسان ڪي سندس عملي ڪارڪردگي ٻڙي ڏسڻ ۾ ايندي، ان ڪري سياسي سجاڳي ضرور آهي، پر انهيءَ تي پختي عمل جي ضرورت آهي.

ماڻڪ: سنڌي قومپرست تنظيمن ۾ ڏوهن، اخلاقي ڪرپشن يا سياسي ڪرپشن ڪي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

امداد محمد شاهہ: آئون تو چوان، تہ سڄي قوم ڪرپٽ ٿي چڪي آهي. قومپرست بہ انهيءَ قوم جو جزو آهن، تہ اسان کي اجتماعي طرح سان اهي ڪمزوريون سنڌي قوم ۾ ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي آهن، اهي ڪمزوريون اسان ۾ اجتماعي طور تي آهن، آئون پاڻ کي ڪٽي کهڙو بہ سمجهان، اوهين پاڻ کي ڪٽي ڪهڙو بہ سمجهو، پر سنڌي قوم جو جزو تہ آهيون، اهي ڪمزوريون جيڪي سنڌي قوم ۾ آهن، تہ اسين بہ تہ سنڌي قوم جو هڪڙو حصو آهيون، تہ اها جيڪي بيماري آهي، سا قومي بيماري آهي، نہ ئي قومپرستن جي بيماري آهي، اوهان ٿورو ڪرپشن ڏسو، ڏوهہ ڏسو، آئون نالا نہ وٺان تہ بهتر آهي. چاجي ڪري تہ انهن سان آئون هم خيالي نٿو رکان، جيڪي بہ سياسي پارٽيون آهن، انهن ۾ ڏوهہ بہ ملندو، ڦرمار بہ ملندي، قوم تہ هڪڙي آهيون، تنهن ڪري، اهو مرض، جڏهن هڪڙي گهر ۾ پاڻ پئي رهون ٿا، تہ ڪا منهنجي بيماري توڏي رڙهي ايندي، ڪو وري تنهنجي بيماريءَ جو مون تي اثر ٿيندو، تنهن ڪري رڳو قومپرستن ۾ اهي ڪمزوريون ڪونہ آهن، پر اهي سنڌي قوم ۾ ڪمزوريون آهن.

ماڻڪ: اسان جي قوم انهن بيمارين کان ڪهڙي ريت ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿي؟

امداد محمد شاهہ: ان لاءِ بنيادي تعليم جي ضرورت آهي، تنهن ڪري توهان ڏٺو هوندو، تہ منهنجي سماجي ڪمن ۾ زور جنهن ڳالهہ تي آهي، سو تعليم تي آهي، پر هيءَ ڪاپي ڪلچر، ڪلاشنڪوف ڪلچر واري تعليم نہ هجي. صحيح معنيٰ ۾ تعليم هُجي ۽ تعليم سان گڏ محنت جي بہ ضروت آهي. هتي اسان وٽ تعليمي ماحول خراب ڪيو پيو وڃي. اسان وٽان هڪڙي محنت ۽ ٻيو هُنر ڇڏائي ويو آهي.

ماڻڪ: سنڌ جي ماڻهوءَ ووٽ ڪٿي پ پ کي ڏنا، پر نہ سندن مسئلا ٿا حل ٿين ۽ نہ ئي وري پ پ جا اسيمبلي ميمبر ڪو رول ٿا ادا ڪن. ڇا ان تي ماٺ ڪري ويهي رهڻ گهرجي؟

امداد محمد شاهہ: انهن کي ايڪسپوز ڪجي، تہ بابا! هي تہ توهان جا مسئلا حل ڪندائي ڪونہ- مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هو وڃن ئي ڪونہ ٿا. هو وڃن ٿا پنهنجا پيٽ ڀرڻ ۽ کيسا ڀرڻ لاءِ، رڳو ماڻهن کي ٿا چون تہ اسان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ويجون ٿا. ها پر ماڻهن کي وقت بوقت نشاندهي ڪرڻ گهرجي. مثال طور هتان جو ڪو چونڊيل ميمبر آهي، ان کي چئجي، اسان جا مسئلا حل چونہ ٿا ڪريو، تہ انهيءَ سان هڪڙي انهن ميمبرن جي ڪن مهٽ ٿينديون، ايندا وري بہ اُهي ئي، پر ائين ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ سڌاري جا امڪان ڏسڻ ۾ ايندا ۽ ان لاءِ اسان ماڻهن ۾ جڏهن سياسي تعليم جو رجحان آڻيندا سين تہ پنهنجو آواز صحيح طرح اٿاري سگهنداسين.

ماڻڪ: توهان سمجهو ٿا تہ گذريل ڪجهہ وقت کان ملڪ ۾ ٻن سياسي پارٽين واري نظام کي جوڙيو پيو وڃي. پرائيون پارٽيون ٽٽن پيون، ماڻهن وٽ متبادل بہ ڪونهي، اهڙي صورت ۾ قومپرست بنيادن تي ڪنهن نئين ۽ وڏي پارٽيءَ جي گنجائش تہ نٿا ڏسو؟

امداد محمد شاهہ: آئون وري بہ هتي پنهنجي ذاتي راءِ ڏيڻ گهرندس، تہ جڏهن ڪابہ ڳالهہ مٿين ليول / سطح تي ٺاهي ۽ جوڙي ويندي آهي، ان جو اثر ديرپا نہ رهندو آهي. اسان وٽ اڄ تائين جيڪي بہ تجربا ۽ Excerises رهيون آهن سي سڀ بي بنياد رهيون آهن. مٿان کان جوڙي پوءِ هيٺ آڻڻ ۽ جيئن اُهي تڪڙيون ترقي ڪنديون تيئن انهن جو تنزل بہ تڪڙو ٿيندو. پوءِ اهي پارٽيون هجن، تنظيمون هجن يا سماجي جماعتون هجن. هر ڪا ڳالهہ ٿيٺي آهي. بنياد سان، بنياد هيٺان زمين کان جيڪڏهن توهان ان جو ٺاهيندؤ تہ پوءِ ان جي ترقي تمام Slow هوندي، پر اها شيءِ ترقي ڪري ڪري مضبوط ٿي ويندي. اهو وڻ بہ مضبوط ٿيندو ۽ ان جي پاڙ بہ مضبوط ٿي ويندي، پر جيڪي فيصلا ۽ بنياد مٿان نافذ ڪيا ٿا وڃن، انهن جي تڪڙي جوڙجڪ جي ڪري، ان جا بهتر نتيجا نٿا نڪرن ۽ ڏکي منزل ۾ ناڪاره ثابت ٿين ٿا.

ماڻڪ: بهاري، پاڻي وارو ناهہ. مالياتي ڪميشن ايوارڊ جا آهن، انهن جي اصل حقيقت ڪيتري آهي ۽ ان کي ڪڏهن ڪڏهن بي وقت چو ۽ ڪيئن اٿاريو ويندو آهي؟

امداد محمد شاهہ: اهو اصل ۾ پنهنجا جيڪي حقيقي مسئلا آهن، انهن تان پنهنجو ڌيان هٽائڻ لاءِ خوف بڇيو ويندو آهي، تنهن جي ڪري بهارين کي گهرائڻ ۽ ڪالاباغ ڊئم جهڙا مسئلا. اسان جو دشمن وقت بہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وقت اثاريندو رهيو آهي. مالياتي ڪميشن لاءِ به اهو آهي ته گفتگو ته هميشه ٿي آهي، فيصلا به ڪجهه غلط يا صحيح ٿيا آهن، پر عمل درآمد هڪڙي ٿي به نه ٿيو آهي. منهنجو اهوئي چيل آهي ته بابا! جيڪو وٽيو سو ڪريو، پر پاڻ به پائر آهيون ۽ انهيءَ ۾ مائٽاٽي ورثي جي ڪا پاڻ وٽ زمين، ملڪيت هُجي ۽ پاڻ انهيءَ تي مسلسل ۴۵ سال پيا وڙهون، پر آئون ننڍو آهيان، اوهان وڏا آهيو، مون کي اوهين پلي چار آنا. هونئن ٻن پائرن جي حيثيت ۾ مون کي اٺ آنا حصو ملي ٿو، پر چار آنا ٿي ڏيو، پر چار آنا به ڏيو ڪونه ٿا، رکو آچيو ٿا، ٻه آنا به ڏيو ڪونه ٿا، رکو آچيو ٿا، تنهن جي ڪري آئون ذاتي طرح انهيءَ راءِ جو آهيان ته بابا! جيڪي هجي سوبه طئي ٿئي. گهٽ ۾ گهٽ پوءِ، ته وڃي توهين پنهنجي ڪاروبار کي لڳو ۽ آئون پنهنجي ڪاروبار کي، نه ته اسان جي Energy ۽ اسان جي طاقت رکو ذيان پئي ٿيندي. هڪبئي جي رساڪشيءَ ۾. ان ڪري مالياتي ۽ پاڻيءَ جو توهان ڏسندوءِ ته ۱۹۳۵ع کان وٺي پاڻيءَ وارو مسئلو طئي ٿي نٿي ٿيو. ائين ٿي ڪونه ڪو بهانو ۽ اعتراض ڪڙو ڪيو پئي ويو. تان جو انگريز هليو ويو ۽ پاڻيءَ وارو مسئلو رهجي ويو. وري هي هيٺريون حڪومتون آيون ۽ ويون، پر اهو پاڻيءَ وارو مسئلو اتي ئي رهجي ويو. سو مالياتي ڪميشن جو به اهوئي حال آهي. اوهان کي هڪڙي ٻي ڳالهه به ٻڌايان، ته جڏهن پاڪستان ۽ انڊيا پارٽيشن ٿي، ته اثاثن جي ورڇ تي هندوستان اهائي ٽال مٽول ڪئي، جيڪا پنجاب اڄا تائين اسان سان ڪندو ٿو اچي. پئسن ڏيڻ کان آڳونو، اهو مهاتما گانڌي ئي هو، جنهن مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪئي، تڏهن هنن پئسا ڏنا. چيائين ته هاڻ غلط يا صحيح، هُو اسان کان جدا ٿي ويا، اسان انهيءَ کي قبول ڪيو آهي، انهن جو حصو آهي، ته ڇو نه ٿو، انهن کي حق ڏنو وڃي. هو طاقتور ماڻهو هو ۽ ڪانگريس ۾ هو. ڪانگريس ۾ مسئلو ڪٿي ويو. ڪانگريس به هن جي ڳالهه مڃي. نتيجو اهو ٿيو، ته مهاتما گانڌيءَ بک هڙتال ڪئي ته بابا! حق آهي، گانڌيءَ جي جڏهن حالت خراب ٿي، ته اوهان پڙهيو هوندو، ته پئسا ٿي پاڪستان کي تڏهن مليا. نه ته اسان وٽ پگهار لاءِ پئسو ڪونه هوندو هو ۽ ائين گانڌي پئسا ڏيارائي، هن کي ناتيو ۽ پوءِ جڏهن گانڌيءَ کي ماريو ويو، ته انهيءَ وقت اهي به ڳالهيون هليون هيون، ته مسلمانن کي پئسا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيارائڻ جي ڪري، گانڌيءَ کي پٽيل ئي مارايو هو. خود مهاتما گانڌيءَ جي قاتل به، ڪورٽ ۾ چيو تہ هو هندن جو دشمن هو ۽ مسلمانن جو ساٿي بڻجي ويو هو. هن کي ڪو وڏو وهم ٿي پيو هو، تہ گانڌي ڪو مسلمان ٿي پيو آهي. سو پاڻيءَ وارو مسئلو هجي، مالياتي ڪميشن جو، اهو سڀ ڪجهہ ڪوڙ ۽ دوکي تي مبني، اڪين ۾ ڌوڙ وجهڻ جهڙو مسئلو آهي. بهرحال منهنجو پنج ڪلاڪ ۽ توهان جو اٺ ڪلاڪ پاڻي آهي، پر جي مسئلو حل نہ ٿو ٿئي، تہ جيڪو ڪمزور هوندو، ان کي تہ هڙ حاصل ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، پر جي پنهنجو پنهي ڌرين جو ناهہ تي وڃي، پنجن، اٺن ڪلاڪن تي تہ پنج ڪلاڪن جي به، آئون حاصلات سان ڪجهہ نہ، ڪجهہ آباد تہ ڪري سگهندس، پر اڻ نبريل ڳالهہ اها هميشہ نقصانڪار آهي، انهيءَ ڪي آئون ائين سمجهان ٿو ۽ بهارين وارو مسئلو آهي، تہ بهاري دنيا جي ڪنهن به قانون موجب، هو اسان جا شهري، نتا ٿي سگهن، نہ ئي اچي سگهن ٿا.

ماٺڪ: سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو، جڏهن تہ آپريشن تي وڏو خرچ ڪرڻ بعد به ڦرون ڌاڙا ختم نہ ٿيا آهن؟

امداد محمد شاهہ: انهيءَ سوال تي به، منهنجي مفصل تقرير، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪيل آهي، جنهن ۾ مون چيو آهي تہ هي ايترا سارا ارب رپيا سيڙائي، جيڪو اوهين فوجين کي پيا هلايو، انهن مان رڳو ايترا ماڻهو نوڪريءَ ۾ رکو، تہ اهي ايترا هزار يا لک ماڻهو اسان جا روزگار سان لڳي ويندا، جتي ڏهہ سپاهي چوڪيدار هوندا، اتي سؤ چوڪيدار هوندا، تہ اهي وڏيڪ اثرائتا بہ ٿيندا ۽ اتي اسان جا ماڻهو بہ هوندا، پر هن کي اها ڳالهہ هضم ڪيئن ٿئي، چوتہ ماٺڪ هوندو، هن ڳوٺ يا ترجو، تہ ان کي هن نفعي نقصان جو صدمو ايندو. ٻاهرين ماڻهن کي تہ رڳو الائونس ڪمائڻا آهن، ڪن ماڻهن جو رايو آهي، تہ امن امان جو مسئلو ايجنسين جو پيدا ڪيل آهي، تہ اهي ايجنسيون چاهين ٿيون، تہ اهو مسئلو رهي، توهان کي خبر آهي تہ جڏهن اهي جهنگلن ۾ يا پٽي هنڌ وڃن ٿيون، تہ انهن کي پگهار کان بہ وڌيڪ الائونس ملي ٿو، تہ هينئر جيڪو نالو آپريشن جو آهي ان ۾ نالو آپريشن جو آهي ۽ وينا ٿا عياشيون ڪن ان کان الائونس پيا وٺن، تنهن ڪري اهو فوجي آپريشن انتهائي غلط آهي، جنهن تي مون سنڌ اسيمبليءَ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ڳالهايو آهي، جيڪا تقرير ۾ آئون توهان کي گهرائي ڏيندس. سو منهنجو اهو ئي رايو آهي.

مائڪ: توهان اڄ جي بلوچ ۽ پختون قومپرستيءَ کي ڪيئن ٿا ڏسو. خاص ڪري ان حوالي سان جو ڏڪهي، سخت ۽ ريڊيڪل سياست ڪرڻ بعد اهي سينٽرلسٽ ٿيندي پئي وڃي؟

امداد محمد شاهہ: هو تجربي مان نڪتا آهن. ريڊيڪل سياست واري تجربي مان نڪري چڪا آهن. هن موجوده نظام ۾ جيڪا دنيا جي جوڙجڪ آهي، تنهن ۾ اڳ ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجي سياست، پنهنجي خطي جي سياست، سڀ ڪو ڪري سگهيو ٿي. هينئر جيستائين ٻاهرين هوا جيڪا آهي، ان سان ۾ مطابقت رکي، جيڪر نٿو هلجي ته هلي نہ سگهبو. مون کي تجربو آهي تہ اسان جي درياهہ تي اسان ٻيڙين تي سير ڪندا آهيون، انهيءَ ٻيڙيءَ کي ۾ جي هوا جي رخ سان نہ هلائبو، تہ منزل تي نٿو پهچي سگهجي. اهڙي نموني سان هينئر جيڪي ننڍن ملڪن ۾ جيڪي سياستون هلن ٿيون، انهن کي ۾ دنيا جي سياسي رُخ ۾ نٿو هلائجي، تہ اهي صحيح نہ رهنديون، تنهن ڪري هينئر اها سياست سينٽرلسٽ يا مرڪزيت واري ڪانہ ٿي ٿئي، پر بين الاقوامي سياست جي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌي ٿي، جيڪو بين الاقوامي سياست جي وهڪري سان نٿو هلي ۽ پنهنجي الڳ سوچ رکي ٿو، پر دنيا جي وهڪري سان نہ هليو، تہ ڪاميابي جي منزل نہ ماڻيندو.

مائڪ: توهان ڇا صلاح ڏيندا، تہ سنڌ پنجاب سان نڀي هلي، يا مهاجرن سان؟

امداد محمد شاهہ: پنجاب هڪڙو ملڪ آهي، هڪڙو خطو آهي، هڪڙي قوم آهي. مهاجر نہ تہ ڪا قوم آهي، نہ ئي ڪو ملڪ آهي، نہ خطو آهي، اهي تاريخ ۾ هڪ حادثي جي بنياد تي اسان وٽ آيا آهن. هنن جي سوچ توري غلط آهي. هنن کي اڳي يا پوءِ هتي سنڌي ٿي رهڻو پوندو.

مائڪ: سنڌ بابت نواز شريف جي پاليسين کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاهہ: نواز شريف لاءِ جيئن چيو ٿو وڃي، ان راءِ سان آئون متفق آهيان، تہ نواز شريف جنرل ضياءَ جي باقيات ۽ تربيت يافتہ آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ان مڪتبهء فڪر جو، جيڪي سوچين ٿا تہ گهٽئي ڦري ماري اسان ڇيهہ ڪيو ۽ پنجاب جو پيٽ پريوسين. هاڻي ٻين صوبن سان ڪجهہ ياڻپيءَ ۽ ڀرائپي پائڻ وارو تعلق اختيار نہ رکيوسين، تہ ملڪ نہ هلي سگهندو. توهان ڏٺو هوندو تہ ضياءالحق، محمد خان جوڻيجي جي معرفت سنڌ ۾ ڊيولپمينٽ تمام گهٽ ڪرائي. سياسي حق ڪونہ ڏنائين پر رڳو ڊيولپمينٽ ڪرايائين. هي نواز شريف بہ انهيءَ راءِ جو آهي، تہ ڊيولپمنٽ ڪرائجي تہ ان طريقي سان صوبو سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان اسان سان رهي سگهندا، نہ تہ تنگ آيد جنگ آيد، ڪري وڙهي اسان کان جدا ٿي ويندا. هو انهيءَ راءِ جو آهي تہ ڪجهہ سياسي ۽ اقتصادي رعايتون ڏئي، اسين هنن کي پاڻ سان هلايون، نہ تہ جهيڙي جي منزل ويجهي اچي ويندي.

ماڻڪ: چيو وڃي ٿو تہ ڄام صادق حڪومت ۾، سنڌ جا قومپرست اتحادي هئا؟

امداد محمد شاهہ: ڄام صادق خود محتاج هوندو هو، نواز شريف جو. هنن جي ڪوشش هئي، تہ سنڌ کي ساڻ ڪٽي هلون، ڇوتہ آئون توکي جڏهن ڇهنڊڙي ٿي ڪونہ هٽندس، تہ تون منهنجي مخالفت ڇو ڪندين، ۽ ٻئي طرف ڄام صادق ۽ نواز شريف جي مخالفت ۾ پيپلز پارٽي هئي، جنهن کي اقتدار حاصل ڪرڻو هو ۽ هنن جي ڪوشش هئي، تہ پيپلز پارٽي کي اقتدار کان ٻاهر رکجي، ان ڪري اها ٻن اقتدار جي ٻکين پارٽين جي وچ ۾ ڪرسي جي ويڙهہ هئي. هنن جي وچ ۾ قوم پرستن جو اتحاد ڪنهن سان بہ ڪونہ هو. اهي غير جانبدار هئا. مهاتما گانڌي کي انگريزن جنگ عظيم ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ ڪانگريس کي چيو هو، پر مهاتما گانڌيءَ چيو تہ، ”غلام کي مالڪ پاران غلام رکندڙ پاران، وڙهڻ نہ اخلاقي زمري ۾ اچي ٿو ۽ نہ ئي بين الاقوامي قانون ۽ مذهبي طرح جائز آهي.“ اسلام ۾ غلام کي جڏهن آزاد ڪبو، پوءِ جنگ ۾ شريڪ ٿيندو، جهاد ڪندو نہ تہ ڪونہ ڪندو. مهاتما گانڌيءَ چيو تہ ”اسين انگريزن جا غلام آهيون.“ تہ قومپرست ڌر جيڪا هئي، سا اتحادي ڪانہ هئي، ڇوتہ ڄام صادق ۽ پي پي جي وچ ۾ يا نواز شريف ۽ پي پي جي وچ ۾ جيڪا جنگ هلندڙ هئي، سا اقتدار ۽ ڪرسيءَ جي هئي. اصول ۽ نظرئي جو تضاد نہ هو، تنهن ڪري ان ۾ قومپرستن جي اتحاد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي ڳالھ جيڪا آهي سا غلط آهي.

ماڻڪ: نئين سماجي ناھ واري نعري ڪي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاھ: نئون سماجي ناھ ڪهڙو، ڪنهن جو، بين الاقوامي يا پاڪستان جو؟

ماڻڪ: بين الاقوامي؟

امداد محمد شاھ: بين الاقوامي نيو ورلڊ آرڊر اڳي اهو هوندو هو، تہ اڳي چتا پيتي هوندي هئي، مختلف قومن ۾ ڏرين ۾، پوء ڪي علائقا ڪنهن جي مدد ڪندا هئا، ڪي پنهنجي مفادن لاء مدد ڪندا هئا. هينئر مغرب وارا آمريڪا جي سرپرستي ۾ سمجهن ٿا، تہ اسين آهيون Might is right تنهن ڪري، نيو ورلڊ آرڊر جو نالو ڏنو اٿن، جيڪي اسان جي چوڻ ۾ اچن، تہ ٺيڪ. باقي ٻين کي ماري نيست ۽ نابود ڪري ڀادر هٽي، پنهنجو همنوا بڻايون. نيو ورلڊ آرڊر اهو آهي، ٻي ڳالھ وري اقتصاديات تي ان نيو ورلڊ آرڊر ۾ آمريڪا جي، ڪجھ منهنجي سمجھ ۾ تہ چڱي آهي، تہ آخر هي لڪير جا فقير ڪري نپائي، ڪيترو وقت اسين هن کي هلايون، تنهن جي ڪري هن کي موچڙا هڻي، انهن ۾ جيڪي ڪمزوريون آهن يا غلطيون جيڪي آهن اهي منجهائڻ ڪيايون، تہ هي جيڪي اسان کي پٽين پيا، ڦرين پيا، چئورن ۾ جيوڙن وانگر، جيڪو رت پيا پين، اسين رت پيارڻ ڇڏيون، چوتہ هن کي بہ، هاڻي پنهنجو اقتصادي طرح سان ڪمزوريءَ مجبور ڪيو آهي، تہ اسان کي ڀادر هٽي، پنهنجي جند آزاد ڪرائين. اڳي جڏهن پاڻي جي ڏنڊين ۾ وجهبو هو، تہ چئورون چنبڙي ويندڙيون هيون. پوء رت پيون چوسينديون ۽ پٽينديون هيون، انهن کي پوء پٽي اڇلبو هو. سو هي قصو بہ ان طرح جو آهي، جنهن سان هو سمجهن ٿا تہ مار موچڙو بہ رهندو ۽ ترقي بہ ٿيندي.

ماڻڪ: پيپلز پارٽيءَ جي ٻارهن ضلعي حڪومتون قائم ڪرڻ واري پروگرام کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاھ: تجربا يورپ ۾ اڳي ٿيا آهن، يورپ ۾ جيڪي ڪميونسٽ ملڪ آهن، انهن ۾ اهي تجربا ڪيا ويا آهن تہ ماڻهن کي قومي وهڪري ڪان پري رکڻ لاء ننڍين ننڍين انتظاميائن اندر منجهائي ۽ الجهائي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رکيو وجي، تہ جيئن انهن جو قومي سوچ رکڻ واري رجحان ۾ لاڙي تان ڏيان هٽيل هجي. هينئر سنڌ ۾ يا ٻين صوبن ۾ بہ، پر خاص ڪري سنڌ اندر ضلعي حڪومتن جي اها پروپئگنڊا ڪئي پئي وڃي، پيپلز پارٽي جي پاران ظاهري طرح سان اها هڪڙي بڪين ڪي، هڏي ڏيکارڻ جي برابر ڳالهہ آهي. هي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون توهان جي هٿ ۾ ڏنيون وڃن، تہ جيئن ماڻهو قومي حق نہ گهرن. قومي مسئلن کي نہ ڇيڙين، تنهن ڪري اها اسان لاءِ تمام هاڃيڪار آهي. سو اها هڪ سنڌي قوم کي پنهنجي قومي حقن کان هٽائڻ لاءِ وڏي سازش رٿي وئي آهي.

ماڻڪ: سياسي حلقن ۾ اها ڳالهہ عام آهي، تہ سنڌ جي سياست تي سيد مافيا" ڇانيل آهي، پارٽيءَ ڪٿي ڪهڙي ڪني، پر وڌ وزارت سيدن جي ڪاتي ۾ ايندي. توهان هن الزام کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاهہ: پهرين ڳالهہ تہ سنڌ ۾ بدقسمتي سان سيدن کي هڪ عاجوج ماجوج مخلوق تصور ڪري پيش ڪيو ٿو وڃي ۽ وڪامجڻ ۾ بہ سيد تمام تکڙو آهي. جيئن پنجاب وارا اسان سنڌين کي ڪڏهن محمد خان کي، ڪڏهن ذوالفقار کي تہ ڪڏهن بينظير ڀٽو کي، چونڊي استعمال ڪن ٿا، اهڙي طرح هنن کي اسان جا سيد صاحبان بہ استعمال ڪرڻ لاءِ، تمام سستا ڪتب اچن ٿا. ان ڪري اوهان جڏهن بہ ڪو ڀڳهاردار مقرر ڪندؤ، تہ ان ۾ اوهان جي اها ڪوشش هوندي، تہ فرمانبردار بہ هجي، حاضري بہ ڀني ڀري، آئون سمجهان ٿو، تہ هي حاضري ڀني ڀرين ٿا، تنهن جي ڪري ڪنيا وڃن ٿا. ان ڪري سيد هنن تي حاوي ناهن، پر هي حڪمران ڏر اڪثر سيدن تي حاوي رهي آهي. اهي غلام ٿي رهن، ٻيو تہ اهو هڪڙو تاثر اقتدار جي بڪين پيدا ڪيو آهي. هڪڙو اعتراف ڪرڻ کان آئون نہ ڪيپائيندس، تہ سيد جڏهن عربستان مان مارجي پٽجي هتي پهتا هئا، تہ هنن کي عزت ڀرين نگاهن سان مظلوم جي نگاهن سان هتي پناهہ ڏني وئي ۽ هنن سرپرستي ڪئي. حد کان وڌيڪ سرپرستي جو نتيجو اهو نڪتو، تہ هو مفلوج ٿي ويا ۽ سڄو پنهنجو گذر سفر ڀن ۽ مفتخوريءَ تي ڪيائون. جيڪو هڪڙو وڏوعيب هو، جيڪو هينئر بہ هنن ۾ موقعي پرستي جا ڪجهہ جز رهيل آهن، جنهن ڪري هو آسانيءَ سان استعمال ٿين پيا. ان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاءِ آئون ايترو چوندس، تہ سيد آسانيءَ سان استعمال ٿي رهيو آهي. منهنجي نظر ۾ اها سندن وڏي ۾ وڏي ڪمزوري بہ آهي ۽ حقارت ۽ هيٺ ڪرڻ جي هڪ منزل آهي، تنهن جي ڪري ڪريل ماڻهو هر قوم ۾ ملندو. حقيقت ۾ صحيح طرح سيد جي عظمت انهيءَ ۾ آهي، تہ پنهنجن شرطن تي نظرين تي ۽ پنهنجن اصولن تي سياست ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪري، پر هتي توهان ڏٺو تہ، اهي اسان جا جيڪي ٽي چار سيد آيل آهن، جيئن ڪتو پڇ لٽڪائي ايندو آهي، ائين اقتدار، حڪومت ۽ صاحب اقتدار لاءِ هنن بہ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي. هاڻي انهن کي عظمت يا وقار واري ڳالهہ ڪير چوندو، اهو تہ اوهين پاڻ سوچيو ٿا.

مائڪ: تازو پي پي جي موجوده حڪومت سنڌ جي ڪراچيءَ واري علائقي ۾ نئين ملير ضلعي جو اعلان ڪيو آهي، جنهن تي ايم ڪيو ايم سخت ناراضگي ڏيکاري آهي ۽ ملير ضلعي کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سخت احتجاجي پيش قدمي پڻ شروع ڪري ڏني آهي، توهان انهيءَ نئين ضلعي ملير بابت ڪهڙي راءِ ڏيندا؟

امداد محمد شاهہ: ملير ضلعي جي پس منظر ۾ وڃڻ کان اڳ ۾، آئون هن ملڪ جي تاريخي پس منظر ۾ توهان کي ٻڌايان ٿو:

جڏهن محمد علي بوگرا وزيراعظم هو، پاڪستان جو تخت گاهہ ڪراچيءَ ۾ هوندو هو. گڏيل پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جا اجلاس موجود سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، جيڪا انهيءَ وقت ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي هئي، سا سنڌ گورنمينٽ کان ڦري انهيءَ ۾ ڪيا ويندا ويندا هئا ۽ نئين سنڌ اسيمبلي بلڊنگ بندر روڊ تي سعيد منزل جي پر ۾ ٺهرائي وئي، جنهن ۾ هينئر (اين جي وي) اسڪول ۽ ڪاليج ۽ ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن جون آفيسون آهن، انهيءَ ۾ اجلاس ٿيندا هئا. محمد علي بوگرا جي ڏينهن ۾ ١٩٥٦ع وارو پاڪستان جو آئين ٺهي رهيو هو، جنهن ۾ بنگالي ۽ اردو زبان کي قومي زبانون ڪري تسليم ڪيو ويو هو، جنهن ۾ اهو پڻ چيو ويو هو، تہ ٻين صوبن جون اسيمبليون ٺهراءُ پاس ڪنديون، تہ سندن زبانون بہ قومي زبانون ڪري تسليم ڪيون وڃن، تہ اهڙي ترميم آئين ۾ ڪئي ويندي. انهيءَ وقت خاص ڪري ڪراچي ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن بنگالي ٻولي جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خلاف رد عمل جو اظهار ڪيو ۽ وڏو جلوس ڪڍي پاڪستان اسيمبلي بلڊنگ جو گهيرو ڪيو، جنهن تي وزيراعظم محمد علي بوگرا گئلري ۾ نڪري ماڻهن کي خطاب ڪيو ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مختلف قوميتون رهندڙ آهن، انهن گڏجي پاڪستان ٺاهيو، تنهن جي ڪري هر خطي جي قومن کي پنهنجي ٻولي کي قومي ٻولي ڪري تسليم ڪرائڻ جو حق آهي، جيئن تہ پاڪستان جي عوام جي اڪثريت بنگالي آهي ۽ انهن جي صوبائي اسيمبلي ۾ متفق طرح سان بنگالي زبان کي قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو آهي، انهيءَ ڪري بنگاليءَ کي اردو سان گڏ قومي زبان تسليم ڪيو اٿئون ۽ اوهان کي انهيءَ آئيني شق تي اعتراض ڪرڻ نہ گهرجي، اردو زبان ڳالهائيندڙن هيٺان پٿرن ۽ موچڙن جو وزيراعظم تي وسڪارو ڪيو، پوليس ماڻهن تي لاٺي چارج ڪئي ۽ انهن کي منتشر ڪيو. ان وقت جي اخبارن اها خبر هلائي، تہ ڇهہ هزار جتيون قومي اسيمبليءَ جي گئلري تي، جيڪي وزيراعظم تي اڇلايون ويون، صبح جو ٻنگين ميڙي گڏ ڪري ٻاهر اڇلايون. متي ڄاڻايل واقعي کي پاڪستان جي اصل حاڪمن يعني فوج ۽ سول بيوروڪريسيءَ محسوس ڪندي، ٻهرئين موقعي ملڻ تي ايوب خان جي مارشل لا دور ۾ پاڪستان جو تخت گاهہ ڪراچيءَ مان، منتقل ڪري راولپنڊيءَ جي فوجي ڇانوڻيءَ جي پرسان اسلام آباد ۾ رکيائون، تہ جيئن چونڊيل اسيمبليءَ تي، دٻاءُ جيڪو ناجائز ۽ غير قانوني طور هڪ مخصوص ٽولي طرفان رکيو ويو، ان کان هميشہ لاءِ آجا ٿي ويا، جنهن جي نتيجي ۾ اردو ڳالهائڻ وارن جي قومي اسيمبلي تي داداگيري هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي. هن وقت موجوده دؤر ۾ جڏهن ون يونٽ ٽٽي صوبا بحال ٿيا ۽ صوبائي اسيمبليون ٻيهر ڪم ڪرڻ لڳيون، تہ هن ملڪ جي اصل حڪمرانن ايم ڪيو ايم جو وجود عمل ۾ آندو، سنڌ ۾ رهندڙ ٻوليون ڳالهائيندڙ يعني سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ ساڳي روايت جيڪا ٻهرين اردو ۽ بنگالي جي وچ ۾ اختلاف هئا، اهي وري سنڌي ۽ اردو وچ ۾ وڌايا ويا ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻولي کي سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻولي ڪري پاس ڪيو ويو، جنهن اسيمبليءَ جي خودمختياري ۾ دخل اندازي ڪري انهيءَ وقت ذوالفقار علي ڀٽي اردو کي بہ سنڌي قوم جي مٿان مڙهيائين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حالانڪ پاڪستان جي وحدتن قومي ٻولي بہ اردو هئي، رابطي جي زبان بہ اردو هئي، مگر متئين طبقي جي داداگيريءَ ۾ اچي، غير آئيني طرح سان سنڌ ۾ دفتري زبان ۾ اردو کي مڙهيو ويو. پاڪستان ۾ اردو جي اهميت ۽ رابطو نہ پاڪستان ۾ آهي، پر اردو هينئر بين الاقوامي رابطي جي زبان طور استعمال ٿي رهي آهي. مٿي ڄاڻايل سنڌي ۽ اردو جي وچ ۾ نفاق، جيڪو اصل حاڪمن پيدا ڪيو، انهيءَ مان اهو بہ عملي طرح ثابت ٿيو، تہ پاڪستان جو داداگير اردو ڳالهائيندڙ ٽولو ڪراچي ۾، جنهن مهل بہ چاهيندو تہ سنڌين کي ڪراچيءَ مان لوڌي ڪڍي سگهي ٿو. مگر انهيءَ تجربي ۾ اهو ثابت ٿيو، تہ سنڌي ڳالهائڻ وارن کان سواءِ پنجابي ۽ پشتو ڳالهائڻ وارن کي لساني هنگامن ۾ مجبور ڪيائون، تہ ڪجهہ عرصي لاءِ هو پنهنجي علائقن ڏي لڏي ويا. باوجود انهيءَ جي تہ فوج ۾ پنجابي ۽ پشتو ڳالهائيندڙن جو مڪمل ڪنٽرول آهي، سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي اختلافن ۾ هينئر تڏائي اچي رهي آهي تن کي نئين سر وري مچائڻ لاءِ سنڌين کي اهو باور ڪرايو ويو، تہ ڪراچيءَ جا ٻيا ضلعا انهن ۾ توهان جو ڪوبہ وجود ناهي ۽ انهيءَ ۾ سنڌي غير محفوظ آهن. تنهن ڪري ملير ضلعو ٺاهيو ويجي، جنهن ۾ ڪجهہ ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ سنڌين جو تعداد وڌيڪ ٿيندو مگر اصل راند اها آهي تہ صوبائي آفيسون، جن تان سنڌي ڳالهائيندڙن جو تہ قبضو اڳ ئي ختم آهي، مگر سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي ٺاهہ واري صورت اصل حاڪمن کي ناپسند آهي، تنهن ڪري هينئر ئي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي نفاق جو فائدو وٺندي، هو سنڌ جون صوبائي آفيسون منتقل ڪري ملير ڇاوڻي جي ويجهو رکڻ چاهين ٿا. تہ جيئن ڪهڙي بہ وقت سنڌي ۽ مهاجر جيڪڏهن حڪمرانن جي خلاف گڏجي وڃن، تڏهن بہ اهي بي اثر هجن، ائين پهرين ملير ضلعو ٺاهي پوءِ سنڌ صوبائي حڪومت جون آفيسون ملير منتقل ڪري، صوبائي حڪومت جو ڪنٽرول پنهنجي هٿ ۾ رکڻ چاهين ٿا. ٻئي طرف سنڌي ۽ مهاجر نفاق واري صورتحال ۾ ايم ڪيو ايم وارا حاڪمن جي خلاف کلي طرح ٻاهر نڪري اچن تہ هو ان موڊ ۾ آهن تہ انهن کي سبق سيکاريو وڃي، پر جيئن تہ مهاجر لڏو وڌيڪ هوشيار ۽ تجربيڪار آهي، تنهن ڪري هو اڪيلو هئڻ جي ڪري کلي طرح ميدان تي نڪري اچڻ کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لنوائي رهيو آهي، تنهن ڪري هن ضلعي ٺهڻ تي سنڌين کي خوش فهمي ٿيڻ نہ گهرجي. ڇوتہ اهڙي خوش فهمي وچي ان مثل رهندي، تہ هڪڙي ماڻهوءَ جي گهر کي باهہ لڳي، انهيءَ جو الهہ تلهہ سڙي ويو. ان جي هڪڙي ڀاتي انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪيو، تہ چڱو ٿيو جو باهہ لڳي، ڪوئا تہ سڙي ويا. سو چڱو ٿيو جو ملير ضلعو ٺهيو. مهاجرن جو زور گهٽيو ۽ هميشہ لاءِ جيڪو قبضو سنڌين ڪان ڪسجي مهاجرن وٽ ويو هو. سو هميشہ لاءِ اچا وري پنجابي ملازمت پيشي ۽ پشتو پٺاڻن ۽ دائمي طرح هميشہ لاءِ، اسلام آباد وانگر، اصل حاڪمن جي ماتحت مضبوط ٿيندو. سو آئون انهيءَ ملير ضلعي کي ائين ڏسان ٿو، پ پ دور ۾ رني ڪوٽ ضلعو ٺهڻ جو بہ مقصد ساڳيو ئي آهي. نئين آبادڪاري جيڪا اتي لاکڙا ڪول مائنس لاکڙا پاور هائوس جي نالن جي ماتحت ٿي رهي آهي، تنهن جي موجود صورتحال بہ گڏيل اردو، بلوچي ۽ سنڌ جي ڳالهائيندڙن جي پيٽ ۾ لاکڙا ۽ ڪاٺوٽ ۾ آدمشماري پنجابين ۽ پٺاڻن جي وڌيڪ آهي. سنڌين ۽ مهاجرن کان ڪوٽڙي ۽ ڄامشورو جو قبضو هٿ مان ڇڏائجي ويندو. نيئن آدمشماريءَ ماتحت رهندو، تنهن ڪري انهن ضلعن جي، هيڊ ڪوارٽرن جي، شفٽنگ ۾ اسان کي خوش فهميون نہ هئڻ گهرجن.

مانڪ: اڄڪلهہ اخباري دنيا ۾ مرتضيٰ ۽ بينظير ڀٽو جا هڪ ٻئي خلاف سخت بيان اچي رهيا آهن، ڇا واقعي اهو نظرياتي تضاد آهي توهان هن ظاهري طرح سياسي ويڙهہ کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

امداد محمد شاهہ: اوهان اخبارن ۾ پڙهيو هوندو، تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مصر، هندوستان، پاڪستان ۽ جپان جي دفاعي اخراجاتن ۾ حڪمرانن تي وڏيون ڪميشنون حاصل ڪرڻ جون تهمتون لڳيون آهن. اوهان کي اها بہ خبر آهي، تہ مسلمان بادشاهن ۾ شاهہ فاروق مصر جو، رضا شاهہ پهلوي ايران جو، وزيراعظم تناڪا جپان جو، ذولفقارعلي ڀٽو ۽ انور شميم پاڪستان جو، انهن تي پنهنجي ملڪ جي دفاعي خريدارين ۾ ڪميشنون ۽ گهوٻين هڻڻ جا الزام مڙهيل آهن. ڪافي ٻاهرين ايجنسين پڻ تصديق ڪئي آهي. راون جو چوڻ آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو پهرين صدر ۽ پوءِ سولين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هو تہ انهيءَ وقت دفاعي خريدارين ۾ وڏيون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪميشنون حاصل ڪري، سوئيزرلينڊ جي بئنڪن ۾ جمع ڪرايائين، جنهن ۾ گڏيل اڪائونٽ پنهنجي گهر واريءَ ۽ ڌيءَ جي هلائڻ جو اختيار ڏنائين. ذوالفقار علي ڀٽي جي ڦاسي چڙهڻ ڪانپوءِ ٻئي ڌياڻيون پاڻ ۾ متفق نٿيون ٿين ۽ اهو ئي سبب سندن خانداني نااتفاقيءَ جو آهي، جيڪو هينئر جنگ جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. هاڻي باوجود جنگ جي صورت جي مرتضيٰ ڀٽو جيل مان اهو چوي ٿو، ته آئون پي پي جو آهيان. منهنجي ڀيڻ ڪي مسلم ليگ وارن گهيرو ڪيو آهي. ان مان ظاهر ٿو ٿئي، ته نظرياتي ۽ سياسي اختلاف ته هتي جو آهي ڪونه، مگر اها ڳالهه ثابت ٿي ٿئي، ته ذاتي نوعيت جو ملڪيت ۽ اقتدار جي سياست تي جهيڙو آهي. مٿي مختلف حڪمرانن جن پنهنجن پنهنجن ملڪن سان بيوفائيون ڪيون، انهن جي باري ۾ قدرت جا فيصلا به ڏاڍا نرالا ٿيا. شاهه فاروق ڪميشن جي ڪري بدنام ٿيو. سندس خلاف بغاوت ٿي. جلاوطني جي حالت ۾ اٽليءَ جي هوٽلن ۾ ڌڪا کائي فوت ٿيو. رضا شاهه جي خلاف اسيمبليءَ ۽ انهيءَ وقت جي وزيراعظم ڊاڪٽر مصدق بغاوت ڪئي، جنهن کي فوج جي ذريعي ڪچليو ويو. مگر سندس ڪارستانين اهڙو رنگ لاتو جو، باوجود انهن ڪميشنن ۽ پئسن جي ڪيس پنهنجي وطن ۾ قبر جي جاءِ به نه ملي، پاڻ ته ويو، پر سندس فوجي جرنل تن کي به عوام ڦاسيون ڏنيون، جنهن لاءِ طنزيه طور اهو مشهور ٿيو، ته امام خميني صبح جو رزانو نيرن تي ٻن جنرلن جو مغز پچرائي ناشتو ڪري ٿو، انهيءَ مان اندازو لڳائيندا، ته عوام جي نفرت حڪمرانن ۽ سندن حواري فوجين کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو. وزيراعظم تناڪا، جپان جي وزير اعظمي ڇڏي پڇي جند ڇڏائي ۽ عوام ڪيس ۽ سندس پارٽيءَ کي هميشه لاءِ رد ڪري ڇڏيو. ذوالفقار علي ڀٽي کي جيئن ته ملڪ جي اعليٰ عدالتن ڦاسيءَ جي سزا ڏني، انهيءَ تي تبصرو ڪرڻ بي مقصد ۽ ملڪي قانون جي خلاف ٿيندو.

مائڪ: توهان مٿي هڪ هنڌ ذڪر ڪري آيا آهيو ته هن ملڪ ۾ نه قانون جي بالادستي رهندي ۽ نه جمهوريت رهندي ته پوءِ سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي ڪيئن ٿا مڃيو؟

امداد محمد شاهه: جيئن ته آئون قانون پڙهيل آهيان، آئين پڙهيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهيان، ملڪ جي شهريءَ جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض ٿو سمجهان، سندن حواري ايجنسيون ته قانون ۽ آئين جون وقت به وقت ڀڃڪڙيون ڪنديون رهنديون آهن، پر آئون انهن جو احترام ڪريان ٿو.

ماٺڪ: اڄوڪي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڪيڏانهن ٻئي وڃي؟

امداد محمد شاهه: آئون پيپلز پارٽيءَ کي جنهن ڏينهن کان ڄاڻي آهي، ان کان واقف آهيان. پهرين ڏينهن کان وٺي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو، اقتدار جي لالچ ۾ هر دلالي ڪرڻ لاءِ تيار هو، پر اقتدار ملي. سو هي به ان جي ڏنل نقش قدم تي هلي رهيا آهن. اسان جي محترمه صاحبه اهو به اعلان ڪيو هو، ته آئون پني عاقل واري فوجي ڇانوڻيءَ کي يونيورسٽي ڪنديس، پوءِ جڏهن ڪيس ١٩٨٨ع ۾ اقتدار مليو، ته اها پنو عاقل واري ڇانوڻيءَ جي جاءِ تي يونيورسٽيءَ ته ڪانه ٺهرايائين، پر ان ڇانوڻيءَ جو افتتاح ڪيائين ۽ چيائين ته ٻيون به فوجي ڇانوڻيون، سنڌ جي هر ضلعي ۾ ٺهرائينديس. اهڙي طرح اسڪيمون ته پراڻيون هيون، پر نواز شريف ته انهن تي عمل ڪونه ڪيو، پر هينئر بينظير جي حڪومت سڪرنڊ، دادو، ڪشمور ۽ ٻين هنڌن تي ٺهندڙ فوجي ڇانوڻين لاءِ پئسا منظور ڪيا آهن. محمد خان ۽ ضياءُ الحق، ڪالاباغ ڊيم لاءِ پئسا ڪونه رکيا، پر ١٩٨٨ع ۾ بينظير آئي، ته ان ڪالاباغ ڊيم جي ٺهرائڻ لاءِ بجيٽ مان خاص طور پئسا رکيا، تنهن جي ڪري هي هاڻي جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ لاءِ ٻيا. روز اول کان اڄ ڏينهن تائين پيپلز پارٽيءَ جو قبلو ساڳيو آهي، ته اقتدار هجي، پوءِ جيڪو ڪم به چون، ان حڪم جو فرمانبردار ٿي رهجي.

انٽرويو وٺندڙ: ماٺڪ ملاح
هفتيوار "آرسي" مارچ ١٩٩٣ع
۾ ڏنل انٽرويو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بيٺل شهنشاهہ حسين، سيد امداد محمد شاهہ، رشيد حيدر ۽ ويٺل
سيد جلال محمود شاهہ ۽ سائين جي. ايم سيد، شيرٽن هوٽل
ڪراچي: 1986ع

■ قومي تحريڪ لاءِ دروازا بند نہ ڪيا-

س س: سنڌي ماڻهن جي قومي هلچل ڏانهن بي ڌيانيءَ تي سائين جي ايم سيد ڪهڙو رايو رکندو هو، اوهان سنڌس پٽ جي حيثيت ۾ ڪيس ان حقيقت کان واقف رکڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪئي.

امداد محمد شاهہ: سنڌي ماڻهن جي قومي هلچل ڏانهن گهٽ توجهہ ڏيڻ بابت سنڌس رويي متعلق آءُ پنهنجي بابا (سائين جي ايم سيد) کي ٻڌائيندو هوس، تہ سنڌ جا ماڻهو اوهان جي قومي فڪر واري هلچل ڏانهن گهٽ توجهہ ڏين ٿا. جنهن تي سائين جي ايم سيد چوندو هو تہ نظرئي ۽ پروگرام کي سمجهڻ وارن ماڻهن جو انگ تمام ٿورو هوندو آهي، انهن ٿورن ماڻهن مان جيڪي بہ عملي ڪم ڪندا آهن، تن کي ڏسي ٻيا بہ انهيءَ سفر ۾ شامل ٿي اڳتي وڌندا آهن. ان جو دليل ڏيندي سائين جي ايم سيد چوندو هو تہ، ”حضرت عيسيٰ نبي هوندي بہ پنهنجي نظريي/ پروگرام جي پرچار ڪيائين، پر سڄي عمر ۾ ١٣-١۴ ڄڻا پنهنجي پيروڪار پيدا ڪيا. ان وقت جي حڪومت حضرت عيسيٰ جي نظريي ۽ پروگرام جدوجهد کان ڊڄي ان وقت جي انقلابي حضرت عيسيٰ کي هڪ حڪم وسيلي صليب تي چاڙهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سندس انت آندو ۽ حضرت عيسيٰ جو لاش کڻڻ لاءِ ۱۴ پيروڪارن مان به صرف هڪ چٽو پنهنجي رهبر جو لاش کڻڻ پهتو." ان جي پيٽ ۾ سائين جي ايم سيد پاڻ بابت چوندو هو، ته منهنجي ڏنل قومي فڪر جي پرچار ڪرڻ وارن ڪارڪنن، همدردن جو تعداد گهڻو آهي، جيڪي پنهنجي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن، تن ڪان آءٌ پراميد آهيان.

س س: سائين جي ايم سيد جو شاگردن متعلق رايو ڪهڙو هوندو هو؟

امداد محمد شاهه: سائين جي ايم سيد شاگردن جي جدوجهد ڪان هميشه مطمئن رهيو، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ۱۹۴۸ع جي زماني ۾ سائين جي ايم سيد شاگردن جي پرچار، عمل ۽ جدوجهد کي اهميت ڏيندو هو. مون کي ياد آهي ته پاڪستان جي اوائلي دور ۾ خانبهادر کهڙو کي جناح صاحب ۽ لياقت عليءَ خان پنهنجي زور رکيو ته ڪراچي شهر کي مرڪز حوالي ڪيو وڃي، جنهن تي خانبهادر کهڙي، سائين جي ايم سيد جي مشهوري تي سنڌ مسلم ليگ پارٽي گڏجاڻي ٺهراءَ مطابق، جڏهن ڪراچي شهر وفاق کي، ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ته ان تي وفاقي حڪومت خانبهادر کهڙي کي هڪدم ڊسمس ڪري پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ ڪيو، ته ان وقت ڪراچيءَ ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگرد ٺي هئا، جن حڪومت جي ان فيصلي خلاف جلوس ڪڍيا. گورنر، جنرل، جناح صاحب، جي بنگلي سامهون مظاهرو ڪيو ۽ ڪراچي شهر مرڪز حوالي ڪرڻ واري عمل جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي، جنهن دوران ڪنهن به مسلم ليگي اسيمبلي ميمبر کي اها جرئت نه ٿي جو سنڌ فيصلي جي خلاف ورزي ڪندڙ شاگردن لاءِ ڪا ڳالهه ڪن. ان وقت ان جدوجهد ۾ جيڪي شاگرد شريڪ هئا، تن ۾ محمد شفيع جوٽيجو رٽائرڊ چيف انجنيئر ضلعي دادو، عبدالستار شيخ ميرپورخاص، (هينئر آمريڪا ۾ رهائش پذير آهي) قاضي غلام هادي (قاضي فيض محمد جو ننڍو ڀاءُ) ۽ ڪجهه ٻيا جيڪي ان وقت جدوجهد ۾ پيش پيش هئا.

س س: سيد پاڪستان جي قيام ۾ سڀ کان وڌيڪ رول ادا ڪيو، انهيءَ دوران سائينءَ جو تعلق قائداعظم محمد علي جناح سان به رهيو، پاڪستان جي قيام ۾ قائداعظم محمد علي جناح جو ڪهڙو ڪردار هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سائين اَن متعلق اوهان کي باخبر رکڻ لاءِ ڪيترو واقف ڪيو؟

امداد محمد شاهه: جناح صاحب جي باري ۾ سائين جو چوڻ هو ته هو بنيادي طور ايماندار ماڻهو هو، مغرور طبيعت، نڪته چيني نه سهڻ، سٺي وڪيل جي حيثيت ۾ وٽس پيش ٿيندڙ ڪيس جي سٺي نموني ڪيس جي تشريح ڪندو هو، مغرور طبيعت جي باوجود جناح صاحب وقت تي ڪافي حد تائين هيٺ لهي دوستن جي راءِ جو احترام ڪندو هو. سائين جي ايم سيد جو احترام ڪندو هو. سائين جي ايم سيد اسان کي ٻڌائيندو هو ته جناح صاحب جي ايمانداري جو اندازو هن واقعي مان سمجهو، ته ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي سياسي جلسي جي هلندڙ ڪارروائيءَ دوران اذان اچي وئي جلسي جي ڪارروائي ١٠ منٽن لاءِ وقتي طور روڪي وئي. مسلمان ڪارڪن نماز لاءِ تياري ڪئي، ته ڪنهن دوست اچي چيو ته، سيد تون قائداعظم جناح سان ويجهو آهين، تون کيس چئو ته هن وقت نماز پڙهي ته ڪارڪن تي سٺو اثر پوندو، انهيءَ وقت جناح صاحب پنهنجو چروٽ (سگار) پي رهيو هو ته، ماڻهن جي اسرار تي (سائين جي ايم سيد ٻڌايو هو) سائينءَ کيس مشورو ڏنو ته نماز پڙهجي، ڪارڪنن تي سٺو اثر پوندو، ان جي جواب ۾ جناح صاحب، سائين جي ايم سيد کي موٽ ۾ چيو ”سيد، آءٌ سياسي ليڊر آهيان، نه ڪي مذهبي ليڊر، اوهان پاڻ ڪارڪنن سان نماز پڙهو، مان پنهنجو چروٽ پيئندس.“ انهيءَ تي بابا ٻڌايو ته جناح صاحب جي ٺهه پهه سڌي ڳالهه ڪرڻ تي ڪراچيءَ ۾ جمعيت الهند وارن ۾ ٻين چيو ته جناح مسلمان ٺي نه آهي، جنهن بعد جناح صاحب کي راضي ڪري سنڌ مدرسي ۾ جمعي نماز پڙهڻ لاءِ وٺي وياسين، جتي صرف فرض پڙهي روانو ٿي ويو، انهيءَ مان سندس ايمانداري ۽ راءِ جو احترام ڪرڻ ثابت ٿي ويو. مغرور طبيعت بابت بابا ٻڌائيندو هو. ته پارٽي گڏجاڻيءَ دوران ڪوبه ساٿي سندس پيش ڪيل رٿ جي ڪو مخالفت ڪندو هو، يا تجويز ترميم پيش ڪندو هو، ته جناح صاحب تجويز ڏيندڙ کي چڙٻ ڏئي ڪيندو هو، جيڪا نوبت سندس ذاتي زندگيءَ ۾ به آخر تائين رهي.

هڪ ڀيري جناح صاحب مسلم ليگ جي گڏجاڻيءَ ۾، هڪ رٿ پيش ڪئي، جنهن تي مسلم ليگ جي سينيئر ميمبرن مولوي اي.ڪي فضل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حق، خواجا ناظم الدين، نواب اسماعيل خان ميرٺي، راجا صاحب محمود آباد، ايم.اين اصفهاني، خانبهادر کهڙو ۽ سائين جي ايم سيد جيڪي ناراض هئا. بابا (سائين جي ايم سيد) کي مٿين ميمبرن چيو ته جناح صاحب کي توهان ويجها آهيو. جناح صاحب هونءَ به طبيعت جو تيز ۽ ڏنگو آهي، اسان سندس مخالفت ڪنداسين ته هو ناراض به ٿيندو ۽ اسان جي بي عزتي به ڪندو. تون (جي ايم سيد) منجهس وڏيڪ حجت به رکين ٿو، تنهن لاءِ مخالفت تون ڪر اسان تائيد ڪنداسين. جنهن تي سائين رٿ ۾ ترميم جي تجويز پيش ڪئي، ته جناح صاحب ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڪيس چيائين ته "ڏسان ته تنهنجي تائيد ڪير ٿو ڪري." ان تي نواب اسماعيل خان ميرٺيءَ، خانبهادر کهڙي اتي بابا جي تائيد ڪئي ته جناح صاحب جو رنگ ڍونهاڻجي ويو. اتي ئي راجا صاحب محمود آباد اُٿي تجويز ۽ ترميم تي ڳالهائڻ جي اجازت گهري. راجا صاحب محمود آباد جناح صاحب جي ويجهي دوست جو پٽ هو ۽ جناح کي چاچو سڏيندو هو، تنهن ڪري جناح سندس پيءُ جي دوست هئڻ وارو حق استعمال ڪندي، راجا صاحب محمود آباد کي ڇڙٻ ڏيندي چيو ته توکي ڳالهائڻ ڪونه ڏيندس، اجازت نه ملڻ تي نوجوان راجا صاحب محمود آباد چڙ ۾ اٿي چيو ته: سائين اوهان جو اهو رويو آهي ته پارٽيءَ ۾ ڪنهن کي ڳالهائڻ نه ڏنو وڃي ته آءٌ احتجاجاً واڪ آئوٽ ڪري وڃان ٿو. جنهن بعد ميٽنگ ۾ بدمزگي پيدا ٿي وئي. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي، جناح صاحب ميٽنگ ختم ڪندي چيو ته وڌيڪ غور سڀاڻي ڪنداسين. مگر شام جو ميٽنگ جي حوالي سان اخبارن کي خبر ڏنائين، ته ميٽنگ ۾ اڪثريت سان ترميم واري فيصلي کي قبول ڪيو ويو. جنهن مان جناح صاحب جي برداشت کي پرکي سگهجي ٿو.

س س: سائين جي ايم سيد پاڪستان جي قيام ۾ پنهنجي ساٿين سميت ڀرپور ڪوشش ڪئي، پر قيام پاڪستان کان پوءِ سائين جا ڪن ڳالهين تان قائد جناح سان اختلاف ٿي پيا. جنهن سبب هڪٻئي کان پري ٿي ويا انهن اختلافن جو پس منظر ڪهڙو هو؟

امداد محمد شاهه: سائين جي ايم سيد جناح صاحب کي تمام ويجهو هو، هونءَ به جناح صاحب نوجوانن تي مهربان هو، مسلم ليگ جا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيئي ميمبر جناح صاحب سان ڳالهائڻ کان لنوائيندا هئا ۽ هر مسئلي تي سائينءَ کي آڏو ڪندا هئا. نتيجو اهو نڪتو جو جناح صاحب کي لياقت علي خان دماغ ۾ اها ڳالهه وڌي ته تنهنجي مخالفت ۾ جي ايم سيد وڏيڪ سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي. اتان ذاتي رنجش نظرياتي اختلافن جو سبب بڻي. سائين جي ايم سيد خلافت ڪانفرنس، خاڪسار ۽ آل انڊيا يا ڪانگريس ۾ رهي چڪو هو. ڊاڪٽر اينيبينٽ سينٽ جي سربراهيءَ ۾ هوم ليگ جماعت جو ميمبر ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو ميمبر رهي چڪو هو. ان لاءِ سندس سوچ، فڪر عمل جمهوري قدرن ۽ فيصلن تي ٻڌل هو. جناح صاحب جيئن ته مغرور ۽ هٺيلو ماڻهو هو. تنهن ڪري پنهنجي سوچ ۽ گفتگو به پاڻ تائين محدود رکندو هو. جنهن جو ثبوت ان ڳالهه مان ملي ٿو ته هڪ دفعي جناح صاحب ۽ مهاتما گانڌيءَ جي وچ ۾ هندستان جي مستقبل متعلق سياسي فيصلن تي گفتگو ۽ غور ويچار ٿيو. موڪلائڻ وقت مهاتما گانڌي کيس چيو پاڻ جيڪي ڳالهيون طئي ڪيون آهن، اُهي ڳالهيون آل انڊيا ڪانگريس ۾ پيش ڪندس، اميد اٿم ته ڪارنگريس فيصلن کي اهميت ڏيندي ۽ توهان به مسلم ليگ جي ميٽنگ ڪوٺائي، انهن فيصلن جي تائيد حاصل ڪر. موٽ ۾ جناح کيس چيو ته مسلم ليگ ڇا ٿيندي آهي؟ مسلم ليگ معنيٰ آءٌ ۽ منهنجو ٽائيپ رائيٽر، ان ڪري مون کي مسلم ليگ جي گڏجاڻيءَ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. بابا ٻڌايو هو ته، جناح صاحب پنهنجا فيصلا هميشه مسلم ليگ جي ميمبرن تي مڙهيندو هو ۽ سائين جي ايم سيد انهن فيصلن سبب ساڻس اختلاف ڪندو هو، جيڪي وڌي وڃڻ ٿيا ۽ سنڌ ۾ ١٩٤٦ع ڌاري مسلم ليگ جي ٽڪيٽ جي ورهاست تان به اختلاف ويتر شديد ٿيا. بعد جي صورتحال اها بيٺي جو ان وقت سنڌ مسلم ليگ جي جنرل سيڪريٽري غلام حيدر شاهه (اڳوڻي وزيراعليٰ سيد مظفر حسين شاهه جو والد) کي ٽڪيٽ نه ڏني وئي ۽ خانبهادر غلام محمد خان وساڻ جيڪو وڏو زميندار هو، ان کي ٽڪيٽ ڏني وئي، جنهن تي ليگ جي ورڪر لڏي کي نظرانداز ٿيڻ جو ڌڪ ٿيو، انهيءَ عمل تي مرڪز جي فيصلي سان بغاوت ڪندي، ١٩٤٦ع واري اليڪشن ۾ مسلم ليگ مرڪز هڪڙن کي ۽ سنڌ مسلم ليگ، سائين جي ايم سيد گروپ الڳ ٽڪيٽون ورهايون. اتفاقن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اليڪشن ۾ ٻنهي گروپن جا هڪ جيترا اميدوار چونڊجي آيا. ان صورتحال ۾ ڪابه ڌر حڪومت ناهڻ جي پوزيشن ۾ نه هئي. جناح صاحب سرفرانسز موڊي (ان وقت سنڌ جو گورنر جنرل) سان ساز باز ڪري ٿيل اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪري ٻن مهينن بعد وري اليڪشن ڪرائي، جنهن ۾ سرڪاري هٿ چراند، پوليس تشدد، مداخلت ۽ بدعنوانيون ڪيون ويون. سنڌ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ يافتا کي زوريءَ شڪست ڏياري وئي، جنهن جو فيصلو اليڪشن ٽربيونل، سائين جي ايم سيد جي درخواست تي انصاف پريو فيصلو ڏيندي، ڊانڊلين ٿيڻ جا انڪشاف ڪيا ۽ فيصلي تحت سنڌ جي اڳوٽي وزيراعلي پير الاهي بخش، قاضي محمد اڪبر، گل محمد شاهه (سيوهڻ) کي سندن ميمبريءَ تان ستن سالن تائين نااهل قرار ڏئي ڇڏيو.

س س: سائين جي ايم سيد کهڙن سببن ڪري سنڌوديش جو نعرو هنيو ۽ ان جي ڪاميابيءَ لاءِ سندن سنڌي ماڻهن ڏانهن ڪهڙي رويي جي اميد هئي، ان بابت سائين جي ايم سيد ٻاران ٻڌايل حقيقتن کان واقف ڪيو؟

امداد محمد شاهه: سائين جي ايم سيد اڪثر ٻڌائيندو هو ته، امداد ٦٠ سال جي عمر ۽ تجربي ۾ آءُ اهو پرکي ۽ پروڙي ورتو ته هاڻوڪي پاڪستان ۾ سنڌي ماڻهن جي حيثيت هڪ غلام کان وڌيڪ نه آهي. ان ڪري سنڌ خطو جنهن کي پنهنجي ثقافت، ٻولي، اقتصادي قوت، معدنيات جي ملڪيت، رستا، زرعي زرخيز زمين ۽ ٻيون ضرورتون ميسر آهن ته پوءِ ان کي وڌيڪ غلام ڪيئن تو رکي سگهجي. جڏهن ته اردن جهڙو ملڪ جيڪو ڪوٽڙيءَ جيترو مس آهي، اهو آزاد ٿي اقوام متحده جو ميمبر ٿي سگهي ٿو، ته پوءِ سنڌ خودمختيار ڇو ڪونه ٿي ٿي سگهي. رهي ڳالهه سنڌي ماڻهن جي رويي جي، ته انهن کي حالتون سجاڳ ڪنديون، جڏهن کين احساس ٿيندو ته سندن ڪمائي ۽ سندن ڌرتيءَ جي سموري ملڪيت قابض ماڻهو ڪنيو ٿا وڃن، ته کين معاشي مسئلو مجبور ڪندو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي خودمختياريءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪندا. هونءَ به بابا (سائين جي ايم سيد) پنهنجي سنڌي قوم کي هڪ عاشق وانگر محبت ڪندو هو.

س س: سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ جا مختلف رخ آهن، ٻر سائين هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ اوهان اولاد لاءِ ڪيئن هو، ان ۾ اوهان ڪيس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اليڪشن ۾ ٻنهي گروپن جا هڪ جيترا اميدوار چونڊجي آيا. ان صورتحال ۾ ڪابه ڌر حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ نه هئي. جناح صاحب سرفرانسز موڊي (ان وقت سنڌ جو گورنر جنرل) سان ساز باز ڪري ٿيل اليڪشن جي نتيجن کي رد ڪري ٻن مهينن بعد وري اليڪشن ڪرائي، جنهن ۾ سرڪاري هٿ چراند، پوليس تشدد، مداخلت ۽ بدعنوانيون ڪيون ويون. سنڌ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ يافتا کي زوريءَ شڪست ڏياري وئي، جنهن جو فيصلو اليڪشن ٽربيونل، سائين جي ايم سيد جي درخواست تي انصاف ڀريو فيصلو ڏيندي، ڌانڌلين ٿيڻ جا انڪشاف ڪيا ۽ فيصلي تحت سنڌ جي اڳوٺي وزيراعليٰ پير الاهي بخش، قاضي محمد اڪبر، گل محمد شاهه (سيوهڻ) کي سنڌ ميمبريءَ تان ستن سالن تائين نااهل قرار ڏئي ڇڏيو.

س س: سائين جي ايم سيد کهڙن سببن ڪري سنڌوديش جو نعرو هنيو ۽ ان جي ڪاميابيءَ لاءِ سنڌ سنڌي ماڻهن ڏانهن ڪهڙي رويي جي اميد هئي، ان بابت سائين جي ايم سيد ٻاران ٻڌايل حقيقتن کان واقف ڪيو؟

امداد محمد شاهه: سائين جي ايم سيد اڪثر ٻڌائيندو هو ته، امداد ٦٠ سال جي عمر ۽ تجربي ۾ آءٌ اهو پرکي ۽ پروڙي ورتو ته هاڻوڪي پاڪستان ۾ سنڌي ماڻهن جي حيثيت هڪ غلام کان وڌيڪ نه آهي. ان ڪري سنڌ خطو جنهن کي پنهنجي ثقافت، ٻولي، اقتصادي قوت، معدنيات جي ملڪيت، رستا، زرعي زرخيز زمين ۽ ٻيون ضرورتون ميسر آهن ته پوءِ ان کي وڌيڪ غلام ڪيئن ٿو رکي سگهجي. جڏهن ته اردن جهڙو ملڪ جيڪو ڪوٽڙيءَ جيترو مس آهي، اهو آزاد ٿي اقوام متحده جو ميمبر ٿي سگهي ٿو، ته پوءِ سنڌ خودمختيار ڇو ڪونه ٿي ٿي سگهي. رهي ڳالهه سنڌي ماڻهن جي رويي جي، ته انهن کي حالتون سجاڳ ڪنديون، جڏهن کين احساس ٿيندو ته سنڌ ڪمائڻ ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي سموري ملڪيت قابض ماڻهو کڻيو ٿا وڃن، ته کين معاشي مسئلو مجبور ڪندو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي خودمختياريءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪندا. هونءَ به بابا (سائين جي ايم سيد) پنهنجي سنڌي قوم کي هڪ عاشق وانگر محبت ڪندو هو.

س س: سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ جا مختلف رخ آهن، پر سائين هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ اوهان اولاد لاءِ ڪيئن هو. ان ۾ اوهان ڪيس

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهه: بابا (سائين جي ايم سيد) هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ اسان اولاد لاءِ تمام شفيق، ڪڏهن به اسان کي دڙڪو نه ڏنائين ۽ مون کي ته اهو به ياد ڪونهي، ته ڪو بابا ڪڏهن مون کي چماٽ هنئي هجي. آزاديءَ ۾ ايمان رکندڙ هو، تنهن ڪري هر فرد سمان گڏ اولاد کي فرد جي آزادي ۽ سوچ جو حق ڏيندڙ هو. آءٌ شعوري عرصو ساڻس گڏ رهيس، پر ڪڏهن به مون کي سياسي حڪم نه ڏنائين، ڪو تون قومي ڌاري ۾ شامل ٿيءُ، جڏهن ته دوستن جو اسرار هو ته محاذ ۾ شامل ٿيان. بابي کان هڪ دفعي سوال ڪيم ته توهان جي پراڻي رفيق ڪار قاضي فيض محمد سان گڏجي وڪالت ته ڪيان، ان ڪري مشورو ڏيو ته ڪهڙي سياسي پارٽيءَ ۾ وڃان، چوته قاضي فيض محمد چوي ٿو ته شيخ مجيب الرحمان جي صوبائي خومختياريءَ واري پروگرام تي سياست ڪر. جنهن تي بابا چيو ته پڙهيل لکيل آهين، پنهنجي سوچ سمجهه مطابق فيصلو ڪر، پر هڪڙي ڳالهه ياد رک ته شيخ مجيب الرحمان جو پروگرام ڏاڍو ڏکيو ۽ اڙانگو آهي ۽ قومي حق وڏي تڪليف ۽ قربانيءَ سان حاصل ٿيندا آهن. اهڙي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ واپسيءَ جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏ. هڪ ٻيو واقعو ياد ٿو اچي جڏهن ڇهين درجي ۾ پڙهندو هئس بابا سائين ڪراچيءَ آيو واپس ڳوٺ اچڻ وقت، مون کي ماهوار خرچ کان سواءِ سئو رپيا وڌيڪ خرچيءَ لاءِ ڏنو، جنهن تي مون ڪين چيو بابا سئو ١٠٠ نه پر پنج سئو ٥٠٠ گهرجن، جنهن تي پاڻ چيائون ته هينئر آءٌ ڳوٺ وڃان پيو، بئنڪون بند ٿي ويون آهن، پئسا جيڪي بچت ۾ هئا، تن مان به ريلوي ٽڪيٽون خريد ڪيون اٿم، ان لاءِ ڳوٺ وڃي، سياڻي توکي پئسا موڪليندس يا وري چيڪ ڏيانءُ صبح جو بئنڪ مان پئسا ڪڍرائجان، پر ٻاراڻي عقل مطابق مان ڪنهن به ڳالهه تي راضي ڪونه ٿيس، نيٺ بابا مجبور ٿي، پنهنجي ملازم وسيلي پنج سئو جو چيڪ هڪ دوست ڏانهن ڏياري موڪليو ۽ پنج سئو گهرائي ورتا ۽ مون کي سڏ ڪري ٻانهن مان جهلي، نصيحت ڪئي ته جهڙي پريشاني مون کي ڏني اٿئي، اهڙي پريشاني توکي تنهنجي اولاد کان ملي، ته ڪاوڙ نه ڪجانءِ ۽ مون واري ڳالهه ياد رکجانءِ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

س س: سنڌ جو خودمختياريءَ بابت سائين جي ايم سيد پنهنجي قومي فڪر ذريعي قومي هلچل جي سرواڻي ڪئي پر هينئر سائين جي ايم سيد اسان وٽ نہ هئڻ ڪري قومي هلچل جي قيادت سنڀالڻ جو مسئلو سنڌي ماڻهن سامهون آهي، جنهن لاءِ ماڻهن جون نظرون سائينءَ جي اولاد ڏانهن آهن، انهيءَ سلسلي ۾ اوهان ڪهڙو عملي مظاهرو ڪندو؟

امداد محمد شاهہ: خانداني سياسي ورهاست جو سائين جي ايم سيد هميشہ مخالف رهيو. سائين پيراڻي گادي حيدر شاهہ سنائي جو سجاده نشين هئڻ جي باوجود، ڪنهن کي بہ اهو نہ ٻڌايو تہ آءٌ حيدر شاهہ سنائي جو سجادهہ نشين آهيان. پاڻ حيدر شاهہ سنائي جي عقيدت مندن ۽ مريدن کان ڪڏهن بہ ڪو غلط ڪم نہ ورتائون، پر سائين جي ايم سيد جي ان عمل جي آءٌ نفي نٿو ڪري سگهان. هڪ فرد جي حيثيت ۾ قومي تحريڪ ۾ هر وقت حاضر آهيون. سائين جي ايم سيد جي موڪلائڻ/وفات ڪرڻ بعد سندس نظريي جي آءٌ نفي نٿو ڪري سگهان. قومي هلچل جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ سائين جا ڪيترائي ڪارڪن آهن، جيڪي قومي هلچل ۾ رهيا آهن. آءٌ تہ ميمبر بہ نہ آهيان، جڏهن ميمبر جي حيثيت نہ آهي تہ پوءِ آءٌ اڳواڻي سنڀالڻ جي حق ۾ نہ آهيان، باقي سائينءَ جي قومي فڪر جي پرچار ڪندڙ ڪارڪنن مان قومي هلچل جي ڪنهن بہ اڳواڻي سنڀالي تہ اهو بهتر ٿيندو. سن جا دروازا هميشہ جيان هاڻي بہ کليل رهندا، ان سلسلي ۾ اسان کي جيترو سهڪار ٿيندو اهو ساٿ ڏينداسين.

سائين جي ايم سيد جي اولاد ۾ هڪ سنڌيءَ جي ناتي سان سنڌوديش جي نظريي جو حامي هئس ۽ آهيان، ڇاڪاڻ جو هن خطي جي وڏي بدنصيبي جو ڪارڻ بہ قومي نظريو رهيو آهي، جنهن مطابق هن خطي جي ورهاست مذهب جي بنياد تي ٿي، واضح رهي تہ دنيا ۾ بہ ملڪ اهڙا آهن، جيڪي مذهب جي بنياد تي تقسيم ٿيا، هڪ اسرائيل، ٻيو هندستان، پاڪستان. سائين جي ايم سيد جي چوڻي ياد رکڻ گهرجي تہ قومي رشتا مذهب کان مٿاهان ڪونہ ٿيندا آهن، جيئن اڄوڪو سنڌي هندو سڀاڻي سنڌي مسلمان ٿي پئي، اڄوڪو سنڌي مسلمان سڀاڻي عيسائي ٿي پئي تہ ڇا اهي مذهب جي تبديلي ڪرڻ سان زبانون بہ تبديل ڪري ويندا. يقينن ائين هرگز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪونہ ٿيندو، سبب صاف ظاهر آهي تہ قوميت وڏيڪ اهيمت رکي ٿي. ٻي ڳالهہ تہ هڪڙا نقصان ٿورڙي عرصي لاء ٿيندا آهن، جنهن کي اسين گناهہ صغيره چئي سگهون ٿا. ڪي غلطيون ڪي خطائون جيڪي انسانن کان ٿين ٿيون، سي گناهہ ڪبيره ۾ شامل ٿين ٿيون. سائين جي ايم سيد هميشہ انهن مٿين ڳالهين تي پنهنجي غلطي تسليم ڪندي چوندو هو، تہ واقعي ۾ قومي نظرئي جي پرچار ۾ مون جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو غلط هو، جنهن جي سزا مان ڪاٽي رهيو آهيان، جيڪڏهن منهنجي هٿان ڪو خون ٿئي ها تہ ان ڏوهہ ۾ بہ مان سزا ٢٠ سال ڪاٽيان ها، پر مان (جي ايم سيد) ان مٿئين ڏوهہ ۾ خون جي ڪيس ۾ ٢٠ سال کان بہ مٿي سزا ڪاٽي چڪو آهيان. هاڻي ان سزا جو خاتمو ٿيڻ گهرجي، پر ان جي جواب ۾ مان (امداد شاهہ) ڪيس ڪلي چوندو هئس، تہ سائين اوهان جيڪا غلطي ڪئي آها گناهہ ڪبيره ۾ شامل ٿئي ٿي، ان ڪري ان جو اثر قوم ۽ نسل تي پوندو.

س س: غلام قومن جا فرد پنهنجا اجتماعي حق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي نموني جدوجهد تيز ڪن سنڌي قوم ان حوالي سان ڪٿي بيٺي آهي؟

امداد محمد شاهہ: سنڌي قومي طرح سان غلام آهن. اسان تي ڌاريون قوتون قبضو ڪيون ويٺيون آهن، مون کي اڪثر ماڻهو چوندا آهن تہ اسيمبليءَ اندر تون اڪيلو ماڻهو هئين، جو قومي حقن تي ڳالهائيندو هئين، تن کي آءُ چوندو آهيان تہ حق آزاد قومن جا ٿيندا آهن. غلام قوم جا حق ٿيندا ئي نہ آهن، ڇاڪاڻ جو غلام قوم جي حقن کي غضب ڪيو ويندو آهي. يا وري ٻي واٽ اها آهي تہ سنڌي قوم سائين جي ايم سيد جي ڏنل فڪر تي عمل ڪري جدوجهد جي تيز ڪري تہ قومي حق حاصلڪرڻ لاءِ عملي مظاهرو ڪن، تہ ان ڏس ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿي، جنهن لاءِ سائينءَ جو ڏنل قومي فڪر ۽ نظريو ان ۾ رهبري ڪري سگهي ٿو.

س س: قومي هلچل جي قيادت سنڀالڻ لاءِ اخبارن ۾ آيو آهي تہ قومي هلچل جي سرواڻي ڪرڻ لاءِ جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد جو نالو تجويز ٿيو آهي. اگر ائين ٿئي ۽ اها راءِ اوهان آڏو اچي تہ اوهان جو ردعمل ڪهڙو هوندو؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

امداد محمد شاهہ: ڀيرين، ڀيرين اهو حق والد صاحب (سائين جي ايم سيد) پنهنجي ملڪيت ورهائي، جنهن ۾ پٽن جيترو حصو نياڻين کي بہ ڏنو. مون کي تعليم پاڪستان ۾ ۽ سائين امير حيدرشاهہ ۽ جيجي ڊاڪٽر صاحبہ کي تعليم انگلينڊ ۾ ڏياري، جيجي کي تعليم ڏيارڻ واري عمل ۾ ڪنهن قدر مون بہ جيجيءَ جي همت افزائي ڪئي، تنهن ڪري آءٌ ان ۾ واضح آهيان.

ماهوار "سنڌ سجاڳ" ڪراچي
جي جلد ٣ شماري ٦ مئي ١٩٩٥ع
۾ شايع ٿيل

سائين جي. ايم سيد، سيد امداد محمد شاهہ هڪ بنگالي سياسي اڳواڻ سان گڏ.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ موجوده پاڪستان جو باني نہ شيخ مجيب ۽ نہ ورِي جي ايم سيد ئي هو

ماڻڪ: سائين جي ايم سيد، پاڪستان جو باني هو. هڪدم پاڪستان جو مخالف ڇو ٿيو، ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

سيد امداد شاهہ: هي جيڪو موجوده پاڪستان آهي، تنهن جو باني نہ شيخ مجيب الرحمان هو ۽ نہ ورِي جي ايم سيد ئي هو. هنن تہ چاهيو ٿي تہ جيڪي بہ قوميتون ۽ علائقا آهن، انهن جي خودمختياري ٿئي ۽ ٻئي ڪنهن جي ڏاڍ ۽ تلسط کان آجا هجن. انگريزن، پنجاب، يو پي، سي پي ۽ بنگال کي فتح ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن سنڌ کي فتح ڪيو تہ انهن قابض ٿي ڪيتريون لاڇون بہ آچيون، پر سنڌ تڏهن بہ پنهنجي تاريخي مزاج مطابق انگريزن سان پنهنجي تعاون جو سهڪار نہ ڪيو، پوءِ انگريزن ورِي سازش ڪئي، تہ سنڌين کي ٻين جي هيٺان ڪري ڇڏيائون، تہ جيئن اُهي اسان جا غلام ٿي رهن. اهڙيءَ طرح انگريزن پنهنجي اقليتي حيثيت جي بچاءَ، پر سنڌ پرڳٽي کي بمبئيءَ سان ملايو، تہ هندن جي اڪثريت ٿئي، تہ جيئن هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ وڙهندا رهن ۽ انگريزن تان سندن توجهہ ۽ ڌيان هٽيل رهي. انگريزن ڏٺو تہ اسان هتان هليا ويندا سين، تہ هي پراڻا علائقا ۽ ملڪ آزاد ٿي ويندا. ڪانگريس يا جناح وٽ جيڪي ۱۴ پوائنٽ هئا، تن ۾ بہ اهو ئي هو، تہ انگريزن کي نيڪالي ڏئي. علائقا خالي ڪري انهن کي آزاد ۽ پنهنجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهنجي خودمختياريءَ سان رياستون ڪيو وڃي ۽ جيڪو پاڪستان جو ٺهراءُ آهي، تنهن ۾ به اهو آهي ته ”آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو وفاق هوندو.“ جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن جي هڪٻئي جي مٿان ڪابه بالادستي نه هوندي ۽ پوءِ جيڪا مسلم ليگ جي، جنرل ڪائونسل جي چاليهن واري قرارداد پاس ڪيل هئي، اُها آخري ڪائونسل جي ميٽنگ هئي، جنهن اها قرارداد پاس ڪئي، پر پوءِ ٺڳي ڪري، يو پي ۽ سي پي وارن، ۱۹۴۲ع ۾ وري دهليءَ ۾ مسلم ليگ جو ڪنوينشن سڏايو، جهڙيءَ طرح ايوب خان، مچلي گهر ڪراچي ۾ ڪنوينشن ڪري مسلم ليگ ٺاهي، اهڙيءَ طرح هنن وري ڪنوينشن سڏائي، لياقت علي جي معرفت جناح کان بچڙو ڪم ڪرايو، جنهن تي سڀ اختلاف ڪري ويا، جنهن ۾ سائين جي ايم سيد، شيخ مجيب الرحمان، نواب اسماعيل خان ميرٺ وارو، مولانا حسرت موهاني، سر ناظم الدين وارا ۽ پيا هندوستان وارا به اختلاف ڪري ويا، ته ”اسان جيڪو اصل ٺهراءُ پاس ڪيو هو، سو هو ته ”آزاد خودمختيار رياستون هجن.“ توهان هاڻي وري صرف ”رياست“ جو اکر تبديل آهي، تنهن جي معنيٰ ته اسان پٺئي ڪنهن جي ماتحت ۽ محتاج هجون، جيڪو اسان ڪي هرگز قبول ڪونهي. ايتري تائين جو نواب اسماعيل خان ۽ مولانا حسرت موهاني، ته موريگو پاڪستان ۾ ئي ڪونه آيا، تن چيو ته اسان نه ته اهڙو پاڪستان گهريو ۽ نه ڪي انهيءَ ۾ ايندا سين. اسان ته پاڪستان اهو چاهيو ۽ گهريو، جنهن ۾ خودمختياري ۽ آزاد هجون، پر توهان ايئن ڪريو ڪونه ٿا ۽ وڃي ٿا پين جي غلامي ڪريو، جيڪا اسان کي قبول ناهي، پر هاڻي ڇا هي ته بدقسمتيءَ سان اسين هن خطي ۾ اچي وياسون، جيڪو مسلم اڪثريتي علائقو هو، تنهن ڪري سموريون فتوائون به سنڌ تي ڪريون ۽ جيڪي ڏنڊا وسايا ويا، سي به هتي وسايا ويا، تنهن ڪري سائين جي ايم سيد، شروع کان جيڪو پاڪستان چاهيو ٿي، تنهن جو ته حامي هو ۽ حامي رهيو، پر هن موجوده پاڪستان جو ڪونه هو.

مائڪ: سيد، ذوالفقار ڀٽي جو مخالف ڇو رهيو، ڇيو پيو وڃي ته سيد ... تحريڪ کي ڀٽي جي سياسي حمايت هاڄو رسايو، تنهنڪري مخالف رهيو؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهہ: ذوالفقار علي ڀٽو، ڪڏهن بہ عوامي ۽ جمهوري قدرن جو پوئواري ڪونہ هو. ڀٽو جڏهن نوابشاهہ ۾ اسان وٽ آيو هو تہ مون کيس چيو تہ اج تون رڳو هن چؤياريءَ ۾ چئہ ۽ زباني واعدو ڪر تہ "ون يونٽ جي آئون مخالفت ڪندس". تہ چيائين: "مون کي ڪپي ڪرسي ۽ ڪرسي ڏيندو پنجاب، تنهن جي ڪري آئون اهڙو واعدو ڪونہ ڪندس." رڳو عوام کي روٽي، ڪپڙو، مڪان واري نعري سان دوکو ڏئي ووٽ ورتائين، تنهن جي ڪري ڀٽو پنجاب جو ماڻهو هو. سنڌ ۾ ڪميونزم جو لاڙو گهٽو هو، تنهن ڪري هن پنجاب جي ماڻهن کي پاڻ ڏي متوجهہ ڪرائي، اهو سڀ ڪجهہ ڪيو. ڀٽو شروع کان وٺي آخر تائين ڪڏهن بہ عوامي ووٽ تي چونڊجي ڪونہ آيو. ١٩٧٠ع واري اليڪشن ۾ ڀٽي کي شڪست آئي هئي ۽ شيخ مجيب الرحمان اڪثريت سان کٽيو هو، پر ڀٽي فوج سان سازباز ڪري، پنهنجي اڪثريت ڏيکاري، ڀٽو ۽ بينظير فوج جي پيداوار آهن، ڇا جي ڪري جو فوج جڏهن بنگالين کي ماري جدا ڪري ڇڏيو، تہ پوءِ وري ڀٽي کي وٺي اچي اقتدار ڏنائون ۽ ڀٽي نئين سر اليڪشن کانہ ڪرائي. ايران ۾ تي دفعا انقلاب آيا، اسيمبليون اڏامي ويون اسپيڪر مري ويا پرائيم منسٽر مري ويا، تہ وري بہ خمينيءَ اليڪشن ڪرائي. جمهوريت اها آهي، ڀٽي تہ اليڪشن ئي کانہ ڪرائي. ڀٽي کي فوج پيچ ٻڌي مهري ڪيو ۽ هن انهن جو ايجنٽ ٿي ڪم ڪيو.

مائڪ: ڇا سنڌو ديش جي آزاديءَ واري ڳالهہ ۽ خيال سيد جي ذهن ۾ شروع کان ئي رهندڙ هو؟

سيد امداد محمد شاهہ: مون ذاتي طرح سان، سائين (جي ايم سيد) کان سوال ڪيو هو تہ: "سنڌو ديش جي آزاديءَ جو خيال توهان کي اصل کان ئي هو؟" تہ سائين چيو تہ اصل ڳالهہ هيءَ هئي، تہ اسين هن وفاق ۾ رهي آزاد ۽ خودمختار رياستن ۾ سنڌي قوم پنهنجي خودمختياري حاصل ڪري ۽ ماڻي. پوءِ جڏهن اسان ڏٺو تہ پاڪستان لاءِ گهٽي ۾ گهٽي بنگالين ۽ سنڌين، جدوجهد ڪئي، پر بنگالين کي خودمختياري ڏيڻ عيوض، هنن (پنجابين) انهن کي پاڻ کان لوڏي ڪڍي ڇڏيائون. پر ڪين خود مختياري کانہ ڏنائون. پوءِ جڏهن اسان ڏٺو تہ بنگالي آزاد ٿي سگهن ٿا، تہ پوءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي بہ چونہ آزاد ديس جي جدوجهد ڪن. اهڙيءَ طرح پوءِ سائين ڪي اها آئيڊيا آئي. شروع ۾ آزاد سنڌو ديش واري تہ ڳالهہ ئي ڪانہ هئي.

ماڻڪ: سائين پاڪستان جي قيام جو وڏو مخالف ٿي ويو ۽ توهان اسيمبليءَ ۾ پاڪستان سان وفاداريءَ جو حلف کڻي، پنهنجي پيءُ جي نظريي جي انحرافي تہ نہ ڪئي آهي؟

سيد امداد محمد شاهہ: يونين ڪائونسل ڪان وٺي ضلعي ڪائونسل تائين ۽ سنڌ اسيمبليءَ تائين، مون جيڪو حلف کنيو آهي، ڪير اهو پنو کڻي ۽ ڪڍي پڙهي ڏسي، تہ ان ۾ اکر ڪهڙا آهن؟ اُن ۾ آهي تہ ۴۰ چاليهن واري قرارداد مطابق جيڪي خودمختياري آهي ۽ ان ۾ چاٿايل جيڪو پاڪستان جو نظريو آهي، اُن تي ايمان رکان ٿو ۽ انهيءَ سان منهنجي وفاداري رهندي.

ماڻڪ: سنڌ جي موجوده صورتحال اندر، سنڌي قومپرستن ڪي ڪيئن ٿا ڏسو؟

سيد امداد محمد شاهہ: سنڌي قومپرست، سنڌ جي آزاديءَ واري ڳالهہ سچائيءَ سان ڪرڻ عيوض، رڳو فيشن طور ڪن ٿا. فيشني قومپرستن ئي سنڌ جي تباهيءَ جو سامان گڏ ڪيو آهي ۽ پيڙو پوڙيو آهي، سيڪو پنهنجي شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ جدا ديڳڙي چاڙهيو ويٺا آهن. آئون سنڌ ۾ اهڙا ڇڄڻ ڏسڻ ڪان پوءِ، سيني سنڌي قومپرست ڌرين ڪان نااميد آهيان تہ ڪو هي بہ پونو پاريندا.

ماڻڪ: سيد جي تحريڪ جي سچن ڪارڪنن جو اڪثريتي رايو ۽ خواهش آهي تہ سنڌ جي آزاديءَ واري تحريڪ جي قيادت سيد جي لاڏاڻي ڪان پوءِ سندن خاندان جي ڪنهن فرد کي ڪرڻ گهرجي ها، ائين چونہ ڪيو ويو؟

سيد امداد محمد شاهہ: انهيءَ جي خلاف سائين پاڻ بہ هوندو هو. سائين جو اهو عقيدو هوندو هو، تہ مسلمانن ۾ گهڻي ۾ گهڻو خون خرابو فساد ۽ فتنو پيدا ئي انهيءَ ڪري ٿيو، تہ هڪڙا چون تہ رسول ﷺ جي اولاد مان سربراهي ٿئي. ٻيا چون تہ نہ سندن ساٿين مان ٿئي. سو خلفاء راشدين بابت شيعن ۽ سنين ۾ بنيادي ٽڪر ۽ تفرقو بہ اتائين شروع ٿيو. سائين جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايم سيد چوندو هو، تہ مذهب ۽ روحانيت جدا شئي آهي ۽ سياست ۽ انتظاميا جدا شئي آهي. مذهب ۽ روحانيت کي ڪڏهن بہ سياست ۾ ملوث نہ ڪريو. روحانيت کي سياست ۾ ملوث ڪيو، تہ معنيٰ انهيءَ کي سياست جو غلام ڪيو. اسان مسلمانن جي تاريخ ۾ ان جا بہ مثال پيا آهن. سائين چوندو هو، تہ علي رضہ سائينءَ کي جيڪا رسول ڪريم ﷺ تربيت ڏني، اها رڳو روحانيت ۽ مذهب جي هئي. هُن کي انتظام جي تربيت ڪانہ ڏني هئائين. هو تہ گهر جو ڀاتي هو، پوءِ تو مون نعره هٽي، هن هُن چيو تہ نہ علي سائين خليفو ٿئي. هيءُ ٿئي، هُو ٿئي. ائين ئي پوءِ اختلاف پيدا ٿيو. انهيءَ وقت رسول ڪريم ﷺ جن بيمار هئا ۽ هي پيا سڀ پٺي وڙهيا تہ سندن جاءِ نشين ڪير ٿئي. ان وقت ڪو ماڻهو ويو ۽ چيائين تہ بابا! رسول ڪريم ﷺ جن لاڏاڻو ڪري ويا آهن. اڃو تہ سندن ڪفن دفن جو بندوبست ڪريون ۽ جنازي نماز پڙهون، پر اُهي اهڙا تہ فتني خور ماڻهو هئا، جو ٿي ڏينهن ڪونہ آيا، ۽ پاڻ ۾ پئي وڙهيا. اها آهي مسلمانن جي تاريخ، جيڪا غلطي سڀ کان اول ۾ ٿي آهي. تنهن کان پوءِ شاهہ جهان بادشاهہ جيڪو اهل دل صوفي منش ماڻهو هو، جنهن کي چار پٽ هئا، هڪڙن کي فوجين جو سپهہ سالار ڪري ڇڏيائين ۽ وڏو پٽ داراشڪوهہ جيڪو تاريخ ۾ فلسفي تي عبور رکندڙ هو، تنهن کي دهليءَ ۾ ويهاري ڇڏيائين. هن سوچيو تہ داراشڪوه تخت تي ويهندو تہ ٻائر سندس ٻانهن ٻيلي ٿيندا، پر داراشڪوه کي ايترو تہ مذهب ۽ روحانيت ۾ وڌائين جو ان کي اها بہ خبر ڪانہ هئي، تہ تلوار ڪيئن ڪٽبي ۽ وڙهبو ڪيئن ۽ فوج کي ڪيئن خطاب ڪبو آهي، جڏهن تہ هُن جو خيال هو، تہ منهنجا ٻيا ننڍا پٽ پاڻهي پنهنجي وڏي ڀاءُ جا ٻانهن ٻيلي ٿيندا. نتيجو اهو نڪتو جو اورنگزيب جهڙو تهجد گذار ۽ نمازي ۽ پرهيزگار ماڻهو، تنهن جيئن ٻڪريون ڪهجن، تيئن ڀائرن کي ڪٺائين ۽ پنهنجي پيءُ شاهہ جهان بادشاهہ کي ۱۴ سال جيل ۾ وجهي ڇڏيائين. اسان جي اسلامي تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا آهن، جنهن ۾ سياست ۽ مذهب کي پاڻ ۾ گڏيو ۽ ملايو ويو آهي تہ خونريزي ٿي آهي. ائين انگريزن ۾ بہ مذهبي بناء تي چرچ ۽ عيسائين ۾ اهو ٽڪراءُ ٿيو تہ انهن ۾ بہ گهٽي ۾ گهٽي خونريزي ٿي، جيڪا پڻ عيسائين ۾ پروٽيسٽنٽ (Protestant) ۽ ڪيٿولڪ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(Catholic) جي بنياد تي ٿي آهي.

ماٺڪ: پاڪستان پنهنجي اندروني سياسي رسا ڪشيءَ سبب هن وقت جيڪڏهن ٽڪرا ٿي وڃي ٿو ته سنڌ ڪهڙي حيثيت ۾ رهندي، ڇا انهيءَ سنڌ کي آزاد سنڌ چئي سگهجي ٿو؟

سيد امداد شاهه: اسين سنڌي ذهني طرح سان، آزاد نه هونداسين ته اها آزادي ڪهڙي ڪمَ جي. سوال آهي، ته اسين سنڌي ذهني طرح سان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ڪونه آهيون. اهڙيءَ صورتحال ۾، سنڌ هڪڙي غلاميءَ مان نڪري ٻي غلاميءَ ۾ پوندي. حضرت ايوب لاءِ چون ٿا ته سندس جسم ۾ ڪينئان پئجي ويا هئا، پوءِ هلندو هو ته اُهي ڪينئان ڪري پوندا هئا. سندس لاءِ روايت آهي، ته هو ڪِريل ڪينئان کڻي وري جسم ۾ چنبڙائيندو هو، ته اُهي ٻلي جسم کي کائين، پوءِ کي چوندا هئس، ته ايوب! اهو ڇا ٿو ڪرين!؟ تنهن تي چوندو هو، ته ادا هيءَ جاءِ خالي هوندي، ته وري ٻيو بکيون ڪينئون اچي ويهندو، تنهن ڪري هي وري به ڊايل آهي، ٻيو بکيو ڪينئون اچي پئي ۽ کائي تنهن کان اهو ٻلي پيو کائي، سو اسان سنڌين ۽ سنڌ جي حالت به اها ٿيندي پئي وڃي. سائين جي ايم سيد، سنڌ يونيورسٽيءَ واري خطبي ۾ هوشيار ڪندي چيو هو ته: ”ڊڄو انهيءَ ڏينهن کان جڏهن هي نوان آيل ماڻهو سنڌي ٿي ويندا ۽ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ سڀ حق حاصل ڪندا ۽ اوهين غلامن واري حيثيت ۾ هوندؤ.“ ۽ حفيظ قريشي مرحوم به پڇاڙيءَ تائين ائين چوندو هو، ته سنڌ آزاد ٿيندي، پر اها ڪهڙي ڪم جي اسين سنڌي جي اُن ۾ نه هونداسون.“

ماٺڪ: ڇا آمريڪا ڪمزوري طرف وڃي رهيو آهي؟

سيد امداد محمد شاهه: آمريڪا ۾ لکين ماڻهو هينئر بيروزگار آهن، اقتصادي ڪمزوري آهي، جنهن ملڪ ۾ عوام بيروزگار هجي، اهو وري ٻئي ڪنهن کي ڪٿان ڪارائيندو ۽ هينئر جيڪي ٻيا ملڪ ۽ ماڻهو آمريڪا تي بوجهه پيل آهن، تن کي پادر هٽي نهراءِ پيو ڪرائي، ته جيئن سندس خرچ کان جان آجي ٿئي. اَئون اهو به ڏسي رهيو آهيان ته ٿوري عرصي اندر ئي پاڪستان ۽ هندوستان ٻنهي کي آمريڪا .... هٽي ڪشمير واري مسئلي تي ناهه ڪرائيندو، ته جيئن اسان (آمريڪا) جي ته جند ڇٽي آمريڪا جو ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خرچ نہ وصول ڪن. سياست ڪن پنهنجي، وڙهن پنهنجا پاڻ ۾ ۽ ”چتي پٽي چاڪر تي پير وتايا تون“. پيري پٽي آمريڪا، سو هاڻي تہ آمريڪا جو ڊالر ئي ڪمزور ٿي ويو آهي. بيروزگاري ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. اها ئي تہ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي.

مانڪ: سيد ۽ شيخ مجيب جي ويجهو رهڻ ڪري، توهان ٻنهي (سياستدانن) جي سياسي نظرياتي زندگيءَ تي ڪجهہ روشني وجهندا؟

سيد امداد محمد شاهہ: سائين جي ايم سيد نظرياتي سياستدان هو. هو نتيجي لاءِ ڪو بہ انتظار نہ ڪندو هو. حق سچ جي ڳالهہ منهن تي چٽي ڏيڻ وارو هو، پر آئون سائين جي ايم سيد جي پارٽيءَ ۾ ڪونہ رهيس. مون سياست جو وڏو حصو شيخ مجيب الرحمان جي پارٽيءَ ۾ گذاريو. شيخ مجيب الرحمان نئين دور جي پيداوار هو ۽ پريڪٽيڪل سياستدان هوندو هو. چوندو هو تہ بابا! هاڻ اسين غلط يا صحيح جنهن ڪفرستان (پاڪستان) ۾ ڦاٿا آهيون، تہ سياست بہ انهن حالتن مطابق ڪرڻي آهي، تنهن ڪري هُن صوبائي خودمختياريءَ بہ گهري ٿي، پر اها وفاق جي حدن اندر گهري ٿي، هن ڪڏهن بہ آزاديءَ جي ڳالهہ ڪانہ ٿي ڪئي، پر پوءِ هن کي جيل ۾ وڌائون ۽ هنن (پنجابين) بنگالين کي ماري ۽ بنگال کي جدا ڪري ڇڏيو. ”سائين جي ايم سيد آئيڊيلسٽ نظرياتي سياستدان ۽ شيخ مجيب الرحمان پريڪٽيڪل سياستدان هو.“

مانڪ: توهان سياسي طور سيد ڪان وڌيڪ شيخ مجيب الرحمان سان سياسي ويجهڙائي رکي ۽ سندس پارٽي عوامي ليگ ۾ بہ رهيا. شيخ صاحب جي ڪهڙي ڳالهہ توهان کي متاثر ڪيو؟

سيد امداد محمد شاهہ: سائين جي ايم سيد جيئن تہ نظرياتي هو ۽ شيخ مجيب پريڪٽيڪل سياستدان هو، مجيب نتيجو بہ پاڻ ماڻڻ ۽ ڏسڻ ٿي چاهيو. سائين جو سنڌوديش وارو نعرو تہ تمام پوءِ ٿيو. سائين جو پهريون نظريو هو. تہ ون يونٽ ٽوڙيو ۽ سنڌ کي خودمختياري ملي، پر مجيب جو پروگرام واضح هو تہ ڇهن پوائنٽن جي لحاظ کان خزانو، لشڪر ۽ خارجہ پاليسي گڏيل هجي ۽ ٻيا سڀ صوبن وٽ اختيار هجن، تہ سٺي وضاحت مجيب وٽ هئي. باقي مبهم ڳالهہ هئي، تہ پاڪستان پاڪستان ڪري وڃي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ سر وچايون، جنهن جا اجان تائين پيا پادر ڪائون. مون سائين کي چيو هو تہ سائين قاضي فيض محمد چڪي پيو ۽ زور پيو ڀري ۽ شيخ مجيب تي اگرتلا سازش جو ڪوڙو ڪيس ٿيو آهي، سو جيل ۾ پيو آهي، پروگرام بہ مون کي هن جو ڏاڍو واضح ٿو ڏسڻ ۾ اچي. آئون ڀانيان تہ عوامي ليگ ۾ وڃان، توهان جو ڪهڙو رايو آهي؟ سائينءَ مون کي چيو تہ شيخ مجيب جو پنڌ ڏاڍو اٽانگو اٿئي. ائين نہ ڪجان، جو تون اڌ مان ڀڄي اچين ۽ پاڙي تي پئين. جي توکي خدا همت ڏئي، تہ اهڙي ٻي ڪا ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. معنيٰ تہ شيخ مجيب الرحمان جي پروگرام کي هن غلط ڪونہ ٿي سمجهيو. توهان کي ياد هوندو ۽ پڙهيو هوندو، تہ مغربي پاڪستان جي جملي سياستدانن مان صرف سائين جي ايم سيد ئي هو، جنهن شيخ مجيب الرحمان جي ڇهن ئي پوائنٽن جي حمايت ڪئي. باقي ولي خان وغيره ڪنهن نہ ڪنهن نقطي تي اعتراض ڪيو. شيخ صاحب جي وضاحت وڌيڪ صاف هئي. ٻيو تہ هن جي تنظيم پڪل پيئل هئي. اسان وٽ ڇڙواڳ لڏو گهڻو هو. سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ ڊسيپلين ۾ نہ رهيو آهي، آئون ”ان ڊسيپلين“ جي سخت خلاف آهيان، جنهن بہ قوم ۾ ڊسيپلين نہ هوندو آهي اها ڪابہ منزل طئي ڪري يا ماڻي ڪانہ سگهندي. اجان تائين اسان جي حالت اها آهي جو سنڌي قوم اجتماعي طرح سان، ”اَنِ ڊسيپلين“ قوم آهي.

ماڻڪ: مذهبي حلقن پاران سائين جي ايم سيد تي الزام آهن تہ سائين مذهبي تعليمات جو ڪٽر مخالف هوندو هو؟

سيد امداد محمد شاهہ: اهڙي غلط پروپيگنڊا ملان ڪن ٿا. ملان واري مذهب ۽ ملائيت جي خلاف سائين ضرور رهيو ۽ اسين بہ آهيون. هونئن سائين جي ايم سيد نہ رڳو نمازون پڙهيون، پر ٻين ماڻهن کي بہ نمازون زوريءَ پڙهايون ۽ مدرسہ پڻ ٺهرايا ۽ سائين جيترا چلا ڪڍيا، اهڙو مثال ٻئي ڪنهن زميندار يا سياستدان ۾ نٿو ملي.

ماڻڪ: ڪجهہ حلقن جو چوڻ آهي تہ قائداعظم، سيدن کي انتخابي ٽڪيٽ ڪانہ ڏني، جنهن ڪري سائين جي ايم سيد جا جناح سان اختلاف ٿيا؟

سيد امداد محمد شاهہ: اها ڳالهہ غلط آهي. ۱۹۴۲ع ۾ ٽيل ڪنوينشن ۾، ٽيل ٺهراءُ ۾ ”رياست“ واري جاءِ تي ”رياست“ اکر وجهڻ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارو بنيادي اختلاف هو. ٽڪيٽ واري اليڪشن تہ سال ١٩٤٦ع ۾ ٿي، تنهن کري اختلاف اڳ ۾ ٿي چڪا هئا. صوبائي خودمختياري، جمهوري قدر هر سياسي پارٽيءَ ۽ سياست جا بنياد هئا. سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن لاءِ صوبائي مسلم ليگ پارٽيءَ هڪڙن اميدوارن کي ٽڪيٽ ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي، تہ جناح صاحب وري صوبائي اختيارن ۾ دست اندازي ڪري، جملي ٽڪيٽون مسلم ليگ صوبائي پارٽيءَ جي سفارشين جي مخالف ماڻهن کي ڏنيون. ايتري قدر جو مسلم ليگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سيد غلام حيدر شاهہ (مظفر شاهہ جو والد) جي ٽڪيٽ بہ رد ڪري هڪ وڏيري کي ڏني وئي. اهو دست اندازيءَ وارو عمل دخل ٿي هو، جنهن جي خلاف اها بغاوت هئي، جنهن جو ذڪر سائين جي ايم سيد پنهنجي ان وقت جي لکيل ڪتاب ”مسلم ليگ جي مخالفت ڇو ۽ ڪيئن“ ۾ تفصيلي طرح سان ڪيو آهي.“

ماڻڪ: اسپيڪر الاهي بخش سومري پنهنجي اخباري بيان ۾ چيو آهي تہ جي ايم سيد ضدي طبيعت جو ماڻهو هوندو هو. انهيءَ ڪري هن پاڪستان جي مخالفت واري ضد کي ترڪ نہ ڪيو. ڇا اهو صحيح آهي؟

سيد امداد محمد شاهہ: سائين جي ايم سيد اصول ۽ قانون جي خلاف ورزيءَ تي انتهائي ضد ڪندو هو. جيڪو اصولن صحيح آهي. الاهي بخش سومرو جيڪو پاڻ موقعي پرست آفيسر آهي ۽ بعد ۾ سياستدان رهيو آهي، ان جو والد محترم حاجي مولا بخش سومرو اصول تي حليم طبيعت جي مالڪ هجڻ جي باوجود انتهائي ضد ۽ اصول پرستيءَ ڪان ڪم ورتو. جڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌي، سائين جي ايم سيد ۽ غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، مسلم ليگ کان علحدگي اختيار ڪئي، تہ حاجي مولابخش سومري پڻ مسلم ليگ کان علحدگي اختيار ڪري، هڪ مسلم ليگ جو نئون گروپ قائم ڪيو ۽ جڏهن ايوب خان، مسلم ليگ جي موقعي پرست ميمبرن کي، پنهنجي ميڇي-گهر ڪراچيءَ ۾ گڏ ڪيو ۽ ڪنوينشن مسلم ليگ قائم ڪري، پنهنجي سياسي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪي،و تہ حاجي مولابخش سومري ڀهرين ڪنويشنل مسلم ليگ جي خلاف رهيو. بعد ۾ پيپلز پارٽي جي وجود ۾ اچڻ ڪان پوءِ، پيپلز پارٽي جنهن ڪيس هزارين تڪليفون ڏنيون، تڏهن بہ نہ جهڪيو ۽ حڪومت جي مخالف بڻجن تي ويٺو. هر بااصول،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بااصول، باڪردار ۽ بااخلاق سياستدان انتهائي ضد جو مظاهرو ڪندا آهن، جنهن جي مثال طور حاجي مولا بخش سومري جو نالو به پيش ڪري سگهجي ٿو.

مانڪ: ڇا پاڪستان ٽٽڻ تي آهي؟

سيد امداد محمد شاهه: مون سنڌ جي هڪ وڏي ڏاهي سياستدان، تاريخ تي عبور رکندڙ ۽ عالم فاضل پير علي محمد شاهه راشدي کان ايوب خان جي حڪومت ۾ سوال ڪيو هو. هو سائين جي ايم سيد جو همعصر ۽ دوست هو. پاڻ اچان دادو شهر ۾ جاءِ ڪانه لهرائي هئائون ۽ دادوءَ جي ايريگيشن بنگلي ۾ اچي ترسندو هو. ان وقت ون يونٽ وڏو مسئلو هو. مون پڇيومانس ته چاچا! ڀلا ون يونٽ مان جان آجي ٿيندي يا ڪانه ٿيندي، توهان جو ڪهڙو خيال آهي، ته هو چپ چاپ رهيو ۽ مون کان فصل ۽ باغ جي سٺي ٿيڻ نه ٿيڻ بابت پڇڻ لڳو ۽ سوال جي جواب کان لهرائي ويو. ٿورو ترسي وري سوال ڪيم، وري به لهرائي ويو. اهڙيءَ طرح پنج اٺ دفعا سوال ڪيامانس، پر انهيءَ جو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هو. ان وقت وٽس به ماڻهو هڪڙو ميان حسين بخش پنهور ۽ ٻيو سندس مئنيجر ويٺل هئا. حسين بخش پنهور ڪچهري ڪري ويو هليو، ته مئنيجر کي ماني ڪٽي اچڻ لاءِ چيائين، جنهن مهل مئنيجر به ويو هليو، ته مون کي چيائين ته اولاد گهٽو اٿئي، ته مون چيومانس، ته چاچا هن وقت ٽي پار آهن، ته چيائين ته وڏي اٺ ٿيو آهين، پر اجان عقل ڪونه سکئين، مون چيو ته ڪيئن؟ ته چيائين ته ماڻهن جي روبرو اهڙو سوال ناهي ڪبو، ته مون چيو سائين هي ٻه ماڻهو ته توهان جا پنهنجا هئا. تنهن تي مون کي چيائين، ته ڪهڙي خبر ته انهيءَ ۾ ڪو اهڙو سرڪاري انفارمر يا جاسوس هجي ۽ ڳاهه وڃي پهچائي. مارشل لا ملڪ ۾ لڳي پئي آهي ۽ تون ٿو مون کان اهڙو سوال پڇين. مون کي اڪر ٺي اهي چيائين ته پڻهين (جي ايم سيد) ماڻهن جي پري ڪچهريءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو. مون کان ائين ڪونه ٿيندو. آئون اهڙيون ڳالهيون نويڪلائيءَ ۾ ڪري سگهان ٿو ۽ پوءِ سوال جو جواب ڏيندي چيائين ته ون يونٽ تمام ننڍڙي شئي آهي، پر آئون توکي ٻڌايان ٿو، ته پاڪستان ٽٽندو ۽ هندوستان به ٽٽندو. هندوستان چند موقعن تي متحد رهيو آهي. اشوڪا ماريا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ پرڳڻا هئا. بنگال، مدراس، يو پي، پنجاب، سينٽرل، انڊيا، سي پي، سنڌ اهي ملڪ هئا، جن کي پوءِ ڏنڊن جي زور تي ہن تن حڪومتن ۾ گڏ رکيائون، جيڪو غير فطري وفاق آهي، تنهن جي ڪري موجوده جيڪي هندوستان ۽ پاڪستان آهن، اهي غير فطري وفاق آهن، اهي ٽٽندا. هندوستان بہ پنهنجي سمورين رياستن سان ٽٽندو ۽ پاڪستان بہ پنهنجي قدرتي سرحدن مطابق ٽڪرا ٿيندو. سو هڪڙي وڏي سياستدان، تاريخدان ۽ عالم فاضل جا هن پاڪستان لاءِ مٿيان رايا هئا، آئون بہ سنڌس ان ئي راءِ سان سهمت رڪان ٿو ۽ راءِ سان شامل راءِ آهيان.

ماٺڪ: موٽر وي اسڪيم جو پسمنظر ڇا آهي؟

سيد امداد محمد شاهہ: موٽر وي اسڪيم عاليشان اسڪيم آهي، جنهن جو پسمنظر سينٽرل ايشيا کي دنيا سان ڳنڍڻ ۽ ملائڻ آهي. اڳ ۾ تہ روسي رياستن کي حسرت هوندي هئي، تہ اسين ٻين ملڪن کي فتح ڪري گرم پاڻين جا گس ۽ رستا حاصل ڪريون. افغانستان پاڻ جيڪو لينڊ لاڪ آهي. هونئن سنڌ جو بندرگاهہ ڪراچي استعمال ٿيندو هو. پنجاب کي تہ پورٽ ڪونهي ڪو. قدرت جي عطا جيڪا آهي، اها بلوچستان ۽ سنڌ کي آهي. ڪراچيءَ ۾ آبادي وڌيڪ ٿي وڃڻ ڪري بندرگاهہ ايترو بار کڻي نٿو سگهي. هاڻي تہ ٻہ پورٽ قاسم ۽ ڪراچي بندر آهن. تڏهن بہ جهاز مهينو مهينو بيٺا آهن، تنهن ڪري گوادر وڌيڪ ويجهو آهي. گوادر کي قدرتي نيچرل پورٽ بہ آهي، جنهن کي اجان بہ وڌائي ٺاهيو پيو وڃي، جنهن سان گهٽ خرچ ۽ بنسبت هزار ميل ڪراچي ۾ ڪري اچڻ جي هتي سهوليت ٿيندي. موٽر وي نہ رڳو پاڪستان جي سڀني صوبن کي ڳنڍيندو، پر روس کي ڳنڍيندو. افغانستان کي ڳنڍيندو، ايران کي ڳنڍيندو، رستو استعمال اسان جو ٿيندو ۽ اسان پاڪستان وارن جي انهيءَ مان ڪمائي ٿيندي.

ماٺڪ: چون ٿا تہ سياست ۾ توڙي سماجي رتبي ۾ شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ پاجيرو گاڏي هجي، جيئن اڄڪلهہ پورهيتن جا ليڊر سڏائيندڙ ۽ مظلوم قومن جا هڏ ڏوکي سياستدان ڪري رهيا آهن، ان متعلق توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

سيد امداد محمد شاهہ: هينئر اڪثر وڏيرا توڙي اسان جا فرزند،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪارون، جيپون گاڏيون ڏاريو وينا آهن، گاڏي ڪان سواءِ تہ ڪو هلي نٿو سگهي، پر هڪڙو اهو بہ دور هيو، جنهن ۾ گاڏي تي چڙهي هلڻ يا پاڻ وٽ جيپ يا گاڏي رکڻ کي وڏو عيب سمجهيو ويندو هو. سنڌ ۾ نادر شاهہ ايڊل جي ڊنشا پارسي سيٺ، جنهن جي نالي سان اين اي ڊي ڪاليج ڪراچي ۾ يونيورسٽي طور هلي رهيو آهي. هو ڪروڙ پتي هوندو هو. هن وٽ صرف جيپ رولز رويير هوندي هئي ۽ ٻي گورنر وٽ هوندي هئي. هن ڪڏهن بہ پنهنجي پٽ کي گاڏيءَ تي پير رکڻ نہ ڏنو. چوندو هو تہ بابا! جيئن عام ماڻهن جا ٻار سائيڪل تي چڙهي اسڪول وڃن ٿا. تون بہ ائين سائيڪل تي چڙهي اسڪول وڃ. اسڪولي ۽ ڪاليجي زماني دوران ڪراچيءَ ۾ اسان بہ ساڳيو طريقو رکيو. سائيڪل تي چڙهي اسڪول ويندا هئاسين ۽ سائيڪل نہ هجڻ وقت، بسن ۾ ڊوڙي ڊوڙي بہ چڙهياسين. آئون جڏهن ڪاليج ۾ آيس، تڏهن بہ مون کي سائيڪل هوندي هئي. ڪار جي ضروت تڏهن محسوس ڪئي سون. جڏهن منهنجي ننڍي ڀيڻ سائينءَ وڏي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاري، جنهن کي اسڪول ۾ ڇڏي اچڻ ۽ وٺي اچڻ لاءِ، گاڏيءَ جي ضرورت پئي، پوءِ مون گاڏي بہ هلائي ۽ ڪار ڏاري، نہ تہ مون سدائين سائيڪل تي سواري ڪئي. هتي سڪرنڊ ڪان ڳوٺ مجيد ڪيرئي ۾ پڻ سائيڪل تي ايندو هوس، تنهن وقت رستا بہ پڪا ڪونہ هوندا هئا. ان وقت نہ وري اسين پاڻ کي ڪو گاڏين جا مستحق سمجهندا هئاسون. ڪراچي ۾ پڙهڻ وقت محمد خان جوڻيجو پيءُ جو اڪيلو پٽ هو، جيڪو اسان کان چار سال عمر ۾ وڏو هو. پيءُ ڪيس ان وقت جيپ وٺي ڏني هئي. پوءِ ان وقت ڇوڪرا عبرت وچان چوندا هئا، تہ ڇٽ وڏيرا آهن، سو جيپ ۽ گاڏيءَ ۾ چڙهيو پيا هلن. ان زماني ۾ شاگرد لاءِ گاڏي ڏارڻ يا گاڏيءَ تي چڙهي هلڻ کي وڏو عيب سمجهيو ويندو هو. هيءُ اهو زمانو هو، جو هاءِ ڪورٽ جوچيف جج انگريز جسٽس جارج ڪانسٽن ٽائين بہ سائيڪل تي چڙهي هاءِ ڪورٽ ۾ ايندو هو. جيڪو اسان پاڻ ڏٺو. وقت وقت جي ڳالهہ آهي.

انٽرويو وٺندڙ: مالڪ ملاح
ماهوار "ساڃاهہ" رسالي شماري ١-٢ ١٩٩٨ع
۾ شايع ٿيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اجمل خان ختڪ، سيد امداد محمد شاهه، عطاءالله مينگل، اسلام آباد:
2 آڪٽوبر 1998ع



ولي خان ۽ سيد امداد محمد شاهه، ولي باغ ضلع چارسده پختونخواهه: 1990ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



موهن پنجابي، محمود هارون، سيد امداد محمد شاهه: 1991-5-20ع

سيد امداد محمد شاهه، سيد زين شاهه، ماڻڪ ملاح: 1998ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ سياسي سوچ رکان ٿو سياست تي ضرور لڙبو

سنڌ حڪومت جي پاڙ ڏڪريءَ تي بيٺل آهي. آئون اڄ به انهيءَ راءِ جو آهيان، ته هيءَ حڪومت هلندڙ ٩٧ع سال پورو ڪري نه سگهندي، اها اڄ جي ڳالهه ناهي، پر جتي ترڪڻ بازي تي ڪمزور حڪومتون آيون آهن، اتي اسيمبلين کي ٽوڙي گورنر راڄ لڳائي نيون چونڊون ڪرايون ويون آهن. پير مظهر الحق کي ايجنسين اغوا ڪرايو آهي ته جيئن سنڌي پاڻ ۾ وڙهن، تازو ئي الطاف حسين سان ملاقات ٿي آهي، ڪچهري ڪان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پُئي متفق ٿياسون، ته اسان جو دشمن هڪڙو ۽ ساڳيو ئي آهي، جيڪو ٻنهين قومن تي قابض ٿيو ويٺو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي تاريخي، سياسي، سماجي ۽ قومي مسئلن تي گهري نظر رکندڙ سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوٽي ميمبر سيد امداد محمد شاهه تازو ئي لنڊن کان واپسيءَ تي "سنڌ" کي انٽرويو ڏيندي ڪيو آهي. سيد امداد محمد شاهه چيو آهي ته پير مظهر جي اغوا بابت منهنجا ٻه رايا آهن. هڪڙو رايو ته اسان وٽ ايجنسيون ڪجهه ڪرائينديون آهن ته ماڻهو پاڻ ۾ وڙهن، آئون توهان کي ٻڌايان ٿو ته بينظير ڀٽو سن کان لنگهي ٿي، ته ايجنسين بينظير ڀٽو کي اغوا ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو، ته جيئن جيئي سنڌ ۽ پ پ وارا پاڻ ۾ وڙهن. بندوقون ڪٽي هڪ ٻئي کي ماري ختم ڪن. پوءِ اسان کي جڏهن اهڙي خبر پئي ته هيءَ سازش پئي ٿئي ته بينظير کي به اسان اطلاع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيارائي موڪليو، جيڪا پوءِ شايد جهاز ذريعي يا ريل رستي هلي وئي. باقي جيڪي نوڪر ۽ جيپون هيون جيڪي روڊ رستي گذريا ته انهن تي فائرنگ به ڪئي وئي ۽ ڪين اغوا به ڪيو ويو. مون ان وقت اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي، نالو به ڏنو هو، ته ايجنسيءَ جي هڪ ميجر اهو واقعو ڪرايو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ميجر به ڏينهن اڳ راجڙي ٻيلي ۾ چڪر ڪاٽي ڏاڙيلن کي پڙڪائي رهيو هو ته اهڙا واقعا ڪيو ته جيئن پ پ ۽ جيئي سنڌ وارا پلي پاڻ ۾ وڙهي مرن ۽ تباهه ٿين. پوءِ سائين امير حيدر شاهه به همت ڪئي، راڄن به همت ڪئي ۽ بينظير کي به خبر پئي تنهن به ڪوششون ورتيون ۽ ماڻهو واپس ٿيا. پيو ته امن امان واري صورتحال به ڪمزور آهي، تنهن ڪري ڪير به ٿي سگهي ٿو. پر منهنجو ذاتي شڪ اهو آهي، ته پير مظهر کي ايجنسيءَ اغوا ڪرايو آهي، ته جيئن جهڳڙو وڌي، پ پ ضرور گوڙ ڪندي، افراتفري واري صورتحال پيدا ٿي پوندي ۽ انهيءَ رد عمل ۾ هو پيو قدم کڻندا، اڳي نواز شريف به انهيءَ بهاني ڪڍيو ويو ۽ بينظير لاءِ ساڳيو حربو استعمال ڪيو هئائون، ته هاڻ وري سنڌ حڪومت ٽوڙڻ لاءِ به اهو جواز ڪافي آهي، ايم ڪيو ايم جي پنهي ڌڙن ۾ هلندڙ جيڪا ويڙهه آهي، ان ۾ به ايجنسيون ملوث آهن، ته هو جيڪي چوندڙجي آيا آهن، اهي وڏيڪ طاقتور ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، انهن جو زور گهٽائڻ لاءِ ايجنسيون بچ ڪري انهن کي مارائين ٿيون. سيد امداد محمد شاهه ٻڌايو ته تازو ئي لنڊن ۾ منهنجي الطاف حسين سان ملاقات ٿي، اڳ جڏهن آئون ويو هوس، ته هو مون وٽ سائين وڏي (جي ايم سيد) جي عذرخواهي ڪرڻ آيو هو. هن دفعي آئون وري سندس پاءِ ۽ پاڻ جي عذر خواهي ڪرڻ ويو هوس. ملاقات دوران سياسي گفتگو جي ايجنڊا ڪابه ڪانه هئي ۽ ڪو سياسي مقصد ڪٿي آئون ڪونه ويو هوس پر ڪچهري ۽ ملاقات جو ٿي ته سياسي گفتگو ضرور ٿي، انهيءَ سياسي گفتگوءَ ۾ اسان پنهي وچ ۾ جيڪا يڪسانيت مون کي ڏسڻ ۾ آئي ۽ محسوس ڪيو ته اسان جا حق غضب ڪرڻ وارن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ هو به صحيح هو ۽ آئون به صحيح هوس ۽ اسين پئي هڪ ئي نتيجي تي متفق ٿياسون، ته جيڪي نندين قومن جا حق قبضو ڪيو ويٺا آهن ۽ اسان جو دشمن ڪير آهي، انهيءَ دشمن جي نشاندهي منهنجي به ساڳئي هئي ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

الطاف جي بہ ساڳئي هئي. اهو دشمن توهان بہ چاتو تا تہ هتي نندين قومن تي قابض کهڙي وڏي قوم آهي؟ هڪ سوال جو جواب ڏيندي سيد امداد محمد شاهہ چيو تہ سائين جي ايم سيد جو سنڌ جي آزاديءَ وارو نظريو حقيقت تي ٻڌل آهي. قومن جي آزادي، اقتصادي جاگرافي يا سياسي آزادي اها اڄ نہ ملندي تہ پنجاهہ سالن کان پوءِ ضرور ملندي پر ان لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي. اسان جي قوم ايتري تہ ڪري چڪي آهي ۽ غيرت وڃائي چڪي آهي، جنهن مان مون کي توقع گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سنڌ جي مسئلن تي ٿيندڙ اتحاد تي هن ڳالهائيندي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ۽ چيو تہ سنڌ جي مسئلن بابت جيڪي بہ اتحاد جوڙيا ويا آهن، انهن جو جلدي ۾ مقصد حاصل ڪرڻ کان اڳ ۾ ڍهي پوڻ ۽ ٽٽي وڃڻ جو ڪارڻ اهو آهي تہ انهن کي سياسي نظريو ڪونهي. هُو پنهنجي ذاتي معتبري، ۽ فائدا حاصل ڪرڻ ۽ بليڪ ميلنگ ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. هن وقت تائين اهو ئي ثابت ٿيو آهي، وڏي افسوس سان چوڻو پئي ٿو، تہ مون تازو ئي ممتاز ڀٽي جو بيان پڙهيو آهي، تہ مون پارٽيءَ تي پنهنجا اعتراض وڏا هئا ۽ اين ايف سيءَ تي مون پنهنجا اعتراض مرڪزي حڪومت ۾ واريا هئا. سندس وزير صحيح ڪئي اٿس، ۽ حڪومت ۾ اهي سڀ قبول ڪيون اٿس. باقي پاڻ نہ صحيح ڪيائين. آئون نہ صحيح ڪريان ۽ منهنجي پاران اهو ماڻهو صحيح ڪري ٿو، جيڪو منهنجو عام مختيار آهي، تہ معنيٰ تہ تو ئي ڪارو منهن ڪيو، نوان اتحاد ٺاهڻ وري ٽوڙڻ وارا اصل ۾ اڇن ئي پنهنجا ذاتي مستقبل مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ٿا. اسان جي قومپرست ڌرين جو اڄڪلهہ ڏنڊو ئي اهو ٿي پيو آهي. سائين امير حيدر شاهہ جو پيٽرول پمپ هو. سو سرڪار کان برداشت نہ ٿيو ۽ اهو ڊاهرائي ڇڏيائين، پر پيون پاڻ کي قومپرست سڏائيندڙ ڌريون جيڪي ٺٽي کان وٺي اسلام آباد تائين قادر مگسيءَ ۽ پليجي کي ٽيڪا ملن ٿا، آخر اهڙي مهرباني ڇو پئي ٿئي؟ ان مان ئي خبر پوي ٿي تہ ڪير انهن کي ويجها آهن، اتحاد اڇن ئي ان لاءِ ٿا (ايس اين اي) ٺهي، تہ سڀ ڊوڙي اچي وچ ۾ پيا، جنهن مهل ڏٺائون، تہ ايس اين اي زور وٺي ٿي وڃي، تہ يڪدم پهرين پليجي بغاوت ڪئي، پوءِ ٻين ڪئي، تہ اهي اڇن ئي راند ڦٽائڻ ٿا، تنهن ڪري اهي اتحاد مصنوعي آهن. اتحاد دائمي بہ نہ ٿيا آهن، پاڪستان ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

توڙي ٻاهر عارضي وقت لاءِ ڪا شيءِ ٿيندي آهي. ٻي اين اي تحريڪ مختلف جماعتن جو اتحاد هو، پڇي ڪي ڪڏهن ٿائين انهيءَ ۾ ڪامياب ويا، پر اهي پنهنجو ڪو پروگرام ڏئي نه سگهيا. اهڙي طرح بنگلاديش ۾ مسلم ليگ جي خلاف هڪ فرنٽ ٺاهي وئي هئي ۽ مسلم ليگ کي شڪست ڏني وئي. وزيراعليٰ نور المين کي به شڪست آئي هئي. فاطمه جناح ڀين کي اتي شڪست آئي، شاگرد بيهاريا ويا هئا، انهن ئي شڪست ڏني. هن وڌيڪ چيو ته اتحاد هڪ يا ٻن مقصدن تي يا ننڍن نقطن تي جيڪو جوڙيو وڃي ٿو، اهو ڪامياب ويندو. باقي جيڪو چيو ٿو وڃي، اتحاد ۾ پوءِ سنڌ جا حق وٺنداسون. هيئنئن به ڪنداسون. هوئنئن به ڪنداسون، سو اهڙا اتحاد ڪمزور ۽ ذاتي مفاد تي جوڙيا ويندا آهن. شيخ مجيب الرحمان ڪڏهن به انهيءَ راءِ جو ڪونه هو، ته پاڪستان کان ڌار ٿجي، جيتوڻيڪ فوجي جرنلن هن کي پڃاڙيءَ اهو به چيو ته ٽون جدا ٿي وڃ، اسين تنهنجي لاءِ رنڊ نه ٿينداسون. ان وقت مون شيخ صاحب کان پڇيو ته سائين توهان ڪهڙو جواب ڏنو ته شيخ صاحب ڪاوڙ ۾ غصي ۾ مون کي جواب نه ڏنو، پر اتي موجود عوامي ليگ جي صدر سيد نذر الاسلام مون کي ٻڌايو ته شيخ صاحب منهنجي روبرو ته انهن کي ڪو جواب ڪونه ڏنو، پر مون انهن کي چيو، ته بابا پنجويهه سال توهان اسان کي حڪومت ڪرڻ ڏيو، پوءِ سوچينداسون، ته جدا ٿيون يا ڌار ٿيون. سيد امداد محمد شاهه وڌيڪ ٻڌايو ته شيخ صاحب به انهيءَ ڳالهه جو هو ته اسين سياسي اقتصادي آزادي حاصل ڪريون، پر انهن کي سياسي اقتصادي آزادي ته ڪانه ڏني وئي، پنجاب هنن کي اهڙي آزادي ڏيڻ جي حق ۾ ڪونه هو ۽ انهن هنن کي ڌڪي ڌار ڪري ڇڏيو. هن ٻڌايو ته آئون بنگلاديش ۾ هوس ته هتان ڪجهه فوجي ماڻهو اتي آيا ۽ اچي شيخ صاحب کي ريجهائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائون ته اسان توهان کي بنگال لاءِ سڀ ڪجهه حق ڏيون ٿا. پر ٽون ٻين صوبن کي ڀڙڪائڻ ۽ ڦتائڻ جي ڪوشش ڇڏي ڏي، تنهن تي شيخ صاحب چيو ته آئون جيڪو پنهنجي لاءِ حق گهرندس، ٻين لاءِ به ساڳيو ئي گهرندس، تنهن تي فوجين ۽ شيخ صاحب جي پاڻ ۾ ڏي وٺ ٿي ۽ بنگال تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائي ٣٠ لک بنگالي ماري، انهن کي جدا ۽ ڌار ٿيڻ ۽ رهڻ تي مجبور ڪيو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ويو. ان سوال تہ جيڪڏهن سنڌ حڪومت وجي ٿي ۽ پيھر چونڊون ٿين ٿيون تہ مسلم ليگ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿي؟ سيد امداد محمد شاهہ ڳالهائيندي چيو تہ اسان جي وڏيرن ٽوڙي ووٽرن جي اڪثريت انهيءَ ڳالهہ جي آهي، تہ سرڪار جا سالا گهٽا ٿيون. هينئر ئي پاڄ شروع ٿي وئي آهي. اسيمبليءَ ۾ پ پ جي ٽڪيٽ تي جيڪي چونڊجي آيا، انهن جا حال ڏسو پيا. پير مظهر لاءِ ووٽ نڪتا تہ ٣٦ مان ٢۴ ووٽ مليس. پارٽيءَ ووٽ مٿان ئي مٿان ڪو نہ مليا. سو ماٺهو پڇڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهن. اسيمبلي ٽوڙي وئي تہ نين چونڊن ۾ گهٽا ماڻهو وجي اقتداري ڏر جو پاسو وٺندا، چند وڃي پ پ ڏي بچندا. جيڪي وري اوڏانهن قابل قبول ڪونہ هوندا. پيا سيئي مسلم ليگ ڏي پاڄ ڪندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ سنڌ ڪي صوبي واري بہ حيثيت ڪانهي، صوبو رڳو نالو آهي. سمورا اختيار مرڪز وٽ آهن. سنڌ ۾ پيري مريدي جي ناتي ڏن اوڳاڙڻ بابت سيد امداد محمد شاهہ چيو تہ ڏن ورتو ڪونہ ويندو هو، پر درگاهن ۾ اجتماعي ميڙن ۾ ڪمن لاءِ هٿ ڪيو ويندو هو. پوءِ جڏهن هڏ حرام ٿيا تہ سيدن ۽ پيرن انهيءَ ڪي ڪٿي ڪاروبار ڪري ورتو. باقي ڏن نہ ڪنهن عقيدي مطابق نہ وري مذهبي طور ڪو جائز آهي. هن ٻڌايو تہ حقيقت ۾ عرب ملڪ سڄيو ۽ بکيو ملڪ هو، اهي خوشحال ملڪ ڳوليندا هئا. انهن ڪي قريون ۽ ڪاٺون عرب لٽيرا خانہ بدوش هئا. عربستان مان ساداتن راجا ڏاهر جي دور ۾ سنڌ ۾ اچي پناهہ ورتي هئي، جن ساداتن سنڌ ۾ پناهہ ورتي انهن مان هڪ سادات سنڌين سان گڏجي سنڌ خلاف ٿيندڙ حملا آورن سان لڙيو. عرب تي ڪري عربن سان مقابلو ڪيو ۽ انهن ڪي شڪست ڏني، انهيءَ سنڌ جو پاڻي ۽ نمڪ ملهايو. راجا ڏاهر انهيءَ سادات ڪان ايترو تہ متاثر ٿيو. جو سنڌ جي (سکي) جي هڪ پاسي پنهنجو نالو ۽ ٻئي پاسي سادات محمد بن علافي جو نالو لکايائين، جيڪي پراڻا سڪا اڄ بہ موجود آهن. ڇا توهان ايندڙ اليڪشن ۾ حصو وٺندا؟ واري سوال تي ڳالهائيندي هن چيو تہ اليڪشن ۾ ماڻهو سڌي يا اڻ سڌي طرح حصو وٺندو آهي. هن دفعي منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ هئي، تنهن ڪري آئون اليڪشن لاءِ اهو چوندس، تہ سياسي سوچ رکان ٿو، سياست تي ضرور لڙبو.

(انٽرويو وٺندڙ: مالڪ ملاح
روزاني "سنڌ" جي آچر ٢٩ جون ١٩٩٧ع
واري اشاعر ۾ شايع ٿيل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهه ۽ ڪتاب جو سهيڙيندڙ مانڪ ملاح؛ 1998ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

■ حقن جي جدوجهد لاءِ منهنجي جان به وڃي ته اها خوشنصيبي سمجهندس

سنڌ: جيئي سنڌ قومي محاذ ۽ متحده (ايم ڪيو ايم) وچ ۾ ٿيل نهراءَ ڪهڙن بنيادن تي ٿيو آهي، اهڙي پيش رفت پهرين ڪهڙي ڌر پاران ڪئي وئي، انهيءَ سمجهوتي جي پس منظر تي روشني وجهندا؟

سيد امداد محمد شاهه: سنڌ ۾ اسان جو شروع کان ولي، اهو خيال رهيو آهي، ته سنڌ ۾ جيڪي به قومون ۽ ڌريون رهن ٿيون، انهن جا گڏيل مفاد آهن، انهن مفادن لاءِ گڏيل جدوجهد جيستائين نه ٿيندي، تيستائين ڪوبه حق حاصل ڪري ڪونه سگهبو، اها ضرورت متحده وارا به محسوس ڪندا رهيا ۽ "جيئي سنڌ" وارا به محسوس ڪندا رهيا. اڳي سائين جي ايم سيد جي موجودگيءَ ۾ به اهڙيون ڪوششون ٿيون هيون، جنهن ۾ آئون وچ ۾ ڪونه هُئس، جو ان جي مون کي پيرائتي خبر هجي، پر سائينءَ وڏي جي عذرخواهيءَ تي جڏهن الطاف حسين مليو ۽ وري آئون جڏهن وٽس، سندس پاءُ جي عذرخواهيءَ تي ويس، ته انهيءَ راءِ جو اظهار ٿيو ته اڳي جيڪا پيش رفت شروع ڪئي وئي هئي، انهيءَ کي اڳتي وڌي هلجي. منهنجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اهڙي ملاقات تي هتي اعتراض به ڪيا ويا. اخبارن ۾ به آيو، پر مون ان ڪان بالاتر ٿي سوچيو، ته هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ جاري رکجي. ٻهريون دفعو آئون جڏهن لنڊن ويس ته سندس پاڻ جي عذرخواهيءَ تي ويس، ايم ڪيو ايم جا اڳواڻ موجود هئا. الطاف حسين انهن کان پڇيو ته اوهان جو رابطو يا خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي ته موڻ چيو ته قاضي خالد ۽ آفتاب شيخ سان ته اڄ پهريون ڀيرو منهنجي ملاقات ٿي آهي، تنهن تي تعجب ۽ ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي، الطاف حسين انهن کي چيو ته توهين ٻئي ڏريون رهو، سنڌ ۾، توهان جا مفادات به هڪجهڙا ۽ توهان جي ملاقات به هتي مون وٽ ٿي ٿئي ۽ پوءِ انهن کي تاڪيد ڪيائين، ته توهين وقت به وقت ملندا رهو ۽ پنهنجن خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهو. انهيءَ کان پوءِ جڏهن واپس هتي سنڌ پهتاسون، ته ان کان پوءِ جڏهن قاضي خالد، نوابشاهه اچڻ وارو ٿيو ته مون کي ڪراچيءَ مان فون ڪيائين ته سڀاڻي آئون نوابشاهه اچان ٿو. شاهه صاحب، توهان ٽائيم ڏيو ته پنهنجي ملاقات ٿئي، تنهن تي مون هن کي چيو ته بابا، مان فقير ماڻهو ۽ رٽائرڊ ماڻهو آهيان، جنهن مهل اچين ڀلي اچ، پر ٽائيم جو مون کي ٻڌائجو، ته آئون ٿورو انتظار ڪريان. قاضي چيو ته ٺيڪ آهي، آئون نوابشاهه پهچي، توهان کي ٻڌائيندس، پوءِ هو جڏهن نوابشاهه آيو ته نوابشاهه ايئرپورٽ تان فون ڪيائين ته آئون نوابشاهه ايئرپورٽ تي پهتو آهيان. شام جو ڇٽين وڳي ڌاري توهان وٽ اچڻ چاهيان ٿو، ته مون چيو مانس، ته بهتر ٿيندو ته تون ستين وڳي مون وٽ اچ ۽ دال ماني به مون وٽ کاءُ ۽ دال مانيءَ جي ٻهاني وڌيڪ وقت به ويهنداسون ۽ ڪچهري به ڪنداسون، پوءِ هو انهيءَ وقت مطابق آيو، پر جيئن ته ساڻس ٻيا تعليم کاتي جا آفيسر گهڻا موجود هئا، تنهن ڪري ٻنهي ڌرين جنرل طور سنڌ جي تعليمي مسئلن تي ڳالهايو ۽ ذڪر ڪيو، پر ٻي ڪابه سياسي گفتگو ڪانه ٿي ۽ آفتاب شيخ سان منهنجي ملاقات لنڊن واپسيءَ ڪانپوءِ نه ٿي. هينئر تازو ٽي آئون ڪراچيءَ هئس، ته اتي رات جو مون ڏانهن فون آيو ته الطاف حسين صاحب توهان سان ڳالهائڻ چاهي ٿو. هن پهرين نوابشاهه فون ڪئي، انهن چيس، ته اوٺ مجيد ڪيريو ڳوٺ ۾ ٿو رهان، جتان هن کي خبر پئي ته آئون ڪراچيءَ آهيان. منهنجا فون نمبر ته وٽس هئا، هن مون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سان رابطو ڪيو ۽ چيائين تہ هن وقت لنڊن ۾ مون وٽ ڪي دوست آيل آهن، جيڪي منهنجي جماعت جا آهن. انهن ڪي آئون سياڻي موڪليان ٿو، اُهي توهان سان ملندا ۽ توهين انهن سان وڌيڪ ڪچهري ڪجو. پوءِ ٻئي ڏينهن هو لنڊن مان هتي پهتا ۽ مون کي فون ڪيائون. پوءِ مون کين وري بہ مانيءَ جي صلاح ڪئي ۽ حيدر منزل تي اچڻ لاءِ چيو. پوءِ شعيب بخاري، انيس قائمخاني، انيس ايڊووڪيٽ ۽ فاروق ستار آيا. ٻنهي ڌرين جي سنڌ جي مسئلن تي همخيالي تہ اڳ ۾ بہ هئي. الطاف حسين مون سان ڳالهائڻ کانپوءِ وري جسقم جي چيئرمين بشير قريشيءَ کي بہ فون ڪيو ۽ چيو تہ شاهہ صاحب کي اسان چيو آهي، تہ توهين بہ اچو ۽ انهيءَ ڪچهري ۽ ڳالهين ۾ شريڪ ٿيو. پوءِ بشير قريشي، آريسر سميت پهتو. ڪيترائي مسئلا متحده وارن بہ کنيا. تہ اسان جي عبدالواحد آريسر صاحب ۽ بشير قريشيءَ وارن بہ کنيا.مون محسوس ڪيو ۽ کين مشورو ڏنو، تہ جيتري اسان جي گهٽ ايجنڊا هجي، اوترو سئو ٿيندو، جيڪي اتحاد لاءِ بہ فائديمند ثابت ٿيندو. پوءِ مون کين مثال ڏنو، تہ چين تي جڏهن جپان قبضو ڪيو هو تہ انهيءَ وقت مائوزي تنگ ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جي وچ ۾ جنگ پئي هلي. پوءِ جڏهن جپانين قبضو ڪري ورتو تہ مائوزي تنگ هليو ويو ۽ چيانگ ڪائي شيڪ کي چيائين تہ هينئر پنهنجي وڙهڻ جي مهل ڪانهي، اچو تہ گڏجي جاپانين کي منهن ڏيون. اهڙي طرح پوءِ ون پوائنٽ تي هنن جو ناهہ ٿيو ۽ کين ڪاميابي ٿي. تنهن ڪري مون هنن کي چيو تہ ايترا جو ايجنڊا کنيا اٿو، انهن سان ٿورا گهٽ تہ جيئن ڳالهہ ٻنهي ڌرين جي سمجهہ وٽان بہ ٿئي ۽ جدوجهد بہ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي. جنهن کان پوءِ سواءِ ڪنهن وڏي بحث مباحثي جي ٻن ڳالهين تي سمجهوتو ٿيو تہ ڪالاباغ ڊيم، آدمشماري، ناٽي جي ورهاست، انهن تي مڪمل هم آهنگي ۽ گڏيل جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ٿيو، جنهن سمجهوتي جو باقاعدي اخبارن ۾ اعلان بہ ٿيو، اهو هو جسقم ۽ متحده سمجهوتي جو پس منظر. بہ ڳالهيون جيڪي ٻنهي طرفن کان هليون، جنهن ۾ خاص طور سان آريسر صاحب ڳالهايو تہ بهارين جو مسئلو ۽ ٻيون جيڪي هڪ ٻئي جي قبضي ۾ ملڪيتون آهن، انهن تي ڳالهيون ڪريون، تہ مون وري چيو تہ بابا اهي سيڪنڊري اشوز آهن. پهرين هنن وڏن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مسئلن تي جيڪي قومي اشوز آهن، تن تي اڳتي وڌون ۽ ڏسون ته هڪ ٻئي سان ڪيترو اسين هلي سگهون ٿا. تنهن ڪري آئون توهان کي عرض ڪندس ته ٻين ڳالهين کي نه ڪٿو، منهنجي انهيءَ راءِ جي ٻنهي ڌرين تائيد ڪئي. مون چيو ته منهنجي سمجهه مطابق ٽن ايجنڊائن تي جن تي مُتفق ٿيا آهيون ، اهي به وڏيون آهن، تنهن ڪري انهن کي اڳتي وڌايون، پوءِ ٻيون ثانوي ڳالهيون ڪبيون.

سنڌ: متحده ۾ جسقم ناهه ڪان پوءِ توهان کي ايم ڪيو ايم جي روين ۾ ڪائي تبديلي ڏسڻ ۾ آئي آهي، جي آئي آهي ته اها ڪهڙي تبديلي آهي؟

سيد امداد محمد شاهه: هر مرحلي تي تعاون ڪرڻ ۽ تعاون وٺڻ لاءِ تيار آهي. انهيءَ ۾ ڪن دوستن هُنَ کان شڪايت ڪئي ته توهان ڪالاباغ ڊيم واري منصوبي تي جسقم سان سمجهوتو ڪيو آهي ته، پوءِ ڪالاباغ ڊيم خلاف آيل رٺ تي، اوهان انهيءَ تي ووٽ ڇو ڪونه استعمال ڪيو، ته هُنَ چيو ته ڪنهن به آزاد ميمبر يا مسلم ليگ جو ميمبر رٺ پيش ڪري ها، ته اسين اُن کي ڪليل دل سان ووٽ ڪريون ها، پر جيئن ته هي پيپلز پارٽيءَ وارن جي رٺ هئي ۽ پي پي سان اسان کي گهڻيون شڪايتون آهن، تنهن ڪري ڪُڪڙ ڪورين جو ناموس وڏيري جي، اسين جي ووٽ ڏيون ها ۽ مدد ڪريون ها، ته اها فتح پي پيءَ وارن جي سڏجي ها. تنهن ڪري اسين پ پ وارن کي ڪوبه جس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون. باقي موجوده حالت ڪانپوءِ اڳتي اسين هڪ ٻئي کي ويجها ٿياسون. ته پوءِ انهيءَ کي ڏٺو ويندو.

سنڌ: ڪراچيءَ ۾ حاڪم علي زرداريءَ جي جاءِ تي توهان سان بينظير ڀٽو جي سڌي ملاقات ٿي آهي، انهيءَ ملاقات ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟

سيد امداد محمد شاهه: تازو ڪراچيءَ ۾ جنهن ڏينهن سنڌ ٿنڪرس فورم پاران ڪالاباغ ڊيم جي سلسلي ۾ سيمينار ٿيو، تنهن ڏينهن منجهند جو فورم طرفان سيني جي مانيءَ جو بندوبست ته ڪيو ويو هو، پر بلوچ، پناڻ ليڊرن جي مون وري پنهنجي طرفان دعوت حيدر منزل تي رکي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ اچڪزئي صاحب، لطيف آفريدي، اجمل خٽڪ ۽ ٻيا ٻه چار سنڌ سان واسطو رکندڙ جيڪي مون کي ويجها هئا، تن کي مون گهرايو، تن ۾ حاڪم علي زرداري به هو، ته ميڊم حميده کهڙو به هئي، جن سان اسان جا پراڻا تعلقات هئا ۽ ٻيا جسقم وارا به هئا. اسان انهيءَ دعوت ۾ شرڪت لاءِ خالق جوڻيجي، رسول بخش پليجي، قادر مگسي ويندي يوسف لغاريءَ کي به دعوت ڏني، پر پوءِ ڪي آيا، ڪن معذرت گهري. حاڪم علي زرداري وري منهنجي دعوت ۾ اتي هنن سيني کي عرض ڪيو، ته سياڻي رات جي ماني منهنجي ڪائو، سو ٻئي ڏينهن رات جي ماني حاڪم علي زرداري وٽ هئي، جنهن دعوت ۾ اختر مينگل ڪن مجبورين جي ڪري ڪونه اچي سگهيو. اهو سگهوئي واپس هليو ويو هو، باقي پناڻ ليڊر ۽ اسين اتي شريڪ ٿياسون، جنهن دعوت ۾ حاڪم علي زرداريءَ جو سنڌس نياڻو منور ٽالپر ۽ پي پي جا ٻيا به ماڻهو موجود هئا. جتي ڪچهري ٿي، اسين اُتي ويٺا هئاسون ته حاڪم علي زرداريءَ، اجمل خٽڪ کان پڇيو ته سائين! توهان جي بينظير سان ملاقات ٿي آهي، تنهن تي اجمل خٽڪ چيو ته ها، اسان ابتدا ڪئي آهي ۽ خدا ڪندو ته اسين ڪن اصولي ڳالهين تي متفق ٿي ويندا سون، ته حاڪم علي زرداريءَ چيو ته اچ پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ ڪائونسل جي گڏجاڻي پئي ٿئي، جنهن تي اجمل خٽڪ چيو ته ”ها مون کي اهو بينظير ٻڌايو هو، ته پاڻ جيڪي گفتگو ڪئي آهي، آئون پنهنجي ڪائونسل جي اڳيان پيش ڪنديس، پوءِ جيڪو به نتيجو نڪتو ته انهيءَ تي پيش رفت ڪبي.“ اسين اجان اتي (حاڪم علي جي جاءِ) تي ويٺا هئاسون، ته بينظير ڀٽو صاحبه جو ٽيليفون آيو ته آئون اچڻ ٿي چاهيان. هن کي توهين ٿورو روڪيو ته حاڪم علي چيو، ته هي وجن ٿا ته بينظير صاحبه چيو، ته منهنجي ميٽنگ ٿوري ڍگهي ٿي وئي آهي، اها هاڻي ختم ٿي آهي. آئون اجان ٿي، اوهين هن کي اتي ترسايو، ته اسان جي محمود خان اچڪزئي کلي چيو ته، ”همين عادت هي، انتظار نہ کرني کي.“ ته ان تي اجمل خٽڪ صاحب چيو ته، ”هوءِ عورت آهي، هن جي طرفان گذارش آهي ۽ اسان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو.“ پوءِ اڌ ڪلاڪ جي اندر بينظير ڀٽو صاحبه پهچي وئي. اتي اجمل خٽڪ ۽ بينظير ڀٽو ڳالهيون ڪيون، اتان جتان اڳ ۾ هنن جي شروعات ٿي چڪي هئي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بينظير چيو تہ، ”هم ني جو باتين کي ٿي، اُس کي پيش رفت سي مين ني ڪائونسل ڪو آگاهہ ڪيا. آگي اُس ڪو ضرور بڙائي گي، في الحال ڪالاباغ ڊيم منصوبي کي خلاف هم متفق هو گئي هين.“ اتي اسان جي بہ اهائي دلچسپي هئي تہ بينظير ڪالاباغ ڊيم تي صاف ٿئي، چوتہ ہنهي پاسي پير رکيو ويٺي هئي ۽ پوءِ ڳالهيون ڪندي چيائون، تہ هي جيڪي ٻيون پارٽيون آهن، قومپرست پارٽيون آهن، اهي ايندي يون؟ تہ مون چيو تہ دعوت ڏيندؤ تہ ايندي يون تہ چيائين تہ بس چٺي چڏيو، تہ مون چيو تہ چوڻ تي ڪوبہ ڪو نہ ايندو. توهين آفيشلي دعوت لکو. سڀني پارٽين ۽ گروپن کي لکي موڪليو، جيئي سنڌ محاذ، جيئي سنڌ قومي محاذ، ڊاڪٽر خالد محمود سومري وارا، ہہ پناٿن جون پارٽيون، بلوچستان جي بي اين پي انهن سڀني کي دعوت لکي موڪليو تہ اُهي پوءِ ايندا. بينظير چيو تہ انهن جي پاران توهين ايندؤ؟“ مون چيو تہ ”اسين ٻئي ڀيرءِ پڻ (امداد محمد شاهہ ۽ جلال شاهہ) ڪنهن بہ محاذ جا ريگيولر ميمبر ڪونہ آهيون، اُهي پاڻ ايندا.“ بينظير چيو تہ ”آئون گذارش ٿي ڪريان تہ جلال محمود شاهہ ۽ امداد محمد شاهہ بہ انهيءَ ڌرٽي ۾ اچن.“ پوءِ اسان قبول ڪيو. خالد محمود سومري وارن کان سواءِ تقريبن سڀئي گروپ ڌرٽي ۾ شامل ٿيا، سو مختصر، حاڪم علي زرداريءَ جي دعوت ۾ ٿيل گفتگو جو احوال اهو آهي.

سنڌ: ڇا بلوچ، پناڻ سنڌي قومپرستن جو هڪ مضبوط اتحاد ٿي رهيو آهي؟

سيد امداد محمد شاهہ: بلوچستان سرحد ۽ سنڌ جي قومپرست ڌرين جي هميشہ هم آهنگي رهي آهي ۽ هر وقت هنن جون گڏيل جدوجهد جون ڪوششون بہ رهيون آهن، تنهن جو ثبوت اهو آهي تہ ون يونٽ جڏهن ٺهيو هو، اُهي سڀ ڌريون ون يونٽ جي ٽوڙائڻ واري جدوجهد ۾ شريڪ هيون ۽ وري جڏهن ذوالفقار ڀٽي صاحب جي پهرين حڪومت ڊهي تہ اُنهيءَ ۾ هتي سڀني جي هم آهنگي هئي اوهان ٿورو پوئتي ياد ڪريو تہ سائين جي ايم سيد گهر ۾ نظربند هو، ڀٽي صاحب خاص طور ڪيس گهرائي عرض ڪيو تہ مون کي مينگل، مري، بلوچستان وارو اڪبر بگٽي ۽ بزنجي وارا ۽ ولي خان وارا ناهي ڏي، تہ اسين متفق طرح سان ڪجهہ ڪري سگهون ۽ پوءِ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سائين جي ايم سيد هتان اسلام آباد ويو هو. هن جي ميل ملاقات ڪرايائون، پوءِ انهيءَ ۾ هنن ڪجهه سمجهوتي مطابق جيڪو آئين ناهيو اوهان جي اڳيان آهي.

سنڌ: سنڌي قومپرستن جي سخت مخالف هوندي، ڪالاباغ ڊيم واري مسئلي تي بنيظير ڀٽو جو سنڌي قومپرستن سان گڏجڻ جو مقصد ڇا سمجهو ٿا. ائين نه ناهي نه بينظير ڀٽو سنڌي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نه اُهي سندس ڀوڳيان آهن؟

سيد امداد محمد شاهه: ٻه ڳالهيون آهن. ڳالهه صاف آهي ته بينظير ڪي ظاهر ڪرڻو هو. هوئن ٻنهي ٻيڙين ۾ پير رکيو وٺي هئي، هاڻي ڪليئر ڪٽ پاليسي اختيار ڪئي اٿس ۽ بينظير علي الاعلان ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت جو اعلان ڪيو آهي. هاڻي انهيءَ تان ڦرندي نه پنهنجو سياسي مستقبل وڃائيندي ۽ انهيءَ ڊرٽي ۾ اها قومپرستن جي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي ٿي، مون توهان کي جيڪو اڳيون مثال ننڍين صوبن جي هم آهنگيءَ جو ڏنو، نه ذوالفقار علي ڀٽو شروع ڪان آخر تائين، سائين جي ايم سيد جو سخت مخالف رهيو ۽ سائين جي ايم سيد به انهيءَ جي سياست جو سخت مخالف رهيو، پر تنهن هوندي به جنهن مهل هٿ وڌائڻ لاءِ چيائين نه منهنجي مدد ڪر، نه سياست ۾ عار نه ڪبو آهي، نه ڪنهن مخالف سان اصولي هٿ ونڊائجي نه اها سٺي ڳالهه آهي.

سنڌ: جيئن نه اوهان جيئي سنڌ محاذ ۽ جسقم جا باقاعدي ميمبر نه ڪونه آهيو، پر اڄڪلهه توهان جي ڪار تي جيئي سنڌ جو ڪهاڙيءَ وارو ڳاڙهو جهنڊو لڳو ڏٺو پيو وڃي، ڇا توهان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙيندڙ قومي تحريڪ جي اڳواڻي ڪري رهيا آهيو؟

سيد امداد محمد شاهه: سنڌ جي حقن جي هر هلندڙ جدوجهد ۾ آئون شامل رهيو آهيان ۽ رهندس.مون کي ڪنهن جي پرواهه ڪانهي. تازو بينظير جي جلسي ۾ ڊائيس تي پاڪستاني جهنڊو لڳل هو، جنهن تي ڪجهه قومپرستن اعتراض ڪيو، تنهن تي مون چيو نه بابا! اها خود فريبي ڇڏيي، نه ويٺا پاڪستان ۾ آهيون ۽ جهنڊو پيا پاڪستان جو لاهيون ۽ پاڪستان تي اعتراض پيا ڪيون. سو تنهن ڪري جيئي سنڌ محاذ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارن جي سياست محدود دائري ۾ بند آهي، تنهن ڪري آئون سمجهان ٿو ته سندن اصول ڀلي ڪيترو به وزنائتو ۽ سٺو چونه هجي، پر اُهي حقيقتن کان ڪجهه پريرا ۽ پاسيرا آهن.

سنڌ: بينظير ڀٽو کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ ڪانپوءِ توهان ھن کي ڪيئن محسوس ٿا ڪريو؟

سيد امداد محمد شاهه: بينظير ڀٽو وڏي هوشيار ۽ چالاڪ آهي، پر پيءُ جيتري قابل ڪانهي، ڇاڄي ڪري جو مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي سان منهنجون ڪچهريون به ٿيون. هن سان نجي ڪچهري ڪانه ٿي آهي، جو آئون هن تي راءِ زني ڪريان، پر گفتگو مان ڏٺم ته هوءَ گهڻي اُتيل ويئل آهي، دنيا گهمي آهي، مغربي معاشري ۾ پڙهي آهي، تنهن جي ڪري انهيءَ معاشري جا به هن ۾ جوهر آهن.

سنڌ: ڇا توهان وري مستقبل ۾ پارلياماني سياست ڪرڻ چاهيو ٿا؟

سيد امداد محمد شاهه: جيڪڏهن مستقبل ۾ آئون سياست ڪرڻ به چاهيان، تڏهن به ڪري نٿو سگهان، ڇوته منهنجي صحت ايتري ڪري چڪي آهي، جو اُها سياست منهنجي لاءِ خودڪشيءَ جو ڪارڻ ٿيندي. خودڪشي ڪمزوري آهي يا بهادري آهي، پر ڪلمي گو انسان آهيان، تنهن ڪري خودڪشيءَ جي اسان کي مذهبي طرح منع ٿيل آهي ۽ آئون انهيءَ ڏي وڌڻ نٿو چاهيان. هنيئر مون کي چند دوستن (محرابپور ڳوٺ ڏي اشارو ڪندي) ڇيو ته تون هن گرميءَ ۾ اوباوڙي واري ڌرتي ۾ وڃين ٿو، ته اُها خودڪشي ڪرين ٿو. مون چيو ته آئون حقن جي جدوجهد ۾ وڃان ٿو، انهيءَ جدوجهد ۾ جيڪڏهن آئون مري به پوان ته منهنجي لاءِ وڏي خوش نصيبي ٿيندي، تنهن ڪري اها خودڪشي ڪانهي، اها ته پنهنجي حقن لاءِ مقصد لاءِ هڪ پيش قدمي آهي، انهيءَ پيش قدميءَ ۾ ڪو ماڻهو جنگ لاءِ ويندو آهي يا جهاد تي ويندو آهي، ڀلي اُت تان ڪري مري پئي، تڏهن به اهو شهيدن ۾ شمار ٿيندو، ڇاڄي ڪري جو انهيءَ جو قدم سٺي پاسي ڏي هو.

سنڌ: توهان سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد پيا ڪريو، ڇا توهان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جاکوڙيندڙ جسقم ۽ جيئي سنڌ محاذ کي گڏائي هلائڻ جون ڪوششون ورتيون آهن؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهہ: آئون عملي طرح سان جيئي سنڌ محاذ ۽ جسقم تہ پنهنجي جاءِ تي پر پيپلز پارٽيءَ کي بہ انهن سان ملائڻ لاءِ تيار آهيان تہ هر هڪ سنڌيءَ جو، سنڌ جي حقن لاءِ مفادن لاءِ گڏجڻ ۽ شريڪ ٿيڻ لازمي سمجهان ٿو. انهيءَ ۾ جيڪڏهن منهنجي خدمت جي ضرورت پئي تہ آئون اهڙي خدمت ضرور پيش ڪندس.

سنڌ: جيئي سنڌ وارن کي پارلياماني سياست ڪرڻ کپي؟

سيد امداد محمد شاهہ: جيئي سنڌ وارن جڏهن بہ پارلياماني سياست جو بائيڪاٽ ڪيو آهي، آئون ذاتي طورح انهيءَ بائيڪاٽ کي غلط سمجهندو هئس ۽ سمجهان ٿو. اسان جا ماڻهو چون ٿا، تہ اهي چونڊجي ڪونہ سگهندا، آئون ٿو چوان تہ اليڪشن جو ذريعو پليٽ فارم مهيا ڪري ٿو، تہ توهين پنهنجي نظريي ۽ خيالن جي تعليم ماڻهن تائين پهچايو، پوءِ انهن ماڻهن جي ڪسوٽيءَ تي چڙيو تہ چاڪي چاهين ٿا. اوهان سياست ۾ ڏٺو هوندو تہ انڊيا يا برطانيا جي اليڪشن ۾ پهرين دفعي گهٽ ووٽ ڪنيائون، پئي ڀيري وڌيڪ سڌارو آيو ۽ وڌيڪ ڪنيائون ۽ ڪاميابي حاصل ڪري ورتائون، تنهن ڪري جيئي سنڌ وارا اهڙي سياست کان جيڪو پاڻ کي الڳ ڪن ٿا، سو آئون سمجهان ٿو تہ اهو غلط ڪن ٿا ۽ هنن کي پنهنجي نظريي ۽ خيالن جي واڌاري لاءِ انهيءَ پليٽ فارم کي يوٽيلائيز ڪرڻ کپي ۽ ماڻهن کي بہ سياڻي توهين ميار ڏيو تہ بابا! توهان ووٽ ڪونہ ڏنو. هينئر جيئي سنڌ وارا ڪو پي پي جي پيو ذاتي طرح حمايت ڪري، تہ ڪو وري مسلم ليگ جي پيو حمايت ڪري، اهو تہ پاڻ توهان پنهنجي ڪارڪن کي بدانتظاميءَ جي دعوت پيا ڏيو. جماعت اسلامي ڪمزور ٿي سهي، پر پنهنجا اميدوار بيهاريندي آهي ۽ انهيءَ تي پنهنجي نظرياتي پروپيگنڊا ڪندي آهي، سو منهنجي ذاتي طرح اها ٿي راءِ آهي، تہ جيئي سنڌ وارن کي اهو پليٽ فارم بہ خالي ڇڏڻ نہ کپي.

سنڌ: چا نواز شريف جي حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي؟

سيد امداد محمد شاهہ: ڪنهن بہ حڪومت پاڪستان ۾ ٽينيوئر/ مدو پورو ڪيو ٿي ڪونهي. پهرين تہ جيڪي هڪ بہ اسيمبليون ٽيون آهن، تن کي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ ڏنو ٿي ڪونہ ويو. اسان وٽ اڃان جمهوري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

روايتن پير ٺي ڪونہ ڪوڙيا آهن، هتي وارو پس منظر جيڪو رهيو آهي، سو ڊڪٽيٽرشپ ۽ آمرانہ رهيو آهي، تنهن ڪري موجوده حڪومت جي باري ۾ بہ ڪا اڳ ڪٿي ڪري نٿي سگهجي.

(انٽرويو وٺندڙ: مانڪ ملاح
روزاني "سنڌ" حيدرآباد جي
٣٠ آگسٽ ١٩٩٨ع واري
اشاعت تان ورتل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

■ هون ۾ بہ سائين جي ايم سيد وانگر زبردستيءَ جي اڳيان جهڪڻ ناممڪن آهي

سائين جي ايم سيد جو پروگرام، ”قومي خودارديت“ جو پروگرام آهي ۽ اهو هر قوم ۽ وطن جو بنيادي حق آهي. قومي آزادي گهرڻ ۽ حاصل ڪرڻ ڪافي ڏکيو ۽ ڪٺن مسئلو آهي، فرق رڳو اهو آهي تہ ڪن قومن کي آزادي جلدي ملي ويندي آهي ۽ ڪن کي ڏکي ملندي آهي. اسان جي آزاديءَ جو پروگرام ۽ فڪري لائين، جيڪا سائينءَ ماڻهن کي ڏني آهي، ان جي حاصلات ڏکيرڙي ۽ قربانين ڪان سواءِ يا گهٽ قربانيءَ سان حاصل نہ ٿيندي. باقي جيتري قدر سوال سنڌ جي جاگرافيائي طرح، ڪلچرلي طرح يا سياسي ۽ اقتصادي طرح ۽ ان جي دنيا جي نقشي تي موجودگي ۽ وسائل جو آهي تہ سنڌ انهن خوش قسمت خطن سان مطابقت رکي ٿي، جيڪي دنيا جا خوشحال ۽ آسودا ملڪ آهن. جيڪڏهن سنڌ کي پنهنجي حق خودراديت ملي وڃي تہ، اسان پنهنجو آئيندو خوشحال گذاري سگهون ٿا. اسان کي سمنڊ ۽ بين الاقوامي سرحدون آهن. اسان ڪٿي بہ ”لينڊ لاڪ“ (بند ٿيل سرحدن وارو ملڪ) ڪونہ آهيون. هڪ پاسي افغانستان ۽ ايران آهن، ٻئي پاسي چين ۽ روس آهي، هن پاسي هندوستان آهي، جن ملڪن، علائقن يا خطن جون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ايڏيون وڏيون سرحدون هجن، اهي حالتون قومي آزاديءَ لاءِ سازگار تي سگهن ٿيون.

سنڌ جي تاريخ موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين پڙهجي ۽ ڏسجي ته سنڌي قوم Non مارشل قوم نه رهي آهي. موهن جي دڙي جهڙي ترقي يافته تهذيب هئڻ جي باوجود ڪوبه هٿيار اتان ڪونه مليو آهي. اهو سنڌي قوم جي پرامن هجڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت آهي. جنهن پنهنجي هيڏي ساري تاريخي وجود هئڻ جي باوجود ڪڏهن به اڳرائي ڪرڻ جي نيت نه ڪئي آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي هٿيارن جي ٺاهڻ جي ضرورت ئي نه پئي آهي. پٺي پاسي اسان جي خطي تي هڪ مارشل ريس قوم قابض آهي، جنهن جي تاريخ شاهد آهي ته ان سدائين اوڙي پاڙي وارين قومن جي مٿان اڳرايون ڪيون آهن ۽ پاڻ کان سگهارين قومن جي دلالي ڪئي آهي يا وري انهن جي فوجن سان پاڙيتو ڪردار ادا ڪري ٻين قومن تي حملا آور ٿي آهي. ويجهيءَ تاريخ جو مثال آهي ته، انهن انگريزن جي حمايت ۾ فوجون وٺي مصر ۾ جرمن سان جنگ ڪيائون، ترڪيءَ جي مسلمان سلطنت جي ڪمزور ٿيڻ تي سڀئي اسلامي روايتون ۽ انساني قدر لتاڙي ڪعبة الله ۾ گوليون هٽي، ترڪن کي قتل ڪرڻ کان به ڪونه ڪيٻائيائون، جنهن قوم پنهنجي ئي ملڪ جي اڪثريتي حصي (بنگال) تي فوج ڪشي ڪري ٣٠ لک پنهنجا ماڻهو قتل ڪرڻ کان به نه ڪيٻايو، اهڙيءَ مارشل قوم کان آزادي وٺڻ ڏکيرڙو ڪم ضرور آهي، پر پوءِ به تدبير ۽ ڏاهپ سان ڪم آسان ٿي سگهي ٿو. اهو اسان جي قوم تي ڇڏيل آهي ته اها تدبير ۽ حڪمت عملي کان ڪم وٺي ٿي يا نه.

مون کان ٢٦ اپريل تي سائينءَ جي جنازي نماز کان ڪجهه دير پهرين ڪنهن اخبار واري سوال ڪيو ته جيئي سنڌ تحريڪ ۾ نه هئڻ جي باوجود، جيڪڏهن توهان کي مجبور ڪيو وڃي ته توهان اسان جي رهنمائي ڪريو ته توهان جو مؤقف ڪهڙو هوندو؟ تنهن تي مون ڪيس جواب ڏنو ته آئون پنهنجي سڄي عمر، ڪافي بنيادي نقطن سان سهمت هجڻ جي باوجود، جيئي سنڌ تحريڪ سان ڪڏهن به منسلڪ نه رهيو آهيان، مجبور صرف اهڙي ماڻهوءَ کي ڪري سگهجي ٿو، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن وقت سائن شريڪ رهيو هجي يا سندن ميمبر رهيو هجي. ان ڪري جيڪڏهن اهڙي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قسمر جي ڪوشش ڪندا بہ تہ منهنجي سمجهہ موجب اها سندن بيواجبي هوندي. هن سلسلي ۾ مون کي سائين وڏي جي هڪڙي ڳالهہ تمام چٽيءَ طرح ياد آهي. توهان کي بہ اها خبر هوندي تہ سائين جي ايمر سيد ڪافي عرصو خاڪسار تحريڪ ۾ رهيو هو ۽ پوءِ وري ان کان ڪناراڪش ٿي ويو هو، پر پوءِ بہ پنهنجا ذاتي لاڳاپا علامہ مشرقيءَ سان رکندو آيو هو. هڪ دفعي سائين ونس دهليءَ ويو، تہ ان خاڪسار تحريڪ جي ڪارڪنن ڪان سائين کي وڏي سلامي ڏياري، جنهن تي اخبار نويس علامہ صاحب کان سوال ڪيو تہ، شاهہ صاحب تہ توهان کي ڇڏي ويو آهي، پوءِ توهان ان کي سلامي ڪيئن پيا ڏياريو؟ جنهن تي علامہ صاحب ڪين چيو تہ جيڪو هڪ دفعو خاڪسار تحريڪ ۾ اچي ٿو، اهو ان کي ڇڏي نٿو سگهي، پر جي توهان سمجهو ٿا تہ، شاهہ صاحب اسان کي ڇڏي ويو آهي تہ، اسان تہ ڪيس ڪونہ ڇڏيو آهي. سو آئون جيڪڏهن جيئي سنڌ تحريڪ سان وابسطا رهيو هجان ها تہ، پوءِ بہ ڪٿي ڪارڪن اهڙي حجت ڪنءِ مون کي مجبور بہ ڪن، تہ توهان برابر اسان کي ڇڏي ويا آهيو، پر اسان توهان کي ڪونہ ڇڏينداسون. آئون پنهنجيءَ سڄيءَ عمر ۾ صرف هڪڙيءَ سياسي پارٽي عوامي ليگ ۾ رهيو آهيان، ان کان سواءِ پيو ڪڏهن بہ ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان گڏ ڪونہ رهيو آهيان، باقي خيالن جي هڪجهڙائي هر ان پارٽيءَ سان رهي آهي، جنهن وٽ چڱي ڳالهہ رهي آهي، پر پوءِ بہ منهنجو انهن سان ڪو عملي ڪردار نہ رهيو آهي.

مان ١٩٨٥ع کان ١٩٨٨ع ۽ ١٩٨٩ع تائين اسيمبليءَ ۾ هوس، ويهندو مخالفت ۾ هوس، پر ڪابہ چڱي ڳالهہ جي مسلم ليگ ڪئي هوندي، يا پ پ وارن ڪئي هوندي تہ، مون ان جي جائز حمايت ڪئي هوندي ۽ ناجائز جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي هوندي.

سائين وڏي پنهنجيءَ هيڏي وڏي عمر درازيءَ ۾ ثابت ڪيو تہ زبردستيءَ جي اڳيان ڪڏهن بہ نہ جهڪبو، انهيءَ جي خون جي رشتي جي نسبت سان مون ۾ بہ زبردستيءَ جي اڳيان جهڪڻ جو امڪان گهٽ بلڪہ ناممڪن سمجهيو وڃي.

ساڃاهہ حيدرآباد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سيد امداد محمد شاهہ، انور علي کيڙو يادگار مفت اکين جي ڪئمپ جي افتتاح جي موقعي تي: 1986-12-6ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ ڪراچي کي مرڪز حوالي ڪرڻ جي سازش

سنڌ جي اهم شهر ڪراچيءَ ۾ روزاني ويهه کان پنجويهه انساني حياتين جو زيان ڪا معنيٰ رکي ٿو. اهو سڀ ڪجهه ملڪ جي وڏي صوبي جي مرضيءَ ۽ پاڪستان جي وڏي اداري جي اڳواٽ پلاننگ هيٺ ٿي رهيو آهي. اهڙو اظهار سنڌ جي قومپرست اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي ميمبر سيد امداد محمد شاهه سنڌ جي موجوده صورتحال تي ماڻڪ ملاح ۽ ايم عثمان سومروءَ کي ڏنل هڪ انٽرويوءَ ۾ ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته سنڌ مان فوج جو نڪري وڃڻ اصل ڪراچي کي بدامني ۾ گهيري ۾ آڻي، ڪنهن بهاني سان اوچتو ٻيهر فوج کي واپس آڻڻ ۽ سازش طور ڪراچيءَ کي مرڪز حوالي ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته بينظير ڀٽو جي حڪومت ملڪ ۾ امن امان واري مسئلي ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، هوءَ ڪراچي کي فري پورٽ ڪرائڻ لاءِ آمريڪا کي اندروني آچ سان گڏوگڏ اسيمبلين کي ٽوڙڻ جي سفارش ۾ رڌل آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه وڌندڙ دهشتگرديءَ جو الزام ٻين تي مڙهڻ لاءِ ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته جيڪڏهن هن اسيمبلي ٽوڙي موجوده حڪومت کي ختم ڪيو ته ان کان پوءِ قومي حڪومت جوڙڻ جا امڪان نظر اچن ٿا، جيڪا موجوده حڪومت کان به وڌيڪ ڪمزور هوندي. هن چيو ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حڪومتي ڌر ۽ مخالف ڌر غير نظرياتي پارٽيون آهن، جن وٽ اقتدار جي بک کان سواءِ ٻيو ڪوبہ پروگرام ڪونهي. عالمي صورتحال جي حوالي سان سيد امداد محمد شاھ چيو تہ هِن وقت دنيا اندر سپر پاور آمريڪا جي داداگيري آهي، آمريڪا اقوام متحده کي استعمال ڪري ننڍن ملڪن ۽ قومن کي پنهنجي گوڏن هيٺان آڻي جهڪائڻ چاهي ٿو. هاڻوڪي دور ۾ ملڪ جي والار کان وٺي وڏا ملڪ اقتصادي والار، قرضن ۽ امدادي وسيلي ننڍن ملڪن اندر پنهنجو اثر قائم ڪري اقتصادي مفاد حاصل ڪن ٿا ۽ جتي پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب نٿا ٿين، اتي ننڍن ملڪن ۾ دهشتگردي ۽ سياسي ڇڪ ڏاھ ۽ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ڪري ننڍن ملڪن کي گوڏا کوڙڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي.

(روزاني جاڳو ڪراچي
١١ ڊسمبر ١٩٩٣ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ بينظير ملڪيت ڦبائڻ لاءِ مرتضيٰ کي مارائڻ وقت تماشائي بڻي رهي

پاڪستان ۾ پنجاهه سالن جو گند پکڙيو پيو آهي. احتساب اهڙو هجي، جنهن سان اهو سمورو گند ڌوپجي وڃي، پر احتساب ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندڙ اهڙو احتساب ڪندا ئي ڪونه، اهي رڳو احتساب جي شروعات به ڪن- ته وڏي ڳالهه آهي. هتي قانون جون پيچڪڙيون ٿيون آهن ۽ آئين ڪنهن نالي جو نه رهيو آهي، فوج جو به احتساب ٿئي، اهي امڪان ئي نٿا ڏسجن. اهڙن خيالن جو اظهار سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڪوٽي ميمبر سيد امداد محمد شاهه سنڌ سان ڳالهائيندي ڪيو. هن صدر فاروق لغاري پاران قومي اسيمبليءَ ٽوڙڻ واري قدم تي ڳالهائيندي چيو ته صدر فاروق لغاري اهڙو قدم صرف پاڻ کي بچائڻ لاءِ کنيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو بزدل ۽ ڪمزور صدر آهي. هن هڪ مثال ڏيندي چيو ته جهڙي طرح ڪنهن ڪمري ۾ ٻلي بند ٿيندي آهي ۽ ڪيس جڏهن پڇڻ لاءِ ڪابه واٽ نه بچيندي اٿس ته، ڇڪ هڻڻ ۽ ڪائڻ لاءِ ٻلي تيار ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح بينظير ڀٽو، صدر لغاري، جون سموريون واٽون قابو ڪري ڇڏيون هيون، جنهن ڪان پوءِ نه قانون جي بالادستي رهي هئي ۽ نه عدالتن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جو ڪو احترام ۽ عزت هئي. صدر لغاريءَ پاڻ تي اهڙو گهيرو سوڙهو ٿيندو ڏسي، ائين ترميم وارو بل اوجهه چٽيندي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. سيد امداد محمد شاهه پير پاڳاري جي سياسي تبديلين وارين اڳڪٿين تي ڳالهائيندي چيو ته پير پاڳارو اسلام آباد ۽ لاهور ۾ رهي ٿو. هو هميشه اقتدار جي ڪنهڙي ڪي ويجهو رهندو آهي، ان ڪري ڪيس وڏيڪ معلومات هوندي آهي، جنهن بنياد تي اڳڪٿيون ڪندو آهي، جنهن ڪي روحاني طاقت سڏڻ غلط ٿيندو. هن ممتاز علي ڀٽي جي وڏ وزارت تي ڳالهائيندي چيو ته اهڙا سياستدان جيڪي پاور پاليسين ۾ ايمان رکن ٿا، اهي اهڙيون آڇون جلد قبول ڪن ٿا. هن چيو ته اقتدار جي ڪرسي اهڙي آهي، جنهن ڪري ظفر علي شاهه ۽ شوڪت شاهه وزير ٿيڻ لاءِ جتيون گسائي رهيا آهن. هن ممتاز ڀٽو جي مقرريءَ تي وڏيڪ ڳالهائيندي چيو ته اهڙي تبديلي پيپلز پارٽي جي ووٽ کي ورهائڻ لاءِ به ڪئي وئي آهي. هن چيو ته سنڌ اسيمبليءَ ۽ بلوچستان اسيمبلي دير سان ٽٽڻ جو سبب هڪ اهو به هو ته ممتاز علي ڀٽو ۽ ظفر الله جماليءَ جو زور هو، ته نگران حڪومت ۾ شامل ٿيندڙن کي چوندن ۾ به بيهڻ جو حق ڏنو وڃي، پر سندس اها ڳالهه نه مڃي وئي ۽ هنن وڏ وزارت جو مزو وٺڻ لاءِ وڏ وزارت قبول ڪري ورتي. هڪ سوال جي جواب ۾ سيد امداد محمد شاهه چيو ته چوندون چاٿايل مدي ۽ تاريخ تي ٿينديون چاڪاڻ ته آئين ۾ به شامل آهي، هن کي ٩٠ ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائڻي آهي. ٣ فيبروري تي اليڪشن نه ڪرائڻ آئين جي ڀڃڪڙي ٿيندي. مارچ ۾ سينيٽ ختم ٿي رهي آهي ۽ سينيٽ کان اڳي قومي اسيمبليءَ جو هجڻ ضروري آهي، ٻي صورت ۾ مارشل لا ئي لڳي سگهي ٿي. ملڪ جو اقتصادي ڏيوالو نڪري چڪو آهي، آئون نٿو سمجهان ته فوج مارشل لا لڳائيندي، چاڪاڻ ته فوج جا حڪم هوئڻ ئي هلي رهيا آهن. پاڪستاني فوج ته ڪنگ ميڪر آهي، حاڪم ٿاهڻ ۽ لاهڻ وارو عمل فوج جي هٿ جو ئي کيل آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ائين ترميم واري شق آئين ۾ نه هجي ها، ته ملڪ ۾ خونريزي وڌي وڃي ها. سيد امداد محمد شاهه، مير مرتضيٰ ڀٽو واري قتل ڪيس تي ڳالهائيندي چيو ته مرتضيٰ ڪيس ۾ ٽربيونل کي ڪيس هلائڻ، ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حق ئي ڪونهي. هو صرف پنهنجي راءِ وقتي حڪومت کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏياري موڪلي سگهن ٿا. هن وقت ته سنڌ حڪومت جو وڏو وزير ممتاز ڀٽو آهي ۽ روشن امڪان ڏسجي رهيا آهن ته، ٽربيونل جي راءِ جي روشني هيٺ بهتر قدم کنيو ويندو. هن چيو ته ممتاز ڀٽو پنهنجن بيانن ۾ چئي چڪو آهي، ته مير مرتضيٰ ڀٽو قتل جو پلانڊ ذاتي طرح به چڪي ولندو. هن وقت ته پاڻ وزير اعليٰ آهي، رڳو اهو پلانڊ ڪيائين ته به وڏي ڳالهه آهي. مرتضيٰ ڀٽو جي قتل تي ڳالهائيندي، هن وڌيڪ چيو ته مون اڳ ۾ به چيو هو ته بينظير ۽ مرتضيٰ وچ ۾ ڪي به سياسي ۽ نظرياتي اختلاف ڪونه هئا. سڄو چڪر ملڪيت جي ورهاست جو هو. ملڪيت ڦٻائڻ خاطر بينظير ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو کي پاڻ ئي ماريو آهي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته موجوده نگران حڪومت کي نواز شريف، بينظير ۽ آصف زرداري جي ڪڌن ڪرتوتن جا ثبوت مليا ته اهي نااهل قرار به ڏنا ويندا. سيد امداد شاهه احتساب واري ڳالهه ڪي ورجائيندي چيو ته پاڪستان جي پنجاهه سالن واري تاريخ ۾ زنده توڙي مئلن جي، ڪرتوتن جو چٺو پڌرو ٿيڻ کپي ته قانون ۽ آئين جي ڀينگ ۽ ڀڃڪڙي ڪنهن ڪئي، ڪنهن جي ڪهڙي عمل سان بيقاعدگيون وڌيون چوٽ چڙهڻ شروع ٿيون. سيد امداد محمد شاهه ايم ڪيو ايم تي ڳالهائيندي چيو ته ايم ڪيو ايم کي دهشتگرد بڻائڻ ۾ سنڌين ئي اڪرائي ڪئي. هن چيو ته قمر ڀٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ جي چوڪرن ميونسپالٽي حيدرآباد تي داداگيريءَ سان حملو ڪيو. هن الزام هنيو ته ۳۰ سيپٽمبر تي قادر مگسي جي اڳواڻيءَ هيٺ حيدرآباد ۾ سوين ماڻهو ماريا ويا. هن اهو سڀ ڪجهه فوج ۽ ڏاڙيلن سان گڏ ڪيو، جيڪو حملو ايجنسين جي چوڻ تي ڪيو ويو، جنهن ڪان پوءِ مهاجرن ايڪشن جو رد عمل ڏيکاريو، اهڙي طرح سنڌين ۽ مهاجرن وچ ۾ نفرتون وڌڻ لڳيون، پر هاڻ ساڃهه وند ماڻهو اهڙين حرڪتن کي سمجهي ويا آهن، چو ته ٻئي ڌريون سمجهي ويون آهن ته ڪين ايجنسيون ويڙهائي بيڙو ڪري رهيون آهن. سيد امداد محمد شاهه هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته نگران حڪومت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سوچي به نه ٿو سگهجي. هن چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو فيصلو وقت ۽ حالتن تي ڇڏيو آهي.

انٽرويو وٺندڙ: مالڪ ملاح
(روزاني "سنڌ" اخبار حيدرآباد- ۹۶-۱۱-۱۲)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهہ، خان غفار خان، ميڊم حميده کھڙو، حبيب الله ناريجو،
ڊاڪٽر ضياءَ شاهہ، قمر پتي، منظور علي: 1984ع



سيد امداد محمد شاهہ نيو اوطاني هوٽل، ٽوڪيو جپان ۾: 1975ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ حڪمران ۽ ملڪي ڏيوالو

حڪمرانن پاڪستان کي عالمي طور تي ويڳاڙو بنائي ماڻهن کي وڏيڪ مونجهارن ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ نگران حڪومت پيپلز پارٽيءَ کان ناراض تيلن جو گروهہ آهي. اهڙو اظهار اڳوڻي ايم پي اي قومپرست اڳواڻ امداد محمد شاهہ ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو تہ اسيمبليون ٽوڙڻ لاءِ صدر کي مجبور ڪيو ويو جو، ملڪ اندر ڳاٽي ڀڳا ٽيڪس لڳايا ويا، ڪورٽن جي فيصلن جو مذاق اڏايو ويو، ڪارخانيدار ۽ واپاري حڪمرانن خلاف ٻٽيل هئا، جڏهن تہ پيپلز پارٽيءَ وارا پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺا هئا، جو اچا وٽو اعتماد جو ووٽ ورتو ٿي ڪونہ تہ، بي اعتماديءَ جي تحريڪ هلائي وئي. هن احتساب بابت ڳالهائيندي چيو تہ احتساب سٺي ڳالهہ آهي، پر انهيءَ جي ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي، جنهن لاءِ احتساب کي هٿيار طور استعمال نہ ڪرڻ گهرجي، جڏهن تہ اهو احتسابي عمل ۱۹۴۷ع کان ٿيڻ گهرجي. هن چيو تہ سنڌ اندر لٽ مار ڪرڻ ۽ مرتضيٰ ڀٽو جي قتل ڪري پ پ کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي. هن چيو تہ ممتاز ڀٽو ٽن مهينن ۾ قومپرستي کي ڪهڙو فائدو پهچائيندو. هن وڌيڪ چيو تہ صدر فاروق لغاري سر جمال خان جو پوٽو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو شڪار جو شوقين آهي ۽ پراڻو جيالو آهي، جڏهن ته ممتاز ڀٽو ۾ پڻ ساڳيون عادتون آهن، جيڪي هڪ ٻئي کان ٻاهر نه ويندا. هن چيو ته ممتاز ڀٽو ۽ پ پ (ش ڀ) هڪ ٿي آهن. هن غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جي پارٽي اين پي پي کي پ پ (ش ڀ) ۾ ضم ڪرڻ بابت چيو ته اهو ممڪن ڪونهي، جڏهن ته ممتاز جون دوستيون جتوئيءَ جي دشمنن سان آهن، جنهن ڪري اهي پاڻ ۾ ٺهي نه سگهندا. هن چيو ته ماضيءَ ۾ صدر ايوب وٽ پيرپاڳاري، مخدوم طالب المولى ۽ ذوالفقار ڀٽو هڪ ڇت هيٺ زالن واري حيثيت ۾ رهي چڪا آهن. هن چيو ته پنجاب جيڪو ڪجهه ڪندو آهي، اهو پنهنجي فائدي ۾ ڪندو آهي. پنجاب جي مرضي آهي ته انهن جي مفادن جي پورائي ٿئي ۽ سنڌ مان ڪابه پارٽي اڪثريت ۾ نه اچي. هن چيو ته هو اليڪشن ۾ حصو نه وٺندو، ليڪن سنڌ جي مفادن کي نقصان پهچايو ويو ته هو پوئتي نه هٽندو. هن چيو ته هاڻي زردارين خلاف اتحاد ٺهندو، پر اهي مقابلو ڪري نه سگهندا. هن چيو ته هاڻي آءُ پاڪستاني سياست کان مايوس ٿي چڪو آهيان، ڇاڪاڻ ته پنجاب مثبت روش کان ڪم نه ورتو آهي، جنهن ڪري ملڪ ڪمزور ٿي ويو آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ قوم پرست سياست ڪونهي، پر قوم پرست جذبو آهي، جڏهن ته ڪجهه قومپرست انهيءَ نظرئي کي ڏاڪڻ ناهي، ڪڏهن حڪومت جا صلاحڪار ٿين ٿا ته ڪڏهن هاءِ ڪورٽن جا جج ٿيڻ چاهن ٿا. هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير فوج جي مدد سان اقتدار حاصل ڪيو ۽ فوج جيئن چاهيندي ائين ٿيندو. هن چيو ته ٧٠ع ۾ مجيب الرحمان کٽيو، ليڪن ملڪ ٽڪرا ڪيو ويو، پر اقتدار انهن کي نه ڏنو ويو. هن چيو ته نواز شريف کي واضح اڪثريت جي باوجود ڪيس اقتدار ان ڪري نه ڏنو ويو ته، پنجابي هئڻ جي ناتي، هُو ڪنهن به وقت اک ڏيکاري سگهيو پئي، انهيءَ جي ڀيٽ ۾ بينظير سٺي نوڪر ثابت ٿي ۽ پنجاب جيڪو چاهيو، اهو عمل ڪيو. هن سنڌ جي آزاديءَ تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌي رڳو خواهش رکن ٿا ته آزادي ملي، جيڪا ائين ڪانه ملندي.

انٽرويو وٺندڙ: صالح بُلو
(روزاني "سنڌ" اخبار
حيدرآباد، ٩٦-١١-١٢)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ بينظير پنجاب کي
ڏاڍو ڏيڻ لاءِ قومپرستن ڏانهن
رويو بدلايو آهي

سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڪيلي ميمبر سيد امداد محمد شاهه چيو آهي ته مهاجر سنڌين جا "قدرتي اتحادي" آهن. ايندڙ دؤر ۾ سنڌي ۽ مهاجر گڏجي وڙهندا. جيڪڏهن سنڌين مهاجرن جو ساٿ نه ڏنو ته، هو ڪنهن ٻي ڌر سان گڏجي وڙهندا. هو گذريل ڏينهن سڪرنڊ لڳ پنهنجي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ "ڪاوش" جي هڪ پينل کي انٽرويو ڏئي رهيو هو. هن چيو ته مهاجر پنهنجي حقن لاءِ وڙهي رهيا آهن، هو سياسي طرح بيدار آهن، منهنجي لنڊن ۾ الطاف حسين سان ملاقات ٿي هئي، هن هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌين ۽ مهاجرن جي گڏ ٿيڻ جون ڳالهيون ڪيون هيون، پر مون کيس چيو ته اٿون ساٿس ڪهڙو واعدو ڪريان، ڇاڪاڻ ته اٿون سنڌ جي صرف ۵ سيڪڙو شعوري ماڻهن جي نمائندگي ڪريان ٿو، ماڻهن جي وڏي اڪثريت ته اڄ به پ پ کي ووٽ ڏئي ٿي. هن مخالف ڌر پاران حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ جي حوالي سان پڇيل هڪ سوال جي موٽ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيو تہ، موجوده حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ وارو حربو هاڻي پراڻو ٿي چڪو آهي، حڪومت خلاف تحريڪ هلائڻ کان اڳ نظرياتي پروگرام ظاهر ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ ”ڪرسي ڪپي“ جي نعري تي هلايل تحريڪ ناڪام ويندي. جنرل ضياءَ جي حوالي سان پڇيل هڪ سوال جي موٽ ۾ سائين جي ايم سيد جي پٽ چيو تہ ضياءَ الحق جي ڪرايل ريفرنڊم ۾ مون ووٽ ضياءَ کي ڏنو هو. آئون ان ريفرنڊم جي حق ۾ هوس، ڇاڪاڻ تہ اها مارشل لا ٻين مارشلائن وارين حڪومتن جي ڀيٽ ۾ بهتر هئي. ريفرنڊم ۾ ووٽ جو بائيڪاٽ ڪرڻ جمهوري اصولن جي نفي هو. باقي بائيڪاٽ ڪرڻ سان ضياءَ جي اهميت وڌي ها، ڇاڪاڻ تہ منهنجي ننڍي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ ١٠٠ کان وڌيڪ ووٽ ضياءَ جي مخالفت ۾ پيا هئا. امداد محمد شاهہ چيو تہ وزير اعظم بينظير ”سن“ ۾ روايت طور تي آئي هئي. آئون ڄاڻي واڻي غير حاضر رهيس، ڇاڪاڻ تہ بينظير کي جڏهن خبر پئي تہ ڪيس پنجابي اقتدار مان ڪڍڻ وارا هئا تہ هن ڪين داهو ڏيڻ لاءِ قومپرستن ڏانهن رويو بدلايو ۽ ممتاز ڀٽي سان ملاقات بعد سن اچڻ جو پروگرام ٺاهيو. منهنجي سن ۾ غير حاضريءَ جو سبب هڪ ڏک هو، ڇاڪاڻ تہ سائين وڏي جي ايم سيد کي ڇيچلائي مارڻ ۾ پ پ پ حڪومت شامل هئي. هن چيو تہ پ پ سندس پٽ زين شاهہ جيڪو آبپاشي کاتي ۾ انجنيئر ۽ سائين امير حيدر شاهہ جي پٽ ڊاڪٽر احمد زمان جيڪو وائلڊ لائيف کاتي ۾ملازم هو، تن جون نوڪريون ختم ڪيون. بينظير کي سن اچڻ دوران انهن جي برطرفيءَ جي آگاهي ڏني وئي هئي. بينظير ملٽري سيڪريٽري کي نوٽ ڪرايو، مگر سائين امير حيدرشاهہ ڪيس منع ڪئي تہ اسان کي نوڪرين جي ضرورت نہ آهي. هن چيو تہ، جي ايم سيد جي سياسي قتل بعد وزيراعظم جي سياسي مخالف غلام حسين انڙ کي جيل ۾ سخت اذيتون ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. ايتري قدر جو ڊاڪٽر ڪيس لکي ڏنو تہ سندس دل ١٦ سيڪڙو ڪم ڪري رهي آهي، ان بعد جڏهن هو ضمانت تي آزاد ٿيو تہ سندس ڳوٺ ۾ شاندار استقبال ٿيڻ تي حڪومت بوکلائجي ان تي وري وڌيڪ مٿس ١٦ ڪيس داخل ڪري ڇڏيا ۽ حڪومت جي اذيت ۽ تشدد سبب نيٺ هو فوت ٿي ويو. هن چيو تہ قومي حڪومت جو ڪوبہ امڪان نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جن قومن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڪستان ناهيو، انهن جي عهد نامن کي ختم ڪيو ويو، پهرئين پاڪستان ناهيندڙ قومن کي تسليم ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ وڏو ياءُ ڪنهن ٻئي کي تسليم نہ ٿو ڪري ۽ ڪين غلام رکيو ويٺو آهي، ان لاءِ سيني کي برابريءَ جا حق ڏنا وڃن ۽ پوءِ قومي حڪومت ناهي وڃي. هن چيو تہ مهاجر ڪابہ قوم نہ آهي، مگر ملڪ ۾ ٿوري تعداد ۾ آهن. مهاجرن کي پنجاب استعمال ڪري رهيو آهي. هنن جڏهن استعمال ٿيڻ ڇڏيو، تہ ڪين بيگناهہ قتل ڪيو پيو وڃي ۽ پنجاب مهاجرن ۽ سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيو آهي. هن چيو تہ هڪ سازش تحت ننهي مظلوم قومن جي ماڻهن کي وڏن عهدن تي فائض ڪري، پنهنجن ڪان ٿي اسان تي ظلم ڪرايو پيو وڃي. هن چيو تہ پنجابي وڏا شاطر آهن، جيڪي پنهنجي حق ۾ اسان جي ماڻهن هٿان ٿي سڀ ڪجهہ ڪرائي اسان کي بدنام ڪرائي رهيا آهن.

هن چيو تہ الطاف ٿي پيرا سيد جي تعزيت لاءِ وقت گهريو ۽ ان بعد هڪ دوست جي جڳهہ تي ساڻس ملاقات ٿي هئي، جتي الطاف سنڌين ۽ مهاجرن ۾ ڀائيچاري قائم نہ ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو. مون ان تي ڪيس جواب ڏنو تہ سنڌين جي جذباتي اڪثريت اڄ بہ پ پ سان گڏ آهي ۽ ان سان ڪا پيش رفت ڪئي وڃي ۽ آئون ڪهڙي حيثيت ۾ ڳالهايان، آئون رڳو ۵ سيڪڙو شعوري پڙهيل ماڻهن کي آماده ڪري سگهان ٿو. هن چيو تہ حڪومت مهاجرن جي منظم نسل ڪشي ڪري ڪين ماري رهي آهي ۽ هو حق گهري رهيا آهن. هن چيو تہ اڄ حڪومت مهاجرن کي ماري رهي آهي، جيڪا سپاٽي سنڌين ۽ بلوچن کي بہ مارينڊي. هن چيو تہ سنڌين کي ڪراچيءَ ۾ مهاجر نہ ماري رهيا آهن، مگر رياستي ادارا جڏهن ڪراچيءَ ۾ ناپر ڏسن ٿا تہ، ڪڏهن هو سنڌين کي ڪڏهن مهاجرن کي ماري ٻنهي ڌرين ۾ بدگماني پيدا ڪري رهيا آهن. هن چيو تہ وقت ٻنهي ڌرين کي شعور ڏنو آهي ۽ هاڻ هو سمجهي ويا آهن تہ سندن دشمن ڪير آهن. هن چيو تہ وقت ٻنهي ڌرين کي گڏجڻ تي ضرور مجبور ڪندو. مهاجر بہ حق ٿا گهرن ۽ اسان کي بہ حق کپن ۽ اڳتي هلي مهاجر ۽ سنڌي گڏجي حقن جي جنگ وڙهندا.هن چيو تہ مهاجر هن وقت سياسي طور بيدار ٿي چڪا آهن، مگر هنن سنڌين ۾ سوجهرو نہ ڏنو تہ، پوءِ ڪنهن ٻاهرين طاقت سان سمجهوتو ڪري، حق

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وٺي ويندا ۽ سنڌين مان جان ڇڏائي وٺندا. هن چيو تہ سنڌ جي عوامي نمائندن جو اهو حال آهي تہ قومي اسيمبليءَ ۾ بابو غلام حسين ۽ عبدالقادر شاهہ جيلاني ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ڪئي. هن چيو تہ جيڪي سنڌين جي ووٽ تي ڪامياب ٿيا، انهن جي مفادن تي سوديبازي ڪري وڪامجي رهيا آهن. ممتاز ڀٽي سان ملاقات ۾ ڪا خاص سياسي پيش رفت نہ ٿي. هن چيو تہ مخدوم خليق مون تي ٿيل حملي ۽ چوٽي چونڊ ۾ حمايت ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ ملاقات ڪئي. سيد امداد محمد شاهہ وفاق پرست ۽ قومپرستن جو پاڻ ۾ ويجهو اچڻ واري سوال تي چيو تہ اقتدار پرست ٻئي ڌريون آهن، جيڪي اڳتي هلي سنڌ جي عوام لاءِ مونجهارا پيدا ڪنديون. هن هڪ سوال جي جواب ۾ تہ مسلم ليگ (ن) ۾ سنڌ جي ڪجهہ ڌرين پاران شموليت اختيار ڪرڻ جي باوجود اجا تائين مسلم ليگ (ن) سنڌ ۾ خاص فورس پيدا ڪري نہ سگهي آهي. فيوڊل نظام بابت چيو تہ سنڌ جا ماڻهو اجان تائين هن نظام جي گهيري ۾ آهن. هن چيو تہ نوابشاهہ جي وڏي زميندار سيد شبير شاهہ جي مسلم ليگ ۾ شموليت تي ڪو خاص اثر نہ پوندو، مگر پ پ جو گراف نوابشاهہ سميت سڄي سنڌ ۾ گهٽجي رهيو آهي ۽ سيد شبير احمد شاهہ هميشہ اقتدار پرست سياستدان رهيو آهي ۽ هو اقتدار لاءِ پارٽيون بدلائيندو آهي، مگر ان عمل سان ضلعي نوابشاهہ جا ماڻهو هاڻي هن کان بيزار ٿي رهيا آهن.

انٽرويو وٺندڙ؛ عاجز جمالي ۽ اسحاق سومرو-
روزانہ "ڪاوش" حيدرآباد جي ١٣ فيبروري ١٩٩٦ع
واري اشاعت ۾ شايع ٿيل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ سنڌين کان سامونڊي حڪمراني ڪسڻ جي سازش

سنڌ جي جڳ مشهور عوامي شاعر ۽ پنهنجي دور جي ڏاهي استاد حمل فقير لغاريءَ جي لڳل ساليانيءَ ميلي ۾ حمل ادبي ڪانفرنس ۾ حمل ادبي ڪانفرنس جي بانيڪار ۽ سائين جي ايم سيد جي فرزند سائين امداد محمد شاهه، سنڌ جي قومي مسئلن، سنڌي ٻولي، حمل جي شاعريءَ ۽ سنڌ جي تعليمي نظام تي ڳالهائيندي چيو آهي ته، سنڌ صدين کان ملڪ رهي آهي. سنڌ کي پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب آهي. عرب فاتحن کان اڳ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ جيڪو شهدادپور شهر ويجهو هوندو هو، اتي موجود کنڊرات ڏسندؤ ته، توهان کي مسجد، مندر، ٻڌ ڌرم، جين ڌرم جون عبادت گاهون ٺهيل ڏسڻ ۾ اينديون، جنهن مان سنڌ جي ڀائيچاري، محبت ۽ انسانيت سان سچائي جي شاهدي ملي ٿي. هن چيو ته تاريخ شاهد آهي ته سنڌ هڪ ئي وقت ڇهن مذهبن جي هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي سرپرستي ڪئي آهي، پر هاڻي ٻوليءَ جي تفرقي تي، سنڌ کي لساني فسادن واري باهه طرف ڌڪيو پيو وڃي. سيد امداد شاهه وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته، سنڌ جي حالت هينئر اها آهي، ته علم ڏي ڏيان گهٽ ۽ ٻولي بگڙندي پئي وڃي. نج سنڌي ٻولي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڪا شاهہ، سچل، سامي، خليفي نبي بخش لغاري ۽ حمل جي شاعري جي روپ ۾ اسان پڙهون ٿا. اها هاڻي انهيءَ حالت ۾ ناهي رهي. اڄڪلهہ جيڪو سنڌي ٻولي جو بگاڙ ۽ ٻيج ڊاهہ ڪري، سنڌي ادب سرجيو پيو وڃي ۽ فخر سان دعويٰ ڪئي پئي وڃي تہ، سنڌي ادب ترقي ڪري رهيو آهي، پر آئون چوان ٿو تہ اها ترقي پسندي نہ پر زوال پذيري آهي. هن چيو تہ سنڌ ۾ رهندڙ سڀ سنڌي آهن. هن چيو تہ سنڌ جا اڪثر درويش بزرگ شاعر ٻاهران سنڌ ۾ آيا. انهن سنڌ کي پنهنجو ڪيو تہ سنڌ بہ انهن کي جيءَ ۾ جايون ڏئي محبت ڪئي آهي. سيد امداد محمد شاهہ چيو تہ، هن وقت سنڌ سان هڪ وڏي زيادتي ۽ سازش جيڪا ٿي رهي آهي. اها هيءَ تہ پنجاب جي سموري انڊسٽريءَ جو زهريلو پاڻي سيوهڻ طرف کان سنڌ ۾ آندو پيو وڃي ۽ سنڌ جي زرعي زمين کي زهريلي پاڻيءَ سان ساڙڻ سان گڏ، سنڌ جي صحت سان کيڏيو پيو وڃي. اهڙي طرح سنڌ جون سموريون واٽون بند ڪرڻ لاءِ سنڌ کي روحاني ۽ جسماني طور قابو ڪري رکڻ لاءِ هڪ سازش، هي بہ ٿي رهي آهي تہ سنڌ جي ٻہ سئو (٢٠٠) ميل سامونڊي پٽي کي فوجي علائقو قرار ڏنو پيو وڃي، جنهن سان سنڌين کان سامونڊي حڪمراني کسي سنڌ جي گذر سفر جا سمورا وسيلا بند ڪرڻ جي سازش سٽي وئي آهي، اهڙو اظهار مون سنڌي ورلڊ ڪانگريس ۾ پڻ ڪيو هو. جنهن لاءِ سنڌين کي اڪيون پٽڻ گهرجن. هن چيو تہ ڪالاباغ ڊيم حمايت، اسپيڪر الاهي بخش سومرو، وزيراعليٰ سنڌ لياقت علي جتوئي، پير عبدالقادر شاهہ جيلاني ۽ بابو ميمڻ جهڙا وطن فروش پير ۽ وڏيرائي ڪري رهيا آهن. اردو زبان وارن وري بہ اهڙو ڪڏو. ڪردار ادا نہ ڪيو، پر اسان جي سنڌين ئي سنڌين سان غداري ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي. هن چيو تہ جڏهن ملڪ جون اڪثريتي اسيمبليون ڪالاباغ ڊيم خلاف فيصلو ڏئي چڪيون آهن تہ پوءِ وطن فروشن، پيرن ۽ وڏيرن کي تڪليف ڇو پئي ٿئي.

رپورٽ، مالڪ ملاح
(روزاني "سنڌ" اخبار
حيدرآباد ٢٩ -سيپٽمبر ١٩٩٧ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ غير جمهوري ۽
فوجي ڪارروائين جا ڪهڙا به
نتيجا نڪري سگهن ٿا

قومپرست اڳواڻ سيد امداد محمد شاھ چيو آهي تہ، اسين آرٽيڪل ٢۴٥ ڪي جمهوريت خلاف ڪاري ضرب چئون ٿا، جنهن جي مذمت ڪانسواءِ رهي نٿا سگهون، جنهن جو ثبوت شعيب بخاري جهڙو جهونو ساٿي آهي، جيڪو ٢ سالن کان حڪومت سان رهيو آهي، جنهن کي تازو گرفتار ڪري مٿس تشدد ڪيو ويو، جيتوڻيڪ هو اهڙي تشدد کان انڪار ڪري رهيو آهي، پر سندس سڄيل منهن ۾ اک جي ڪاراڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ، ٢۴٥ آرٽيڪل جو نفاذ نہ تہ دهشتگرديءَ خلاف هٿيار سمجهون ٿا، نہ وري حڪيم سعيد جهڙن فرشتي صفت ماڻهوءَ جي شهادت سان اهڙي ڪارروائي کي ڳنڍي سگهون ٿا، پر ٢۴٥ جو نفاذ مظلوم قومن جي اتحاد پونم، ذريعي ٿيندڙ نمايان اتحادين کي ڊيڄارڻ ۽ چيڀاٽڻ لاءِ آئينو ڏيکاريو ويو آهي. چوڌري شجاعت جا بيان ٻڌائين ٿا تہ اهڙا قدم ٻين صوبن ۾ بہ کڻي سگهجن ٿا. هن چيو تہ حاڪم قوم کان حق گهرڻ تي محڪوم قوم کي ٢۴٥ جي روپ ۾ جواب ڏنو وڃي ٿو. ڀرپور نشانو اسان کي کيو ايم جي بزرگ اڳواڻن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي بنايو ويو آهي، جڏهن تہ ڪالاباغ ڊيم خلاف ڪشمور موڙ تي ڌرڻي هڻندڙن سان بہ ساڳيو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ فوجي حڪومت هلندڙ آهي. ٢٤٥ جي نفاذ سان ان جو نقاب لهي پيو آهي. هن چيو تہ يونم اتحاد ١٩٤٠ع جي قرارداد موجب، پنهنجي حق گهرڻ لاءِ جڙيو آهي، جيڪو گڏيل قومن جي چارٽر موجب، قومي خودمختياري جو پروگرام آهي. هن چيو تہ قومي محاذ ۽ متحده وارن جا مول متا ساڳيا آهن، جن جو گڏجڻ ڪا اڻٿيڻي ڳالهہ ڪانهي. هن چيو تہ پ پ سنڌ جي مسئلي تي واضح ڪانهي. رڳو پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ سنڌ جي مسئلن مان ڪجهہ ڳالهيون ڪٽي رهي آهي. هن سنڌ اسيمبليءَ جي معطلي بابت چيو تہ ڪورٽون راءِ زني ڪن تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. پنجاب جي روش سبب بنگلاديش ٺهيو ۽ پاڪستان ٽوڙيو ويو. هاڻ خبر ڪانهي تہ پنجاب وارا ڪنهن کي ٽوڙڻ گهرن ٿا. هن چيو تہ پنجاب اڳ ۾ ئي انگريزن کان آزادي وٺڻ جا مخالف هئا، پر سنڌين ۽ بنگالين اهو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي پاڪستان ٺهرايو، جنهن جي گهڻي سزا بہ بنگالين ۽ سنڌين کي ملي آهي. هن چيو تہ اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي پاڻ ۾ ويجها اچي چڪا آهن. مون اتحاد ڪرائي جڏيو آهي. هاڻي انهن کي گڏجي حالتن کي منهن ڏيڻ گهرجي ۽ اهو ڪم بشير خان قريشي ۽ آفتاب شيخ کي ڪرڻو آهي، تہ جيئن ٻئي ڌريون فوجي راڄ، گورنر راڄ جي خلاف ۽ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ گڏجي وڙهي سگهن. هن ٻين سياسي ڌرين ۽ ممتاز ڀٽو طرفان ڪراچي کي فوج حوالي ڪرڻ، فوجي ڪورٽن ۽ گورنر راڄ جي حمايت بابت چيو تہ جيڪي اقتدار ۾ نہ اچي سگهن، اهي اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن.

(روزاني "سنڌ" اخبار
حيدر آباد، ٩٨-١١-٢٣)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ پنجاب جون سنڌ خلاف سازشون

پنجاب هڪ سازش تحت سنڌ کي، وڏي عتاب ۾ اوڙاهه ۾ اڇلڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي مٿان، گورنر راڄ جي تلوار لٽڪائي ڇڏي آهي. گورنر راڄ مڙهي سنڌ ۾ مرڪز جي داداگيريءَ ۾ مداخلت جو ثبوت ڏنو ويو آهي. گورنر مرڪز جو ٻڌو ٻانهون ۽ گولو ۽ نمائندو هوندو آهي. سنڌ اسيمبليءَ مان مطمئن نه هجڻ جي صورت ۾ اُن کي ٽوڙي نين چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويجي ها. اسين پونم جي سهاري هيٺ، صوبن مان مرڪزي مداخلت ۽ داداگيري ختم ڪرڻ وارا آهيون. اُن ڪري ڪوبه جمهوريت پسند ۽ قومي حق گهرندڙ گورنر راڄ جي حمايت نٿو ڪري سگهي. اهڙو اظهار سنڌي بلوچ، پختون ۽ سرائيڪي قومپرستن جي گڏيل اتحاد "پونم" جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي ميمبر ۽ سائين جي ايم سيد جي فرزند سائين سيد امداد محمد شاهه ڳالهائيندي ڪيو آهي. هن پڇيل سوال جي جواب ۾ چيو ته، سنڌي چونڊيل ميمبر تماشائي ۽ ويڪائو مال آهن، پر متحده وارن بحيثيت سنڌ واسي جي پنهنجا شهري حق گهريا. پنجاب انهن تي ڏمر جي پيو آهي. هن چيو ته متحده خلاف آپريشن شروع ڪان هلندڙ هيو، پر هاڻي گورنر راڄ مڙهي انهيءَ آپريشن ۾ تيزي آندي ويئي آهي. سائين امداد محمد

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شاهہ چيو تہ سنڌي، بلوچ، پختون ۽ سرائيڪي اتحاد ”پونم“ جو مؤقف آهي تہ، ملڪ ۾ ايستائين امن امان جو مسئلو رهندو، جيستائين مرڪز صوبن مان پنهنجي مداخلت ختم نٿو ڪري، ڇوتہ موجوده صورتحال ۾ صوبن وٽ ڪي بہ پاور ڪونہ آهن. صوبائي حڪومتن کي جڏهن خودمختيار ڇڏيو ويندو، تڏهن انهن مٿان هڪ ذميواري عائد ٿيندي ۽ امن امان بہ ٺيندو، پر صوبائي حڪومتون مرڪز جون ڪيجهو ٻٽيل هونديون ۽ اختيار بہ مرڪز وٽ هوندا تہ، اهو امن امان وارو نڪر بہ اُن (مرڪز) تي پچندو، سائين امداد محمد شاهہ، نواز شريف ۽ ممتاز ڀٽي وچ ۾ ٿيل ملاقات تي ڳالهائيندي چيو تہ جيڪي اقتداري سياست ۾ ايمان رکندا آهن، آهي اهڙيون ميل ملاقاتون ڪندا رهندا آهن. هڪ سوال جي موٽ ۾ ڳالهائيندي سائين امداد محمد شاهہ چيو تہ ”پونم“ جي پهرين گڏجاڻي ۾ پيپلز پارٽيءَ وارا شريڪ ٿيا ۽ پوءِ جلدي ڀڄي ويا. پيپلز پارٽي هڪ موقعي پرست پارٽي آهي، اُن مان قومي حقن واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي توقع ڪرڻ اجائي آهي. بي بي پونم جي پروگرامن تي صحيح ڪانہ ڪئي، پر ممتاز علي ڀٽي پونم جي قومي پروگرامن تي صحيح بہ ڪئي ۽ ممتاز ڀٽو چوٿين نومبر تي ڪوئيٽا ۾ ٿيندڙ پونم واري جلسي ۾ بہ اسان سان گڏ آهي. سنڌي بلوچ، پختون ۽ سرائيڪي اتحاد پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت تي ڳالهائيندي، هن چيو تہ گذريل ڪراچيءَ واري گڏجاڻيءَ ۾ اچڻ لاءِ مون ايم ڪيو ايم کي شرڪت جي دعوت ڏني هئي، جنهن جي موٽ ۾ هن وقت گهريو هو. هو ڪيڏي مهل بہ آيا تہ سندن آجيانڪئي ويندي. ڇا لياقت علي جتوئيءَ کي گرفتار ڪيو ويندو واري سوال تي ڳالهائيندي سائين امداد شاهہ چيو تہ آئون نٿو سمجهان تہ اهل پنجاب پنهنجن کي ايترو نقصان رسائيندو. جيستائين ڪو اڪيون نٿو ڏيکاري. سو نہ ڪو لياقت علي جتوئي ۾ اکين ڏيکارڻ جي توقع آهي، نہ وري اهل پنجاب غلطي ڪري آئينده لاءِ پنهنجن تعاون ڪندڙن مان ڪو پنهنجو اعتماد وڃائيندو. سابق گورنر سنڌ حڪيم سعيد جي قتل تي ڳالهائيندي سائين امداد محمد شاهہ چيو تہ پاڪستان جي پنجاهہ سالن واري تاريخ ۾ ڪنهن بہ سازش جي تهہ تائين نہ پهتو ويو آهي. ڇاهي راولپنڊي نمبر پهرين سازش جنهن ۾ مبينہ طور لياقت علي خان کي قتل ڪرڻ جي سازش ٿي،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جنهن جي انڪوائري ڪري آفيسر جهاز ۾ جيئن ئي ڪراچيءَ اچي رهيا هئا تہ، جنگشاهيءَ وٽ اُهو جهاز ئي گم ٿي ويو. وري جڏهن لياقت خان کي جڏهن قتل ڪيو ويو تہ اُها سازش بہ اڃ تائين ظاهر ڪانہ ٿي. اهڙي طرح مختلف مشرقي پاڪستان جي علحدگيءَ تي چيف جسٽس محمود رحمان تي، مشتمل هڪ ڪميشن ان وقت ويهاري وئي، جنهن جو نتيجو بہ اڃ ڏينهن تائين ظاهر نہ ڪيو ويو. سو اهڙي ملڪ ۾ حڪيم سعيد جهڙي فقير دل ۽ انسان دوست ماڻهوءَ جي قتل جي سازش، هي ڪٿان هٿ ڪندا. البت ڪنهن تي مڙهي سگهن ٿا. آئون اير ڪيو اير جي انهيءَ الزام کي بہ رد نٿو ڪريان تہ، ڪٿي حڪومت نہ انهيءَ سازش ۾ پاڻ شامل هجي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ سائين امداد شاهہ چيو تہ نواز شريف سان جيڪڏهن فوج راضي رهي تہ، هو پنهنجو مدو بہ پورو ڪري سگهندو.

(انٽرويو، ماڻڪ ملاح ۽ غلام قادر ملاح
٢ نومبر ١٩٩٨ع جي روزانہ "هلال پاڪستان" ڪراچي
۽ روزاني سنڌ حيدرآباد تان ورتل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاھ: 59-1958ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ نوازشريف جي سلامتي
ڪائونسل جو مقصد آهي
جمهوريت جي ڳچيءَ تي تلوار

سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي ايم پي اي سيد امداد محمد شاهہ "سنڌ" سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ سنڌ ۾ اينڊڙ حڪومت پلي ڪير بہ ناهي، پر اها حڪومت مخلوط حڪومت هوندي ۽ اهڙي حڪومت هميشہ ڪمزور رهندي آهي، جيڪا حڪومت عدل انصاف وارو پوڙو پاري نہ سگهندي. هونئن فوج، صدر ۽ پارليامينٽ جي ماتحت هوندي آهي، پر هاڻي صدر ۽ پارليامينٽ فوج جي ماتحت ٿي رهندا.ملڪ ۾ اينڊڙ حڪومت ڪنهن جي بہ هجي. سلامتي ڪائونسل واري طوق کي ڇيڪڏهن قبول نہ ڪيو ويو تہ حڪومت هلي سگهندي. ٻي صورت ۾ حڪومت انتهائي ٻي پهچ ۽ ڪمزور هوندي، سلامتي ڪائونسل جو مقصد ئي اهو آهي تہ هر وقت جمهوريت جي ڳچيءَ تي تلوا لٽڪيل هجي. سيد امداد محمد شاهہ سڪرنڊ ويجهوڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ پنهنجي رهائش گاهہ تي سنڌ جي عيوضيءَ سان ڳالهائيندي چيو تہ تازين چونڊن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي شڪست پي پي حڪومت جي ڪڏن ڪرتوتن جو نتيجو آهي. پي پي حڪومت ماڻهن تي ايترو تہ ظلم ڪيو ۽ قاعدي، قانون ۽ عدالت جي ايتري تہ مٽي پليت ڪئي، جو نتيجي ۾ عام ماڻهن کي بہ سوچڻو پيو تہ هنن ظالمن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪان پاڻ آجو ڪرائجي. هن چيو تہ مولانا فضل الرحمان، غلام مصطفيٰ ڪر ۽ ظفر شاھہ جي هارائڻ تي مون کي مبارڪون ڏيو. ڇوتہ مولانا ويڪائو مال ٿي پيو هو ۽ آهي. ڪر هڪ تہ پيپلو ٻيو وري حرامي. هو پنهنجون حرامپايون ۽ منافقيون پچاڙيءَ تائين ڪندو رهيو. ظفر شاھہ باشعور ٿي ڪري جاهلن وارا ڪم ڪندو هو، ان ڪري هن جي هارائڻ ۽ شڪست تي مون کي خوشي ٿي آهي. هن چيو تہ عمران خان ڪان وٺي غنويٰ ڀٽو تائين جن بہ چونڊن ۾ هارايو آهي، انهن وٽ حقيقت ۾ پارٽيون نہ پر شوشا ڇڏيل هئا. عمران ڪي پنجاب جو ووٽ ورهائڻ لاءِ ڪن هٿن اڳتي آندو، پر اُهي هٿ ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ويا. هن چيو تہ ممتاز ڀٽو تي غلط يا صحيح قومپرست وارو ليبل لڳل آهي. ان ڪري هن کي آندو ٿي ان لاءِ ويو تہ هُن ڪان اهڙا پيڏا ڪم ڪرائجن، جنهن سان سنڌ ۾ جيڪو سنڌي قومپرستي وارو شعور وڌي رهيو آهي، اهو ڏڪجڻ لڳي ۽ ماڻهو سنڌي قومپرستن ڪان نفرت ڪرڻ لڳن. هن چيو تہ چونڊن دوران سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي ڪاميابي ثابت ڪري ٿي تہ انهن ۾ بيداري ۽ سجاڳي ۽ ٻڌي وڌيڪ آهي. هن چيو تہ اسان سنڌين ۾ قومي جذبو گهٽ ۽ حون حون جو مرض وڌيڪ آهي. ٻيو تہ بقول علي محمد راشديءَ جي بہ سنڌ هڪ بين الاقوامي شاهراھہ آهي، تنهن ڪري اسان وٽ ڪنهن هڪڙي قوم جي سوچ هجڻ وارو خيال تمام گهٽ آهي، اهو ئي سبب آهي تہ قومي ٻڌي اسان ۾ گهٽ ٿي آهي، اسان وٽ ڪاڏڙ قصو گهٽيو آهي. بينظير ڀٽو پاران نواز شريف کي مبارڪون ڏيڻ ۽ پنهنجن بيانن ۾ نرم گوشو ظاهر ڪرڻ واري پاليسيءَ تي سيد امداد محمد شاھہ ڳالهائيندي چيو تہ بينظير سمجهي ٿي تہ هن جيڪا ملڪي ملڪيت ميڙي ۽ لٽي آهي، اها ملڪيت اينڊز نئين حڪومت احتساب جي بهاني هن ڪان ڪسي وٺندي، ان ڪر بينظير پنهنجي احتساب ڪان بچڻ لاءِ پنهنجن بيانن ۾ نرم گوشو ۽ هيٺاهين ظاهر ڪري اصل ۾ ٻاهر ڀڄي وڃڻ جون واهون ڳولي رهي آهي.

هن چيو تہ پيپلز پارٽي حڪومت ملڪي ناٽي کي ايترو تہ لٽيو ۽ ڦريو آهي، جنهن جو اڳ ۾ ڪوبہ مثال نٿو ملي. هن چيو تہ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي خواهش موجب تہ وڏ وزارت ايم ڪيو ايم کي ڏني وڃي واري فيصلي کي سنڌين ۾ قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ واري اجان صلاحيت ئي پيدا نہ ٿي آهي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌي خود غلام ۽ محتاج آهن. غلام قيدي ٻين جي فيصلن ۾ دخل اندازي ڪري ڪونہ سگهندا.

هن چيو تہ منهنجو پنهنجو رايو آهي تہ سنڌ ۾ رهڻ وارو هر اهو فرد جيڪو مستقل مفاد سنڌ سان ٿي رکي ٿو. اهو سنڌي آهي. سنڌ جي مستقل مفاد جي تحفظ جي زميواري قبول ڪندڙ فرد پوءِ ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائي ٿو. سنڌ جي وڏ وزارت لاءِ قبول آهي، پر جيڪو سنڌ ۾ رهي ٿو، سنڌ جو کائي ۽ پيئي ٿو، پر سنڌ جو ۽ سنڌي سڏائڻ پاڻ لاءِ عيب سمجهي ٿو ۽ سنڌ جي مستقل مفادن ۽ قومي وسيلن تي سودي بازي ڪري ٿو، اهو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪبو، تازين چونڊن دوران سڪرنڊ تعلقي جي رئيس غلام رسول انڙ ۽ سيد شبير احمد شاهہ ٻنهي بااثر شخصيتن ٣٥ سالن جو سياسي اختلاف ختم ڪري ”انڙ-سيد اتحاد“ ناهڻ واري سوال تي سيد امداد محمد شاهہ ڳالهائيندي چيو تہ اهو اتحاد انڙ پي پي ڇڏي ليگي سيد سان گڏجي ناهيو آهي. آئون نہ تہ پيپلو آهيان نہ وري ليگي آهيان، باقي ٻنهي ڌرين ۾ اهو اتحاد ڪيترو ۽ ڪيستائين جٽادار ۽ پائيدار رهندو، ان لاءِ آئون ايترو ٿي چوندس تہ انڙن جو پراڻو رڪارڊ رهيو آهي تہ هميشہ ٻئي جي پٺيءَ ۾ خنجر هڻندا آهن. سائين حسن بخش شاهہ ٻاهراڙيءَ مان حاجي امام علي انڙ کي وني ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊرايو هو، انهيءَ ساڳي ماڻهوءَ سائين حسن بخش شاهہ کي پٺيءَ ۾ خنجر هنيو. هاڻي وري گذريل دفعي انهيءَ جو پٽ رئيس غلام رسول انڙ ۽ راهو پي پيءَ ۾ گڏجي هليا ۽ پارٽيءَ ۾ سو قسم ڪٺي هڪٻئي کي چيائون تہ هينئر ٽڪيٽ ڏيو انڙن کي آئينده وارو راهو برادريءَ کي ڏينداسون. هينئر جڏهن راهو برادريءَ جو وارو آيو تہ انڙ ڏنو تہ ٽڪيٽ مون کي تہ ملندي ڪانہ تنهن ڪري مسلم ليگ ڏي ڀڄي آيو، سو آئون هن اتحاد کي ائين ٿو ڏسان تہ انڙ موقعي پرستي ڪئي آهي، انڙن ۽ راهن جي پاڻ ۾ اهڙي ياڻپي آهي، جهڙي ياڻپي سيد شبير احمد شاهہ ۽ منهنجي آهي، غلام رسول انڙ پنهنجي ياڻپيءَ جو بہ خيال نہ ڪيو ۽ راهو برادريءَ کي پٺيءَ ۾ خنجر هنيو، سو ”انڙ-سيد اتحاد“ لاءِ اهو ٿي چئي سگهجي ٿو تہ انڙ پنهنجي تاريخ ڪنهن وقت بہ دهرائي ۽ ورجائي سگهي ٿو.

(روزاني ”سنڌ“ حيدرآباد ۾
۾ شايع ٿيو. فيبروري ١٩٩٧ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سيد امداد محمد شاهه: فاطمه جناح ۽ ايوب خان جي پولنگ ايجنٽ دوران:
1964-65ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ لياقت عليءَ پاڪستان
کي آمريڪا وٽ گروي رکيو

اسلام آباد ۾ سڏايل پارلياماني اجلاس ۾ جيڪڏهن چيف جسٽس سيد سجاد شاهه کي لاهڻ ۽ هٽائڻ جو فيصلو ٿيو ته، سندس ڏهه ئي آڱريون گيهه ۾ هونديون. اهو ائين هوندو جيئن ڀٽائيءَ جي بيت جي سٽ آهي ته هنڻهين هُوندَ مُئي، پر پوڙيءَ جا ڀيٽا ٿيا." ان ڪري فيبروريءَ ۾ رٽائرڊ ٿيڻ واري ماڻهوءَ کي هنيئر لاهڻ ڪيس شهيدن جي لسٽ ۾ شامل ڪرڻ برابر ٿيندو، پر امڪان ڏسجي رهيا آهن ته، وزيراعظم ۽ چيف جسٽس ٻنهي کي ڪو وچ وارو ماڻهو ناهي ڇڏيندو. جيڪو نهراءُ ٻنهي ڌرين جي مفاد وٽان ئي هوندو. نواز شريف پنجابي وزيراعظم آهي، پنجاب جي بالادستي هجڻ سبب هُن کي ڪوبه خطرو ناهي. ان ڪري جيستائين موجوده پاڪستان جو وجود آهي، تيستائين پنجاب جي بالادستي قائم هوندي ۽ نواز شريف جيڪو پنجاب جو نمائندو آهي، تنهن جي حڪومت جو تڏو جلدي ويڙهجي نٿو سگهجي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ اسيمبليءَ جي سابق ايم پي اي ملڪي توڙي عالمي سياسي تبديلين تي گهري نظر رکندڙ سائين جي ايم سيد جي فرزند سيد امداد محمد شاهه سنڌ سان گفتگو ڪندي ڪيو آهي. هن چيو آهي ته جمهوري اصولن مطابق مخالف اتحاد به نواز شريف کي ڏوڏي نٿو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهي، ڇوتہ مسلم ليگ کان ٻاهر جماعتون سڀ ٺي ڏار ڪجن تڏهن بہ نواز شريف پنهنجي اڪثريت سان مضبوط وزيراعظم آهي. جيستائين ڳجها ۽ لڪل هٿ نرواز ٿي وزيراعظم جي سامهون نٽا ٿين. هن چيو آهي تہ موجوده حالتن مان ظاهر ٿي رهيو آهي تہ پاڪستان ۾ بک بدحالي، بيروزگاري ۽ دهشتگردي اچان بہ وڌيڪ زور وٺندي. لياقت علي آمريڪا وڃي ڪٽڪ جي عيوض پاڪستان اسيمبلي ۽ خودمختياريءَ کي گروي رکي آيو ۽ سر خواجہ ناظم الدين جي خلاف پنجاب وارن قائد قلت مرده باد جا نعرا لڳايا هئا. ان ڏينهن کان وٺي پاڪستان قرض جي جڪڙ ۾ غرق ٿيندو ويو، جيڪو هاڻي ٻڏڻ جي ويجهو اچي ٿيو آهي. هن چيو تہ موجوده حڪومت کان ترقياتي ڪمن جي اُميد رکڻ وڏي بيوقوفي ٿيندي. ملڪ ۽ صوبي جي مالي حالت اها آهي جو اسين وياج بہ قرض جو نٽا ڏئي سگهون. ملازمن جا پگهار مرڪزي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي ملڪيتن جو نيلام ڪري پگهارون ادا ڪري رهيا آهيون. هڪ سوال جي جواب ۾ سيد امداد شاهہ ڳالهائيندي چيو تہ، سنڌ جو وڏو وزير لياقت جتوئي پنجاب جو من پسند آهي، ڇوتہ مرڪز جي هميشہ اهائي ڪوشش هوندي آهي تہ، صوبن جا وزيراعليٰ ڪمزور هجن، جيڪي سندن اشارن تي نچندا رهن ۽ اهي سڀ صلاحيتون سنڌ جي وزيراعليٰ ۾ موجود آهن، تنهن ڪري ان کي تبديل ڪرڻ يا هٽائڻ جا ڪي بہ آثار ڪونہ آهن. هن چيو تہ موٽروي اسڪيم روس ۽ ايران کي سمنڊ تائين رستو مهيا ڪرڻ آهي، جنهن سان پاڪستان پنهنجي پيدواري ذريعن ۾ واڌ آڻيندو. سيد امداد شاهہ وڌيڪ چيو تہ آئون ادارن مان ٿيندڙ برطرفين واري عمل جي تائيد ڪريان ٿو، اهو ان ڪري تہ گهر ۾ لولي لوڻ بہ نہ هجي ۽ راڄن کي پيون دعوتون ڏجن، هن مثال ڏيندي چيو تہ اسان جي ادارن جي مالي حالت تمام محدود ۽ خراب آهي. دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي آمريڪا جي ايئرلائين جنهن وٽ اڍائي هزار هوائي جهاز آهن ۽ اتي چوڏهن هزار ملازم رکيل آهن ۽ هو ان کي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيا آهن، پر پاڪستان جي پي آءِ اي ۾ ۵۴/۵۳ جهاز آهن ۽ ملازمن جو انگ ۲۵ هزارن کان بہ مٿي آهي. اهڙي اداري کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ سواءِ ماڻهن ڪڍڻ جي ٻيو رستو ناهي. زخم ۽ ناسور جڏهن وڌي ويندا آهن تہ پوءِ ڊاڪٽر بہ مريض جون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چنگھون ۽ ٻانھون وڍائڻ جو مشورو ڏيندا آھن. اھي برطرفيون بہ چنگھہ ۽ ٻانهن وڍائڻ جي مثل آھن، پر مريض تہ بچي پوندو، پر جي مريض کي بچائڻ لاءِ آپريشن ۾ ٿوري بہ غفلت ڪئي وئي تہ، مريض مري ويندو. ان ڪري اھڙن ادارن ۾ جيڪڏھن ائين نہ ڪيو ويو تہ، مڪمل طور ادارا تباھہ ۽ غرق ٿي ويندا. ھن چيو تہ اسان جا سنڌي چونڊيل ميمبر ۽ نمائندا گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا آھن، جيڪي عوام جي نمائندگي ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آھن. ايم ڪيو ايم وارا پنھنجن ماڻھن جا مسئلا حل ڪري صحيح نمائندگي ڪري رھيا آھن، پر جي اسان جا چونڊيل سنڌي نمائندا پنھنجي قوم جي صحيح نمائندگي نٿا ڪن تہ، ان ۾ ايم ڪيو ايم وارن جو ڪھڙو ڏوھہ؟ ھتي تہ اھا حالت آھي جو، سنڌي وڏيرو اڄ جي سدريل دور ۾ بہ نٿو چاھي تہ ڪو ٻاھراڙين ۾ اسڪول ھجن ۽ سنڌي ڳوناٺو تعليم حاصل ڪري پنھنجا مسئلا پاڻ نبيري سگھي. سنڌ جي قومي سوچ ۽ شعور کي ٻاگا ڪرڻ ۾ ھترادو سنڌي ليڊرن ۽ وڏيرن جو وڏو ھٿ آھي. اھي ئي سنڌ جي سماجي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ ۽ ديوار بڻيل آھن. سنڌ جي قومي آزاديءَ واري سائين جي ايم سيد جي خواب جي تعبير سنڌي قوم جي ايڪي، اتحاد ۽ قرباني واري عمل ۾ سمايل آھي، جيڪو عمل ھن وقت مون کي نٿو ڏسجي.

انٽرويو وٺندڙ: مالڪ ملاح
(روزاني "سنڌ" حيدرآباد جي
٢٩ آڪٽوبر ١٩٩٧ع واري اشاعت تان ورتل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهہ، سائين جي. ايم سيد ۽ ٻيا، ٻارت ۾: 1987ع



ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ شاهہ حيدر ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي ميٽنگ دوران: چاچو علڻ ٽيپو، حاجي صديق ميمڻ مانجهندائي، محمد صالح ڪانڊڙو، سيد امداد محمد شاهہ، استاد محترم عبدالواحد ميمڻ، سيد محمد شاهہ (ڀاٽوٽ)، ٻيٺل: سيد جلال محمود شاهہ، حاجي مولا بخش ميمڻ، وزير سولنگي، قاضي الهہ بچايو، وڏيرو خميسو پليجو، سيٺ ڀڳوان داس، عبدالڪريم.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ منهنجو بابا جي بہ قومي نظرئي سان اختلاف آهي

اسلام آباد (ڳالهہ ٻولهہ-اعجاز مهر)؛ سائين جي ايم سيد بہ قومي نظريي جي حمايت ڪئي هئي، ان تي سائنس اختلاف ڪيو هئم. هڪ دفعي بابا ڪي چيم تہ پاڪستان ٺاهي اوهان وڏي غلطي ڪئي آهي، اهڙي غلطي ڪرڻ جي سزا نہ صرف غلطي ڪندڙ پر ان جون ڪيتريون ئي پيڙهيون بہ ڀوڳينديون آهن، اهڙو اظهار سنڌ جي مرحوم قومپرست اڳواڻ سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي اڳوڻي اپوزيشن ليڊر سيد امداد محمد شاهہ "ڪاوش" سان هڪ ملاقات ۾ ڳالهائيندي ڪيو. تازو ١٩ ڊسمبر تي ٿيندڙ جي اجلاس ۾ شرڪت دوران سندس اسلام آباد اچڻ وقت ٢١ ڊسمبر تي سنڌ هائوس جي ڪمري نمبر ٥ ۾ علي شاهہ ۽ خالق جوڻيجو جي موجودگيءَ ۾ ٿيل ڳالهہ ٻولهہ دوران مختلف سوالن جا جواب ڏيندي سائين امداد محمد شاهہ چيو تہ آئون زندگيءَ ۾ صرف هڪ ئي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيس ۽ اها مجيب الرحمان جي عوامي ليگ هئي. هن وقت ڪنهن بہ پارٽيءَ ۾ ناهيان. مجيب جي سچائيءَ ۽ پروگرام سان متفق ۽ مطمئن هئس. سائين امداد محمد شاهہ چيو تہ بابا ڪي سدائين قيد ۾ رکيو ويو. هڪ دفعي جڏهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سائين جي ايم سيد ملڪ ڇاهڻ واري غلطي مڃي، ته مون ڪيس چيو ته ان جي سزا اوهان ته لوڙيو پيا، پر جلال شاهه جي ننڍڙي پٽ سرويچ (جيڪو توهان جي چوٿين پيڙهي آهي) تنهن سميت اسين سڀ ڀوڳيون پيا ۽ خبر ناهي ته اڃا ڪيستائين ڀوڳڻي پوندي، جنهن تي بابا جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا هئا. هڪ سوال تي سائين امداد چيو ته سنڌ جي تعليم جو بيڙو شاگرد سياست ٻوڙيو آهي، جيئي سنڌ جي نظريي سان متفق آهيان، پر اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي قيام جو مخالف آهيان، جساف جي قيام تي بابا سان ٻيو دفعو زندگيءَ ۾ سياسي اختلاف ڪندي چيو هو مانس ته "سائين جساف نه ٺاهيون، ان سان تعليم خراب ٿيندي ۽ تعليمي ادارا تباهه ٿيندا، ڇوته شاگردن کي سياست ۾ ملوث نه ڪرڻ گهرجي، ان سان قوم جو مستقبل تباهه ٿيندو." سائين جي ايم سيد مون سان اتفاق ڪيو هو. هڪ سوال تي امداد محمد شاهه چيو ته بابا جذباتي طبيعت جو مالڪ هو. مون ان جي نشاندهي بابا آڏو ڪئي، بابا مڃيندو به هو، پر چوندو هو ته اها هن جي وس جي ڳالهه ناهي. هڪ سوال تي هن چيو ته مجيب جي قتل تي رنو هئس ۽ بنگالي ليڊر نذرالاسلام کي جڏهن جيل مان ڪڍي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو ته، اوچنگارون ڏئي رنو هئس. امداد شاهه ٻڌايو ته جائي بانگال (جيئي بنگال) جو نعرو جيئي سنڌ جي نعري مان ورتو ويو هو، جنهن جو اقرار ريس ڪورس گرائونڊ ڍاڪا ۾ ٻهريون دفعو ڪيو ويو هو. هڪ سوال تي هن چيو ته مخدوم بلاول اسان جو مرشد آهي. مخدوم بلاول ٻيرن جي قبرن تي قبا ٺاهڻ ۽ مزارون ٺاهڻ جو مخالف هو ۽ هن سختيءَ سان منع ڪئي هئي، سندس قبر تي قبو نه ٺاهيو وڃي، ڪجهه عرصي تائين ڏاڏا حيدرشاهه ۽ بابا جي ايم سيد مخدوم بلاول جي قبر تي قبو ٺاهڻ نه ڏنو، پر محمد بخش ٻنهور زمين وڪڻي قبو ٺهرايو. جڏهن ڏاڏا فوت ٿيو ته مغربي پاڪستان ۾ چيف انجنيئر ۽ سيڪريٽري آبپاشي جي عهدي تان رٽائر ڪندڙ محمد موسيٰ ميمڻ ڏاڏي سيد حيدر شاهه جو قبو ٺهرائڻ لاءِ سائين جي ايم سيد کان اجازت گهري. بابا ڪيس منع ڪئي ۽ چيو ته قبي بدران اسپتال يا مسافر خانو ۽ اسڪول وغيره ٺهرايو، جڏهن بابا وفات ڪئي ته منهنجي پٽن ۽ جيئي سنڌ وارن سائين جي ايم سيد جي قبر تي قبو ٺاهڻ لاءِ زور ڀريو، مون زندگيءَ ۾ ٻهريون دفعو سخت لهجي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ دڙڪا ڏيندي چيو تہ، جيڪڏھن اوھان بابا جي قبر جو قبو ٺھرائيندا تہ آئون ڪوڏر ۽ تيڪم کڻي ان کي ڍاھيندس. سائين امداد محمد شاھہ چيو تہ عليم درس سچي زندگي پيرن جون مزارون ڍاھيون، ھن سان مليو ڪونہ ھئم، پر ڪافي متاثر ڏاڍو ٿيس، چوتہ اصل ۾ صوفين درويشن، بزرگن ۽ شاعرن جي قبرن تي قبا ٺاھي ماڻھن کي سندن فڪر تي عمل ڪرڻ کان روڪڻ برابر آھي. ھن چيو تہ زندگي ۾ھڪ ڪم اجان ڪرڻو آھي. طبيعت خراب ٿي رھي، جيئن ٺي موقعو مليو تہ رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي ۽ غلام محمد پرڳڙي جون ڪچون قبرون پڪيون ڪرائيندس، جيئن سچاپچڻ جھڙيون رھن. سائين امداد محمد شاھہ چيو تہ جڏھن بنگلاديش ۾ عوامي ليگ جي حڪومت آئي تہ اھا خبر اسپتال ۾ ٻڌم، جنھن سبب اڌ بيماري ختم ٿي وئي. ان موقعي تي موجود جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين خالق جوڻيجو ٻڌايو تہ سائين جي ايم سيد حيدر منزل تي ھڪ دفعي پنھنجي لاءِ چيو ھو تہ منجھنس ٣ خاميون آھن، جن ۾ جذباتي پڻو، گھڻ پڙھيل ھئڻ ۽ ڀھراڙيءَ جو ھجڻ شامل آھن. جڏھن تہ ٣ خوبيون بہ ٻڌايون ھئائين، جن ۾ سچ ڳالھائڻ، سنڌ سان عشق ھئڻ ۽ سنڌ لاءِ ھر قسم جي قرباني ڏيڻ جو عزم شامل ھئا.

انٽرويو ڪندڙ: اعجاز مھر
(روزاني "ڪاوش" اخبار
حيدرآباد، ٢٨ ڊسمبر ١٩٩٨ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



سيد امداد محمد شاھہ ۽ الطاف حسين، ابراهيم غازي ڪيچي، لنڊن: 1996ع

ڄاچو علڻ خان ٽيبو، الهداد خان آگرو ۽ سيد امداد محمد شاھہ،
حيدر منزل ڪراچي؛

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

■ ننڍن صوبن تي واضح ڪيو پيو وڃي تہ اوهان غلام آهيو

قومپرست اڳواڻ سيد امداد محمد شاهہ صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي حڪومتي معاملن ۾ فوج جو عمل دخل گهڻو رهيو. ١٩٥٣ع کان وٺي اسيمبلين ۾ چونڊيل نمائندن کي پنهنجي مرضيءَ سان آئين سازي ۽ حڪومت ڪرڻ جو حق نہ ڏنو ويو آهي. هن چيو تہ جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ، هن وقت ملڪ ۾ جمهوريت آهي، اهي ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهن ٿا. ڇاڪاڻ جو هينئر بہ پردي پويان حڪمران فوج آهي ۽ آهستي آهستي سمورن ادارن ۾ ڪاٽن تي اها قابض ٿيندي پئي وڃي. هن چيو تہ ننڍن صوبن خاص طرح سنڌ ۾ گورنر راڄ ۽ فوجي عدالتون قائم ڪري ننڍن صوبن تي واضح ڪيو پيو وڃي تہ اوهان غلام آهيو. هن چيو تہ اير ڪيو اير بنيادي طرح پنجاب جي پيداوار آهي، جنهن جو مقصد ٻڃ ڪرائي مختلف قومن کي مارائڻ آهي. هن چيو تہ هڪ دفعو ڀٽي جي دور حڪومت ۾ ڪن ماڻهن حڪومت جي وزيراعليٰ کان پڇيو تہ بنگلاديش ٺهڻ کانپوءِ باقي رهيل پاڪستان کي ڪڏهن ٽا ٽوڙيو، تہ هن جواب ڏنو تہ پاڪستان کي اسان (ننڍا صوبا) نہ پر پنجابي حڪمران ٽوڙيندا، جيڪو ڪم هو پنجابي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حاڪم هاڻي ڪري رهيا آهن. هن چيو تہ پ پ ۽ پونم جو اتحاد مشڪل نظر اچي ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ اسيمبليءَ جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد اجائي آهي، ڇاڪاڻ تہ پنجابي حڪمران ان کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ نہ ڏيندا، نہ وري اليڪشن سان سنڌ جا مسئلا حل ٿيندا. هن چيو تہ سپريم ڪورٽ طرفان اسپيڪر جا اجلاس گهرائڻ وارا اختيار بحال ڪرڻ ۽ محدود قانون سازي مان ڪجهہ نہ ورندو ۽ مون جلال شاهہ تي واضح ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو تہ حڪمرانن سينيٽ جا اختيار وڌائڻ بجاءِ ان کي رٻڙ اسٽيمپ بنائي ڇڏيو آهي ۽ بل سينيٽ مان پاس ڪرڻ بدران قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ جو گڏيل اجلاس ۾ منظور ڪرائڻ لاءِ پيش ڪيا وڃن پيا جتي پنجاب کي نام نهاد اڪثريت حاصل آهي، تنهن ڪري هاڻي قومي اسيمبليءَ ۾ پڻ چئني صوبن کي هڪ جيترين سيٽون ملڻ گهرجن، ہي صورت ۾ پنجاب کي ننڍن صوبن جي حقن تي ڌاڙا هڻڻ کان روڪي نٿو سگهجي.

(روزاني "سنڌ اخبار حيدرآباد
جي ١٧ جنوري ١٩٩٩ع واري اشاعت
۾ شايع ٿيل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ سائين جي ايم سيد جي تحريڪ لاءِ حالتون ٺيڪ آهن-

سوال: سائين جي ايم سيد جي نظريي کي ڪيئن ٿا ڏسو، ڇا، جي ايم سيد پاران ١٩٧٠ع ۾ مقرر هدف حاصل ٿي سگهيا آهن؟

جواب: اڄ جي صورتحال ۾ سيد جا مقرر هدف حاصل ڪري سگهجن ٿا. حالتون سازگار آهن. ١٩٤٠ع کان ئي سائين جي ايم سيد اصل پاڪستان ۾ قومي خودمختياريءَ جي ڳالهه ڪئي، پر ١٩٧٠ع ڌاري وڌيڪ واضح ٿي ڪري سنڌوديش جي ڳالهه ڪئي. اڳ واري جدوجهد پاڪستان جي حدن ۾ رهي ڪري حاصل ڪرڻ لاءِ هئي، پر بنگلاديش جي صورتحال کانپوءِ نااميد ٿي ويو ۽ ان نتيجي تي پهتو تہ آزادي کان سواءِ ٻي راهہ نہ آهي. باقي هدف ڪيترا حاصل ٿيا آهن. اهي ڪنهن کان ڳجها نہ آهن، ڏسون ڪيترو عرصو اسان تي قبضو رهي ٿو. انگريزن جو قبضو اسان تي ١٠٠ سال جاري رهيو.

سوال: انگريزن خلاف تحريڪ جلد ڪامياب ٿي؟

جواب: ڪانگريس ١٨٨٦ع ۾ مسلم ليگ ١٩٠٦ع ۾ وجود ۾ آيون. شروع ۾ ٻنهي صرف حقن لاءِ جدوجهد ڪئي پر ١٩٣٩ع کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪانگريس آزادي جي ڳالهہ ڪئي. آزادي جون تحريڪون ڪامياب بين الاقوامي حالتن تحت ڪاميابيون ماڻينديون آهن. ان وقت انگريز جنگ سبب ڪمزور هيا ۽ ڪانگريس آزادي جي واعدي تي انهن جي جنگ وڙهي ۽ پنجاب وارا (مسلمان) تہ بغير شرطن جي وڙهيا. انگريزن واعدو پورو ڪيو پر اهڙي آزادي ڏني جيئن هندوستان ۽ پاڪستان ٻئي ڪمزور رهن ۽ انهن لاء سودمند ثابت ٿين.

سوال: انگريزن خلاف تحريڪ ۽ جي ايم سيد جي تحريڪ کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: انگريزن خلاف آزادي واري تحريڪ ڏاڪي بہ ڏاڪي بہ وڌي ۽ منزل ماڻي، پر جي ايم سيد جي تحريڪ اجا هلي پئي.

سوال: هڪ راء اها بہ آهي تہ جي ايم سيد سنڌوديش جو پڙ ڏئي صرف حق وٺڻ چاهيا ٿي يعني اها ڪا تحريڪ اصل ۾ هئي ڪانہ؟

جواب: اهو راء ڏيندڙ جو پنهنجو خيال آهي، جيئن قرآن جون ڪيترن عالمن تشريحون ڪيون آهن، تيئن سائين جي نظريي جي بہ تشريح هر ڪو پنهنجي خيال ڪان ڪري ٿو.

سوال: توهان جي راء ڇا آهي؟

جواب: ١٩٧٠ع واري جي ايم سيد جون ڳالهيون عام فهم ۽ حالتن سان ٺهڪندڙ نہ هيون. شايد وقت کان اڳ واريون. ان لاء قوم سمجهي نہ سگهي ۽ مان پاڻ بہ، پر هاڻ سمجهان ٿو تہ جي ايم سيد جي نظريي / تحريڪ لاء حالتون نيڪ آهن. قومي خودمختياري وٺي سگهجي ٿي. ان لاء پونم ۾ بهرو ورتو اٿم. پاڪستان جون تمام قومون سواء پنجاب جي، قومي خودمختياري تي پونم ۾ متفق آهيون.

سوال: پر صوبائي خودمختياري جي گهر جا تجربا ناڪام ٿيا آهن. غفار خان ۽ جي ايم سيد جا مثال سامهون آهن؟

جواب: غفار خان قومي خودمختياري جي گهر ڪئي. هو روز اول کان وڌيڪ واضح هيو. آزادي لاء هن جدوجهد ڪئي. ان صوبائي خودمختياري جي ڳالهہ نہ ڪئي. پونم ۾ قومن جي اتحاد جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. پنجاب سان تعلق رکندڙ ڪجهہ وڏين ڌرين مشروط حامي ڀري آهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ قومن بجاءِ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالھ ڪيون ۽ سرائيڪن کي قوم نہ چيو وڃي، جيڪا ڳالھ اسان نہ مڃي، ان مان ظاھر آھي تہ حالتون اسان جي حق ۾ آھن.

سوال: ممتاز ڀٽو کي پونم ۾ ڪھڙا اعتراض آھن؟

جواب: ڪجھ غلط فھميون ۽ ذاتي طور پليجو ۽ مگسي کان ناراضگي اٿس. ان لاءِ پونم ۾ ويھندي ھٻڪي ٿو.

سوال: توھان ڪجھ ڪوششون تہ ڪيون؟

جواب: ھا- نتيجي ۾ انھن جا نمائندا ميٽنگ ۾ وينا آھن ۽ بيان بازي بند ٿي وئي آھي.

سوال: ھڪ راءِ آھي تہ پناڻ اقتدار تان ھٽڻ کان پوءِ پونم جي سھاري اقتدار ۾ اچڻ چاھين ٿا؟ ۽ سنڌين ۽ ٻين کي استعمال پيا ڪن؟

جواب: سنڌين جو اچو منھن آھي. جڏھن تہ پناڻ ڪھڙي جماعت ۾ بہ ھجي، پيپلز پارٽي، مسلم ليگ، ڪميونسٽ يا قومپرست، پناڻن جي حقن لاءِ متفق آھن ۽ پارٽي لائين کان بالاتر ٿي پناڻ جي حقن جي ڳالھ ڪن ٿا، پونم ۾ ھو اقتدار کي لت ھٽي آيا آھن. اقتدار کسجڻ کان پوءِ نہ. اھا منفي پروپئگنڊا آھي.

سوال: (پي آءِ اي) پائي ۽ پونم جي ناھ جون ڳالھيون ڪھڙي ڏاڪي تي آھن؟

جواب: بينظير ڪيترا دفعا ھلي آئي آھي. ڳالھين تي اتفاق راءِ آھي. سواءِ قومي خودمختياري جي، ھڪ نقطي تي اختلاف آھي. ھو مضبوط مرڪز جي ڳالھ ڪري ٿي ۽ اسان قومي خودمختياري جي، جنھن لاءِ بينظير تيار نہ آھي، ڇاڪاڻ تہ ھو پنجاب کي ناراض ڪرڻ نٿي گھري.

سوال: ڪالاباغ اشو تي پي پي پي جي شموليت فائدو رسايو يا نقصان؟

جواب: تحريڪ جي نتيجي ۾ ڪالاباغ ڊيم جي منصوبو ملتوي ٿيو، ان حد تائين ڪامياب ٿياسين، ڇاڪاڻ تہ ھڪ ايجنڊا ھئي. ھاڻي الله بينظير کي سمجھ ڏئي، تہ ھو قومي حقن لاءِ بہ اڳتي اچي.

سوال: متحده قومي موومينٽ سان رابطو آھي؟

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جواب: ها اهي اسان سان گڏ آهن.

سوال: پر اهي باقاعده پونئر ۾ شريڪ ڇو نه ٿا ٿين؟

جواب: انهن کي پونئر، جون پي اي آء سان ڳالهين جي نتيجن جو انتظار آهي، ڇاڪاڻ ته اهي پي پي پي ۽ پي ايم ايل ٻنهي کان ڇرڪيل آهن، پر تحريڪ هلڻ جي صورت ۾ اهي ڀرپور مدد ڪندا. هاڻ ته جسقم به (شامل نه هئڻ باوجود) تعاون جو اعلان ڪيو آهي.

سوال: تحريڪ ڪڏهن شروع ٿئي ٿي؟

جواب: ١٩ فيبروري تي غفار خان جي ورسي آهي، اتي ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويندو.

سوال: جي ايم سيد جي زندگي ۽ پوء واري جسقم کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: نظريو ته برقرار آهي، پر قيادت وٽ Maturity تجربو ۽ قد بت نه آهي.

سوال: جيئي سنڌ تحريڪ ۾ پارليامينٽ جي سياست حرام قرار ڏنل آهي؟

جواب: هر قومي جدوجهد ۾ ائين ٿيندو آهي، ڪجهه ڌڙا هڪ خيال جا ۽ ٻيا ٻئي طريقي جا حامي هوندا آهن. ڪانگريس ۾ به ائين هيو. عوامي سياست- پارليامينٽ ۽ گوريلا وار (سباش چندر بوس) جي جدوجهد.

سوال: توهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: منهنجي خيال ۾ هر فرنٽ تي وڙهجي. پارلياماني سياست به هجي، پر اتي موجود فرد Mature هجن. صوبي جي حقن جي سوديبازي نه ڪن. قومي حقن جي حاصلات لاء تمام طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. صرف قومي شعور ڪافي نه آهي. مجيب الرحمان به قومي شعور جي بنياد تي ملڪ حاصل ڪيو پر ٻيون مهارتون حاصل نه هيس. ان لاء مارجي ويو. ان لاء ضروري آهي، ته ڪجهه ڌريون سياسي لائين ڏين. ٻيا ان لائين کي اڳتي وڌائين. ٻيان پارليامينٽ ۾ مسئلا ڪڻن. چوٿان بين الاقوامي فورم تي وڃي بين الاقوامي حمايت حاصل ڪن.

سوال: جي ايم سيد پارلياماني ۽ قومي سياست ٻئي ڪيون پر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ناڪام ٿيون، ان جا سبب؟

جواب: سائين جي ايم سيد سان قوم ناانصافي ڪئي. تمام قوم ذميواريون ان تي وجهي ڇڏيون ته پارليامينٽ ۾ به وڃي، سياسي شعور ۾ لائين ڏئي. تحريڪ به هلائي. سائين جي ناڪامي جو سبب به اهو هيو ته هو انهن شين کي ورهائي نه سگهيو ۽ ناڪام ٿيو.

سوال: هڪ راءِ آهي ته سائين آئيڊيلاجيسٽ طور بهتر هيو؟

جواب: راءِ ڏيندڙ جو پنهنجو خيال آهي.

سوال: سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪلاس جي وڏيرن ۽ سيدن کي اهميت ڏيندو هيو؟

جواب: هر ڪنهن جي پنهنجي سوچ ۽ انداز آهي.

سوال: سائين جون خاص خوبيون؟

جواب: هو سادگي پسند، ايماندار، سچائي ۽ عمل پسند هو.

سوال: ڇا سائين کي مستقبل تي نظر وجهڻ جي مڪمل صلاحيت نه هئي؟ ان لاءِ هن پاڪستان جي حمايت ۽ بعد ۾ سنڌوديش جي ڳالهه بغير عوامي راءِ ڄاڻڻ جي ڪئي؟

جواب: پاڪستان جي باري ۾ سائين کي سراب جيان ڌوڪو ٿيو، ان لاءِ پڇتائيندو رهيو. جڏهن ته سنڌوديش جي ڳالهه Pre Mature هئي، پر غلط نه. ڇاڪاڻ ته ليڊر ائين ڪندا آهن. هڪ ليڊر آئيڊيا ڏيندو آهي ٻيو ان تي عمل ڪرائيندو آهي، ڪجهه بهتر شڪل ڏيندو آهي، سائين جي ڳالهه سنڌوديش واري ١٩٧٠ع ۾ ته ڪجهه وقت کان اڳ جي لڳي ٿي، پر هاڻوڪي صورتحال ۾ وقت ۽ صورت پٽاندڙ آهي.

سوال: عالمي صورتحال ۾ گلوبل ايڪانامي جي نظريي تحت ننڍا ملڪ وجود رکي سگهندا؟

جواب: اٽلي جي وچ ۾ San Marino هڪ ننڍو ۽ آزاد ملڪ آهي، هزار سالن کان اردن به ڪوٽڙي تعلقي جيترو آهي. اهي وجود برقرار رکن پيا ته پيا چون. عالمي حالتون ته عدم مرڪزيت طرف وڃي رهيون آهن.

سوال: سائين جي ايم سيد اولاد ۾ وڌيڪ ڪنهن سان ويجهو هيو؟

جواب: ادي وڏي، امير حيدر شاهه ۽ درشهوار سان. اهو فطري عمل

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيو. والدين پهرين نياڻي، پهرين پٽ ۽ آخري ٻار سان وڌيڪ پيار ڪن ٿا.

سوال: درشهوار کي تعليم ڏيارڻ ۾ جي ايم سيد ۽ خاندان جو ڇا رد عمل هيو؟

جواب: سائين نياڻين کي پڙهائڻ جو حامي هو. ان خاندان ۽ دوستن جي مخالفت باوجود درشهوار کي تعليم ڏياري. سندس ويجها دوست، اسد الله شاهه ۽ روشن شاهه باجارن وارا،جيئندل شاهه اراضي وارو، حاجي محمد شاهه ڀانن وارو، بقادار شاهه متياري ء وارو. گڏجي آيا ته سائين فيصلو بدلائي، پر سائين سيني کي جواب ڏنو. ڪجهه ته آخر تائين ڪاوڙيل رهيا.

(انٽرويو وٺندڙ: ادريس جتوئي
بختيار چنا. رسالو "سنڌ لائين"
حيدرآباد-١٩٩٩ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



مرزا قليچ بيگ جي ٻن ڏهٽن فيروز مرزا جي پٽ دارا مرزا ۽ فرهاد مرزا جي پٽ
پرويز مرزا سان گڏ وچ ۾ بيٺل سيد امداد محمد شاهه، حيدر منزل ڪراچي:
1944-50ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهه، دي نيوزاخبار جو صحافي ۽ تڪبير رسالي جو صحافي
عبدالتواب شيخ: 1997ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ پنو ڊڪٽيٽرانہ سياست جو حامي هو

سائين جي ايم سيد جي فرزند ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي سابق ميمبر سيد امداد محمد شاهہ چيو آهي تہ پيپلز پارٽيءَ هميشہ سنڌين جي هڏيءَ ڪي پٽي ڇيهو رسايو آهي. هن اڳتي چيو تہ اها لٽيندڙن، ڦريندڙن ۽ ذاتي مفاد حاصل ڪندڙن جي پارٽي آهي.

دي نيوز جي نمائندي سان ڇنڇر ڏينهن ڳالهائيندي سيد امداد محمد شاهہ چيو تہ نواز شريف جي اڳئين حڪومت پنهنجي دور ۾ ڪالاباغ ڊيم جي متضاد منصوبي کي ڪڏهن بہ سامهون نہ آندو هو. جڏهن ان حڪومت کي ٽوڙي ۽ پي پي پيءَ جي حڪومت آندي وئي تہ ان پنهنجي دؤر ۾ ان مهلڪ منصوبي لاءِ ٢٠٠٠ ملين رپين جي بجيٽ مقرر ڪئي.

ان کان علاوه هن چيو تہ پي پي پي حڪومت جو مسئلن ڏانهن منافقانہ رويو رهيو. خاص ڪري قومي پيداواري وسيلن جي ورهاست ڏانهن، سنڌونديءَ جي پاڻيءَ جي حصي ڏانهن ۽ سنڌ اندر هلندڙ پيٽرول ۽ گئس جي رائلٽيءَ ڏانهن. هن جي منصوبہ بندي فقط جيالن جي خوشحالي ڪرڻ لاءِ هئي. باقي عام سنڌي ماڻهن جي ڀلائيءَ سان هن جو ڪوبہ تعلق نہ هو.

ان جي ڀيٽ ۾ نواز شريف حڪومت بهتر پاليسيون ترتيب ڏئي رهي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هئي تہ، ان کي غلام اسحاق خان زبردستيءَ معطل ڪري ڇڏيو. هن جي حڪومت جي بحاليءَ جو جيئن ئي سپريم ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ ڪيس استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو. شاهہ صاحب چيو تہ ملڪ جي تاريخ ۾ فقط ٻہ اهڙا ليڊر ڏسڻ ۾ ايندا، جن کي زوريءَ استعيفائون ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو. هڪ جنرل ايوب خان، ٻيو نواز شريف، جڏهن تہ بينظير جي حڪومت سميت ٻيون حڪومتون معطل ٿينديون رهيون. هن بينظير ڀٽو کي ڀهروٻي سڏيندي چيو تہ هوءَ جڏهن برسراِقتدار هوندي آهي تہ پاڻ کي وفاق جي علامت سڏيندي آهي ۽ جڏهن اقتدار کان ٻاهر هوندي آهي تہ لاڙڪاڻي جي "ڏيءَ" سڏائيندي آهي.

هن چيو تہ بينظير ڀٽو جي پيءُ ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم بڻجڻ جي لالچ ۾ ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي سطح تائين وٺي ويو. هن انڪشاف ڪيو تہ ١٩٧١ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي ڪيس چيو هو تہ هو شيخ مجيب الرحمان کي سندس پارٽ ڪري تہ جيئن هو اڳئين اولهہ پاڪستان جي ليڊرن مان ڪيس وڏيڪ اهميت ڏئي ۽ پنهنجي حڪومت ۾ وزيرِ دفاع جو قلمدان ڪيس سونپي، پر شيخ مجيب الرحمان اهو چئي ڇٽو انڪار ڪري ڇڏيو تہ انهن معاملن جو فيصلو پارٽي ڪندي، جنهن کان پوءِ ڀٽي اها خطرناڪ راند کيڏي. شاهہ صاحب وڌيڪ چيو تہ پي پي خود هڪ جمهوري پارٽي نہ آهي، ڇوتہ اها جڏهن کان وجود ۾ آئي آهي، تہ ان ۾ اندر ڪابہ جمهوري چونڊ وغيره ڪانہ ٿي آهي. هن واضح ڪيو تہ ڀٽو ڊڪٽيٽرانہ سياست جو حامي هو.

هن ياد ڏياريو تہ، پي پيءَ جو بنياد ذوالفقار علي ڀٽي جي موجودگيءَ ۾ شاهہ صاحب جي بنگلي تي نواب شاهہ ۾ پيو، پر ڀٽي صاحب جي ڊڪٽيٽرانہ روين ڪري شاهہ صاحب سندس پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار نہ ڪئي. نواز شريف کي ملندڙ پارٽي اڪثريت تي جڏهن شاهہ صاحب کان سوال ڪيو ويو تہ هن چيو تہ نواز شريف کي قومي اهميت وارن مسئلن تي اسيمبليءَ ۾ ٻہ ٽياڱي ٽي جي اڪثريت آسانيءَ سان ملي ويندي. جڏهن کانئس سوال ڪيو ويو تہ ڇا سنڌ صوبي ۾ جيڪڏهن پي پيءَ جي حڪومت نهي تہ ڪيئن رهندي، تہ شاهہ صاحب وراڻيو تہ اها حڪومت ان معنيٰ ۾

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪمزور حڪومت رهندي، تہ مرڪز ۾ سائنس هڪ وڏي مخالفت هوندي. جيڪڏهن پي پيءَ جا ميمبر وزارتن جي لالچ تي نواز ليگ سان ساٿ ڏئي حڪومت ٺاهن ٿا تہ اُها بہ ايتري مضبوط ۽ آزاد نہ هوندي، جيتري نواز ليگ، پاڪستان مسلم ليگ پاڳارو ۽ ٻيا آزاد ميمبر گڏجي ٺاهن تہ اُها وڌيڪ مضبوط ۽ فيصلن ڪرڻ ۾ آزاد حڪومت رهندي.

جڏهن شاهہ صاحب کان پڇيو ويو تہ جيڪڏهن قومي موومينٽ وارن مان ڪو وزيراعليٰ سنڌ بڻجي، تہ سنڌي ماڻهو ان کي تسليم ڪندا، تہ شاهہ صاحب چيو تہ بلڪل چونہ ڪندا. جڏهن تہ شاهہ ۽ جتوئي بہ اصل ٻاهران اچي ۽ سنڌ ۾ رهيا، انهن کي وزيراعليٰ طور تسليم ڪيو ويو وچي تہ اردو ڳالهائيندڙن کي سنڌي بطور وزيراعليٰ جي چونہ مڃيندا. هن چيو تہ سواءِ ڪنهن بہ زبان جي فرق جي جيڪي بہ سنڌ اندر رهن ٿا انهن کي سنڌ جي حقن جي حفاظت جو هڪجيترو حق آهي. ان حوالي سان انهن کي سنڌ تي حڪمراني ڪرڻ جوبہ هڪجيترو ئي حق آهي. هن چيو تہ سنڌ جي مهاجرن، ايم ڪيو ايم کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو آهي، جڏهن تہ پي پي پيءَ ۽ مسلم ليگ پڻ پنهنجي پنهنجي حيثيت سان ڪاميابيون ماڻيون آهن.

امداد محمد شاهہ چيو تہ توڙي جو عبدالله شاهہ بحيثيت وزيراعليٰ سنڌ رهيو، پر پوءِ بہ شاهہ صاحب جي وڏي فرزند جلال محمود شاهہ ان کي تمام ڀاري اڪثريت سان شڪست ڏني آهي. هن چيو تہ عبدالله شاهہ وزيراعليٰ هئڻ دوران پنهنجي مخالفن کي انتقام جو نشانو بڻايو. ان وقت سن ۾ اسان جي جائدادن تي قبضا ڪرايا ويا ۽ اسان جي ساٿين کي گرفتار ڪري ۽ حراس ڪيو تي ويو. هن وڌيڪ تفصيل ۾ ويندي چيو تہ سندس هڪ عزيز شاهہ صاحب جي بنگلي تي بہ ان ئي وقت انتقام طور قبضو ڪرايو ويو هو، جيڪو حڪومت جي معطليءَ کان پوءِ آجو ٿي مليو. اهو انهن ظلمن جو نتيجو ئي هو جو سيد جلال محمود شاهہ، عبدالله شاهہ کي سندس ئي حلقي مان شڪست ڏني.

شاهہ صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ قومپرست، ماڻهن جون عقيدتون ۽ همدرديون ايتريون حاصل نہ ڪري سگهيا آهن، جو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو ڪين ووٽ ڪن. قومپرست نواز شريف اڳيان عوام جا مسئلا بہ ان ڪري پيش ڪري نہ ٿا سگهن جو عوام ڪين بحيثيت پنهنجي نمائندي جي چونڊيو ئي ناهي.

شاهہ صاحب چيو تہ، آءُ اهڙو ڪيس عبدالله شاهہ خلاف داخل ڪرڻ جو سوچي رهيو آهيان تہ هُن جي (عبدالله شاهہ جي) جي ظالمانہ رويي جي ڪري منهنجي والد محترم جي ايم سيد جو موت واقع ٿيو آهي. چوڻ بقول، شاهہ صاحب جي تہ محترم جي ايم سيد جي ٻاهر علاج لاءِ وڃڻ جي اجازت واري معاملي کي عبدالله شاهہ بحيثيت وزيراعليٰ ايترو تاريندو ۽ طول ڏيندو رهيو جو جي ايم سيد صاحب کي وقت سر اهڙي اجازت نہ ملي سگهڻ ئي سندس موت جو سبب بنيو.

انور شيخ / مترجم مير محمد پيرزادو
دي نيوز انٽرنيشنل، ڪراچي
۹ فيبروري، آچر ۱۹۹۷ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ جسقم ۽ متحده جو سنڌ جي ٽن مسئلن تي اتحاد سٺو عمل آهي

سائين جي ايم سيد جي پٽ سيد امداد محمد شاهه چيو آهي تہ، اهو متحده قومي موومينٽ ۽ جسقم جو اتحاد، الطاف حسين جي اسرار تي ٿيو آهي، جنهن ۾ طئي ٿيو آهي تہ هنن ٽن مکيہ مسئلن تي گڏجي ڪم ڪجي. ڪالاباغ ڊيم، آدمشماريءَ جا انگ اکر ۽ قومي فائنانس اوارڊ.

ان گڏجاڻيءَ ۾ اهو پڻ طئي ٿيو تہ ٻهارين ڪي پاڪستان گهرائڻ وارو مسئلو ۽ ڪوٽا سسٽم وارو مسئلو ٻئي درجي جي اهميت رکن ٿا، ان ڪري انهن مسئلن ڪي في الحال نہ ٿو ڇيڙيو وڃي. هن ڇنڇر ڏينهن سنڌس نوابشاهہ واري رهائشگاهہ تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ انهن جو آئينده جو اهو قدم ٿيندو تہ پناڻ ۽ بلوچ قومپرستن ڪي ان اتحاد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪجي تہ جيئن وچ ۾ پيدا ٿيل غلط فهميون دور ڪري سگهجن.

هن چيو تہ باقاعده اتحاد ٿيڻ کان اڳ ۾ وڏيڪ ڳالهيون نہ ٿيون، پر متحده جا ليڊر انهن ٽنهي مکيہ مسئلن تي گڏجي جدوجهد ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ باقي مسئلن ڪي ٻئي نمبر جي اهميت وارو قرار ڏيئي ۽ اڳتي هٿ ۾ کڻڻ چاهين ٿا. باقي حيدر منزل تي فقط تعرفي ملاقات ۽ ڳالهيون ٻوليون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٿيون. شاهہ صاحب چيو تہ ١٩٤٠ع واري قرارداد پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياريءَ جو چٽو اقرار ٿيل آهي، پر ان جي ابتڙ موجوده وفاقي نظام هيٺ رهندي صوبن تمام گهڻو پوڙهيو آهي. هن چيو تہ صوبن وچ ۾ غلط فهمين ۽ رنجشن جو سبب، قومي پيداواري ذريعن جي اڻبرابريءَ واري ورڇ آهي. ڪالاباغ متعلق امداد محمد شاهہ جو مؤقف هو تہ ٻنهين پارٽين پي پي پيءَ ۽ مسلم ليگ جون پاليسيون هڪجهڙيون رهيون آهن. نواز شريف بہ ان کي ڪنيون آهي تہ بينظير صاحبہ بہ پنهنجي دور حڪومت ۾ ان ڊيم جي تعمير لاءِ بجيٽ ۾ ٢٠٠٠ ملين رپين جي گنجائش رکي هئي. شاهہ صاحب چيو تہ ڪالاباغ ڊيم تي بينظير صاحبہ جي ٻٽي معيار واري پاليسي آهي. هن چيو تہ هوءَ سنڌ ۾ ڊيم جي مسئلي تي سياست ڪري رهي آهي، پر پنجاب ۾ ان موضوع تي خاموشي اختيار ڪري ٿي.

هن وڌيڪ چيو تہ بينظير صاحبہ ڊيم جي مسئلي تي سندس پارٽيءَ جي ڪا واضح پاليسي بيان نہ ڪئي آهي، پر سنڌ اسيمبليءَ جا پي پي جا ميمبر خود سنڌ اسيمبليءَ جي ان سيشن ۾ غير حاضر رهيا، جنهن ۾ ڊيم تي رزوليوشن پاس ڪرئو هو، جنهن منجهان ان مسئلي تي سندن منجهيل پاليسي واضح ٿئي ٿي.

جڏهن ڪانئس گورنر راڄ متعلق پڇيو ويو تہ هن چيو تہ ان جو وڌيڪ برو اثر ٻين پارٽين جي ڀيٽ ۾ مسلم ليگ (ن) جي ميمبرن تي ٿي پوندو. هن چيو تہ منهنجي اندازي موجب، آدمشماري اٽڪل ١٠ في صد گهٽائي ظاهر ڪئي وئي آهي، جنهن جو اثر اسان جي مرڪز واري فنڊ جي حصي تي پوندو. هن چيو تہ منهنجي اندازي مطابق فقط ڪراچيءَ جي آدمشماري ئي ١٠٠ ملين هوندي، پر نتيجن مان واضح ٿئي ٿو تہ ان کي گهٽائي ڏيکاريو ويو آهي جڏهن ڪانئس سنڌ جي آزاديءَ متعلق سوال ڪيو ويو تہ هن چيو تہ، اها خودڪشيءَ جي مترادف گهر آهي، جوتہ موجوده حالتن ۾ آزاد سنڌ جو جياپو مشڪل ٿي سگهي.

شاهہ صاحب چيو تہ متحده قومي موومينٽ جو پي پي پيءَ سان ۽ مسلم ليگ سان اتحاد ٽيڻ ۽ وري ٽٽي وڃڻ، اقتداري سياست جو حصو آهي. هن چيو تہ هينئر وارو اتحاد پي پي پيءَ جي ووٽرن کي بہ پاڻ ڏانهن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇڪيندو، ڇوته هن (پي پي پيءَ) انهن کي هميشه غلطفهمين ۾ مبتلا پئي رکيو آهي. هن چيو ته ولي خان جي ڪالاباغ ڊيم خلاف اعلانيل ريليءَ ۾ اسان پڻ پنهنجي شموليت جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو ته جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) ۽ متحده قومي موومينٽ (ايم.ڪيو.ايم) ان جي خلاف گڏجي جدوجهد هلائيندايون. هن چيو ته جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي عملن کي بلڪل بند ڪيو ويو هو، پر پوءِ جيئن ته اُها ٻين صوبن ۾ به پکڙجي ويئي، تنهن ڪري هينئر ان جي سياسي عملن تي ڪابه پابندي نه آهي. هن اتحاد جي ميمبرن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته شايد کين گرفتار ڪيو ويندو ۽ سنڌ اسيمبلي معطل ڪئي ويندي، پر پوءِ به فيصلو اهو ڪيو ويو ته گڏيل جدوجهد کي جاري رکيو ويندو.

شاهه صاحب واضح ڪيو ته ان اتحاد لاءِ گهرايل ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندڙ هئا. ڊاڪٽر فاروق ستار، سينيٽر آفتاب شيخ، بشير خان قريشي، عبدالواحد آريسر ۽ جلال محمود شاهه. هن چيو ته مون (امداد محمد شاهه) اها ميٽنگ هڪ مبصر جي حيثيت ۾ اٽينڊ ڪئي، پر هن چيوته جيڪڏهن اهڙي آڇ ٿي ته هو قومپرستن جي ليڊر طور ذميواريون پڻ سرانجام ڏيندو.

انور شيخ / مترجم: مير محمد پيرزادو
(دي نيوز انٽرنيشنل ڪراچي ١٩ جولاءِ ١٩٩٦ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امداد محمد شاهه،
آنٽي سونا مائي دباش ۽ سيد
امير حيدر شاهه، بنگلو
وڪٽوريه روڊ اڇڪلهه
ميٽروپول هوٽل.
1948ع

سيد امداد محمد شاهه
سونا مائي دباش
۽ ان جي ڌيءُ مس مهر
پستنجي دباش جيڪا
ان وقت ٽينس ٻيڊنڊز
انڊيا جي ٻيو نمبر
رانديڪر ڇوڪري هئي.
ڪراچي: 1948ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ وس نهين چلدا،
حجت نهين هلدي

اسان جي پياري سُهيل ميمڻ، روزاني ”سنڌ“ اخبار ۾ شايع ڪرايل پنهنجي ڪليل خط ۾ مون سان مخاطب ٿيندي، خط ۾ چند حقيتون، ڳالهيون. حوالا ۽ رايا ظاهر ڪيا آهن. جيڪي منهنجي نظر مان گذريا ۽ جيڪي منهنجي نظر ۾ اٽپورا، اڌورا ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن. هن نوجوان ننڍي ڪند جا مثال پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سياست سياسي خاندانن ۾ ورثي وانگر منتقل ٿيندي رهي آهي ۽ خاندان سياسي وراثت تي رهيا آهن. جنهن راءِ سان آئون متفق نہ ٿي سگهان. ها! اهو ضرور چوندس تہ ڪافي خاندانن جا فرد پنهنجي وڏيرڪي اثر رسوخ جي ڪري، سنڌ ۾ چوندجي آيا آهن ۽ ايندا رهن ٿا. انهن خاندانن کي سياسي پس منظر ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي، مگر ذاتي اثر رسوخ ۽ دٻدٻو ضرور رهيو آهي. جنهن جي بنياد تي هو وقت بہ وقت چوندجي اچن ٿا. سياسي پسمنظر جي سلسلي ۾ چوندجي سند ۾ اچن ها تہ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جا خانداني فرد. ڪامريڊ عبدالقادر بلوچ جا فرد. چاچي محمد امين کوسي جي خاندان جا فرد. مولوي محمد معاذ نوابشاهہ واري جي خاندان جا فرد. شڪارپور جي شيخ واجد علي خان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي خاندان جا فرد هوند، سنڌ اسيمبليءَ ۾ ويٺل ڏسون ها، مگر منجهانئن ڪوبہ ناهي، پر جيڪي ٦٥ سيڪڙو وڏيرا سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي اچن ٿا، اهي پنهنجي پيري مريديءَ، راڄ داريءَ، سرداريءَ ۽ زمينداريءَ جي ڏاڍ ۽ دٻدٻي جي بنياد تي چونڊجي اچن ٿا. انهن جو سياست سان تسلسل بلڪل نہ آهي.

هندوستان ۽ سري لنڪا جي خاندانن جي ذڪر ۾ نهرو خاندان جي باري ۾ سهيل ميمڻ جي ڄاڻ نامڪمل ۽ اڻپوري آهي. ڪيس اها بہ خبر ناهي تہ نهرو خاندان جو پهريون فرد جنهن هندوستان جي آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي، اهو پنڊت موتي لعل نهرو هو ۽ انهيءَ سان گڏ سندس پٽ جواهر لال نهرو بہ اڳتي وڌيو. جنهن تسلسل کي شريمتي اندراگانڌيءَ قائم رکيو. اندرا گانڌيءَ جو فرزند راجيو گانڌي جيئن تہ سندس ماءُ اندرا گانڌيءَ جي قتل جي ڪري هندوستاني عوام جي جذباتي سوچ جي ڪري چونڊجي آيو. ڪين آل انڊيا ڪانگريس پارٽيءَ جي هڪ صديءَ جي سياسي تسلسل جي حمايت آهي ۽ هينئر سونيا گانڌي جيڪا سندس خانداني واسطي کي قائم رکڻ خاطر ڪانگريس ۾ نئون روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، راجيو گانڌيءَ جي ڌيءَ پريانڪا صرف راجيو گانڌيءَ جي ڌيءَ آهي. انهيءَ کان وڌيڪ سندس سياسي پس منظر ڪجهہ بہ ناهي.

سُهيل ميمڻ سري لنڪا جي سياسي حوالي ۾ وزيراعظم سري مابندرانائڪي ۽ سندس نياڻي چندريڪا ڪمارا ٽونگا جو ذڪر ڪيو آهي، پر شايد ڪيس اها ڄاڻ ناهي تہ سريلنڪا جي آزاديءَ جي جدوجهد هڪ ترقي پسند سريلنڪا فريڊم پارٽيءَ ڪئي هئي ۽ انهيءَ پارٽيءَ جو هڪ ليڊر مسٽر بندرانائڪي وزيراعظم چونڊيو. اهو ملڪ جي سربراهہ جي حيثيت ۾ قتل ڪيو ويو هو. جيئن تہ فريڊم پارٽيءَ جي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئي ۽ سندس گهر واري سري مابندرا نائڪي سندس زال سان گڏوگڏ سياسي ٻانهن ٻيلي رهي هئي، تنهن ڪري فريڊم پارٽيءَ بندرانائڪيءَ کي وزيراعظم چونڊيو. هن وقت سري ما بندرانائڪي واري وزيراعظم آهي ۽ اهي عهدا ڪين سندس پارٽيءَ ۾ اڪثريت هئڻ جي ڪري مليا آهن، نہ ئي ڪي خانداني وراثت جي ڪري.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بنگلاديش جي سياست ۾ شيخ مجيب الرحمان صدر ۽ بعد ۾ وزيراعظم چونڊيو تہ، اهو عوامي ليگ جي صدر جي حيثيت سان چونڊيو ويو هو. شيخ مجيب الرحمان جي شهادت کان پوءِ عوامي ليگ. مسلسل سياسي جدوجهد ذريعي اليڪشنون وڙهندي ۽ فوجي آمريت سان مقابلو ڪندي رهي. شيخ حسينا واجد بہ هڪ سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ انهن سان ساٿ ڏيندي رهي. حالانڪہ عوامي ليگ ۾ ڪانٽس ڀيا ڪيترائي سينيئر ليڊر هئا. جيڪي فوج جي خوف کان يا تہ سياست کان پاسيرا ٿي ويا. يا وچي فوجي حڪومت ۾ شامل ٿيا. حسينا واجد جي سياسي جدوجهد ۽ پارٽيءَ جي ڪاميابي ڪانپوءِ پاڻ ملڪ جي وزيراعظم ٿي آهي، تنهن ڪري حسينا واجد يا نهروءَ خاندان، خانداني وراثت جي سلسلي ۾ ڪونہ آيا، پر سياسي اثر رسوخ ۽ پارٽيءَ ۾ اڪثريت جي ڪري اچن ٿا.

سهيل ميمڻ پنهنجي هن خط ۾ سائين جي ايم سيد جي خانداني اثر رسوخ تحت اسيمبليءَ ۾ اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جيتري قدر سندس استعمال ٿيل لفظ "خانداني اثر رسوخ" منسوب ڪرڻ سان متفق آهيان، تہ ان باري ۾ بہ آئون هي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ، سنڌ جي ماڻهن ۾ سائين جي ايم سيد جي سياسي نظرين جي سڃاڻپ ۽ قدرن جو تعلق بہ هي رهيو آهي تہ، انهن سائين جو قدر اهو ڪيو جو هڪڙي قبائلي سردار جي هٿان ڪين شڪست ڏنائون. پنجاب جا پنجابي، سائين جي ايم سيد جي سياسي نظرين کان بلڪل گهٽ واقف آهن ۽ اهي سيد جي نظريي کي انهيءَ نقطئہ نظر سان ڏسن ٿا تہ، هي جيڪو سيد جو نظريو آهي، اهو اسان جي سامراجيت کي اگهاڙو ڪري ٿو. هو (پنجابي) پنهنجي دوست توڙي مخالف جي پوري ڄاڻ رکن ٿا، تنهن ڪري پنجاب وارا پنهنجي نفرت يا مخالفت انهيءَ نظر سان رکن ٿا. هتي هيءَ ڳالهہ بہ ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ، سائين جي ايم سيد جا ڪتاب ۽ انهن جا ترجمان جيترا پنجاب ۾ ڇپيا ۽ پڙهيا وڃن ٿا، ايتري ڳاڻاٽي ۾ سنڌ اندر مفت تہ گهڻا ورهايا ويا هوندا، پر ايترا خريد ڪونہ ڪيا ويا آهن، جيترا ڪتاب پنجاب ۾ خريد ڪيا ۽ پڙهيا وڃن ٿا.

هن نوجوان جو چوڻ تہ، خاندان ۽ ذاتي واسطا ملڪي سياست ۽

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪڏهن بين الاقوامي سياست ۾ وڏي حيثيت ۽ مقام رکن ٿا، تنهن سان آئون متفق نٿو ٿي سگهان. جڏهن ته سهيل ميمڻ مثال به ڏنو آهي ته مارشل لا جي ڦهري دور ۾ به، ڪيترا ڪرپٽ سياستدان جنرلن سان واسطو رکڻ ڪري، بچي ويندا آهن ۽ کين سرٽيفڪيٽ ملندا آهن. آئون هتي واضح ڪندو هلان ته بچيا ضرور هوندا، نه ڪي ذاتي واسطن تي، پر ان ۾ بچڻ جي يڪسانيت جو عنصر به ڪرپشن جو رهيو ۽ انهن کي بچايو به ڪرپشن جي بنياد تي ڪرپٽ جرنلن هوندو، پر ايماندار جرنلن ڪڏهن کين بچايو هوندو. جيتري قدر هيو مثال بين الاقوامي طور تي ذاتي واسطن هجڻ جو آهي، جنهن تحت شملا ٺاهه ٿيو ته ذاتي واسطو ذوالفقار علي ڀٽو يا سندس خاندان جو شريمتي اندرا گانڌيءَ ۽ سندس خاندان سان ڪوبه نه رهيو. مگر سندن خاندان جي روايت هندوستاني ليڊرشپ جي اڳيان واضح هئي ته، ڀٽو خاندان ان وقت انگريز جي ايجنٽي ۾ پيش پيش هو. ان وقت ذوالفقار ڀٽو پنجاب ۽ فوج جي ايجنٽي ۾ پيش پيش هو، تنهن ڪري ايجنٽ سان شرط، اندرا گانڌيءَ پنجاب جي فوجي آمريت سان طئه ڪيا، جنهن مطابق سندن فوجي آزاد ٿيا. شملا ٺاهه کي ڪڏهن به پاڪستان جي مفاد ۽ قوميت جي ٺاهه ۾ سڏي نٿو سگهجي. انهيءَ ٺاهه مطابق ذوالفقار ڀٽي، پاڪستان پاران عهدنامو ڪيو ته، بين الاقوامي فورم ۾ ڪشمير جو مسئلو ڪڏهن به ڪونه اٿارينداسون ۽ باهمي گفتگوءَ ۾ آڻينداسون. حڪومت پاڪستان جو ڪيس بين الاقوامي اداري اقوام متحده ۾ انهيءَ ڪري ئي ڪمزور آهي ته شملا ٺاهه تحت اسين ڪشمير تان دستبردار ٿي چڪا آهيون ۽ مذڪوره معاهدي جي ذڪر ڪرڻ مهل ته اسين خود اعتراف ڪيون ٿا ته، ڪو ڪشمير تي باقي تنازعو ڪو رهيو آهي! اسين ڪوڙا ڏتا ۽ دلاسا ڏئي ڪشميري مسلمانن کي مارائي ضرور رهيا آهيون ۽ هندوستان کي سياسي طرح مٿي جو سور ضرور وجهي رهيا آهيون، پر اقوام متحده ۾ ڪشمير جو ڪيس بين الاقوامي طرح سان ڪمزور آهي.

سهيل ميمڻ پنهنجي ٽئين نقطي ۾ ذڪر ڪيو آهي، ته سائين جي ايم سيد کي ذوالفقار علي ڀٽي سفارتي پاسپورٽ به ٺهرائي ڏنو ۽ اها پڻ گذارش ڪئي ته مون سان گڏجي هندوستان هل. ان سلسلي ۾ آئون واضح

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪندو هلان تہ ڪيس ياد هجڻ ڪپي تہ سائين جي ايم سيد هندوستان وڃڻ قبول بہ ڪيو، مگر اندرا گانڌيءَ سان گفتگو ڪرڻ ۽ ڳالهہ ڪرڻ جي ايجنڊا گهري هئي، جيڪا ذوالفقار علي ڀٽو نہ ڏئي سگهيو، ڇوتہ هن وٽ پنهنجي هٿ ۾ ڪجهہ ڪونہ هو. ڀٽي رڳو ماڻهن کي ڏيکارڻ چاهيو ٿي تہ، آئون پنجاب جي ايجنٽي ڪرڻ لاءِ سائين جي ايم سيد کي ساڻ وٺي، ذاتي تعلقات جو اثر استعمال ڪرڻ گهران ٿو. سائين جي ايم سيد ڪيس پيش ڪش ڪئي تہ واقعي جيڪڏهن هندوستان سان تعلقات سڌارڻا آهن تہ، پوءِ مون کي پهرين موڪليو وڃي تہ، آئون ايجنڊا مطابق هن جي سوچ هموار ڪريان ۽ اوهان جي انهيءَ ايجنڊا ۾ طئہ ٿيل ڳالهين جي پٺاندڙ عهدنامون ڪريون. جنهن جي اجازت ڀٽي صاحب کي پنهنجي آڏو ڪانہ ڏني. جنهن ڪري ڀٽي صاحب آخري وقت سائين سفارتي پاسپورٽ بہ رد ڪيو ۽ سائينءَ جو تعاون ۽ اثر رسوخ بہ استعمال ڪري نہ سگهيو.

پنهنجي خط جي ٽئين نقطي ۾ هن نوجوان وڏيڪ لکيو آهي تہ سائين جي ايم سيد وٽ شيخ مجيب الرحمان ڪراچيءَ ۾ حيدر منزل تي آيو ۽ حيدر منزل جي مٿئين ٽيبل هال ۾ ماني کائڻ جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس. جيڪو درست ناهي. شيخ مجيب الرحمان جي دعوت انٽرڪانٽينينٽل هوٽل ۾ سائين جي ايم سيد طرفان ڪئي وئي هئي. جڏهن تہ حيدر منزل جي اڱڻ ۾ شامياني هيٺ منجهند جي ماني جو بندوبست ڪيو ويو هو. جنهن ۾ سائين جا دوست ۽ اسين آل پاڪستان عوامي ليگ جا ميمبر، گڏ شامل ٿيا هئاسين. خط جي ٽئين نقطي جي ٻئي حصي ۾ سهيل، يحيٰ خان ۽ ذوالفقار ڀٽي جي ڊرگ بالا ڊنيد تي شڪار جي بهاني منصوبي ٺاهڻ ۽ بنگالين کي ڪنهن بہ صورت ۾ پاڪستان ۾ حڪومت نہ ڪرڻ جي فيصلي بابت، سائين جي ايم سيد جي بنگال اچڻ جو حوالو ڏنو آهي. سائين جي ايم سيد برابر بنگال، ان وقت جي مشرقي پاڪستان، آيو هو ۽ مون کي پيار علي الانا جي معرفت نياپو موڪليو هئائين تہ تون ۽ قاضي فيض محمد واپس نہ اچو، مون کي ڪجهہ شيخ مجيب الرحمان سان ڳالهائڻو آهي. اوهين انهن ڳالهين ۾ شريڪ رهجو. (ياد رهي تہ قاضي فيض محمد مرحوم ۽ آئون انهيءَ وقت بنگال ۾ آل پاڪستان عوامي ليگ جي ميٽنگ ۾ ويا هئاسون. اسان ڪيس ٻڌايو هو تہ،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

واپس اچي رهيا آهيون. تنهن ڪري پيار علي الانا جي معرفت اهڙي نياپي موڪلڻ جي سائين جي ايم سيد کي ضرورت پئي هئي.)

خط ۾ سهيل ميمڻ جيڪا اتي ولي خان ۽ سندس پاليسيءَ تي راءِ زني ڪئي آهي، اها سهيل ميمڻ جي ذاتي راءِ زني آهي. بنگال ۾ سائين جي ايم سيد جي گفتگو جيڪا شيخ مجيب الرحمان سان ٿي، تنهن ۾ اهڙو ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿيو هو. سائين رڳو شيخ مجيب الرحمان کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ پنجاب ۽ فوج فيصلو ڪيو آهي تہ، مجيب الرحمان کي حڪومت نہ ڏني ويندي ۽ ملڪ ۾ قتل و غارت ڪري ۽ جمهوري قوتن کي ڪچليو ۽ دٻايو ويندو. ولي خان جو ذڪر صرف انهيءَ حد تائين سائينءَ ڪيو هو تہ مون جنهن مهل ولي خان کي چيو هو تہ تون پاڪستان ۾ ڇهن نقطن مطابق صوبائي خودمختياريءَ جي حمايت ڪر تہ خان عبدالولي خان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ ڇهن نقطن مطابق صوبائي خودمختياري بنگال ۽ سنڌ جي مفادن ۾ تمام سٺي ٿيندي، پر پٺاڻن لاءِ هاڃيڪار ٿيندي، تنهن ڪري آئون جملي ڇهن نقطن تي متفق نٿو ٿي سگهان، جنهن ۾ ولي خان اهو واضح ڪيو تہ هڪڙو نقطو "فلائيٽ آف ڪيپيٽل. يعني "ناڻي جي منتقلي، هڪڙي صوبي کان ٻئي صوبي ۾ نہ ٿيڻ گهرجي" تي آئون ڪڏهن بہ متفق نہ ٿو ٿي سگهان. ولي خان اهو بہ چيو تہ شاهہ صاحب! توهان کي اها خبر شايد نہ آهي تہ پٺاڻ جيڪي اڪيلي ڪوٽڙيءَ جي تعلقي جي ڪارخانن ۾ مزدوري ڪن ٿا. اُهي هر مهيني اٽڪل هڪ ڪروڙ رپيا پنهنجي صوبي ۾ مني آرڊرن ذريعي موڪلين ٿا. اهڙيءَ طرح ٻين شهرن مان بہ ڪافي رقم اچي ٿي. اها خبر جڏهن پٺاڻن کي پوندي تہ، اسان جي خاندانن جي روزگار تي ولي خان لت هڻڻ جي حمايت ڪري ٿو تہ، هو تہ منهنجا قاتل ٿيندا. اهو نقطو صوبي سنڌ ۽ بنگال جي مفادن ۾ ضرور آهي، پر اسان پٺاڻن جي مفادن ۾ ناهي.

خط جي آخر ۾ سهيل ميمڻ مون کي مشورو ڏنو آهي تہ، عوامي ليگ ۾ رهڻ ڪري، عوامي ليڊرشپ ۽ شيخ حسينا واجد تي ذاتي اثر رسوخ استعمال ڪريان تہ، بهارين کي هيڏانهن يعني پاڪستان يا سنڌ ۾ نہ ڇڏين. هتي آئون واضح ڪريان تہ قومن جا ملڪي مفاد ۽ سياسي مفاد بہ جدا جدا شيون آهن، انهن تي ذاتي اثر رسوخ ڪڏهن بہ حاوي ٿي نٿو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سگهي. هر ليڊر ۽ هر پارٽي پنهنجي ملڪ جي سياسي، اقتصادي مفادن کي ذاتي تعلقاتن جي بنياد تي قربان ڪونہ ڪندا آهن. جڏهن هندوستان ۽ چين جي سرحدن جو تنازعو شروع ٿيو ۽ جنگ لڳي تہ، ڪن هندوستان جي ليڊرن پنڊت جواهر لعل نهروءَ کي مشورو ڏنو تہ تنهنجي دوستي چين جي وزيراعظم چو اين لائي سان آهي، اها استعمال ڪري تون جنگ کي بند ۽ ختم ڪرائي سگهين ٿو ۽ ائين ڪر. تنهن تي پاڻ ڪين چيائون تہ، هو چين جو وزيراعظم آهي ۽ آئون هندوستان جو وزيراعظم آهيان. جهڙي طرح آئون هندستان جي مفادن سان غداري ڪري نٿو سگهان، اهڙي طرح چو اين لائي جيڪو هن وقت چين جو وزيراعظم آهي، چين سان غداري ڪري نہ سگهندو. منهنجو دوستيءَ جو ناتو ۽ ذاتي اثر رسوخ استعمال ڪرڻ انتهائي بيوقوفي ، نالائقي ۽ گڏهہ پائي جي عقل مثل ٿيندو، تنهن ڪري اهي بيوقوفي جون ڳالهيون مون سان نہ ڪريو. اچو تہ گڏجي هندوستان جو دفاع ڪريون. سو اهڙي طرح هن وقت بنگالي جي وزيراعظم حسينا واجد ۽ عوامي ليگ تي پنهنجو ذاتي ۽ خانداني اثر رسوخ استعمال ڪرڻ واري ڪوشش پڻ اهڙي ئي ڪم عقلي ۽ گڏهہ پائي ٿيندي، جهڙي پنڊت جواهر لعل نهرو هندوستان جي ليڊرن کي ٻڌائي.

هتي ڳوٺ مجيد ڪيريو ۾ آئون رهندڙ آهيان ۽ وڏيري محمد عمر ڪيريي سان اسان جا تعلقات پائرن جهڙا آهن ۽ اسان جي زمين دنگائي لاڳيتي آهي. آئون وڏيري محمد عمر ڪيريي سان اها حجت ڪريان تہ تنهنجي زمين ۾، جيڪي پٽي پيلي مان سوئر اچي، فصل جو نقصان ڪن ٿا، انهن کي تون نہ تڙي ڪڍ، چوتہ اهي منهنجي زمين ۾ اچي زيان ڪندا، تنهن ڪري سيڪو پنهنجي مفاد جو تحفظ ڪندو ۽ سوچيندو، اهڙو مطالبو ڪرڻ بيوقوفيءَ جي برابر ئي آهي. توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ بهاري پنجاهہ سال بنگال جي سرزمين تي رهيا، جن مان اڪثريت پيدا بہ بنگال ۾ ٿي آهي، پر پوءِ بہ اڄ ڏينهن تائين بهاري بنگال دشمني ڪري رهيا آهن ۽ بنگال جي مفادن کي نقصان ڏئي رهيا آهن، تنهن ڪري بنگالين کي ڪيترو بہ چڱجي تہ اهي ماٺهو بهاري اسان جو نقصان ڪندا، توهان اسان جي پاران، پنهنجو نقصان برداشت ڪريو، اهو غلط ٿيندو، بنگالي پرائي مصيبت پنهنجي ڳچيءَ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ڇالاءِ رڪندا ۽ وجهندا. بهارين جو بنگال مان نڪري وڃڻ هنن بنگالين جي مٿي جو سور گهٽ ڪندو انهيءَ ڪري اهڙي حجت غلط آهي.

نوجوان سهيل ميمڻ جذباتي ٿي خط لکيو آهي، جنهن ۾ عملي ڳالهيون گهٽ، جذباتي وڌيڪ آهن. اميد تہ سهيل ميمڻ ۽ پڙهندڙ منهنجي خط جي جواب تي ويچار ۽ راءِ قائم ڪندا. آئون سنڌ جي رهواسين کي اپيل ڪندس تہ هو گڏجي سنڌ جي مفادن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪن ۽ سنڌ مان چونڊيل ميمبرن تي دٻاءُ ۽ پريشر قائم ڪن تہ جيئن بهارين کي سنڌ ۾ اچڻ کان روڪين ۽ اسيمبلين ۾ آواز اٿارين.

(سيد امداد محمد شاهہ، سهيل ميمڻ
جي خط جي جواب ۾ روزانہ "سنڌ"
حيدرآباد جي ٢٠ فيبروري ١٩٩٨ع واري
اشاعت ۾ شايع ٿيل)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

■ قاضي فيض محمد سان گذاريل ڏينهن

قاضي فيض محمد، يتيمي جي حيثيت ۾ هالاڻي (موجوده ضلعو نوشهرو) ۾ پرورش پاتي. ننڍڙو هو تہ، سندس والد فوت ٿي ويو، جيڪو والده جي سرپرستي ۾ رهيو، سندس والده ڪي ٻيو اولاد بعد ۾ نڪاح مان پيدا ٿيو. قاضي صاحب ننڍي هوندي کان وٺي صوفي استادن جي اثر هيٺ تعليم پاتي، سندس طبعي لاڙو، صوفي منش ڏانهن هو. پڪي راڳ جو شوقين هو، ان اوائلي دور ۾ پڪي راڳ جي تربيت حاصل ڪئي هئي. بزم صوفياءِ سنڌ جي ڀٽ شاهہ ۾ ٿيل ڪانفرنس جي موقعي تي پڪي راڳ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙو راڳ پيش ڪيو ليڪن وڏي عمر ۽ رياض نہ هئڻ ڪري ڪو خاص اثر نہ ڇڏيو. قاضي فيض محمد جي هالاڻيءَ مان هجرت جو سبب وڏيرڪو جبر هو، جو پاڻ هڪ طرف نوشهرو ۽ ڪنڊيارو ۾ وڪالت ڪندو هو تہ، ٻئي طرف هارين ۽ مزدورن جي تحريڪن سان لاڳاپيل هئڻ ڪري وڏي چڙهي حصو وٺندو هو. انهيءَ وقت ڪنڊياري ۾ حاجي غلام نبي ڏهراج، جيڪو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر (ايم ايل اي) هو اهو سخت قسم جو وڏيرو لکيو ويندو هو، جيڪو ڪنهن وقت خود ١١٠ ۾ پڻ چالان ٿيل بہ هو، جنهن سان قاضي فيض محمد جي نيڪ نامي ۽ ايرنڌڙ خيالن کان

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

گهرائجي، سندس خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو، جنهن ۾ وڏيري غلام نبي ڏهراج دادو جي موجوده اسيمبلي ميمبر حاجي امير بخش جوٽيجي جي والد امام بخش جوٽيجي، جيڪو صوبيدار هو، تنهن کان اهو ڪيس ڪرايو. صوبيدار ڪجهه ماڻهو فريادي بنائي، قاضي فيض محمد جي پنهنجي مينهن جيڪا سندس گهر ۾ ٻڌل هئي، جنهن لاءِ چيو ته قاضي اها ڦر ڪئي آهي، جنهن ڪيس ۾ قاضي فيض محمد کي چالان ڪيو ويو، ليڪن خوش قسمتيءَ سان انهيءَ تاريخ تي ۽ تائيم تي قاضي صاحب محمد بچل ميمڻ جج جهڙي باهمت ماڻهوءَ وٽ نوشهري ۾ ڪيس هلائي رهيو هو، جنهن نه صرف موڪل هوندي به آچر ڏينهن تي ٿي سندس ضمانت ڪنئين، بلڪه مٿي اهڙي ڪوڙي ڪيل ڪيس جي شڪايت پڻ ڪئي، جنهن تي صوبيدار امام بخش جوٽيجي تي ڪيس داخل ٿيو، جيڪو صوبيدار واري نوڪري ڇڏي ڳوٺ ويٺو ٿيو، جنهن بعد به غلام نبي وڏيري کي آرام نه آيو ۽ قاضي صاحب جي گهر ۾ ڌاڙو هڻايو ويو، جنهن ۾ قاضي صاحب جي عمر رسيده والده سخت زخمي ٿي پئي. علامه آءِ آءِ قاضي جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته قاضي فيض محمد ڏي خط لکي، ڏک جو اظهار ڪيو، جنهن واقعي بعد قاضي ڀهراڙين کي غير محفوظ سمجهي نوابشاهه اچي رهيو. قاضي صاحب سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائيءَ لاءِ هر تحريڪ ۽ محاذ ۾ اڳ ڀرو رهيو. هاري تحريڪ هجي توڙي مزدور تحريڪ يا آزاديءَ جي تحريڪ هجي. قاضي صاحب ڪانگريس، مسلم ليگ، نيشنل پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي، عوامي ليگ ۾ اثرائتو ۽ عهديدار رهيو. منهنجي ويجهڙائپ قاضي صاحب سان سنڌس نيشنل پارٽي ۾ سرڪرده اڳواڻ وقت ٿي. آئون ان وقت حيدر منزل ڪراچيءَ ۾ رهندو هئس، جيڪو مرڪز هو. قاضي صاحب نوابشاهه کان جڏهن به ايندو هو ته، اتي ضرور ايندو هو. جڏهن ته سڪرنڊ مان ڪافي راڄن جا ماڻهو ايندا هئا، جن سان اسان جو واسطو هو، سي قاضي صاحب جي ڪارڪردگيءَ جي نيڪي ڪندا هئا. هڪ دفعي قاضي صاحب ۽ منهنجي والد جي ايم سيد درميان نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اليڪشن ۾ نااتفاقي پيدا ٿي، جيڪو اجلاس حيدرآباد ۾ پرڳڙي هائوس ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ منهنجي والد صاحب ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جو نالو نيشنل عوامي پارٽيءَ جي سيڪريٽري لاءِ پيش ڪيو ته

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اتي نوابشاهہ جي بزرگ حڪيم مولوي محمد معاذ جيڪو انهيءَ ڏينهن مون پهريون دفعو ڏٺو هو، جنهن اتي قاضي فيض محمد کي جنرل سيڪريٽري چونڊڻ لاءِ تجويز ڪيو ۽ انهيءَ وقت مولوي معاذ جي تقرير ايڏي تہ مدلل ۽ جذباتي هئي، جو مون کي خود پنهنجي والد جي تجويز ڪيل اميدوار کان باغي ڪري قاضي فيض محمد جو حمايتي بنايو. جڏهن تہ انهيءَ وقت باهمي مشوري ڪرڻ واسطي هڪ ڪلاڪ جو وقفو وڌو ويو. مون انهيءَ وقفي وچ ۾ وڏي انداز ۾ ميمبرن جي وفاداري قاضي فيض محمد ڏانهن موڙائي، ان کي ووٽ ڪرايا، جنهن جي نتيجي ۾ غلام محمد لغاريءَ شڪست کاڌي ۽ قاضي فيض محمد ڪامياب قرار ڏنو ويو. حالانڪہ قاضي فيض محمد انهيءَ اجلاس ۾ شرڪت بہ ڪانہ ڪئي هئي. ٻئي ڏينهن تي ڊاڪٽر اعزاز نذير وڏو ڏکھو بيان ڏنو تہ جي ايم سيد کي پنهنجي گهر ۾ پهريون دفعو ترقي پسندن شڪست ڏني. قاضي صاحب کي ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ ڪافي ڪم ڪندي ڏٺو. ايوب خان جي مارشل لا خلاف جمهوريت پسند قوتن جي گڏجاڻي جيڪا نوابشاهہ جي سوسائٽي واري بنگلي ۾ ڪرائي هئي، جنهن ۾ محمود علي قصوري، خليل احمد ترمزي آئون ۽ ٻيا سنڌ جا ترقي پسند موجود هئاسين. منهنجي زمين کان نوابشاهہ اچڻ کان پوءِ هر هفتي قاضي صاحب سان خانگي گڏجاڻي ٿيندي هئي ۽ اڪثر سندس صحبت ۾ رهيس. جڏهن مون وڪالت پاس ڪئي تہ ١٩٦٦ع کان ١٩٧٢ع تائين سندس جونيئر ٿي رهيس، ليڪن دل جي دوري پوڻ بعد ڊاڪٽرن جي مشوري سان وڪالت ڇڏي، سماجي خدمتن ڪرڻ لاءِ وري وڃي ڳوٺ مجيد ڪيريو وسايم. قاضي صاحب جيڪو ٻي باڪ ليڊر ۽ سياسي ڪارڪن هو، ساڻس ٻهرين سياسي پارٽي جنهن ۾ شامل ٿيس، اها هئي عوامي ليگ، شيخ مجيب الرحمان واري. ان وقت شيخ مجيب الرحمان اگر تلا ڪيس ۾ جيل اندر هو، جڏهن آءٌ شامل ٿيس تہ ان کان اڳ ڪنهن بہ پارٽيءَ ۾ مڪمل نہ هيس. نيشنل عوامي پارٽي ڏانهن لاڙو ضرور هو، ليڪن صوبائي خودمختياريءَ کان متاثر ٿي عوامي ليگ ۾ شامل ٿيس ۽ پهريون دفعو ضرورت محسوس ڪيم تہ والد محترم کان مشورو ڪيان ۽ ڪيس ٻڌايم تہ، آئون عوامي ليگ ۾ شيخ مجيب الرحمان جي پروگرام کان متاثر ٿيو آهيان. شيخ صاحب جيل ۾ آهي. آئون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عوامي ليگ ۾ شامل ٿي بنگال جو دورو ڪرڻ چاهيان ٿو. اوهان جي راءِ ڇا آهي. منهنجو والد جيڪو آزاد خيال جو هو، جنهن ڪڏهن پنهنجي راءِ اولاد تي مسلط نہ ڪئي ۽ جڏهن ڀڃيم تہ چيائين تہ شيخ مجيب الرحمان جو پروگرام ۽ منزل ٺوري ڏکي آهي. پاڻ ۾ دلي قوت پيدا ڪئي هجئي تہ خوشي ٿيندي تہ، پوءِ شامل ٿي، پر اها ڳالهہ ڪڏهن بہ پسند نہ ڪندس تہ، تڪليف اچڻ تي پوئتي نهارين ۽ انهن کي اڌ ۾ ڇڏي اچين. انهيءَ مان مون اندازو ڪيو تہ سائين جي سياسي بصيرت ۽ تجربو شيخ ميجب الرحمان جي حمايت ۾ آهي ۽ يڪدم شامل ٿيس ۽ سندس ٻانهن ٻيلي ٿيس. مان قاضي فيض محمد سان گڏ بنگال ويس، ان وقت شيخ مجيب الرحمان ۽ سندس ساٿي تاج الدين، مشتاق احمد خوندڪر ۽ ٻيا جيل ۾ هئا تہ قاضي فيض محمد سان گڏجي بنگال جي سيد نظر الاسلام (جيڪو بعد ۾ فوجي جنتا شهيد ڪيو هو) قمر الزمان ۽ امينا بيگم ۽ ٻين ملي بنگال جو دورو ڪيو ۽ عوامي ليگ جي پرچار جاري رکي. مشرقي پاڪستان ۾ فوجي ظلم ۽ بربريت تائين ڍاڪا ۾ موجود هئاسين ۽ مان بہ فوجي ايڪشن تائين عوامي ليگ ۾ شامل رهيس. جڏهن مشرقي پاڪستان بنگلاديش جو روپ اختيار ڪيو تہ قاضي صاحب کي آزاد سنڌ جو جنون جاڳيو ۽ بنا مشوري ڪرڻ جي سرحدون پار ڪري ويجي، هندستان پهتو ۽ اتي جيل حوالي ٿيو، جتان بعد ۾ کيس بنگال موڪليو ويو. جيڪو بنگال مان سڌو وڃي لنڊن پهتو، جتي ڪجهہ وقت جلاوطنيءَ جو تجربو حاصل ڪري، واپس ڪراچي پهچڻ تي جيل حوالي ڪيو ويو، تنهن بعد سندس طبيعت ۽ صحت عمر جي لحاظ سان اهڙي نہ رهي، قاضي صاحب نيم سياسي تحريڪ ۾ رهيو. پاڻ هندستان جي سياستدانن ۽ بزرگن مان شيخ عبيدالله سنڌي، مولانا حسرت موهاني، علامہ آءِ آءِ قاضي کان متاثر رهيا. سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ انهيءَ وقت غير متحرڪ ٿيو، جڏهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان هاري ڪاميٽي جي معاملن ۾ پنهنجي من ماني ڪرڻ کي پسند نہ ڪندو هو، جيڪو ڪا بہ راءِ وٺڻ لاءِ تيار نہ هو. ڪامريڊ جتوئي پهريون دفعو قاضي فيض محمد کي صدر چونڊيو. ٻيو دفعو ميان علي محمد قريشي دادو واري کي هنن بزرگن دوستي جي ناتي سمجهداري جو مظاهرو ڪري زوري چارج وٺڻ نہ ڏني چاهي، جيڪا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جتوئي ڏيڻ کان انڪار ڪئي هئي. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي، ايوب خان سان اختلاف رکي نڪرڻ بعد مخالفت ۾ ٿي بيٺو تہ مير رسول بخش سندس پيغام ڪٺي اسان وٽ نوابشاهہ پهتو. چيو تہ منهنجا دوست خاص طور غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻيا اڳ ۾ ڇڏي ويا آهن. مان نوابشاهہ اچڻ چاهيان ٿو، هتي رهڻ لاءِ مون کي ڪا بہ جڳهہ نہ ٿي ملي. قاضي فيض محمد ۽ امداد شاهہ کي چوندا تہ منهنجو بندوبست ڪن ۽ نوابشاهہ بہ پ پ جي بنيادي ڍانچي ٺاهڻ ۾ مدد ڪن. قاضي صاحب مير سان هاڪار ڪندي چيو تہ اسان جو جيڪو حال هوندو حاضر آهي. نوابشاهہ ۾ انتظاميا جي حالت اها هئي جو، جڏهن اسان عام جلسي جي اجازت گهري تہ ۱۴۴ جي بهاني اها اجازت نہ ڏني وئي ۽ اسان مجبور ٿي پريس ڪلب اڳيان ڀٽي جي تقرير ڪرائي، جنهن بعد حاجي حسن بخش شاهہ جي جاءِ جيڪا سڪرنڊ روڊ خواجہ هاءِ اسڪول پرسان هئي، جتي مانجهاندو ڏنوسين. جڏهن تہ ڀٽي جي رهائي لاءِ سرڪٽ هائوس ۽ ڊاڪ بنگلو بہ نہ مليا. جنهن ڪري قاضي صاحب پنهنجي گهر جو اڌ حصو خالي ڪري ان ۾ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ مير رسول بخش کي رهايو ۽ سائين حسن بخش شاهہ (سيد بشير احمد شاہ جو والد) جي جاءِ جتي آئون رهندو هئس اتي پير بخش ڀٽو ۽ غلام مصطفيٰ کر ۽ ٻيا رهيا. جڏهن تہ غلام نبي ڏاهريءَ عبدالوحيد ڪٽپر ۽ ٻين جي مهماني ڪئي. ذوالفقار ڀٽي، قاضي ۽ اسان کي شموليت جي دعوت ڏني تہ ڀٽي کي قاضي فيض محمد چيو تہ آءٌ ۽ امداد محمد شاهہ عوامي ليگ ۾ عهديدار آهيون، جنهن جو ملڪي جمهوريت ۽ صوبائي خودمختياريءَ تي واضح پروگرام آهي. اوهين جملي پروگرامن ۾ مبهم آهيو، تنهن ڪري اسان شمولت اختيار ڪرڻ کان معذوري ڏيکاري، ڀٽي بعد ۾ اسان کي چيو تہ ٻيا سلجهيل ماڻهو ڏيو تہ، جيئن پ پ جو ڍانچو ٺاهيون. جڏهن تہ منهنجي مانجهاندي ۾ ميان امان الله ٻگهيو وڪيل ڳوٺ ڪچيرو مورو ۽ مير محمد ميمڻ وڪيل نوابشاهہ واري کي عرض ڪيو آهي شامل ٿين. مير محمد ميمڻ ڪليو چيو تہ سياست کان پري آهيان، سڄي عمر پري رهيو آهيان. بنيادي طرح مقامي سياست ۾ سيد نذر شاهہ سان ويجها تعلقات آهن، انهن کي ڇڏڻ ناممڪن آهي. مون کي معافي ڏني وڃي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميان امان الله ٻگهئي ذوالفقار علي ڀٽي کان سوال ڪيو تہ جمهوريت ۽ صوبائي خودمختياريءَ تي اوهان جا ڪهڙا خيال آهن. هن وقت ون يونٽ ڪري سنڌ پنجاب جي غلاميءَ ۾ آهي. انهيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ اوهان جو پروگرام واضح نہ آهي. توهان ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪريو. مرحوم ڀٽي چيو تہ پاڪستان ۾ اقتدار ۾ صرف اهو ئي اچي سگهندو، جنهن کي فوج ۽ پنجاب جي حمايت حاصل هوندي. آءٌ اقتدار حاصل ڪرڻ گهران ٿو، تنهن ڪري ون يونٽ خلاف ڳالهہ ڪري پنهنجي اقتدار وارو خواب نہ ڇڏيندس. اقتدار حاصل ڪري پوءِ ڏسنداسين. امان الله ٻگهئي کيس چيو تہ جهڙي طرح گانڌيءَ کي انگريزن ٻي عالمگيري جنگ ۾ مدد لاءِ چيو هو تہ، انگريزن کي گانڌيءَ جواب ڏيندي چيو هو تہ، جنگ کٽڻ بعد هو هندستان کي آزاد ڪندا، سو تون بہ اعلان ڪر تہ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ ون يونٽ ٽوڙيندين. ليڪن ڀٽي انڪار ڪيو، آخر ۾ امان الله ٻگهئي کيس ايتري قدر چيو تہ پنهنجي چوياري ۾ واعدو ڪر ليڪن ڀٽي چيو تہ آءٌ اهڙو واعدو بہ نہ ٿو ڪري سگهان، جنهن تي امان الله کيس چيو تہ توهان ٿلهو واعدو نہ ٿا ڪري سگهو، تہ پوءِ اسان ٿلهو شامل ٿي ڪارانهڻ نہ ٿا هڻڻ چاهيون. آجياڻي ۾ ڪافي وڪيل موجود هئا، جيڪي مختلف پارٽين ۾ پڻ موجود هئا. اسان جون نظرون عبدالفتاح ميمڻ ۽ قاضي محمد بخش ڏامراهہ تي پيون، جيڪي ٻئي قاضي صاحب وٽ جونيئر جي حيثيت ۾ وڪالت ڪري چڪا هئا، جنهن ڪري قاضي محمد بخش ڏامراهہ کي سيڪريٽري نامزد ڪرايو، انهيءَ ڏينهن بعد ٻئي پ پ سان وابستہ رهيا. قاضي فيض محمد جيڪو اليڪشني سياست ۾ گهڻ لاڙو رکندو هو، جنهن جو سبب عوام جي جملي مسئلن سان وابستگي گهڻ هئي ۽ جيڪو سنگت جي صحيح ۽ غلط مشورن ۾ جلد اچي ويندو هو. ١٩٧٠ع جي اليڪشن جو غلام مصطفيٰ جتوئي اليڪشن ۾ بشير احمد شاهہ جا ووٽ خراب ڪرڻ لاءِ قاضي فيض محمد جو مولانا عزيز الله غلام محمد لغاريءَ ۽ ٻين کان گهيرو ڪرايو تہ، هو اليڪشن ۾ بيهي تہ ڪٽيو وينو آهي، کيس اهو بہ چيو تہ توکي جي ايم سيد ۽ امداد محمد شاهہ بہ مدد ڪندا. حاڪم علي کي ڪير سڃاڻي ڪونہ. غلام مصطفيٰ جتوئي اهو اندازو لڳايو هو تہ، جي ايم سيد زور ڪندو تہ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شبير احمد شاھہ ھٿ ڪٽي ويندو، انھيءَ وقت آءٌ سڪرنڊ تعلقي جي سياست ۾ جوڙتوڙ ڪرڻ ۾ پيش پيش ھوس ۽ مون پ پ جي مقابلي ۾ بشير احمد شاھہ کي زور رکي قومي اسيمبليءَ ۾ بيھڻ لاءِ چيو، جنھن جي جواب ڏيڻ تي سائين جي ايم سيد کان حڪم ڏياريو تہ بشير شاھہ کي ھٿ ڪٽايو ۽ امداد محمد شاھہ جي مدد وٺي ڏيو. مون کي ھتان جي سياسي راند اڳيان ھئي. مون کين عرض ڪيو تہ قاضي صاحب سان سياسي راند ڪٽي وڃي پئي تہ جيئن شبير شاھہ جا ووٽ خراب ٿين، جيڪڏھن غلام مصطفيٰ جتوئي قاضي فيض محمد جي مدد ڪرڻ چاھي ٿو ۽ سچو آھي تہ حاڪم علي زرداريءَ کان ھٿ ڪٽائي تہ آءٌ بشير شاھہ کي ھٿ ڪٽڻ لاءِ چوندس ۽ ڪٽائيندس تہ پلي قاضي بنا مقالي اچي، جيڪا ڳالھہ جتوئيءَ نہ مڃي، جڏھن تہ حيدرآباد بعد قاضي صاحب جي جاءِ تي ڪڏجائي ٿي، جنھن ۾ حاڪم علي زرداري، غلام مصطفيٰ جتوئيءَ، قاضي غلام ھادي سندس ياءُ بہ موجود ھو، جتي حاڪم علي چيو تہ جيڪا سنگت فيصلو ڪندي ھڏل آھيان. جتوئيءَ چيو تہ وڏو صاحب ڪونہ مڃيندو. مون چيو تہ غلام ھادي ظفر شاھہ جي مدد ڪري ۽ ائين معاملو نہ ٿيو. قاضي فيض محمد ۽ جي ايم سيد ۾ ٿي ڳالھيون ھڪجھڙيون ھيون، ٻئي ايماندار ھئا، جذباتي ھئا ۽ چار چٽا ڳڏجي ڪين منجھائي وينداھئا. مثلاً جڏھن ۴ مارچ تي حيدرآباد ۾ احتجاج جو پروگرام ٿئي پيو تہ جي ايم سيد کي رسول بخش پليجي، باقر شاھہ ۽ ڪامريڊ پوھو مل جيڪي نمايان ھئا، جن ڪيس چيو تہ ھو ان احتجاج ۾ حيدرآباد اچي شامل نہ ٿئي، خون خرابا ٿيندا ۽ سائين جي ايم سيد بہ عين وقت ھڪ ڏينھن اڳ اچڻ لاءِ جواب ڏئي ڇڏيو ۽ ان ڏينھن ئي پنو جيڪو ڳاڏي ۾ سوار ھو، جنھن کي حيدرآباد لاٿو ويو ۽ کيس اھو ٺھيل مجموعو ملي ويو، جيڪا پڻ رٿا ھئي. قاضي صاحب الائي تحريڪ ۾ پيش پيش ھو. ھندن جي زمين لاءِ پنجاب ۾ آيلن کي معاوضو ڏياريو ويو، ليڪن سنڌ ۾ ائين نہ ڪرائي سگھيا ۽ مرڪز کان ريمينيشن پاليسي ۾ ترميم نہ ڪرائي سگھيا. علامہ آءِ آءِ قاضي جي قاضي فيض محمد سان گھٽي لڳندي ھئي ۽ اڪثر کيس خط وغيره لکندو رھندو ھو. علامہ آءِ آءِ قاضي کيس خط لکيو تہ بڪليون ھئي، پاڪستان ٺاھيو پيا، اھا اسلام دشمني آھي. اسلام بين القوامي مذھب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آهي، انهيءَ کي چار ديواريءَ ۾ ڏئي بند ڪيو ته اوهين پنهنجن قومن کي مجبور ٿا ڪريو ته، هو به اوهان لاءِ سرحدون بند ڪن. اسلام جو ڦهلاءُ ۽ تبليغ اهڙي نموني بند ٿي ويندي. اهڙو پاڪستان اسلام کي مضبوط ڪونه ڪندو. بلڪ ڪافرستان ٿي ويندو. مسلم اڪثر لکي مسلمانن کي واڙي ٿا ڇڏيو. ان وقت قاضي صاحب مسلم ليگ ۾ هو. جيڪو خط ڇپي نه سگهيو ۽ مصلحت ڪان ڪم ورتو. قاضي فيض محمد جيڪو صوفي قسم جو ماڻهو هو، جنهن جي حياتي جدوجهد ۾ گذري.

تاثرات، سيدامداد محمد شاهه
روزاني" سنڌ" اخبار حيدرآباد
١٣ نومبر ١٩٩٧ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سيد امير حيدر شاهه،
سيد امداد محمد
شاهه، سونا مائي پستنجي دباش
سنڌ جي پهرين ڊرائيونگ
لائسنس ورتل عورت؛
1948ع

ويٺل: سيد امير حيدر شاهه،
بيٺل: سيد
امداد محمد شاهه، تعليم
دوران ڪراچي ۾ ان وقت
وڪٽوريه روڊ واري بنگلي ۾؛
1948ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

▣ ويهي ڪيمَ ويچار

سنڌ جا صوفي شاعر، سنڌي زبان، سنڌ جي تهذيب، سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، سنڌ جي سياست ۽ سنڌ جي احساسات جي ترجماني ڪندا رهيا آهن. سنڌ جي صوفي شاعرن جي شاعري جو مطالعو ڪبو تہ سَرِ مارئي ۾ سنڌ جي نياڻيءَ جي پاڪ دامني ۽ حب الوطنيءَ جي عڪاسي ملندي.

سڄڻ ۽ ساٿيهہ، ڪنهن اٿاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.
-شاهہ

پيرون پَڪا پَٽَ تي، ڏئونرن جون ڏاريون،
ڏنم ڏاڏاٿي ڏيهہ ڏي، چاپندي چاريون،
ماڪيئون منيون پانيان، ڪپڙيون ڪاريون،
تنين کي ساريون، جهجي هانءَ حمل چئي.
-حمل فقير

شاهہ عبداللطيف جي رسالي تي نظر وجهبي تہ، سنڌ جي زرخيز زمين، ڪڙمي ڪاسبي، سنڌي قوم، سنڌ جي ٿر، سنڌ جي جبل، سنڌ جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سمنڊ جو نقشو چٽيل ملندو. شاهه لطيف رحه، سنڌ جي سرحدي علائقن ۾ گهميو ۽ انهن تي شاعري ڪيائون. شاهه لطيف جي دور ۾ مولوين، ملن جون وڏي ڏيڍ ڏيڍ ۽ بربريت جون نشانيون ملنديون.

منهن ۾ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيس، ڪڏي ڪوهه نه ڇڏئين.

**

ملان ملان مَ چئُه، آهيڙي آهين،
مرونءِ سندي ماس تي، تا ماٺڪ متائين،
اهڙا ئي آهين، لعنتي لطيف چئي.
-شاهه

گذريل سال جڏهن آئون لنڊن ويس ته اتي احمدين جي خليفي، مرزا طاهر احمد سان ملاقات ٿي ته مون سان اظهار ڪيائين ته "شڪر آهي ته هينئر سنڌ ۾ اڳي کان ملن ۽ مولوين جو زور گهٽيو آهي. مون ڪانئس دريافت ڪيو ته توهان کي اها خبر ڪٿان ۽ ڪيئن ملي؟ ته پاڻ چيائون ته مون لنڊن ۾ "پيغامِ لطيف" (سائين جي ايم سيد جو لطيف رحه تي لکيل تحقيقي ڪتاب) پڙهيو، جنهن ۾ اهڙو ذڪر مليو آهي، جنهن کي اڄ جي حالتن سان ڀيٽجي ٿو ته، سنڌ جي صوفيائي ڪرام جي ڪاوشن، ملان جي دقيانوسي عقيدن ۽ اثرن کي گهٽ ڪيو آهي.

اهڙي طرح حمل فقير جو رسالو "ڪليات حمل" پڙهبو ته آزاد سنڌ ۾ سندس ڪيل شاعري ۽ تنهن کان پوءِ، سنڌ کي انگريزن جي فتح ڪرڻ کانپوءِ، غلاميءَ واري دور جي شاعري ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق ڏسڻ ۾ ايندو.

ڪير ڪنهن جو فرياد سٽي، ڪير ڪنهن جو ڪو داد ڪري،
جت سوار ڏنگو، سالار ڏنگو، دستار ڏنگي، تلوار ڏنگي،
ڪيئن اچي ڪر راس تنهين جاءِ،سمجهه سخن ڪر هوش حمل!
ڪوٽار ڏنگو، ڪمدار ڏنگو، مختيار ڏنگو، سرڪار ڏنگي."

حضرت حمل فقير جي شاعري مان اها پڻ تصوير ڏسڻ ۾ ايندي ته سنڌي قوم ۾ ڪهڙيون بدعتون ۽ بداخلاقيون داخل ٿي ويون آهن، جن کي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

فقير صاحب، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪافي نِنديو آهي ۽ علائقي ۾ تعليم جي گهٽتائيءَ کي محسوس ڪندي فقير صاحب هتي مدرسو پڻ کوليو.

" ڪڇي ڪامڻ خوب خوشحالي، ڇٽي ڇٽي نال ڪلي،
چولا چائــي، پــيــت ڏڪـــائـــي، اڳٿ دي ول ڍلــي،
هر ڪنهين ڪون "ادا" سڏيندي، ياڪر پا پا ملي،
حمل تنهين زالئون ڳـڏهـ يلي، جا ٻڌي نال ڪلي.

يا وري

ڏنگي نور، تين ڏنگا پتڪا، هتين پنج ڇهـ ڇلي،
ڪـيـ ڪـيـ پتـئـين، تين وٽ ڏيـنـدي اُبتـي پيچ اولـي،
آڪڙ شاڪڙ نال شهـر وچ، نوٽ نرن ڪر تلي،
طري چوڙ تڙان تـي ڪـڙدي، ڳانڍو ڪرڪر ڳلي،
سارا ڏينهن گهٽيان وچ گهمندي ول ول ڏيون ولي،
لک روپي دي لوڏ ڪرن، تي ڳهـر وچ نڪـر نلي،
گهر گهر تين گهر آون سانجهي پيسا مور نہ پلي،
آکون آڪن، "ڪـيـا ڪـٽ آيـون"، ولـدي وات نـہ ولـي،
زالان آکون زور سي، ڏاڙهي ڪونڌ مريندیان ڪلي،
منتان ڪر ڪر ماءُ چڙيندي، اگهـ اگهـ اکيان ملي،
ڳـهــر وچ ڪـلا، بـجا، ٻـاهـر شـيـر بـهـادر بلـي،
" حمل، جنهين گهر حال اهو، سو آک ڪيوين گهر هلي.

اهڙيءَ طرح مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هڪ منظم سازش تحت سنڌ جي تعليم، سنڌ جي تهذيب ۽ سنڌي ٻوليءَ کي خوار ڪيو ۽ بگاڙيو پيو وڃي. سنڌ جي درسي ڪتابن منجهان، اسان جي سنڌي لغت کي خارج ڪيو پئي ويو. ويندي ڪراچي جي شهر ۾ ڪيترائي سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا. ايستائين جو سنڌ جي مشهور درسگاهہ "سنڌ مدرسة السلام" مان سنڌي سيڪشن پڻ ختم ڪيو ويو. اڃان تائين اخبارون پڙهجن ٿيون تہ ڪافي اسڪولن مان سنڌي ميڊيم ختم ڪري غير سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ وڏيڪ سازشون پڻ ٿي رهيون آهن.

هن وقت نوابشاهہ شهر ۾ همت علي شاهہ سنڌي گرلس پرائمري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اسڪول، جنهن جو پلاٽ شاهه صاحبن سنڌي اسڪول جي لاءِ ڏنو هو، انهيءَ اسڪول کي بہ غير سنڌي ۽ ڏاري ٻولي ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون پيون ٿين. ڪراچيءَ ۾ سنڌي علائقا، جهڙوڪ لياري ۽ پراڻي شهر ۾ زبردستي، سنڌي ميڊيم جي جاءِ تي هڪ غير سنڌي ڏاري ٻولي مڙهي وئي آهي. ڪراچيءَ ۾ الطاف حسين روڊ تي انگريزن جي وقت ۾ قائم ڪيل شيخ عبدالمجيد سنڌي جي نالي سان منسوب ٿيل، سنڌي ميڊيم اسڪول ۾ بہ سنڌي ۾ تعليم نٿي پڙهائي وڃي. حالانڪہ ان وقت جو سنڌي ميڊيم وارو بورڊ اڄ بہ اتي لڳل آهي.

جيڪڏهن انهيءَ ستر طريقيءَ جون قسمتون نمبروار ڳوليندا سون، تہ ڪيترائي پنا ڪارا ٿي ويندا ۽ ڪيئي ڪتاب ڀرجي ويندا. تنهن ڪري پنهنجي مضمون ڏي موٽندي، سوچيم تہ سنڌي ٻولي، تهذيب، تاريخ ۽ اخلاقي قدرن جا رکوالا ۽ پارکو، صوفي شاعر ئي آهن.

"نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي."
-شاهہ

***

"واحد وسائيج، درد وندي‌ءَ جو ديس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيو."
-سچل

***

"انڌن اوندهہ نہ لهي، تن کي سج چوندو ڪير،
روحل راهہ پرينءَ جي، جان ڳهمي ڏٺوسين ڳهير،
تہ رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبة الله ۾."
-روحل

***

"حمل چئي هن ڳالهہ جو، ويهي ڪيم ويچار،
تہ دل لڳيءَ دوستي جو، جا ملهہ آهي مقدار،

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ اندر مان عقل جيو نقطو هي نروار،
لڳي تہ لک هزار، تني تہ نڪوئي نہ لهي."
-حمل

اگر هنن صوفين جي زبان کي زندهہ رکيو ويندو تہ سنڌي قوم سلامت رهندي، سنڌي زبان ۽ ٻولي سلامت رهندي. هن وقت ڪيترائي نيٺ سنڌي محاورا ۽ اکر جيڪي لطيف، سچل، سامي، روحل ۽ حمل فقير جي رسالن ۾ اسان کي ملن ٿا، تن جو اچار ۽ پڙهڻ بہ اسان جي ڪاليجي ليڪچرارن ۽ اسڪولي استادن کي نہ ٿو اچي، پر اڄ بہ ڀراڙيءَ جا ماڻهو صوفي شاعرن جي شاعري ۾ مروج ڪيل نيٺ سنڌي محاورن ۽ اچارن کي اندر ۾ سانديو رکيو ويٺا آهن.

سوچيم تہ شاهہ عبداللطيف رحہ، سچل سرمست تي تحقيق جو ڪم نہ هجڻ جي برابر هوندي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تي رهيو آهي. مگر حمل خان لغاري، المعروف، حمل فقير تي تحقيقي ڪم تہ پري رهيو، پر سندس ڳوٺ ۾ جيڪو پاڻ عربي، فارسي مدرسو کوليو هئائون، اهو بہ بند ٿي ويو هو.

تنهن ڪري، انهيءَ مدرسي جي اجهايل ڏيئي کي ٻارڻ ۽ روشن ڪرڻ خاطر، ٻهرين سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جي اديب دوستن ۽ پين مهربان دوستن جي سهڪار سان ادبي ڪانفرنسون ڪرايون ويون، جنهن کان پوءِ ضلعي ڪائونسل نوابشاهہ کي مذڪوره ڪم ۾ شريڪ ڪيو ويو، جيڪو اڳتي هلي سيد غوث علي شاهہ جي حڪمن تحت "حمل فقير ڪلچرل يادگار ڪاميٽي" جو بنياد رکيو ويو، جنهن جي جاکوڙ ۾ اسان حمل فقير تي تحقيق جو ڪم شروع ڪيو آهي، جيڪو ابتدائي مرحلي ۾ آهي. حمل فقير جي پسگردائيءَ ۽ علائقي ۾ غير معمولي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا آهن. جهڙوڪ: حمل فقير جي مدرسي واري جڳهہ تي پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول ۽ ان جي ويجهو هاءِ اسڪول، ڀراڙيءَ جي ماڻهن لاءِ اسپتالون، چوپائي مال جون اسپتالون، پڪا روڊ ۽ رستا، بيسڪ هيلٿ يونٽ، زائرين لاءِ مسافر خانو، حمل فقير جي مزار جي پڪي اڏاوت (جيڪا سابق ڊي سي جناب توقير احمد جي مالي سهڪار سان ڪرائي وئي) ٽيليفون جهڙيون

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سهولتون ۽ بجلي سميت سڄي نوابشاهه ضلعي جي ڀهراڙين جو واحد راندين جو اسٽيڊيم حمل فقير تي نهرايو ويو آهي. اهڙي طرح فقير صاحب جي درگاهه تي هر سال ادبي ڪانفرنس ۽ ميلو لڳايو ويندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جون رانديون جهڙوڪ: ملاکڙو، ڪبڏي، والي بال سان گڏوگڏ تعليمي ڪانفرنسون، ادبي ڪانفرنسون، حڪومت جي مختلف شعبن خاص طرح سان تعليم، زراعت ۽ چوپائي مال جي پالڻ وارا ميلي ۾ حصو وٺندا آهن ۽ نمائشون ۽ اسٽال انهن شعبن پاران لڳايا ويندا آهن. جڏهن ته ميلي ۾ موسيقيءَ جي ڪانفرنس پڻ ڪرائي ويندي آهي، جنهن ۾ سنڌ جا مايا ناز فنڪار ۽ راڳي مرحوم استاد منظور علي خان صاحب، صوفي عرض محمد لغاري پنهنجين راڳين سميت، جيسين حال حيات هئا ته پاڻ موسيقيءَ واري ڪانفرنس ۾ حاضري ڀريندا رهيا. اهڙيءَ طرح علڻ فقير، عابده پروين، استاد وزير علي خان، فيروز گل، تاج مستاني، وحيد علي، انور حسين وسطڙو، سجاد يوسف ۽ پنهل فقير سميت ڪيترائي راڳي ۽ صوفي فنڪار حمل فقير جي سالياني ميلي ۾ موسيقيءَ واري ڪانفرنس ۾ حاضري ڀريندا آهن.

اهڙي طرح حمل فقير ادبي ۽ تعليمي ڪانفرنسن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، اختر علي جي قاضي، سيد غوث علي شاهه، ظفر علي شاهه، سيد مراد علي شاهه، ضلعي ڪائونسل جا مانوارا چيئرمين، خصوصاً سيد حاجي قادر ڏنو شاهه (ٽنو) پير غلام شاهه جيلاني (دادو) مخدوم پير اعجاز حسين شاهه (هالا)، سينيٽر شاهنواز جوڻيجو ۽ ضلعي ڪائونسل نوابشاهه جا سلسليوار چيئرمين غلام مرتضيٰ جتوئي، سيد شوڪت حسين شاهه، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، سڪرنڊ مان چونڊيل قومي اسيمبليءَ جا ميمبر سيد بشير احمد شاهه ۽ سندس ڀاءُ سيد شبير احمد شاهه ثقافت کاتي جو سيڪريٽري حميد آخوند، علي نواز وفائي، سيد صالح محمد شاهه، شمشير الحيدري، سيد راشد مورائي، حاجي عرض محمد لغاري (مورو) حافظ محمد بخش خاصخيلي، مؤمن مليرائي، تعليمي ماهر حبيب الله صديقي، خدا بخش سيهڙ، صوفي ۽ محقق سيد يار محمد شاهه، چاچو محمد خان مجيدي (ٽنو) مرحوم ايڊووڪيٽ حفيظ قريشي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

(سينيئر) وزير تعليم قاضي خالد، سميت ڪيترائي ناميارا اديب، شاعر، تعليمدان حمل فقير ادبي ڪانفرنس ۾ حاضري ڀريندڙ آهن. آئون انهيءَ ڪان ٻه رهي نٿو سگهان، تہ نوابشاهہ مان چونڊيل صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر عاصم ڪبير بہ گذريل ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ حاضري ڀري. اسان جو بهترين نذرانو اهو رهندو تہ پنهنجن صوفي شاعرن کي پڙهون، پروڙيون ۽ سمجهون ۽ ٻين تائين انهن جو پيغام پهچايون.

جيئن تہ پهرين ڏينهن ڪان وٺي آئون هن حمل فقير يادگار ڪاميٽيءَ جو ادنيٰ ڪارڪن آهيان. هڪڙي ڪوتاهي جو ذڪر ڪندو هلان، تہ ڪجهہ سالن ڪان صفر مهيني جي پهرين ۽ ٻي تي تاريخ، جيڪا فقير صاحب جي عرس جي تاريخ آهي، انهيءَ ڪان هٽي ڪري ۽ اٽر سببن جي ڪري، ميلو دير سان لڳايو ٿو وڃي، تنهن لاءِ حمل فقير يادگار ڪاميٽيءَ پاران معافي جو طلبگار آهيان ۽ چيرمين حمل فقير ڪلچرل يادگار ڪميٽيءَ ڪان اميد اٿم تہ آئينده اهڙي ڪوتاهي نہ ٿيندي.

(لوٽ: ١٨ سيپٽمبر ١٩٩٨ع تي سڪرنڊ ويجهو عوامي شاعر حمل فقير جي لڳايل ساليالي ميلي جي حوالي سان هيءَ تحرير مختلف سنڌي اخبارن ۾ شايع ڪئي وئي.)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيئا ڏات جا

عبدالحڪيم ارشد

قيمت: 130 رپيا

مارئي اڪيڊمي ڪراچي/ سڪرنڊ

1997ع

لکپڙهه لاءِ:

مارئي اڪيڊمي،

134، ڀٽائي ٽائون، حيدرآباد

سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لهرون لهرون لاٽ

(شاعري)

آٿم ناٿن شاهي

قيمت: 60 رپيا



مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ ڪراچي

لکپڙهه لاءِ:

مارئي اڪيڊمي،

134، پٺاڻي ٽائون، حيدرآباد

سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي تو بيت ڀانئيا

شاهه جي شاعريءَ مان چونڊ بيت

چونڊيندڙ

نورالدين سرڪي

قيمت: 60 رپيا

پڪو جلد: 80 رپيا

مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/ڪراچي

لکپڙهه لاءِ:

مارئي اڪيڊمي،
134، ڀٽائي ٽائون، حيدرآباد
سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

زندگي کليل ڪتاب سيد امداد محمد شاهه

مارئي اڪيڊمي 5

- آئون واريءَ جو ذرو ۽ درياهه جي پاڻيءَ جو قطرو آهيان. سائين جي ايم سيد عقل، دانش، محبت ۽ پيار جو مجسم درياهه هو. ڪجهه ماڻهو سائينءَ کي سياستدان ته ڪي ماڻهو تاريخدان ۽ ڪي سماجي ڪارڪن سڏين ٿا، حقيقت ۾ سائين انهن سمورين خوبين جو مجموعو هيو. سائين جي ايم سيد، سنڌ جي ادب، ثقافت، ٻولي ۽ آزاديءَ لاءِ جيڪي ڪاوشون ڪيون آهي اسان سيني کي ورهائي، سائينءَ جي جدوجهد جي تسلسل کي برقرار رکڻو آهي، انهيءَ عمل سان ئي اسان پنهنجي منزل ماڻينداسين.

(سيد امداد محمد شاهه،
اقتباس تقرير سيد جي سالگرهه
١٧ جنوري ١٩٩٩ع)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، پاڇوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ۾ پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جواب ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پڙ ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا يارءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَڙهَ پَڙهَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book